سير ۽ سفر

(خط)

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سوره ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

سير ۽ سفر

خط

از

پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه

ترتيب ۽ تعارف

از

احسان بدوي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد، سنڌ.

دفعو پهريون — سال ١٩٦٢ع — هڪ هزار ڪاپيون
دفعو ٻيو — سال ١٩٧٣ع — هڪ هزار ڪاپيون

(هن ڪتاب جا جملي حق سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن)

قيمت: چار رپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب زينت پريس، کوکر محلي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر غلام رباني آگري، ان کي "امين منزل" گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

Soorih Mirani

تعارف

ادبي دنيا ۾ خطن کي وڏي اهميت حاصل آهي. هر قسم جي خطن ۾ ۽ خاص طرح سان انهن ۾ جي پنهنجي مخلص ۽ عزيز دوستن کي لکيا ويندا آهن، هڪ خاص دلچسپي ٿئي ٿي، جا ٻين تصنيفن ۾ نٿي ٿئي. اهڙن خطن جي سڀ کان وڏي خوبي اها ٿئي ٿي ته انهن ۾ لکندڙ بي ريا ٿئي ٿو، نه هو تڪلف جو پردو رکي ٿو ۽ نه ڪيس مصلحت بينيءَ جو ڪٽڪو رهي ٿو: گويا هو آزاديءَ سان پنهنجو پاڻ سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي.

هن مجموعي ۾ جيڪي خط ڏنل آهن، سي جيئن پڙهندڙ پاڻ ڏسندا، سيد غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي آمريڪا جي سفر دوران لکيا هئا. هو آمريڪا جي دعوت تي "اسلامي تاريخ"، "وچ اوڀر" ۽ "ڏور اوڀر" جي موضوع تي تقريرون ڪرڻ لاءِ آمريڪا ويو هو. اتي هن فقط سونپيل ڪم سرانجام نه ڏنو پر موقعي جو فائدو وٺي ان ملڪ جي

معاشرتي ۽ سماجي حالتن جو ڪهريءَ نظر سان مطالعو
ڪيو، جنهن کي هو خطن جي صورت ۾ قلمبند
ڪندو ويو.

شاهه صاحب آمريڪا ۾ سادا چار مهينا رهيو.
ان عرصي ۾ هن ڪيترين يونيورسٽيون، ڪاليج
۽ اسڪول ڏٺا ۽ ڪيترن ئي علمي ۽ تعليمي مجلسن
۾ شريڪ ٿيو. اتان جي تعليمي ماهرن ۽ ٻين شخصيتن
سان ملڻ جو موقعو مليس ۽ ڪيترين ئي تفريح ۽ وندر
جي جاين کي ڏٺائين. پنهنجن خطن ۾ هن انهن سڀني
شين جو ذڪر اهڙي ته سهڻي پيرائي ۾ ڪيو آهي، جو
پڙهندڙ ائين محسوس ڪري ٿو ڄڻ ته پاڻ انهن محفلن
۾ موجود آهي. مٿي اشارو ڏنو ويو آهي ته شاهه صاحب
آمريڪا ۾ سفر جي دوران آمريڪا جي سماجي ۽
معاشرتي حالتن جو مطالعو ڪيو. چنانچه، شاهه صاحب
جي هنن خطن سان پڙهندڙ کي معلوم ٿيندو ته آمريڪا
جا ماڻهو ڪهڙيءَ ريت رهن ٿا، انهن جا آداب ۽ طور
طريقو ڪهڙو آهي، اهي ماڻهو زندگيءَ جي باري ۾
ڇا ٿا سوچين، مڪاني ماحول انهن کي پنهنجو پابند
ڪيئن بنايو آهي، ۽ سياسي تبديلين سندن خيالن کي
ڪيئن متاثر ڪيو آهي.

هي خط جنهن انداز سان لکيا ويا آهن سو نهايت وڻندڙ
آهي. هن قسم جي خطن جا مجموعا سنڌي ادب ۾ ڪي ٿورا
لکيا ويا آهن. هنن خطن ۾ جا چيز اسان کي نمايان طور

Soorih Mirani

ڏسڻ ۾ اچي ٿي سا آهي مصنف جي مزاح نگاري. شاه صاحب شخصي طرح نهايت زنده- دل، آهي ۽ هن جي زنده- دليءَ ۾ ذوق سليم آهي. ڳالهه مان ڳالهه پيدا ڪرڻ ۾ کيس ڪمال حاصل آهي. پر جڏهن هو آمريڪي زندگيءَ جي تاريڪ رخ تي قلم کڻي ٿو ته اتي سندس انداز بيان ٻيو روپ اختيار ڪري ٿو. هو بيحد حساس بڻجي وڃي ٿو. انسانيت سان پيار سندس تحرير ۾ نمايان ٿي بيهي ٿو، پڙهندڙ جي دل ۾ انساني پيار جو جذبو شدت سان بيدار ٿئي ٿو. آمريڪا ۾ نسلي امتياز جو ذڪر ڪندي شاه صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو:

"فسڪ ۾ وڃڻ شرط توهان ڏسندا ته اها غريبن جي يونيورسٽي آهي، شيدي شاگرد ويچارا گورن جي مقابلي ۾ غريب ٿي نظر آيا. پستي سندن پيشانيءَ تي لکيل هئي. اساتذه جي حالت به اهائي هئي. مون سندن ڊائننگ هال ۾ ساڻن گڏجي ماني کاڌي، اتي فرنيچر ۽ کاڌو ٻئي بيڪسيءَ جو اظهار ڪري رهيا هئا." اڳتي هلي لکي ٿو: "... الله تبارڪ وتعاليٰ انسانيت جي هن خون کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو!"

مٿين اقتباس کي پڙهڻ سان اسان مصنف جي ذهني ڪيفيت جو اندازو لڳائي سگهون ٿا.

پروفيسر غلام مصطفيٰ شاه جا هي خط سنڌي نثر ۾ سادگيءَ ۽ سلاست جو هڪ سهڻو نمونو آهن. خطن ۾ اسان کي نثر جو اهڙو اسلوب نٿو ملي جنهن جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪا محنت

ڪيل هجي. برعڪس ان جي شاھ صاحب جي تحرير ۾ هڪ فطري رواني نظر اچي ٿي. سندس تحرير جي لفظن ۽ جملن جو هڪ درياءَ آهي، جو ڇوليون هڻي رهيو آهي.

پروفيسر غلام مصطفيٰ شاھ جا هي خط سنڌي نثر ۾ هڪ نمايان حيثيت رکن ٿا.

۳۱- ڊسمبر ۱۹۶۱ع ـ احسان بدوي

شڪارپور سنڌ.

سیر ء سفر

(خط)

(١)

هن قسم جي هوائي جهاز رستي، منهنجو هي پهريون سفر هو. هڪ طرف هوائي جهاز جي سفر جو ۽ ملڪن ڏسڻ جو شوق ۽ خوشي هئي ته ٻئي طرف ڪجهه دل تي يارن ۽ دوستن کي ڇڏڻ ۽ هوائي هيبت جو بوجهه به هو. جهاز ڪافي ليٽ هو. اسين ١٩- جنوري ١٩٥٣ع شام جو ٩ بجي، نڪرڻ بدران ١١ بجي نڪتاسين. عزيز، دوست ۽ شاگرد جي موڪلائڻ آيا هئا، انهن کي ڪافي تڪليف ٿي.

هوائي جهاز 'ڪي. ايل. ايم.' ڪمپنيءَ جو "آڏامنڊز برج" جي نالي سان هو، جو انڊونيشيا کان اچي رهيو هو. جهاز ۾ الڪل ٥٠ مسافر (مرد ۽ عورتون) هئا، ۽ ان سان گڏ ١٠ يا ٢٠ ٻار به هئا. ٻارن ۾ زندگيءَ جي لهر هئي ۽ سڄي رات هر قسم جي ٻاراڻيءَ حرڪت ۾ مشغول رهيا. جهاز ۾ مسافرن لاءِ ڪافي دلچسپيءَ جو سامان موجود هو.

جهاز جون مشينون چالو ٿيون، ۽ اسان آڏامڻ جو انتظار ڪيو. اسان کي پٽين ٻڌڻ لاءِ چيو ويو، ۽ اسان اجا پٽا ٻڌي مس ختم ڪيا ته جهاز ڊوڙڻ لڳو، ۽ هڪ منٽ ۾ اسين زمين ڇڏي، هوا جي حوالي

ٿياسون. جهاز بلڪل اطمينان سان اڏيو، ۽ اڏامڻ وقت لوڏو به نه آيو. اِها سڀ هوا باز جي هوشياري هئي

ٿوري وقت کان پوءِ، سمهڻ جي تياري ڪئي وئي. مگر شروع ۾ سمهڻ محال هو. مشين جو آواز جهاز ۾ ننڊ ڦٽائڻ لاءِ ڪافي، هو. ٻن بجي ٽائين مون فقط پاسا ورائيندي گذاريا. اُن کان پوءِ، اٽڪل ٽي ڪلاڪ، مجبوريءَ جي ننڊ آئي. منهنجا ڪيترا همسفر سڄو وقت ڪتاب پڙهندا رهيا يا ڳالهيون ڪندا رهيا. اسين ٢٠- تاريخ، ٨ بجي، بيروت پهتاسون. بيروت ڪراچيءَ کان ٢٥٠٠ ميل پري آهي. هوائي جهاز ۾ اٽڪل ١٠ ڪلاڪ لڳن ٿا. سڄي واٽ اسين زمين کان ساڍا ٻارهن هزار فوٽ مٿي اڏامندا رهيا ون. رستي ۾ ڪوبه اهڙو واقعو يا حالت پيدا نه ٿي، جنهن سان دل خراب ٿئي يا بيچيني ٿئي. جهاز جو ڪپتان ڪموڊور مول، اسان جي هوشياريءَ سان حفاظت ڪندو رهيو. اُنهيءَ سڄي سفر ۾ جڏهن وچ مشرق جي ريگستان مٿان لنگهياسون، تڏهن جهاز ڪجهه نچڻ ٽپڻ لڳو. اِهو فضائي حالتن جو لازمي نتيجو هو، جنهن مان ڪنهن به قسم جو انديشو نه هو. جهاز مان بيابانن جو عجيب منظر ڏسڻ ۾ آيو: مٿي آسمان ۽ هيٺ رڻ- ائين پئي معلوم ٿيو، ڄڻ جهاز بلڪل هڪ هنڌ بيٺو آهي. ڪپتان جهاز کي بيروت شهر مٿان گهمايو ۽ اسان شهر جو هڪ وڻندڙ نظارو ڏٺو. جبلن جي مٿان

ننڍ مان آئنڊڙ شهر، ۽ سمنڊ کي هڪ ئي نظر ۾ ڏسڻ
جو نهايت عجيب، دلچسپ ۽ حيرت انگيز موقعو مليو.
جهاز بلڪل آرام سان زمين تي لٿو. بيروت ۾ لهڻ
وارو فقط آءٌ ئي هوس، باقي مسافر اڳتي وڃڻ وارا هئا.
جهاز مان لهي، ڪجهه سامان ڪسٽمس ۾ ڇڏي،
۽ ڪجهه پاڻ سان کڻي هوائي اڏي کان ٻاهر نڪتس،
۽ سڌو دمشق وڃڻ جو فيصلو ڪيم. هڪ موٽر جو
انتظار ڪيم، ۽ سؤ ربيا اوٽ موٽ جو فيصلو ٿيو.
تقريباً ١٠ بجي، دمشق روانو ٿيس، ۽ ١ بجي اتي پهتس.
مون ٿي منهنجي دوستن سيد ابوالخيرالسوسي. شام
جي سفارتخاني واري ۽ محترم غرض الدين، لبنان جي
سفارتخاني واري، ڪراچيءَ ۾ ٻڌايو هو ته بيروت ۽
دمشق جي وچ وارو رستو سرديءَ ۾ برف سان بند
ٿي ويندو آهي. مگر مون کي خبر پئي ته اُن ڏينهن
رستو کليل هو، ۽ اسان کان اڳ هڪ ڏينهن اڳ
بند هو. مون کي دمشق ۾، شام جي يونيورسٽيءَ ۾،
ليڪچر ڏيڻو هو ۽ وري ٢١- تاريخ شام جو واپس
بيروت اچڻو هو، جو ته اُن ساڳئي ڏينهن شام جو
هوائي جهاز ۾ سوار ٿي، هالنڊ جو پروگرام رکيو هو.
بيروت ۾ ڪافي سردي هئي— رستي تي سڀ جبل
برف سان ڇانيل هئا؛ هي رستو دنيا جي بهترين رستن
مان ليکيو ويندو آهي، عجيب ۽ غريب نظارن سان ڀرپور
آهي. اٽڪل اڍائي هزار فوٽ مٿي جبلن مان لنگهڻو
پوندو آهي. آمد رفت تمام گهڻي هئي، ۽ اٿين محسوس

ٽي ٽيو ڇڻ نازي برف رستي نان پري ڪري، هڪ پاسي ڪني ڪيل آهي. تقريباً ڏن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ، دمشق پهتاسين. رستي ۾ موٽر ڊرائيور سان عربيءَ ۾ گفتگو ٿيندي رهي. مذڪر مونث يا واحد جمع جي تميز مون نه ڪئي، مگر مشترڪ ۾ مڪمل عربي ڪم آئي. هٿن ۽ اشارن جي مدد ملڻ سان لفظن جي معنيٰ معلوم ڪرڻ ۾ ڪا ايڏي تڪليف پيش نه آئي.

دمشق ۾ "مشرقي محلات" ۾ رهياسين. پهچڻ سان شام جي خارجي وزارت ۽ تعليمي وزارت کي فون ڪيم. انهن جا ٻه نمائندا آيا، جن مون کي حڪومت جو مهمان قرار ڏنو، ۽ هوٽل کي اهڙيون هدايتون ڏنيون ويون.

مون کي سڌو شام جي پريزيڊنٽ جي رهائش جي جاءِ تي وٺي ويا، جتي مهمانن جي رجسٽر تي دستخط ڪيم. ان کان پوءِ مون کي دمشق جي سير تي وٺي ويا. بازار حميديه جي ڪجهه سير کان پوءِ "عرب اڪيڊميءَ" وياسون. هي ادارو عربي ادب جي ترقي لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. ان ۾ فقط اديبن، فاضلن ۽ مصنفن کي پڙهڻ يا ڪتابن استعمال ڪرڻ جي اجازت آهي. لئبرريءَ کي عام استعمال لاءِ نه رکيو ويو آهي. بي بها ڪتابن جا نسخا موجود هئا. اڪيڊميءَ ۾ الڪل ۵۰ هزار ڪتاب آهن. ان کان پوءِ

قومي لئبرريءَ کي ڏٺوسون، جا اڳاري هئي ڪري
بند هئي؛ مگر اسان کي ڏيکارڻ لاءِ کولي ويئي هئي.
ان ۾ اٽڪل هڪ لک ڪتاب آهن. ڪافي [Coffee]
پيئارڻ جو دور، پريزيڊنٽ جي محلات کان هيستائين
جتي ڪٿي زور رهيو، ۽ تنگ اچي ويس. پيٽ اهڙو
ته سخت ٿي پيو جو وڏي ڪوشش ۽ همٿ کان پوءِ
به ڏُڪ پرڻ جي طاقت نٿي ٿيي. هن کان پوءِ انڪار
ڪرڻ مناسب سمجهيم. آنان پوءِ اسين سلطان صلاح الدين
جي مقبري، ۽ دمشق جي، مسجد ۾ ويا ون. مسجد
هڪ عاليشان جاءِ آهي، ڪيس مرمت جي سخت ضرورت
هئي، جا هاڻي شروع ڪرائي ويئي آهي: تقريبا ١٠ يا
١٥ سال اڳي مرمت ڪرائڻ کپندي هئي. مسجد ۾
امام حسين رض. جي سر مبارڪ جو مقبرو ڏٺوسين. اهي
زيارتون ڪري، واپس هوٽل ۾ آياسون. موٽر سرڪاري
طرح منهنجي حوالي ڪئي ويئي. اڄ ڪجهه وقت
ترسي پاڪستان جي سفير، ڊاڪٽر محمود حسن جي
ملڻ لاءِ ويس. ڊاڪٽر صاحب پراڻو واقف ۽ دوست هو.
ان سفارت کان اڳ پاڪستان گورنمينٽ جو تعليمي
صلاحڪار هو. خدا جي قدرت ڏٺوسون —— ڏسڻ سان
۽ ٻڌڻ سان حيرت هئي. خدا ڀلو خير ڪري! ڊاڪٽر
صاحب جون ڪارگذاريون ٻڌي ۽ ڏسي، واپس هوٽل
وڃڻ جو سوچيم. ساڍي ڇهين بجي شام جو يونيورسٽي
۾ تقرير لاءِ ويس. تقرير جو عنوان هو: ”شامن
جون تعليمي ڪوششون.“ اٽڪل چار يا

پنج-ڇهه مرد ۽ عورتون موجود هئا. شاگردن کي اجازت نه ملي هئي. تقرير فقط يونيورسٽيءَ جي استاذن، حڪومت جي عالمن، شام ۾ سفيرن ۽ ڪن خاص ماڻهن لاءِ رکيل هئي. شاگردن جي نه هئڻ تي مون کي افسوس ٿيو. خبر نه آهي ڪهڙي نقطهءِ نظر کان ائين ڪيو ويو هو مون کي شاگردن سان نه ملڻ جو افسوس رهيو.

تقرير کان پوءِ مانيءَ جي دعوت هئي، جنهن ۾ اٽڪل ٦٠ بزرگ مدعو ڪيل هئا. شام ۽ لبنان ۾ عربيت جي لباڙ، ۽ مغربيت جي عمل جو نظارو ڏٺم. سوچيم، نه ڇا قومون پاڻ کي دوکي ۾ رکي به ترقيءَ جي اميد رکي سگهن ٿيون. عجيب حالت آهي! چند بهترين ماڻهو مليا، مگر انهن کي هڏي ڪير ٿو. مغربي عياشيون ڪافي اوج تي آهن. انهن جي مقابلي ۾ اخلاق جي ڇا مجال! خير، ماني کائي سمهي پيس، ۽ صبح جو ٢١- تاريخ سومر، بيروت روانو ٿيس. بيروت ۾ "پام بيچ" هوٽل ۾ رهيس، ۽ شام جو آمريڪن يونيورسٽيءَ ۾ ويس، جتي حالتن جي خبر رکيم، ۽ ڪن استاذن سان مليس.

لبنان ۽ شام جي حڪومتن ۾ عجيب فرق ڏٺم. شام جي فضا ۾ ملٽري ۽ ڊڪٽيٽريءَ جي بوءِ هئي. پوليس ۽ فوج جو گوڙ هو. ڪسٽمس ۽ پوليس جي نڪمائيءَ جي ڇا تعريف ڪجي. هن قسم جي حڪومتي

ڪاهڻين ۾ چوابدارين کان بيپرواهي، ۽ مطلق العنائي مون ڪٿي به ڪانه ڏٺي. بس، نه ڪوئي پڇڻ وارو ۽ نه ٻڌڻ وارو. شام جي ڪسٽمس جي عملي جي چستي، سستيءَ جي معنيٰ کان به ڪيريل هئي- سنائڻ کان سواءِ ٻيون ڪجهه به نه اچن. مون ڊرائيورن ۽ مزورن کي ڪارڊون ڏيندي ٻڌو. مون کي منهنجي ڊرائيور ٻڌايو ته "عرب کي جيڪڏهن عرب جو ڳلو ڪپڻ لاءِ ملي، ته جيڪر يهوديءَ جي ڳلي کي هٿ به نه لائي." خير، لبنان جي ڪيريل حالت کان واقف ٿيس. فرانسيسي تهذيب ۽ آمريڪي اثر واضح نظر آيا. هنن اثرن هيٺ ۽ انگريزن جي سلطنتي سبب، عرب ملڪ تنزل جي طرف وڌي رهيا آهن- خدا کين هدايت ڪري.

٢١- تاريخ ١١ بجي، بيروت جي هوائي اڏي تي پهتس، ۽ سامان ڪسٽمس ۾ ڏيکاري، جهاز لاءِ انتظار ڪيم. اسين تاريخ ٢٢- صبح جو هڪ بجي نڪرڻا هئاسون، مگر جهاز ليٽ هئڻ سبب، ٽين بجي نڪتاسين. خبر پئي ته يورپ ۾ هوا جون حالتون خراب آهن، ماڪ، ڌنڌ ۽ ڪوهيڙو سخت آهي. خير، الله جو آسرو ڪري جهاز ۾ ويٺاسون، ۽ روانا ٿياسون. بيروت کان نڪرڻ کان پوءِ اٽڪل هڪ ڪلاڪ جهاز اسان کي ڪافي ستايو، مگر آن کان پوءِ سولو آڏامڻ لڳو، ۽ اسين ٩ بجي روم پهتاسون. وري آنان هڪ ڪلاڪ کان پوءِ نڪتاسون، ۽ اڍائي بجي ڏاري هالنڊ جي شهر انمسٽرڊم پهتاسون. روم ۾ اسان کي جهاز

جي آڏي ڪان ٻاهر نه ڇڏيو ويو، ۽ هوٽل ۾ ڪجهه ناشتو ڪرايو ويو.

روم ڪان ائمسٽرڊم تائين اسان جو هن وقت بهترين سفر رهيو آهي. اسين جهاز ۾ بيروت ڪان فقط ٻه مسافر هئاسين، ۽ روم ۾ وڌي ١٥ ٿياسين. مون کي منهنجي دوست پروفيسر هافسٽرا ڊائريڪٽر اجتماعي تعلقات جي اداره طرفان دعوت ڏني هئي. مون کي سنڌ مسلم ڪاليج جا ٻه هالنڊ ۾ پڙهندڙ شاگرد ائمسٽرڊم ۾ وٺڻ آيا. هڪ ڀيٽي پاڻ سان ڪئي، ٻيو هيگ ۾ پهتاسين. 'ڊارڪ هوٽل' ۾ رهيس. ڪجهه شهر جو سير ڪيم. اداره ۾ چند ٻيا به واقف مليا، جيڪي پاڪستان گورنمنٽ، انتظامي ترتيب لاءِ موڪليا هئا، انهن ۾ مون کي منهنجو پراڻو دوست مسٽر قدرت الله شهاب، ڊپٽي سيڪريٽري اطلاعات مليو. شاگردن ۽ آستاڻن جي گڏ هجڻ ڪري شهر ڏسڻ ۾ به آساني ٿي. صبح جو تياري ڪري اداره ڏانهن ويس، جتي پروفيسر هافسٽرا انتظار ۾ بيٺو هو. هالنڊ تعليمي نقطهءِ نگاه ڪان دنيا جي بهترين ملڪ مان آهي. قوم جو تعليم سان دلچسپيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته هالنڊ جي رانيءَ پنهنجو بهترين محلات هيگ ۾ هن اداره لاءِ وقف ڪيو آهي. مون کي عمارت ڏسي حيرت وٺي وئي ـــ ڪراچيءَ جي پئليس هوٽل ڪان به وڏي آهي ۽ جيئن ته هن قسم جو اداره يورپ ۾ پهريون آهي،

انگريزي ان ۾ فقط ٣٠ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم
وٺي رهيا آهن. سنڌ مسلم ڪاليج جهڙا ٻه ڪاليج ان
۾ هلن. اسان وٽ ڪاليج ۾ سورهن سؤ ڇوڪرا آهن.
آخر اهي قومون ڇو نه ترقي ڪن! جن جي اُمراءَ ۽
خوشحال ماڻهن ۾ قوم جي بهتريءَ لاءِ ايڏي دلچسپي
آهي— آهي ڪو اسان جي نوابن، جاگيردارن، زميندارن،
سيدن ۽ پيرن کي سمجهائڻ وارو؟ سنڌ جي تعليم ۽
سنڌ يونيورسٽي، سنڌ جي معمول طبقي کي ڪڏهن به
معاف نه ڪنديون!

پروفيسر هافسٽرا مانيءَ جي دعوت ڏني هئي ۽
گڏجي ماني کائڻ وياسون. مون کي اداره جي پروگرام،
۽ آن جي وڌائڻ جي خيال کان واقف ڪيائين: ۽
چند ڳالهين تي بحث مباحثو ڪندا رهياسين. اٽڪل
٣ ڪلاڪن کان پوءِ ڪانئس موڪلايم.

هيگ، هالنڊ جو ننڍو مگر مشهور شهر آهي.
اڻويهين صديءَ جي آخر کان وٺي هن ۾ ڪيتريون ئي
بين‌الاقوامي ڪانفرنسون ٿيون آهن. سچ ته بين‌الاقوامي
تاريخ ۾ هيگ کي وڏي اهميت آهي. هن وقت به
بين‌الاقوامي ڪورٽ جو مرڪز آهي. تازو هن ڪورٽ
۾ ايران ۽ انگلنڊ جي مسئلي جو فيصلو ڪيو ويو
هو. هن ڪورٽ جي جاءِ، جنهن کي ”امن جو محلات“
سڏيو ويندو آهي، هڪ عاليشان عمارت آهي، جنهن
جي تيار ڪرڻ ۽ سينگارڻ ۾ دنيا جي هر ملڪ حصو
ورتو آهي. ڪانڊيءَ جو بت ڏٺوسون: ڪي ڳالهيون

قومي احساس کان دل ۾ اڀري آيون، ۽ افسوس ٿيو، خاموشي بهتر نظر آئي. هيگ کان پوءِ ائمسٽرڊم جو ٿورو سير ڪري هوائي اڏي تي آياسون. جهاز ڏهين بجي اڏاڻو ۽ اسين يارهين بجي ڊاري پريسٽوڪ هوائي اڏي تي پهتاسون. جو گلاسگو جي ويجهو اسڪاٽلنڊ ۾ آهي. هوا جون حالتون سٺيون هيون، ۽ ڪابه تڪليف نه آئي. جهاز جا اڌ کان وڌيڪ مسافر سڌو آمريڪا وڃي رهيا هئا ۽ مان لهي پيس. مون کي برهام ۾ پنهنجي پراڻي ڪاليج، پروفيسرن ۽ دوستن کي ڏسڻ جو خيال هو ۽ انڪري انگلنڊ ۾ ٽي ڏينهن گذاريم. اڄ ۲۷ - تاريخ شام جو ستين بجي انشاءالله پريسٽوڪ کان نڪرندا سين ۽ سڀاڻي ۱۲ بجي نيويارڪ پهچنداسين.

مون روم کان ائمسٽرڊم تائين مسافريءَ جو ذڪر نه ڪيو آهي - هي منهنجو پهريون سفر هو - اسين نڪتاسون ته سڄ آسمان ۾ ظاهر هو. ڪلاڪ کان پوءِ برف جو منظر شروع ٿيو. اسين اتر اٽليءَ ۽ سئٽزرلينڊ جي مٿان لنگهياسون. جهاز اٽڪل ۲۰ هزار فوٽن تي اڏامي رهيو هو. برف جبلن ۽ زمين تي چانئي پئي هئي. اسين جبلن جي چوٽين کان ٽي يا چار هزار فوٽ مس مٿي هئاسون. سڄ ويچارو يورپ ۾ ڏاڍو لاچار آهي، ۽ اسان جي چند جهڙي مس گرمي آئس. سڄ جي بيبسيءَ تي رحم آيو، سواءِ چمڪ جي، ٻيون منجهس ڪجهه به نه هو. هي احوال پريسٽوڪ کان نڪرڻ تائين لکيو اٿم.

[”الوحيد“، ۱۴ - فيبروري، ۱۹۵۳ع]

پريسٽوڪ هوائي اڏي تي هڪ ڪلاڪ کان پوءِ اسان تاريخ ٢٨ - جنوري، صبح جو ڏيڍ بجي هوائي جهاز ۾ چڙهي، آمريڪا ڏانهن رخ رکيو. جهاز ۾ مون کي انڊونيشيا جو سابق وزير خارجہ ۽ سندس بيگم مليا، جن سان نيويارڪ تائين ڏاڍي سٺي گفتگو ٿيندي رهي؛ اسين ٿوريءَ تياريءَ کان پوءِ سمهي پياسون، ۽ صبح سوير ٩ بجي، تقريباً يارهن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ ائٽلانٽڪ اڪري، گينڊر جي هوائي بندر، جو نيوفائونڊلينڊ ۾ آهي، پهتاسون. ممڪن آهي ته پڙهندڙن کي منهنجي حساب ۾ غلطي نظر اچي، مگر جڏهن اهو خيال ڪندا ته اسين اڀرندي کان الهندي اڏامي رهيا هئاسون، ۽ زمين اسان جي ابتڙ رفتار تان ڦري رهي هئي، تڏهن وقت جو حسابي تفاوت معلوم ٿيندو. مطلب ته ڪراچيءَ کان نڪرڻ کان پوءِ جتي لٿاسين ٿي، اتي واچ کي چند ڪلاڪ پٺتي ڪرڻو ٿي پيو.

هوائي جهاز جو سفر، جو ائٽلانٽڪ سمنڊ مٿان هيبتناڪ سمجهيو وڃي ٿو، سو اسان ڏاڍو آرام سان ڪيو؛ ڪڪرن جي مٿان هوائي جهاز زمين کان قريباً

ٻاويهه هزار فوٽن جي مفاصلي تي آڏامي رهيو هو؛ ڪڪرن جا ور ائين پئي نظر آيا، جيئن سنڌونديءَ ۾ سانوڻيءَ جي موسم ۾ ڇڪريون. بلڪل اها ڪيفيت، جيڪا درياء کي سانوڻيءَ جي موج ۾ هوندي آهي. اِها عجيب قدرت هئي. وري جڏهن ڪٿي ڪٿي ڪڪرن ۾ خال هو ته هيٺ سمنڊ پئي نظر آيو ۽ اسان برف جا پهاڙ ترندي ڏٺا. الله جو شان آهي! اسان ڪڪرن کان مٿي هئاسين ته سج ويچارو نظر پئي آيو، مگر منجهس گرمي ۽ تپش نه هئي. جڏهن گئنڊر پهتاسين ته برف جا ڍير ڏٺاسين. ڪئناڊا جو ڪنارو ۽ نيوفائونڊلئنڊ ته برف سان اڇا ٿيا پيا هئا. جهاز لٿو ۽ اسين جهاز جي صفا ٿڌل آڏي تي ٻه گوڏي جيڏيءَ برف تي لٿاسين. جهاز هڪ ڪلاڪ گئنڊر ۾ بيٺو. ان مختصر وقت ۾ اسان لهي ڪئناڊا جي زمين ڏٺي، ۽ ڪافي پيتي. هن وقت ماڻهو بلڪل اسڪيموز وانگر هليا ٿي، ماڻهن جي محنت، قُرتي ۽ مقابلي جي طاقت ڏسي حيرت وٺي وئي. ڪئناڊا جا هوائي پوليس ۽ هيلن جا راڪا هوائي جهاز ڏٺاسين، جنهن ۾ اسان جي لهڻ کان پوءِ پوليس ۽ هيلن جا عملدار روانا ٿيا. هي وقت ڪئناڊا ۾ اهڙو آهي جو خشڪيءَ ۽ ريل جا رستا بند آهن، ۽ هوائي جهاز ٿي ڪم ڏئي سگهن ٿا. ڪئناڊا ۾ ڪي ٿورا ئي ڪر آهن، جن ۾ ماڻهو رهن ٿا. ملڪ اسان جي پاڪستان کان پنج يا ڇهه دفعا وڏو آهي، مگر آدمشماري تقريباً هڪ ڪروڙ ٻه مس

هوندي. آبهوا ايتري قدر سرد آهي، جو سواءِ ڪن ٿورن شهرن جي ٻيا شهر به ڪونه آهن. سؤ ميل دور دور، برف ۾ هڪ گهر هوندو، جنهن ۾ عيال رهندو هوندو. ڪئناڊا فطرتاً دنيا جي وڏن ۽ شاهوڪار ملڪن مان آهي. توهان جي اخبار جو پنو به شايد اِتائين ايندو هوندو.

خير، اسان ١٠ بجي گئنڊر مان نڪتاسين، ۽ انهيءَ برف واريءَ حالت ۾، پنجن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ، ٽين بجي، انڊلوئيل هوائي بندر تي نيويارڪ پهتاسين. هي پنجن ڪلاڪن جو سفر ڪي قدر سخت قسم جو رهيو. ٽن ڪلاڪن کان پوءِ فضائي حالتون ڏاڍيون خراب رهيون، جو ٢٢ هزار فوٽن تي به ڪڪرن نه ڇڏيو. جهاز جون بتيون ٻاريون ويون ۽ جهاز کان ٻاهر ڪجهه به نظر نٿي آيو — نه آسمان نه زمين! اسان ڪي طوفان ۾ ڏنڊ ورائي ويا. فضائي حالتون ايتري قدر ته خراب ٿي پيون، جو جهاز هڪ انداز ۽ رفتار ۾ اڏامي نٿي سگهيو، ايتري قدر جو يا سؤ-ٻه فوٽ هيٺ وڃي، يا سؤ-ٻه فوٽ مٿي، يا هڪ پاسي ٿئي يا ٻئي پاسي. جهاز جون مشينون تمام سٺو ڪم ڪري رهيون هيون. ڪپتان پڻ خبردار هو، مگر اسان سڀني بيبسيءَ جي عالم ۾ هئاسين. ١٢ بجي جڏهن ماني آئي، ته جهاز ۾ ماني ڪارائيندڙن جون چنگهون پئي وڃڙيون. تقريباً ٢٠ منٽن کان پوءِ اسان جي اڳيان رکيل پليٽون هڪ ٻوڏي ۾ وڃي پٽ تي پيون.

آءُ نٿو سمجهان ته ڪنهن به پيٽ پري ڪاڏهن جي ڪوشش ڪئي هوندي. آخر، الله ڪندي نيوبارڪ پهتاسين، ۽ آمريڪا ۾ آياسين. مون حساب ڪيو ته ڪراچيءَ کان نڪرڻ کان پوءِ، ٣٩ ڪلاڪن جي هوائي سفر بعد اسين نيويارڪ پهتا آهيون، يعني ڏهه هزار ميل هوائي سفر رهيو. برابر دنيا ننڍي ٿي پئي آهي:

آمريڪي ڪسٽمس، هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ داخلا ڊپارٽمينٽ مان جند ڇڏائڻ هڪ وڏو خفو آهي . مون کي رومن ڪئٿلڪ ڪرستانن، ۽ فرانسيسي قانون جو اصول ياد آيو ته 'هر انسان فطرتاً چور ۽ خراب آهي، جيسين پنهنجي چڱائي جو ثبوت نٿو ڏئي.' ٻين ٻجي کان ڇٽين ٻجي تائين اسين پاڻ کي پاس ڪرائيندا رهياسين ۽ فارم ڀريندا رهياسين. ڪيترين ثابتين هوندي ۽ ڏيندي به، مزيد ثابتين جي ضرورت پيش ٿي آئي. آمريڪا جي ڪراچيءَ وارو سفارتخانو (Consulate) ۽ هجرت جو کاتو (Emigration Departvment) ڪافي دل کي پريشان ڪن ٿا. آءٌ پنهنجا کي تاثرات پوءِ ٻڌائيندس. آمريڪا بابت جيڪي لکڻو هوندو، اهو هتي رهي، ۽ ڪجهه ڏسي، پوءِ لکندس.

سيني قسمن جي سوالن جوابن کان آزاد ٿي اسين ٻاهر نڪتاسين، ۽ مون ڪجهه سوچڻ کان پوءِ ٽئڪسيءَ ۾ سامان رکيو. ڇونڪ اسين نيويارڪ شهر کان الڪل ٤٠ ميل پري هئاسون، انڪري جلد اوڏانهين رخ

رکيم. ٥ بجي آفيسون بند ٿين ٿيون. مون کي رات کانپوءِ مزيد سفر جو خيال هو. آمريکن ايڪسپريس ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ پهچڻو هو، ۽ نوٽ مٽائڻا هئا، ۽ ريلوي ٽڪيٽ جي رسيد وٺڻي هئي. پڇندي پڇندي نيويارڪ جون پڌل ڳالهيون، ڏسڻ سان ثابت ٿيون. ملڪ جي تونگري، آسودگي ۽ دنيوي معيار جي بلندي اکين سان ڏسڻ ۾ پئي آهي. انسانن جي محنت ۽ اورچائي، جفاڪشيءَ ۽ هنر ڇا نه ڪيو آهي! آمريکن ايڪسپريس جي آفيس ۾ پهچي، ٽڪيٽ جو بندوبست ڪري، پئسا مٽائي فارغ ٿيس. تنهن کان پوءِ پنهنجي رهڻ جو رات لاءِ هوٽل ڏنفت ۾ بندوبست ڪري ڏکجي ٽنجي پيس. ماڻهي ڪاڻي سمهي رهيس، ٻاهر نڪرڻ تي دل نه چيو. فقط ٻه ڪم ڪيم: هڪ تار گهر سلامت پهچڻ جي ۽ ٻي تار، سنڌ مسلم ڪاليج جي پروفيسرن کي ڪيم، جي نيويارڪ ۾ هئا.

منهنجي دوستن، يونيورسٽيءَ جي ماڻهن، ۽ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ کي اڳين معلوم ٿيو هو ته آءٌ نيويارڪ ٢٩ - تاريخ پهچندس. وٺني فائونڊيشن، جن کي منهنجي هتي رهڻ جو سمورو خرچ برداشت ڪرڻو آهي، انهن کي به اِهو اطلاع هو. مگر آءٌ ٢٨ - تاريخ اچي پهتس. ڪنهن جو به جهاز تي نه اچڻ جو غصو هو، مگر هن اطلاع کان پوءِ ماٺ ڪرڻي پئي. صبح ٿيو، سامان ريلوي ڪمپنيءَ جي حوالي ڪري، فائونڊيشن جي آفيس ۾ ويس ۽ آتان پئسا هٿ ڪيم. ان کان پوءِ،

ٿورو وقت نيويارڪ جو سير ڪيم، ۽ ڪجهه وقت وڏيڪ ڏسڻ وائسڻ جو مليو.

نيويارڪ شهر جو بيان هن وقت ايترو ڪافي ٿيندو ته شهر کي ڏسڻ سان آن جي آسمان ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ظاهر ٿئي ٿي. بجليءَ مان آمريڪا وارن برابر فائدو ورتو آهي. جنهن انداز ۾ بجليءَ کي استعمال ڪيو پيو وڃي، تنهن انداز ۾ شايد ئي ڪا به چيز ٿئي ڪئي وڃي— بتين، بٽڻ ۽ مشينن جي دنيا ۾، انسان جي بيبسيءَ ۽ ڪمزوريءَ جو اندازو هڪ طرف، ته آن جي عقل، دماغ ۽ جستجوءَ جو ٻئي طرف لڳي ٿو. نيويارڪ جي زمين جي اندر، ريل ايڏي معيار جي نه آهي، جيڏي لنڊن ۾ آهي. باقي احوال ٻئي دفعي، خاص نيويارڪ تي مضمون لکڻ سان پڌائيندس:

هڪ عجيب تجربو حاصل ٿيو: منهنجي وڃڻ جو انتظام سينٽرل اسٽيشن يا پينسلوينيا اسٽيشن نان نه ٿي سگهيو، ۽ مون کي جيئن ته جلد وڃڻو هو اِنڪري بالٽيمور ۽ اوهائيو ريل تي بندوبست ڪري ڏنو ويو. نيويارڪ شهر جي وچ ڪان راڪفيلر پلازا ولان هڪ شاهي بس ۾ سوار ٿياسون ۽ اسان کي جرسي شهر وڃڻو هو. بس ۾ اسين الڪل سوا ڪلاڪ هئاسون، ۽ نيويارڪ جي بيشمار ٽرئفڪ جو اندازو ٿيو. موٽرن، لارين ۽ هرقسم جي مشينن جي رفتار ڏسي، حيرت آئي. هنن انسانن جي تيزيءَ ۽ چڪر کي جهڙي نموني ترتيب ڏني وئي آهي، اِنهيءَ مان ڏي انسان جي انتظامي مهارت

جو اندازو لڳي ٿو: جڏهن مشينن سان رنڌڪن وانگر ڪنڌيو وڃي ٿو، ته نقصان به ايترو ئي سڻو وڃي ٿو. خير، لاري هڪ جاءِ ۾ گهڙي، پنجن منٽن کان پوءِ جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته لاريءَ ۾ ويٺل. مگر اها ٻاليءَ تي تري رهي هئي! اها حيرت جهڙي ڳالهه هئي. اسين هن درياهه ۾ اٽڪل اڌ ڪلاڪ رهياسون، ۽ آن کان پوءِ ٻئي طرف آنهيءَ لاريءَ ۾ ويٺل پهتاسون. ٻئي طرف وري ساڳيءَ جاءِ ۾ گهڙياسين ۽ لاري پنجن منٽن کان پوءِ وڃي ريل جي پليٽفارم تي پهتي. مون کي فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ هئي ۽ آرام سان پنهنجي ٽڪيٽ مطابق گاڏيءَ ۾ ويٺس.

گاڏيءَ ۾ گهڙڻ سان ٻاهر جي سردي ته نه هئي، مگر سخت گرمي ٿيڻ لڳي. آمريڪا ۾ اها مصيبت آهي. اندر جاپون ايتريقدر گرم آهن جو توبه! ۽ ٻاهر ٣٢ يا ٣٥ ڊگرين جي سردي! هن ايڏي تفاوت سان وڏي تڪليف پيش ٿي اچي— هڪ طرف ماڻهو رکو قميص سان تنگ، ته ٻئي طرف ڪپڙن جو ڍير ٿو پائڻو پوي، انگريزن کي ڏسي سمجهان ٿو ته هن حالت ۾ اهائي زياده تميز آهي.

ريل جو ڀاڙو ڏاڍو مهانگو آهي. تقريباً اسان جي فرسٽ ڪلاس جيترو ڀاڙو هيتي گهٽ کان گهٽ درجي جو آهي. فرسٽ ڪلاس جو ڀاڙو وڌيڪ، ته وري سمهڻ جي جاءِ جو آن کان وڌيڪ. ماڻهو پنهنجا ذاتي ڪمرا به رکن ٿا ۽ آن جو ڀاڙو اچا به وڌيڪ!

گاڏيءَ ۾ ويهڻ جون جايون ڊار، اخبار پڙهڻ لاءِ لائونج ڊار، ڊائننگ روم ڊار، ٻيڙي پيئڻ لاءِ به ڪمرو ڊار آهي! هن قسم جي عياشي ڏسي حيرت لڳي. آمريڪا جي سرمائيداريءَ جا معجزا عجيب آهن، جن جو ذڪر ٻئي ڪنهن دفعي ڪندس. ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته هن قسم جي معياري چڱائي ۽ بدتر برائي، ٻئي گڏ ۽ همسايه ڪنهن به دنيا جي ملڪ ۾ نه ملندا. امن ۽ جنگ، خوشي ۽ روڄ، عياشي ۽ مسڪيني، غرور ۽ بيبسي، انسانيت جو احساس ۽ انسانيت سان ظلم، اخلاق ڪي همٿائڻ ۽ اخلاق کي پئسن جي ذريعي دٻائڻ جون حالتون اهڙي انداز تي ڪٿيون ڪنهن به ملڪ ۾ نه ملنديون!

اسين تقريباً ١٠ ڪلاڪ ۾ اٽڪل ٨٠٠ ميلن جي سفر ڪان پوءِ، لوئول پهتاسون، گاڏيءَ جي رفتار اٽڪل ٦٠ ميل ڪلاڪ ۾ رهي. پهچڻ سان اسان کي هڪ ڪلاڪ واچ کي پٺتي ڪرڻ لاءِ چيو ويو. آمريڪا ۾ چار اسٽئنڊرڊ وقت آهن: هڪ اپرندي جو، نيويارڪ جي ويجهو، ٻيون وچ وارو، ٽيون ڏکڻ جو ۽ چوٿون الهندي جو وقت. تقريباً ٦ کان ٨ سؤ ميلن جي مفاصلي تي ٻيون وقت شروع ٿو ٿئي. امريڪا جي جغرافي هن طرح آهي:

ملڪ اپرندي کان الهندي اٽڪل ٣ هزار ميل آهي. ۽ اتر کان ڏکڻ ٧ هزار ميل آهي. هي ٤٨ حصن ۾ ورهايل آهي، ۽ سندس آدمشماري ١٥ ڪروڙ آهي.

خيالي ۽ پيدائشي نقطهء نظر کان جيڪڏهن اوهان هڪ ليک ڪيندا جا سئن فرئنسڪو وينديءَ ته توهان کي خبر پوندي ته اتر ملڪ زياده هنرمند ۽ ڪارخانن جو ملڪ آهي۽ ۽ ايرندو زياده زراعتي ۽ پوک پيدا ڪندڙ حصو آهي. شيدي گهڻا اوڀرنديءَ ۾ رهن ٿا ۽ ٿورا اتر ۾. اتر ۾ ٿورا گهڻا ماڻهو انساني زندگي بسر ڪن ٿا، مگر اوڀرنديءَ ۾ توبهه آهي. هن مسئلي جو احوال ڪنهن ٻئي خط ۾ لکندس.

["الوحيد"، ٢٠ - فيبروري، - ١٩٥٣ع.]

(۳)

مون پنهنجو احوال هتان لوئيوائل تائين لکيو اهي. جو اُميد تہ ملو هوندوَ. اسٽيشن تي لٿس ۽ سامان کڻائي ٻاهر آيس تہ هڪ ماڻهو اچي مليو. عجيب لهجي ۾ مون کان نالو پڇيائين. مون سمجهيو تہ کو عرب مصر، شام يا لبنان مان آهي. خير، مون کي ٻڌايائين تہ منهنجي ملڻ لاءِ اهو اسٽيشن تي آيل آهي. سامان سندس موٽر ۾ رکيوسين ۽ مون کي ۳ ائڊريسون ڏيکاريائين ۽ انهن ماڻهن جي گهر جي تعريف بہ ٻڌايائين مون هڪ گهر جو فيصلو ڪيو، ۽ اسان جي موٽرن گهر ڏانهن رخ رکيو. اسين اٽڪل ۲۰ منٽن جي رستي کان پوءِ، مخصوص گهر تي پهتاسون.

رستي ۾ هن ماڻهوءَ سان تعارف ٿيو. سندس نالو آهي ڊاڪٽر جارج برائسڪي. اصل رومينيا جو آهي، هتي يونيورسٽيءَ طرفان بيروني طلباء جي اداره جو ڊئريڪٽر آهي ۽ بين‌الاقوامي قانون بہ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو آهي. هن شخص متعلق بيان اڳتي ڪندس. سندس عجيب حياتي آهي.

اسين گهر پهتاسون. ٻاهر نالو ۽ نمبر لکيل ڏٺم. گهر جو مالڪ آهي ڊاڪٽر آسٽن بلاڪ ايم. ڊي.

درتي کهڻتي وڃائيسين ته اندران هڪ شيدياڻي نڪتي، جنهن بابت بعد ۾ معلوم ٿيو ته هو هفتي ۾ ٻه دفعا گهر جي صفائي وغيره لاءِ ايندي آهي. هت آمريڪن جي گهرن ۾ شيدي مرد يا عورتون انهيءَ ڪم لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. هن متعلق ٻه مناسب جڳهه تي بيان ڪندس. گهر ۾ پيون ڪوبه نه هو. اسان پنهنجو تعارف ڪرايو، ۽ هن مائيءَ اسان کي هڪ ڪمرو ڏيکاريو، جنهن ۾ منهنجو سامان رکيو ويو. ڊاڪٽر برادسڪي هڪ منٽ به ترسڻ نه ڏنو، موٽر ۾ چڙهي سڌو يونيورسٽيءَ ڏانهن رخ رکيوسين، ۽ الڪل ١٠ منٽن ۾ يونيورسٽيءَ پهتاسون ۽ پريزيڊنٽ (جنهن جي حيثيت اسان وٽ وائيس چانسيلر جي آهي) جي آفيس ۾ وياسين. اندر گهڙڻ شرط هڪ اخباري نمائندي ۽ فوٽوگرافر جي زيارت نصيب ٿي. سمجهي ويس ته ڇا آهي. پريزيڊنٽ جنهن جو نالو فلپ ڊيوڊسن آهي، تنهن سان مليس. تعارف کان پوءِ مون کي ٻين اوينهامر سان گڏ فوٽوءَ لاءِ چيو ويو. ٻين اوينهامر سان جيستائين آءٌ هت رهندس واسطو رهندو، ۽ منهنجو سڄو پروگرام هو ٺاهيندو. خير، فوٽو نڪتو ۽ مون کي اخباري نمائندو اچي مليو. عجيب و غريب سوال پڇائين، مگر مون ڪيس مناسب احوال ڏنو. ڪيس اها به خبر نه هئي ته ڪو پاڪستان بہ حصن ۾ آهي. پاڪستان جي وزيراعظم ۽ گورنر جنرل جا نالا ٻڌائي ۽ ڪجهه ٻئي احوال ڪان پوءِ جند ڇڏايم.

هنن اخباري انسانن مان آزاد ٿي ٻاهر نڪتس ته يونيورسٽيءَ جا ڪجهه اساتذه موجود هئا جن سان تعارف ڪرايو ويو. ٿوريءَ گفتگو کان پوءِ ڊاڪٽر براڊسڪي سان گڏ، يونيورسٽي ڪئنٽين ۾ ماني کائڻ وياسون. ان کان پوءِ ڊاڪٽر براڊسڪيءَ جي آفيس ۾ غير آمريڪي هئڻ ڪري، هڪ فارم ڀريم.

توهان کي ياد هوندو ته مون هن کان اڳ آمريڪي ويزا جو بيان ڪيو آهي. ڪراچيءَ جي آمريڪي آفيس ۾ ويزا جو به هڪ عجيب معاملو آهي بقول منهنجي دوست ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي برابر پنج لڪيل پونديا ڪاغذ تي نشان ڪرڻا ٿا پون. هنن ويزا جي قانونن ۽ فارمن کي ڏسي، ماڻهو آمريڪا وڃڻ کان متنفر ٿيو پوي. هي معاملا انسان کي ڪافي مشڪوڪ ڪيو ڇڏين.

ماني وغيره کائي، ڊاڪٽر براڊسڪيءَ سان گڏ گهر موٽي آيس. گهر ۾ فقط گهر- ڌياڻي هئي. سائس تعارف کان پوءِ ڊاڪٽر موڪل ورتي، ۽ چند مرحبا جي لفظن کان پوءِ، مون کي مسز بلاڪ گهر ڏيکاريو ۽ منهنجي ڪمري جي سهولتن جو بيان ڪيائين. ان کان پوءِ مون سامان کوليو ۽ تيار ٿي، واپس هيٺ آيس. ڪجهه وقت کان پوءِ ڊاڪٽر بلاڪ جا ٽي ڇوڪرا اسڪول مان آيا. سندن عمر ١١، ٨ ۽ ٦ سال آهي. ڇوڪرا ڪافي دلچسپ معلوم ٿيا. مسز بلاڪ مون کان کاڌي جي پرهيز وغيره پڇي. ڪيس ٻڌايم ته مان نه

سوٽر ڳائيندو آهيان ۽ نه شراب پيئندو آهيان. اها ڳالهه هن خيال ۾ رکي. آءٌ هائي آمريڪا جي گهر ۾ اچي ويو هوس.

هي گهر هتي لوئيوائل ۾ بهترين جڳهه تي آهي. ڊاڪٽر هتان جي مشهور ڊاڪٽرن مان آهي، ۽ ڪافي ڪمائي اٿس، مگر زندگيءَ جي اخراجات ڪان به تنگ آهي. آمريڪا جي زندگي ڏاڍي مهانگي آهي.

ڪينٽڪي آمريڪا جي ۴۸ حصن مان هڪ آهي. سندس آدمشماري ۳۰ لک کن آهي. هن اسٽيٽ جي ايراضي اٽڪل ۴۰۱ هزار چورس ميل آهي. سندس مکيه شهر فرئنڪفرٽ آهي، جو هتان ۴۰ ميل پري آهي. زياده تر زراعتي حصو آهي، مگر هنرن ۽ ڪارخانن مان به پريو پيو آهي. اوهائيو ۽ ٽينسي نديون منجهانس لنگهن ٿيون. هي شهر ۾ لوئيوائل ڪافي وڏو آهي.

ڪينٽڪي اسٽيٽ ۾ به وڏيون يونيورسٽيون آهن: هڪ لوئيوائل يونيورسٽي جنهن ۾ آءٌ آهيان، جا لوئيوائل ميونسپالٽيءَ جي ماتحت آهي، ۽ ٻي ڪينٽڪي يونيورسٽي، جيڪا ليڪ سنگٽن ۾ آهي ۽ اسٽيٽ جي ماتحت آهي. جيئن حيدرآباد ميونسپالٽيءَ کي ۽ سنڌ کي عاحده علحده يونيورسٽيون هجن. ان کان سواءِ پنج ڇها وڏا ڪاليج آهن، جن جو يونيورسٽين سان ڪوبه تعلق نه آهي. اُهي خود مختار آهن ۽ ڪن ماڻهن جي مالي امداد تي هلن ٿا.

هنن ڪاليجن جي تعليم جو معيار به ايترو ئي بلند آهي، جيترو يونيورسٽين جو. اِهي زياده تر عيسائي فرقي جا ڪاليج آهن. هنن ڪاليجن ۾ اٽڪل ٣ هزار کن ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم وٺي رهيون. هنن ڪاليجن کي مرڪزي حڪومت يا اسٽيٽ حڪومت يا ڪنهن به ميونسپالٽيءَ کان ڪابه امداد نه ملندي آهي، بلڪ ماڻهن جي فراخدليءَ ۽ وقف ڪيل ملڪيتن تي هلن ٿا.

لوئيوائل شهر جي آدمشماري اٽڪل ٣ لک آهي. هي هڪ بهترين شهر آهي. ابرهام لنڪن، آمريڪا جو مشهور پريزيڊنٽ، هن شهر جي ويجهو ڄائو هو. شهر ۾ هڪ يونيورسٽي ۽ هڪ خود مختار ڪاليج پڻ آهي. هي ڪاليج رومن ڪئٿلڪ نظريي ۾ اعتقاد رکندڙن جو آهي. يونيورسٽي ۾ اٽڪل ٦ هزار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهندڙ آهن، ۽ هر قسم جي اعليٰ تعليم ڏني وڃي ٿي. يونيورسٽيءَ جو انتظام هڪ جمعيت متوليان جي هٿ ۾ آهي، جيڪا پريزيڊنٽ مقرر ڪندو آهي. يونيورسٽيءَ کي هتان جي شاهوڪار ماڻهن جي مدد اهي، ڪيترن ماڻهن پنهنجون ملڪيتون به يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن. لکها ڊالر، ماڻهو بنان ڪهڙي جي يونيورسٽيءَ کي ڏيندا رهن ٿا. ماڻهن جو اجتماعي زندگيءَ سان دلچسپيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو، ته هڪ معمولي اداره ٤٠ هزارن ڊالرن لاءِ اپيل ڪئي ته هڪ هفتي ۾ ٦٥ هزار

هزارن ــ کان مٿي ڊالر اچي ويا. يونيورسٽيءَ کي هڪ تجويز جي سلسلي ۾ پئسن جي ضرورت پئي ته پئسا ائين ٿي آيا. ڄڻڪ آسمان مان ڪِري رهيا آهن. لکها ڊالر ماڻهو پنهنجي نالي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ موڪلي رهيا هئا. تازو هڪ اسپتال تيار ڪرڻ لاءِ اپيل ٿي ته اُميد کان ٻاهر پئسا مليا. ماڻهن جي خلوص جو اندازو هن مان لڳايو ته قومي ملڪيتن کي پنهنجيءَ جان کان وڌيڪ عزيز سمجهن ٿا. وقف ملڪيتون بلڪل خبرداريءَ ۽ خيال سان سنڀاليون وڃن ٿيون. چند ڏينهن ٿيا ته هڪ ماڻهو ٥٠ هزار ڊالر (هڪ ڊالر تقريباً ساڍا ٽي رپيا آهي) هڪ اسپتال کي موڪليا ته جيڪي به نوان ڊاڪٽر ٿين اُنهن کي پهرئين ڊاڪٽري امتحان کان پوءِ وڌيڪ تجسس لاءِ مدد ڏني وڃي. هن انسان پنهنجو نالو به ڳجهو رکيو آهي. ڇا هيءَ اسلامي روح واري امداد نه آهي؟ خدا شل اسان جي سرمائيدارن کي ساڃهه ڏئي! ڇا سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو نه ليندا، جي ڪنهن به اداره کي ٢ يا ٣ لک رپيا آسانيءَ سان نه ڏئي سگهندا. فضول خرچيءَ ۽ بخل سان ڪڏهن به قومون ترقي نه ڪنديون آهن. اسان جا اسڪول ڏسو، ڪاليج ڏسو ۽ اسپتالون ڏسو. خدا خير ڪري!

ملڪ جي قومي ترقيءَ سان دلچسپيءَ جو اندازو هن مان به لڳايو ته هتان جا ماڻهو هڪ عجيب خوشيءَ ۾ ڏسندا، توهان کي ڪڏهن به عليل آجڙ

۽ غمگين نظر نہ ايندا. ٻارن جي چهرن تي بشاشت
۽ خوشي نظر ايندي. اهو ڏينهن خالي نہ آهي، جنهن
ڏينهن شهر جي طرفان ٻارن جي وندر ۽ راند جو
پروگرام مرتب نہ ڪيو وڃي. ٻارن ۽ نوجوانن کي
ڏسي، ماڻهن جون دليون اُمنگ ۽ جوش ۾ ڀرجي اچن
ٿيون. سچ پچ تہ ترقي يافتہ ۽ اعليٰ قومون اُهي آهن،
جن پنهنجي ايندڙ نسل جو خيال ڪيو آهي. ڇا اسان
جا بزرگ ائين سمجهن ٿا تہ ٻارن کي ذليل رکي،
بکايل رکي، اجڙ، غمگين ۽ بيبس رکي، اسين ترقي
ڪري سگهنداسين؟ پراوا ٻار تہ ڇڏيو، اسين تہ پنهنجن
ٻارن کي بہ خراب ٿيندو ڏسي، ڪجهہ بہ نٿا سوچيون.
خدا اسان جي شاهوڪارن ۽ بزرگن کي شعور ڏئي!

حقيقت ۾ قومن جي عروج جو راز اُنهن جي
ايمانداريءَ، اخلاص ۽ محنت ۾ آهي. جنهن قوم جي
اعليٰ طبقي ۾ غرور ۽ تڪبر ۽ محنت ۽ جفاڪشيءَ
لاءِ ڪوبہ قدر ڪونہ آهي، اُهي تباه ۽ برباد آهن.
آمريڪا ۾ هيڏا ڪروڙ پتي آهن وڏن طاقت آهي،
مگر اِن جي باوجود، هُنن انسانيت کي نفرت سان نہ
ڪيرايو آهي. پريزيڊنٽ آمريڪا جو، دنيا جي طاقتور
حاڪمن سان آهي، بلڪ ڀيرون طاقتور انسان آهي؛
مگر اِن هوندي بہ هڪ ادنيٰ آمريڪيءَ سان هن جو
ڇا نہ اخلاقي برتاءُ آهي!

انسان پنهنجي مسلسل محنت ۽ تڪليف ڪري منهن ڏيندي پنهنجي زندگيءَ کي معياري بنائڻ ۾ ڪيتري نه جدوجهد ڪئي آهي. انسان جي ذهني ۽ دماغي معجزن کي هت اکين سان ڏسي سگهجي ٿو. هرهڪ ذميدار فرد کي اها خواهش آهي ته قوم جي ترقي ۽ فلاح ۾ سندس به حصو هجي. هنري ۽ مشيني دنيا ۾ جيڪي لازمي بدعنوانيون ۽ ڪمزوريون پيدا ٿينديون رهن ٿيون، تن کي بلڪل ڪاميابيءَ سان منهن ڏنو وڃي ٿو.

جيئن مون ٻڌايو آهي ته هيءَ اسٽيٽ زياده تر زراعت پيشه آهي. مگر فقط لفظن جو استعمال آهي، يعني هرڪا چيز مشين جي ذريعي هلائي وڃي ٿي. زمين جي آبادي ۽ ان جي نگراني، جانورن جي پالنا ۽ سنڀال جو سمورو بندوبست مشين جي رستي ٿئي ٿو. جهنگلن ۾ عجيب رستا آهن، جن تان گذرڻ لاءِ خبرداريءَ لاءِ نشان ۽ هدايتون آهن. حڪومت ۽ آن جو هر انسان هن ڳالهه ۾ مصروف آهي ته ملڪ کي ڪهڙي نموني خوش ۽ آسودو ۽ خوبصورت بڻايو وڃي. ڀلا هن کان زياده دل کي خوشي ڏيندڙ ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟

ٻئي خط ۾ ڪن خاص ڳالهين جو ذڪر ڪندس.

("الوحيد"، ٥ - مارچ، ١٩٥٣ع.)

(۴)

آمريڪا موٽر ۽ مشين جو مالڪ آهي، ايتريقدر جو زال زئب، ٻار ٻچو، پوڙهو جوان سڀ موٽرن جا مالڪ! هتي مثال مشهور آهي ته ”آمريڪا جا ٻار موٽر هلائڻ ڀريائين سکندا آهن، ۽ هلڻ پوء.“ خير، اِن ۾ توهان سمجهندا ته ضرور مبالغو هوندو.

مگر، سائين منهنجا، مشين ڇا نه ڪيو آهي! مشين جي دنيا ۾ رهي اِهو احساس ٿو ٿئي ته مشين ناهڻ کان پوء انسان ڪيترو نه بيبس آهي. آمريڪا هنري ڪمالات جو گهر آهي. اليڪٽرڪ کان جنهن نموني ۾ هتي ڪم ورتو وڃي ٿو، آهو عجيب آهي. گهرن ۾ بتين کان وٺي ٽيليوين تائين. مطلب ته هيءَ بٽڻن ۽ تارن جي دنيا آهي، جنهن ۾ مشين ۽ اليڪٽري ايترو ڪم ڪري ٿي، جو انسان جي ضرورت به ختم ٿيو وڃي، هن مشين، آمريڪا ۾ انسانيت کي ضرور ڌڪ هنيو آهي.

هتي هڪ ندي آهي، جيڪا شهر جي وچ مان مان وهي ٿي. ڪيترا سال برف ۽ برسات جي ڪري شهر پاڻيءَ جي هيٺ اچي بلڪل تڪليف ۾ آيو هو. آءٌ اکئين آچر تي، ٻوڏ کي روڪڻ لاء جو انتظام ڪيو

ويو آهي، سو ڏسڻ ويس. مون کي حيرت وٺي وئي. خيال ڪيو ته ڪهڙيون نه مشينيون آهن. هڪ منٽ ۾ ۷۲ هزار گئلن پاڻيءَ جا ٻاهر. شهر کي جا ديوار ڏني وئي آهي، اها اهڙي قسم جي آهي، جو ٻوڏ جي وقت دروازا ڪيرايا وڃن ته پاڻي بند. رستن ۽ پلين جو اهڙو بندوبست، جو حادثي جي حالت ۾ ٿوري وقت اندر سڀ انتظام مڪمل ٿي وڃن.

هتان جي درمياني درجي جي اخبار کان به توهان کي واقف ڪيان ٿو: هت هڪ اخبار آهي، جنهن جو نالو "لوئيومل ٽائيمس ڪوريئر جرنل" آهي. هن اخبار جون روزانه ۵ لک ڪاپيون وڪامن ٿيون. هر روز اخبار ۲۴ صفحن جي نڪرندي آهي، مگر آچر ڏينهن منجهس هن طرح صفحا هوندا آهن: خبرون ۲۶ صفحا، مضامين ۽ فوٽو ۳۶ صفحا، عجائب ۲۰ صفحا، ڪيل ۽ راندبون ۸ صفحا، تفريحات ۱۸ صفحا، عورتون ۽ اجتماعي مقالا ۱۴ صفحا، مزاحيات ۲، صفحا، ٻارن لاءِ ۱۲ صفحا، يعني ڪل ۱۲۶ صفحن جي اخبار. انهيءَ اخبار جو پنو اوهان جي "الوحيد" اخبار جي پني کان ڏيڍوڻو آهي. اخبار کي پنهنجو ريڊيو اسٽيشن ۽ ٽيليويزن پڻ آهي. اخبار کي ۱۶ طبقن ۾ الڪل ۶۰ هزار چورس والن جي زمين آهي. اخبار کي پنهنجو هوٽل ۽ بزار آهي. سائين، توهان ۽ اسان جو ڏوهه ڪونهي، اسين غريب ماستر ۽ توهين غريب ايڊيٽر، توهان اسان کان پوءِ به پلا آهيو. توهان

ڪي سياسي وقعت آهي ۽ اسان غريب رڌن جيان. اسان
جي جيڪڏهن اها سياست رهي ته نه توهان سڌرندا،
نه اسان جي چڱي حال جي اميد آهي. معاف ڪجو!
يارن سان ڳالهيون دل ڏولي ڪيون آهن. ٻيون ڪجهه
ڳالهيون ٻڌو:

هتي راندين ۽ کيڏڻ لاءِ جايون ڏهيل آهن، جنهن
۾ باسڪيٽ بال ۽ يا فٽ بال جي ڏسڻ لاءِ تقريباً اڌ
لک ماڻهو آسانيءَ سان ميدان جي چوڌاري ويهي ۽
ڏسي سگهن ٿا. راند ڪندڙن جا نالا اسڪور بورڊ تي.
مطلب ته راند جو سمورو احوال اليڪٽريءَ رستي زمين
کان اٽڪل ٢٥٠ فوٽ مٿي، وچ ۾ ٽنگيل چورس بورڊ
تي چئني طرفن کان هر منٽ ۾ تيار ملندو. سردي
سخت هئڻ ڪري هن کي بند ڪرڻو پيو ٿو، مگر
اندر گرم رکڻ جو عجيب بندوبست آهي. اندر
ايتريقدر گرمي، جو قميص ۾ان راند ڪري سگهجي ۽ ٻئي
طرف ٻاهر برف پئي ڪري. گرمي آڻڻ لاءِ مشينيون
آهن جي گرم هوا کي جاءِ جي ڇت ڏانهن آڇلائين،
يا زمين مان ٻاهر ڪڍن!

هتي ڪاليج ته ڏٺو مگر اسڪولن جون جايون به
اسان جي قانون ساز اسيمبليءَ جي جاءِ کان وڏيون آهن.
اسڪولن جا هال، اهڙا جو جڻ ڪنهن وڏي سئينما هال
۾ ويٺا آهيون، جتي هر قسم جو پروگرام مثلاً تقريرون،
ريڊيو براڊ ڪاسٽ، ڊراما يا بئنڊ جي پروگرام جو
انتظام آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. هن ملڪ ۾

هوائي جهازن جو سفر ايترو وسيع پيماني تي آهي، جيترو اسان جي ملڪ ۾ بس جو سفر. ان کان سواءِ بس جو سفر نهايت ئي سهنجو ۽ سولو آهي. ان ۾ ايتريون ته آسانيون آهن جو اڍائي هزار ميلن جو سفر ۽ سير، ماڻهو بس ۾ بلڪل آرام سان ڪري سگهن ٿا: انهن ۾ ريڊيا، انهن ۾ گرميءَ جو سازما ۽ انهن جون ڪرسيون اهڙيون جو سمهڻ لاءِ لنبيون به ٿي سگهن. پيٽرول تقريباً ١٤ آنن ۾ گيلن، اسان وٽ اڍائي رپيا گيلن.

ماڻهن جي تهذيبي ۽ تمدني زندگيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته آتي نه فقط وڏيون ڪلبون آهن بلڪ آتي ڪجهه ننڍا گروهه، ڪن خاص چيزن سان دلچسپي رکندڙن جا به موجود آهن. انهن ۾ مباحثه، تفريحي دلچسپيون، تقريرون، تعليمي فلمون، سياسي نڪتيچينيون، ساز سرود سان دلچسپي، مذهب سان واقفيت، قومي ۽ بين الاقوامي معاملات کان باخبري وغيره شامل آهن، جنهن ۾ سڀڪو حصو وٺي سگهي ٿو- نه صرف پيشه ور انسان، بلڪ آهي جيڪي زندگيءَ جي ڌار ڌار ڪمن ۾ مصروف آهن. پر انفرادي طرح دلچسپين جا دلداده آهن. آهي به هڪ هنڌ سوسائٽي ٿاهي گڏ ٿيندا رهن ٿا. اهڙيءَ طرح هر طبقي ۽ هر پيشي جا انسان پنهنجي ذاتي دلچسپيءَ کي وڌائڻ لاءِ هڪٻئي سان ملن ٿا، ۽ انهن ۾ رغبت پيدا ٿئي ٿي.

مگر ايڏي ڪمال کان پوءِ بہ آمريڪا زندگيءَ جي گهراين کان محروم آهي. آهي حالتون جي انسان جي روحاني سڪون جو باعث آهن، سي عدم موجود آهن. آهي پهلو جيڪي قومن کي مقبول بنائين ٿا ۽ انهن کي بہ حساس ڪن ٿا، آهي نہ ملندا. آمريڪا ۾ فلسفہ، مزاحيہ شڪل ۾ پيش ٿئي ٿو. گفتگو جو اثر فقط زبان تائين محدود آهي، ۽ اهو نہ مٿي دماغ تائين وڃي ٿو، ۽ نہ دل ڏي هيٺ لهي ٿو اچي. آمريڪا ۾ زندگيءَ جي مسئلن کي غور ۽ خوض سان سمجهڻ جي صلاحيت نہ آهي. هن لاءِ جوابدار آمريڪا جي طاقت، آمريڪا جي مشين، آمريڪا جو پئسو، ۽ آمريڪا جي تفريح آهي. آهي چيزون ۽ مسئلا جي قلب جو سڪون ۽ اطمينان، ۽ خيال جي بلندي پيدا ڪن، آهي هنن کان ۽ انهن جي دماغ کان بعيد آهن.

هڪ آمريڪي ايتريقدر نہ پئسي جي جستجو ۾ آهي، جو ان کان سواءِ ٻيون سڀ ڪم تفريح ۾ شمار ٿيس ٿو. هنن جي زندگي اهڙيءَ طرح مرتب ٿيل آهي، جو حياتيءَ جون مجبوريون ۽ شدتون ۽ روزمره جي وٺ پڪڙ کين هٿي ڪنهن بہ طرف خلوص ۽ يڪجهتيءَ سان راغب ٿيڻ کان روڪين ٿيون. هڪ پريشان حال انسان کي ڪٿي نہ سڪون، چين ۽ اطمينان حاصل ٿئي. مثال طور مذهب: آمريڪا ۾ مذهب هڪ فرحت ۽ فرصت جي دنيا آهي، ۽ جنهن

جون حدون فقط ديول تائين آهن. ديول کان ٻاهر
ڪڌهہ وانگر ڪن چنبڙيا ۽ اثر ختم. ديول اندر وري
ڇا عيش ۽ آرام جو سامان! اندر غاليچا، نرم نرم ڪوچ
۽ تفريح بخش ڪيت ۽ تقريرون. مذهب يورپ ۽
آمريڪا ۾ نفرت ۽ بغض پيدا ڪرڻ جو ڪم ڏئي
رهيو آهي ديول ۾ راڳ، چانهہ ۽ ڪافيءَ جو
سامان، جهڙو ڪنهن ڪلب ۾ گهرجي. خدا اسان غريب
مسلمانن کي اِنهن بدعتن کان بچائي! اسان جا انگريزيدان
عالم ۽ فاضل، مذهب جي آڙ ۾ ڪٿي مسجدن کي
ديول نہ بنائي ڇڏين. خداوند اسان مسلمانن جي
مسجدن کي اِنهن عيسائي طريقن کان بچائي! اسان
جا انگريزيدان ۽ يورپ جا شيدائي اسان جي مسجدن
۾ غاليچا، هوٽلون، ريڊيا ۽ هر قسم جي فيشن کي
ڏسڻ گهرن ٿا، ۽ وري آن کي سڏين مذهبي ارتقاء
خدا پناہ ۾ رکي! هن حالت کي ڏسي پروردگار کان
دعا گهرو تہ اهو وقت نہ اچي، جو اسان جي جدت
پسندي ان حالت کي پهچي، جو اسان ناهہ ڏوهہ سان
مسجدن ۾ اچون، انڪساريءَ ۽ خشوع جي عوض،
باري تعاليٰ جي درگاهہ ۾ تڪبر، غرور ۽ سرڪشيءَ
سان اچون! مسجدون شل انسان جي مراتب موافق
نہ ٿين، جو هڪ مسجد امير جي تہ ٻي غريب جي!
اسان جون مسجدون شل مخصوصيت کان بچن! هن
مضمون تي انشاء الله ڪنهن وقت زياده تبصرو ڪندس.

آمريڪا هنر ۽ فني ڪمالات جو ملڪ آهي ۽ آهي فطري حالتون ۽ حرڪتون سڀ موجود آهن، جي هنر ۽ فن جي بلنديءَ لاءِ لازمي آهن. مگر هت انسان جو انسان سان ربط، خودغرضيءَ سان ڀريل، عارضي ۽ ڪنهن مقصد پٺيان آهي. انساني حالتون جنهن ۾ دل ڇڪي ڏئي، انسان انسان سان همدردي ڪري، پاڙيسريءَ سان محبت هجي، اهي چيزون موجود نه آهن. توهان کي ٻڌي حيرت ٿيندي ته هڪ ڪاليج جي پروفيسر حضرت عيسيٰ جو هن طرح مذاق ڪيو: انجيل ۾ آهي ته "پاڙيسريءَ کي اهڙيءَ طرح محبت ڪيو، جهڙيءَ طرح پاڻ کي محبت ڪريو ٿا." اهو ٻڌندي شرط چيائين ته "خدا [يعني حضرت عيسيٰ] اهي لفظ نشي جي حالت ۾ چيا هوندا.

مطلب ته هن دنيا جو هر انسان زندگيءَ جي هر حالت ۾ پئسي ڪمائڻ، طاقت هٿ ڪرڻ ۽ ٻين کي ڦري پاڻ کي ورسائڻ ۾ مصروف ۽ مشغول آهي. اهو جذبو ايتريقدر ته وڌيل آهي جو والدين اولاد کي به وساريو ڇڏين. اسان جا مغرب جا دلداده ۽ مستانه ۽ تعليم يافته. اسان ۾ اهي جانوري صفت حالتون پيدا ڪري رهيا آهن. اهو ڪنهن وقت واپس اچڻ کان پوءِ لکندس ته امريڪا جي تعليم خصوصاً ۽ يورپ جي عموماً ڪهڙيءَ طرح اسان جي نوجوانن تي اثر انداز ٿي رهي آهي، ۽ ڪهڙيءَ طرح، ڪهڙي قسم جي ۽ ڪهڙيءَ عمر ۾ هي تعليم اسان جي ملڪ ۾ اسلامي زندگيءَ لاءِ ڪارگر ٿي سگهي ٿي. حقيقت ۾

چوڪرن کي ٻاهر تعليم وٺڻ لاءِ ڪجهه دور انديشيءَ ۽ ٻاهرين ملڪن جي حالات جي واقفيت رکڻ نهايت ڏي ضرور آهي- خير.

ڪجهه ڏينهن وقت هڪ مسئلو يعني ”آمريڪا جو اسلامي ملڪن ۽ اسلام سان تعلق“ متعلق لکندس. هن مسئلي جي ماهيت ۽ پيچدگي سمجهڻ اسان لاءِ اشد ضروري آهي. مون کي اِن لاءِ ڪافي غور جي ضرورت پوندي، اِن لاءِ ڪجهه وقت ترسندس.

اڄ هڪ ڳالهه ذرا دل ۾ تشويش پيدا ڪئي آهي، توهان سان ۽ ڪمپازيٽرن سان ظلم هوندو! اگر خراب اکرن لاءِ انعام ڏنو وڃي ته مون کي يقيناً پهريون نمبر ملندو. خط ۾ ڪافي غلطيون هونديون. از خود جرات ڪري پنهنجو خط نه پڙهندو آهيان، جو شايد مون کي به تڪليف ڏئي. اسين آهيون درويش ماستر، سو پنهنجيون غلطيون ۽ ڪمزوريون ڄڻندا آهيون.

هن مهيني جي ٢٥- تاريخ (مارچ ١٩٥٣)، آءٌ ڪئناڊا وڃي رهيو آهيان. مون کي ميڪ ماستر يونيورسٽي هئملٽن، ٽارانٽو يونيورسٽي، ميڪگل يونيورسٽي مانٽريل مان دعوتون آيون آهن. اميد ته ڪميڪ به ويندس، ۽ واپسيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن اوٽاوا ۾ رهندس، ۽ رستي ۾ آمريڪا جو هڪ وڏو اداره ”ڪارنيل يونيورسٽي“ ڏسندس. اميد ته وڃڻ کان اڳي توهان کي هڪ ٻيون خط به لکندس. دعا ڪندا! توهان کي ۽ پڙهندڙن کي سلام.

[”الوحيد“ ١٣- مارچ، ١٩٥٣ع]

(٥)

بس، ڇا ٻڌايان! تقريباً ٻن مهينن کان مٿي ڏينهن ٿيا آهن، ته اڄ هن ماڻهن جي جهنگ ۾ پيو آهيان. پنهنجي ملڪ جي ڪابه خبر ڪانه اٿم. ڪي دوست، ۽ عزيز خط لکن ٿا، مگر اِن هوندي به بيخبر رهان ٿو. پاڪستان ۽ سنڌ جي وهندڙ زندگيءَ کان پري آهيان. اڳئين خط ۾ مون هتان جي هڪڙيءَ اخبار جو ذڪر ڪيو آهي، مگر ايڏيءَ ساريءَ اخبار ۾ اسان جي ملڪ جي ڪابه خبر نٿي ملي. اڄ ته اوهان کي ٻڌايان ته هن وقت تائين پاڪستان جون ڪهڙيون خبرون پڙهيون اٿم. گناهه ثواب معاف! غلطي اخبار جي، آءٌ فقط راوي آهيان. ”هڪ بيگم صاحبه جواهرن سان جڙيل، جهونا ڳهڻه واري، پاڪستان ۾ چٽي وئي“. ٻـــي خبر ته هوائي جهاز ڪريو. ٽي خبر ته ”چوڌري محمد ظفر الله جي خلاف احتجاج ٿيو، ۽ ماڻهو قيد ڪيا ويا.“ بس، خبرون ختم!

معاف ڪجو هڪ ٻي به خبر پڙهي اٿم ته پاڪستان مان هڪ ماستر غلام مصطفيٰ، آمريڪا ۾ نـــازل ٿيو آهي ۽ سائس گڏ فوٽو به ڏنو ويو هو. ٻي به ڪافي ٻتاڙ ٽيل هئي جا نٿو لکان، ڇو ته اسين غريب ماستر،

توهان اخبارن وارن کان ذرا ڊڄون ٿا. هجون سياستدان
نہ توهان جون مقابلو ڪريون. غريب درويش جي لاءِ
مٽي بہ ماٽ تہ مٽي بہ ماٽ. مگر مٽان اهڙي طرح سمجهو
آئون، وقت تي اسين خبر نہ آهي تہ ڇا ڇا ٿا ڪري
سگهون. اسان جا ڪرشما ڏٺا آئون؟

مگر سائين مون سان هڪڙو ظلم ۽ ويل آهي:
بقول مرحوم مولانا عبيدالله سنڌي، مٿو اگهاڙو ڪري
گهوڙا گهوڙا ڪيان. پر زڪام جو ڊپ ٿو ٿئيم. ڇا
ٿا پڇو، ڇا ٻڌايان! جتي وڃان ٿو آتي اچا اسلام ۽
پاڪستان جو نالو ٿو وٺان تہ شهزادو علي خان، سندس
والد بزرگوار هزهائينس آغا خان، ۽ شهزادي ريتاهيورٿ
اچيو ٿا منهن ڪڍن. آغا خان اسلام جو سردار ۽
سرڪردو. اسلام ۽ پاڪستان کي سمجهڻ لاءِ علي خان
جي حياتي ۽ هزهائينس جي مائٽن ڪارلو جي حياتي
ڪافي آهي. جتي ڪٿي ۽ خاص ڪري بيگمات وٽان
ان بابت سوال ڪيا وڃن ٿا. منهنجي انڪار تي ڪين
حيرت ٿي لڳي. چون ”هو توهان جو سردار ۽ رهبر،
۽ توهان انڪار ٿا ڪيو.“ بس سائين، انڪار ڪري
ڪري ٿڪجي پيو آهيان. اسلام ۽ پاڪستان کي آمريڪا
جي هن حصي وارا علي خان ۽ آغا خان جي حياتي* ۽
عمل مان پرکين ٿا. بس ڇا ٻڌايان! اسلام بابت واقفيت
جو هڪ بيون مثال بہ ٻڌايان ٿو. پروفيسرن ۽ عالمن جي
مجلس ۾ هڪ ڏينهن چيم تہ اسلامي تاريخ ۾ عورتن وڏا

ڪم ڪيا آهن، ته يڪدم هڪ محترمه چيو ”جي، ها برابر، مثلاً ڪليوپيٽرا.“ بس زبان ڪٽي ڏندن ۾ جهليم. اسان جي ڪن پاڪستاني عيوضين به اسلام ۽ پاڪستان جو چڱو ڏالو موڪيو آهي.

مون اهڙا پاڪستاني به ڏٺا جيڪي رسول اڪرم ڪي چون ’محمت‘ ۽ قرآن جي نالي ’ڇڙوڇڙ ڪتاب‘. ماٺ ڏو ڪريان، نه ته چوندا ته ’غلام مصطفيٰ مست آهي.“ سائين، واه جي ماسترن ڪي مستي آهي! رکيون فقيرياڻيون ڳالهيون ياد نه اٿن، بلڪ اميراڻا لوڏڪا به ڪافي هٿ ڪيا اٿن. ڳالهيون ڏينديون-

مون اڳئين دفعي مذهب جو ڪجهه ذڪر ڪيو آهي، آمريڪا ۾ ماڻهو هڪ عجيب حيراني ۾ مبتلا آهن. ڊالرن ڪمائڻ، مزي ۽ عيش ڪان پوء مذهب ڪي فقط هڪ رسم ڪري رکيو اچن ٿا. سندن زندگي بي روح آهي. جڏهن نشي ڪان ڇٽن ته دلي تسڪين جي ڳولها ٿا ڪن، مگر آها ڪٿي ٿي ملي! پلا، آها ديول ۾ هڪ ڏينهن وڃڻ سان ڪٿي ٿي نصيب ٿئي! انهن حالتن جي ماتحت آمريڪا ۾ ٻن گروهن جو مکو متو آهي: هڪ يهودي ٻيا رومن ڪئٿلڪ مذهب وارا. آمريڪا ۾ رومن ڪئٿلڪ جو اثر ڏاڍو وڌندڙ آهي. جيئن ته رومن ڪئٿلڪ مذهب ڪي هڪ انداز ۾ ڏٺو وڃي ٿو، ۽ ان ڪان سواء ان ۾ پادرين جو رعب به داخل آهي. انڪري اِن ۾ دلي تسڪين جي تلاش ڪئي وڃي ٿي. رومن ڪئٿلڪ ۽ يهودين جي جيڪا

اسلام ۽ اسلامي ممالڪ سان تاريخي همدردي رهي آهي، آن ڪ'ن تہ توهان واقف آهيو. آمريڪا ۾ اسلام ڪي پيش ڪرڻ وارا وري يهودي ۽ رومن ڪئٿلڪ! آهي وري ڳالهيون ڪن آغا خان، علي خان، فاروق، ترڪيءَ جي سلطان ۽ عرب ملڪن جي خانہ جنگين جون، ۽ وري اسان جي إسلامي ملڪن جا عالم تقريرن ۾ چون 'محمت' (Mohamat) تہ پوءِ ٻين ڪي ڇا چئجي! اچو تہ ٻيون ڳالهيون ڪريون.

آمريڪا ۾ رهي، مون تي هڪ ڳالهہ جو عجيب انڪشاف ٿيو آهي: آمريڪا ۾ انفراديت جو غلبو آهي. آمريڪا ۾ قوميت بہ ڪافي اثر رکندڙ آهي، مگر اها مڪمل نہ آهي، اجتماعي زندگي بلڪل مفقود آهي. هر آمريڪي فرد، انفرادي حيثيت سان گڏوگڏ قوميت کي سڃاڻندڙ آهي. مگر انساني رواداري، يا انسانيت جو ربط، يا اجتماعي احساسات بلڪل گم آهن. انفراديت کان قوميت تائين هڪ ٽپو آهي، جو اجتماعيت تان ڇلانگ ڏني ويئي آهي. هن احساس جي ناموجودگيءَ ڪري سڀ اجتماعي خرابيون ۽ بدڪرداريون موجود آهن، اِن لاءِ ڪي سبب آهن، جن جو هت مختصر ذڪر ڪيان ٿو.

توهان کي خبر آهي تہ آمريڪا جا اصلي باشنده ريڊ انڊين (Red Indian) اهن. مگر آهي ويچارا وڃن ٿا ماضيءَ جي تاريڪين ۾ گم ٿيندا، ۽ تاريخ جي ورقن ۾ ڇپندا. ايتريقدر جو ٿورن سالن کان پوءِ، سندن هڏا بہ

ڪونہ ليندا، (آءُ شيدين جو ذڪر اگر توهان اصرار ڪندا، تڏهن بہ هن وقت نہ ڪندس.) آمريڪي جيڪي اسين ڏسون ٿا اُهي سڀ مهاجر آهن: جي ڌارڌار ملڪن کان آيا آهن، ۽ هرسال هزارين پيا اچن. هجرت جي هن لهر، ملڪ ۾ انفراديت کي هوا ڏني آهي. ماڻهن ۾ اقتصادي بداخلاقي ڪري ڪٽنبن ۽ گروهن آمريڪا جي سرزمين تي پاڙون پختيون نہ ڪيون آهن. عارضي انساني تعلقات، خوف جي اختلاط، زبان جي اختلاط ۽ تهذيب جي اختلاط، اجتماعي زندگيءَ کي وڏن ۽ ويجهن کان محروم رکيو آهي. ٻن نسلن تائين کي بہ ماڻهو هڪ هنڌ نہ رهيا آهن، ساڳيو پيشو نہ رهيو اٿن، ۽ ساڳين ماڻهن سان سندن تعلقات نہ رهيا آهن. ان کان سواءِ، هرهڪ انسان، زندگيءَ جي جدا جدا منزلن تي ڌارڌار تعلقات پيدا ڪيا آهن. ايام طفليءَ جا واقف هڪڙا، بلوغت جي زماني جا ٻيان، جوانيءَ جا ٽيان نہ ٻڍاپي جا چوٿان! انسانن ۾ هڪ اجنبيت نظر ايندي، جنهن جو توهان اندازو بہ نہ لڳائي سگهندا. ڇُونڪ ڪنهن جي بہ ماضيءَ جي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي؛ ۽ حال مان تمام ٿورا واقف آهن، اِنڪري اجتماعي روابط ۽ ذاتي قُوتون ختم ٿيل آهن. آمريڪا هڪ نئون ملڪ آهي، ڪيس پنهنجي تاريخ نہ آهي. ۽ اهي ڪمزوريون سندس طفلانہ قومي پاليسيءَ جو بنياد آهن. ڪيس اجتماعي زندگيءَ نہ آهي ۽ بدويت ۽ جهالت جو تصور

سندس زندگيءَ تي ڇانيل آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح ڪو انسان جهنگلن ۾ رهندڙ هجي. هي ماڻهو ڪارخانن ۽ بازارين جي دنيا ۾ آهن ته هو تاريخي انسان، ٻيلن ۽ جبلن ۾ رهن ٿا. ڪيفيت ٻنهي جي هڪڙي آهي. آمريڪا ۾ جيڪي مهاجر يورپ کان اچن ٿا، انهن عجيب اجتماعي حالت پيدا ڪئي آهي. يعني اهي حرڪتون جيڪي اسين ڄاڻ سڃاڻ ۽ مٽن مائٽن جي نسلي واقفيت ۽ ماڻهن جي ڇوٻول ۾ هوند نه ڪري سگهون، سي بلڪل آسان ٿي پيون آهن. ڪير به نٿو سڃاڻي ته فلاڻو ڪير آهي، جنهنڪري شرم، حيا ۽ ننگ ناموس جا اثرات ختم ٿيل اهن!

اهي اجتماعي حالتون جيڪي ڇور تي ذاتي اثر ڪن ٿيون، اهي موجود نه آهن. اها اجتماعي روڪ جا ماڻهن جي فعل ۽ ڪردار لاءِ جوابدار آهي، سا اصل نه ملندي. اولاد کي خبر نه آهي ته مائٽ ڪٿي، نه مائٽ وري اولاد کان بيخبر آهن- اڄ هتي گهر، ته سڀاڻي ٻئي هنڌ. ڄائو هيتي، پڙهيو هتي ته ڪمايائين وري ٽئين هنڌ. شاديءَ کان پوءِ وري مڪان ئي ٻيون؛ پيدا ٿيو اڃا ٻي هنڌ ته موت وري ٽئينءَ جڳهه تي. نه جمڻ جا واقف نه موت جا، عجيب حالت آهي! آءُ هي ذڪر هتي ختم ڪيان ٿو. آمريڪا جي قوميت به اڃا برقرار ۽ پوري نه ٿي آهي. قوميت جي تاريخ ۾ به پختگي پيدا نه ٿي آهي. هن جو وڌيڪ ذڪر واپس اچڻ تي ڪندس. هن مسئلو جو آمريڪا جي

خارجي پاليسيءَ سان گهرو ربط آهي، ۽ آءٌ اُن ۾ هن وقت نہ ويندس. اِهي واپسيءَ جون ڳالهيون آهن. هن فضا ۾ آمريڪي تعليمي نظام ۽ تعليمي ڪوششون ڪهڙو ڪم ڪري رهيون آهن، انهن جو ذڪر خاص مضمون ۾ ڪندس. اِهو احوال اڇا ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪندس، ۽ خاص ڪري جڏهن ڪئنيڊا کان موٽندس. آمريڪا تهذيبي، تمدني ۽ فني بدويت جو ملڪ آهي.

سان پنهنجي هنن خطن جو سلسلو ڪجهہ وقت تائين جاري رکندس ۽ ٻيستائين، جيستائين توهان اجازت ڏيندا. آءٌ هت هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان:

آءٌ يورپ ۾ ٻيون دفعو، ۽ آمريڪا ۾ پهريون دفعو آيو آهيان. آءٌ جڏهن انگلنڊ ۾ پڙهڻ آيو هوس، تڏهن ڪافي ملڪ ڏٺا هئم، مگر طالب علميءَ جي حالت ۾ هوس. ڪي گهرو حالتون، ڪي پئسي جون تڪليفون، امتحان جي دماغ تي گرمي، ڪجهہ ناپاس وغيره جو انتظار ۽ واپسيءَ تي آئندي ذريعي معاش جو فڪر موجود هو. ڪجهہ جواني بہ هئي، مگر دل ۽ دماغ تي تعليم، امتحان، پاس، ناپاس ۽ مستقبل جي حالتن جو عجيب خوف ڇانيل هو. شخصيتن جو رعب هو. حالت ۽ ڳالهين ڪي پنهجي سر منهن ڏيڻ جي اڃا همت نہ هئي. مالهن وٽ زندگيءَ جي مجبورين ڪمزور ٿيو ٿي. اگر صلاحيتون هيون بہ تڏهن بہ انهن جو مون ڪي بہ علم نہ هو. گهرو ۽ اقتصادي حالتون

سازگار نہ هيون. مطلب تہ خوشيءَ سان ڪڏ دل تي بوجھ ۽ هيجان هو. الله تبارڪ جي مهربانيءَ سان هن وقت بہ اها حالت ۾ آيو آهيان. مائٽن ڪا ايڏي ملڪيت نہ ڇڏي، پنهنجيءَ محنت جو ڀوڙهيو ڪاوان ٿو. بزرگن، عزيزن ۽ دوستن جون مهربانيون آهن. زندگي محنت، اخلاص ۽ جوابداريءَ ۾ گذري ٿي، امتحان جو ٻپ نہ اٿم. توبھہ! جيڪي بہ امتحان ڀهرين درجي ڪان وٺي ڏنا اٿم، اگر هن وقت وري ڏيان تہ جيڪر هرهڪ ۾ بنان شبهہ فيل ٿيان. خدا امتحانن ڪان جند آزاد ڪئي آهي. تونگر نہ آهيان، مگر مفلسيءَ ڪان بہ خدا پناھ ڏني اٿم. اها حاجتمندي جيڪا بداخلاقين ۽ ڪمزورين جو باعث آهي، ان ڪان خدا پناھ ڏني آهي، ۽ بيشو اهڙو هٺ ڪيو اٿم جو هروڀرو همدم گارڊون ڪونہ ڏيندا. نہ وري اهڙو ڪم ڪنداسون، جو گارين جا مستحق ٿيون. غريب ماستر پنهنجيءَ ۾ پورا.

هن پيري ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ مهل هڪ خاص مقصد دل ۾ رکيم تہ ملڪ ڏسي، حالتون سمجهي، ڪجھہ لکندس، ۽ پنهنجي اخلاقي جوابداري پوري ڪندس. اسان جا اڪيٽي جاگيردار، وڏيرا صاحب ۽ واپاري ٻاهر وڃن گهمڻ، سير ڪرڻ ۽ فرحتون وٺڻ. مگر مان هن وقت بہ تدريس ۾ مشغول آهيان. پاڙهيان تہ پگهار وٺان، ڪم نہ ڪريان تہ ٻڪ مران ۽ ڇڏي واپسيءَ جي ٽڪيٽ وٺائين. ايترو، ۽ فقط

ايترو خيال اٿم ته زندگي ڪشادگيءَ سان گذاريان ۽ ڪجهه ڏسي وائسي سگهان. آءٌ پنهنجي وقت جو مالڪ پڻ آهيان. محتاجين ۽ ڪمزورين جو شڪار نه آهيان. اِن حالت ۾ اهو خيال ڪري نڪتس ته جيترو قدر ٿي سگهي اوترو قدر ملڪ ۽ ماڻهو ڏسان. ايترا پئسا نه اٿم جو هر روز هنن چڪرن تي پگهو بيٺو هجان. آمريڪا سرڪار جي مهرباني، جو دعوت ملي ۽ هتي آيو آهيان. نه ته سائين، رڳو لاهور جي ٽڪيٽ وٺڻ به مون لاءِ مشڪل آهي. اِن حالت ۾ ارادو ڪيو اٿم ته يورپ جا سڀ ملڪ ڏسندو اچان، ۽ پاڻ کي ۽ ٻين کي تنگ ڪريان، ۽ متي ۾ سور وجهان!

اِها به خوشي اٿم ته آءٌ پهريون اوسط درجي جو سنڌي آهيان، جو هي خوش قسمتي نصيب ٿي اٿم. الله تبارڪ ٻين کي به اهڙو خوش نصيب ڪري! سفر به عجيب تعليم آهي. جن کي پئسو آهي، خدا شل تن کي علم ۽ تعليم لاءِ صلاحيت ڏئي. اُميد اِها ڪري نڪتس ته هن طرح سان نه فقط سير ٿيندو، بلڪ سنڌ لاءِ به ڪافي علمي ذخيرو هٿ ڪندس. عزت ۽ مقبوليت سان ڪڏ ڪجهه خدمت جو موقعو به ملندو. سياستدان آءٌ نه آهيان، نه وزير آهيان نه حاڪم. ڪيترن بزرگن جي مهربانين سان هتي آيو آهيان. چوندا آهن ته روز ڏاڏالو ڏينهن نه آهي. اُميد ته هن سير ۽ سفر جو علم ۽ تجربو سنڌ کي ڪم ايندو. هام ته وڏي ٿو هڻان، خدا ڪامياب ڪندو!

ڪمزور انسان جي ڇا مجال آهي! اُميد ته هي سلسلو قبول پوندو.

منهنجو هي سفر تشويش کان خالي نه آهي. ڪم جون تقاضائون آهن، اولاد ياد اچي ٿو، عزيز ۽ دوست ياد پون ٿا. بيمارين ٻيمارين جو خيال اچي ٿو، سفر جي خطرن جو فڪر ٿئي ٿو. زندگيءَ جي متعدد معاملات جو خيال ٿئي ٿو. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود به ٻاهر وڃڻ جو خيال ٿيو ۽ دعوت قبول ڪيم. هي موقعو هڪ ويچاري ماستر ۽ اُستاد جي زندگيءَ ۾ خوشيءَ جو سبب آهي. هن موقعي کي شخصي ۽ قومي، ملڪي ۽ اقتصادي نقطهءِ نظر کان به وڃائڻ نه گهريم، ۽ اجهو هتي آهيان.

هن دفعي دماغ ڪافي ڪمزورين ۽ فڪرات کان خالي آهي. انگريزي ڏسڻ، سوچڻ، ۽ لکڻ جو ڪافي موقعو آهي. توهان جڏهن مضمون لکڻ جي دعوت ڏني ته يڪدم قبول ڪيم، جا توهان جي مهرباني آهي. توهان مون کي زبان ڏني. توهان کي ۽ مون کي خبر آهي ته سنڌ ۾ علم سان پيشي وارن جي ڪيتري دلچسپي آهي. اسان جا مصنف، شاعر، اديب ۽ عالم فاضل ڪتاب لکن ۽ وٺڻ وارو ڪوبه نه آهي، اُلٽو ڇپائيءَ جو خرچ ڪڇيءَ ۾. جن وٽ پيسو، اُنهن کي نه پڙهڻ اچي نه پڙهڻ سان دلچسپي. جن کي علم سان دلچسپي آهي، سي محتاجين ۽ ڪمزورين ۾ مبتلا! هاڻ نالا نٿا وٺون، مگر مصنفن سان ويل

آهي. ڇاپايل ڪتاب بنان ٺهاريل ڪوٺين جي ڪنڊن ۾ ڪٿا پيا ڪائين. ڪي گستاخانه الفاظ نڪرن ته معاف ڪندا. پر اسان ماسترن جو توهان، ۽ اسان جي حاڪمن ۽ اميرن ڪي ايترو چوڻ حق آهي ۽ توهان اُن کي ضرور ٻڌو، توهان ڪريو يا نه ڪريو، سا نيت توهان جي. اميد اٿم ته هي مضمون قبول پوندا ۽ ڪجهه اثر رکندا. اگر آهوئي ڪن ۽ اهوئي کهاڙو، ته وري گهر ڪان ٻاهر پير به ڪونه رکندس. هي آواز به انهن اُستادن ۽ ماسترن جو آهي، جن کي اڃ نائين ڪنهن نه ٻڌو آهي. هن هوائي جهاز جي پني جا ڏهه صفحا لکندو آهيان ۽ اڃ ٻارهن لکيا اٿم. بند تو ڪريان، ٿان رهيو تڪليءَ جو وڏيڪ لڳي. اوهان ڪان وري ملندو تڪو به ڪونه -”قهر درويش برجان درويش.“ توهان کي خط لکڻ سان گڏ کيسي جو به خيال رکڻو آهي. دعا ڪندا.

[”الوحيد“، ١٩- مارچ، ١٩٥٣ع]

سمجهه ۾ ائين ٿو اچي، ته توهان منهنجا خط ڇاپيو پيا. مون کي چند واقف ۽ ناواقف دوستن کان خط آيا آهن، ته آءٌ هي مضمون انگريزيءَ ۽ اُردوءَ ۾ به لکان، ۽ ڪن لکيو آهي ته انگريزيءَ ۾ اسان کي لکي موڪليو ته اسين سنڌيءَ ۽ اُردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڇاپيون. لکندڙن جي مهرباني! مگر آءٌ ڪين اِهو عرض ڪندس ته سنڌيءَ ۾ مضمون لکڻ جو مقصد هي آهي، ته هڪ "الوحيد" جو ارشاد آهي جو مون قبول ڪيو آهي، ۽ ٻيون ته مون سمجهيو ته هي مضمون نه آهي باڪ 'الوحيد' جي پڙهندڙن ۽ سنڌين سان ڳالهيون، ۽ رهاڻيون آهن. هن قسم جي احوال جي سنڌ کي اشد ضرورت آهي. ٻين زبانن ۾ هن قسم جا احوال اچي رهيا آهن، ۽ مون کي جيئن ته پنهنجي هموطنين جي خدمت جو موقعو مليو آهي، تنهنڪري مناسب سمجهيم ته ڪين بين الاقوامي حالات کان واقف ڪيان. پر جيڪڏهن ڪنهن کي به هنن تحريرن سان دلچسپي آهي ته بلاشڪ اڙدوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪن.

مون کي ڪن لکيو آهي ته توهان بياني احوال لکو ٿا، ڪجهه تنقيدي به لکو. ڏسو سائين، هائي

ٿا لڙائيءَ ۾ وجهن. حقيقت ۾ هر ڪنهن شيءِ لاءِ وقت ۽ جاءِ مقرر ٿيل آهي. توهان ٿورو صبر کان ڪم ورتو ته تنقيدي احوال به لکندس.

توهان کي خبر ناهي يا دل ۾ خيال آهي يا نه، پر مون کي خيال ٿيو ته توهان ضرور دل ۾ چوندا ته اڃا هاڻي مون سڄاولي سيد مان ڦاٿاسون. شروع ته ڪيوسين مگر هاڻي بند ڪيئن ڪريون. هجي ها مختيارڪار، صوبيدار يا ڪو اهڙو پيون ڪامورو ته خوب صفايون ڪريون ها. هجي ها ڪو اسيمبليءَ جو ميمبر يا لوڪل بورڊ لاءِ اميدوار ته خبرون پون ها، ۽ ڏيونس ها پٺي لنگوٽ ”پروڙا“ جي ڪاٺ ۾. پر آءٌ به ٿي پيس ماستر. آهيان به هرويرو جاهل مطلق ڪونه. منهنجو استاد سيد حسام الدين شاهه راشدي آهي. منهنجا سمورا ثواب گناهه سڀ حسام الدين جا. مان سمجهان ٿو ته توهان کي خيال اِيندو هوندو ته اگر مون سيد هيءَ جنگ جاري رکي ته ”الوحيد“ کو ڪونه پڙهندو، ۽ خريدار به ڇڏي ويندا. مگر هي منهنجو وعدو آهي ته سڀني زميندارن ۽ جاگيردارن کان اڳ ڪان پوءِ معافي وٺندس. اسان کي اڃا به منجهن اميد آهي.

مون توهان کي اڳئين خط ۾ آمريڪا جي متمدن ۽ مهذب بدويت بابت لکيو آهي. اُن جو اصلي ڪارڻ اهو آهي ته آمريڪا جي تاريخ فقط ٻه سؤ ڪن سالن جي آهي. حقيقت ۾ اِها تاريخ اڃا به گهٽ

آهي يعني، هڪ سؤ سال! ۽ سؤ سال جنگِ آزاديءَ
کان تقريباً جڏهن انگريزن جي چانهه، کي باسٽن بندر
تي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو هئائون ۽ سؤ سال آمريڪا جي
١٩٦٠ع واريءَ گهرو لڙائيءَ کان. آمريڪا ۾ هزارين
ماڻهو يورپ کان سڪونت لاءِ اچن ٿا، ۽ انهيءَ
ڪري اهي تاريخي گهرايون قوم ۾ نمودار نه ٿيون آهن.

آمريڪا هڪ نوجوان، متمول ۽ ناخلف اولاد مثل
آهي. ملڪيت ۽ دولت جي مستي ۽ نشو، دماغ تي
ڇانيل آهن. هن حالت ۾ علم ۽ فڪر کي ڪابه
جاءِ نه آهي. مثل مشهور آهي ته ”هر نوجوان بيوقوف
آهي، جيسين علم ۽ حياتيءَ جي تجربي کيس بلند نه
بڻايو آهي.“ آمريڪا هنر ۽ فن جو ملڪ آهي، جنهن
فضا ۾ اهي غيرانساني حالتون نمودار ٿين ٿيون. جيئن
اسان جو هڪ ملهه، وارو هجي يا ڪشتي جو پهلوان،
جنهن کان دماغ هميشه لاءِ موڪلائي وڃي ۽ فقط جسماني
طاقت تي مست هجي. آمريڪا ۾ سائنسدان ۽ انجنير
آهن، پر مفڪرن جي شديد قلت آهي. اهو قومي تدبر
نه آهي. اهي صلاحيتون جيڪي قومن ۾ ربط ۽ يڪجهتي
پيدا ڪن، اهي غير موجود آهن. اهي دماغي قوتون
جيڪي علمي ۽ فڪري فضيلتن جو نتيجو آهن، اهي
مفقود آهن، آمريڪا ۾ ماڻهو يا پئسن ڪمائڻ ۾ پورا
آهن، يا عيش ۽ تفريح ۾. مون هتي هڪ يونيورسٽيءَ

جي جرمن پروفيسر کي چيو تہ ”آمريڪا ۾ علم ۽ فڪر جي ڳالهين کي بہ عيش ۽ وندر جي نقطهءِ نظر کان ڏٺو وڃي ٿو.“ بلڪل صحيح آهي. ناز و اسين هڪ مباحثي ۾ وياسون، جتي ڪنفيوشس ۽ افلاطون تي ڳالهيون هيون. ماني کائي ميز تي ويٺاسون. هڪ طرف شهر جو ميئر صاحب، ۽ ٻئي طرف پروفيسر هئا. فڪر کي تمسخر جي حالت ۾ ڏٺوسين. حيراني ٿي، اني تقريباً ١٥٠ کن چڱيءَ حيثيت وارا انسان بہ موجود هئا. اشارتاً هي ڪافي آهي.

آمريڪا هن وقت هڪ عجيب حالت ۾ آهي. هن قوم تي يڪايڪ ۽ اوچتوئي ايڏي جوابداري مڙهي وئي آهي، جنهن جي سنڀالڻ لاءِ وٽس ايترو دماغ نہ آهي. جنهنڪري هي طفلانہ غلطيون ڪري رهيا آهن. باقي سياسي حالتون اهڙي نموني مرتب ٿي رهيون آهن، جن جي سمجهڻ لاءِ نہ ڪين وقت مليو آهي، نہ تجربو آهي ۽ نہ صلاحيت. هتي جيڪي بہ ٿورو گهڻو دماغ رکندڙ انسان آهن، اُهي من مستيءَ تي حيران آهن. قومي امور عجيب حالتون اختيار ڪري رهيا آهن. ڪميونزم جي ڀوت آمريڪا کي ارڪانن مان ڪڍي ڇڏيو آهي! حيرت ٿي ٿئي. حقيقت ۾ اِهي ڪمزوريون انهن قومن جون آهن، جن کي تاريخ، علم ۽ فڪر جي مدد نہ آهي ۽ هر ڪم هڪ هيجان ۽ مستيءَ ۾ ڪن ٿيون. ۽ پوءِ رکي ”اڙي ني

Soorih Mirani

مرين. هن مسئلي کي سمجهڻ لاءِ آءٌ توهان جي
پڙهندڙن کي ١٩١٤ع واري لڙائيءَ ڏانهن وٺي ويندس.
اسان کي خبر آهي تہ ١٩١٤ع واريءَ لڙائيءَ ۾
هڪ طرف انگريز، فرينچ، اٽلي ۽ پوءِ آمريڪا،
۽ ٻئي طرف جرمني، آسٽريا ۽ ترڪي هئا. بعد ۾ جپان
انگريزن جو پاسو ورتو. جنگ جي آخر ۾ رشيا جون
حالتون بدليون ۽ انقلاب ۾ زار نڪولس ۽ سندس خاندان
کي بولشويڪن ختم ڪيو، ۽ لينن هڪ نئون نظام
قائم ڪيو. آخر ۾ جرمني ۽ سندس دوستن کي شڪست
آئي ۽ پئرس ۾ کٽيندڙ قومن جي ليڊرن جي ڪانفرنس
ٿي. ڪانفرنس ۾ پهريون نمبر فرانس جو ڪليمينسو
هو جنهن کي "چيتو" سڏيو ٿي ويو، ٻيون لائڊجارج
۽ ٽيون آرلنڊو اٽليءَ جو. آمريڪا جي پريزيڊنٽ
وڊرو ولسن کي ڪانفرنس جو صدر تہ بڻايو ويو،
مگر ويچاري جي ڳالهہ ڪنهن بہ نہ ٿي ٻڌي. ويچاري
جو دماغ ڪليمينسو ۽ لائڊ جارج خراب ڪري وڌو.
ليگ آف نيشنز جينوا ۾ ٺاهي وئي، مگر ولسن جا سڀ
نظام بابت اصول قتل ڪيا ويا. خير ولسن مايوس،
دلشڪستو ۽ بدنام ٿي امريڪا موٽيو، جتي سندس قوم
کيس رسوا ڪيو ۽ ويچارو دل ٽٽي ڪري مري ويو.
ان کان پوءِ ڪليمينسو ۽ لائڊ جارج دنيا کي ورهائڻ
ويٺا: جهان کي ڪافي خوش ڪيائون، جنهن جو نتيجو
٢٥ سالن کان پوءِ ڀوڳيائون. آرلنڊو ڪانفرنس ۾
اوچنگارون ڏئي رئندو رهيو، ۽ ڪليمينسو سالس اهڙي

روش اختيار ڪئي جا هڪ فقير يا رنڊڙ ٻار سان ڪجي.
ٻي وڏي لڙائي ١٩٣٩ع ۾ لڳي. هنن ٻنهي جنگين
جي وچ ۾ بين الاقوامي حالتن عجيب ڦيرو ڪاڌو؛ جرمني
وري اڀري؛ اٽليءَ ۽ جرمنيءَ ۾ ربط پيدا ٿيو؛ ۽ جپان
سان تعلقات گهاٽا ٿيا. فرانس بداخلاقي ۽ هرقسم جي
خرابيءَ جو شڪار ٿيندو لڳو. انگريزن پنهنجي طاقت کي
ڪمزور ڏٺو، ۽ ترڪيءَ ۾ خلافت اڳ ئي ختم ٿي چڪي
هئي، جتي مصطفيٰ ڪمال، پنهنجو رنگ رچايو هو.
رشيا ۾ عجيب طاقت نمودار ٿي، ۽ آمريڪا اِنهيءَ وهم
۾ ڪمان ۾ هو ته ٻري آهي، اِنگريز ٻرائي دنيا جي
معاملن کان پري رهڻ لڳو. مگر حقيقت ۾ هن سموري
عرصي ۾ فقط ٻن ملڪن جي طاقت ۾ واڌارو ٿيو: هڪ
رشيا ۽ ٻيون آمريڪا جو. رشيا يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا
۾ خوب ٻهرو ورتو؛ ۽ آمريڪا اِن جي برخلاف هميشه
ٻري رهيو. خير، ٻي جنگ آئي ۽ دنيا جي ڏار ڏار
قومن هڪٻئي کي ڳلي ۾ هٿ وڌا. ليگ آف نيشنز، بڪ
۽ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي، خاموشيءَ سان انتقال ڪيو
۽ دفن ڪئي وئي، ايتريقدر جو شايد "جنيوا محلات"
کان سواءِ ڪبه تاريخ به ياد نه ڪندي. جنگ جي
دوران ۾ رشيا ۽ آمريڪا عجيب حالتن ۾ هڪ طرف
رهيا ۽ هن زماني ۾ رشيا جي طاقت جو رعب، ۽ اثر
انگريزن ۽ آمريڪا تي ويهجي ويو. جرمني، اٽلي
۽ جپان شڪست کائي ويا، ۽ هنن قومن لاءِ رشيا
هڪ نئون دشمن پيدا ٿيو. جپان شڪست کائڻ ۽

ٿي موقعي جي انتظار ۾ رهڻ لڳو. فرانس ذلت ۾ ڪِريو، ۽ انگريزن هن حالت مان خوب فائدو ورتو. هن جو پوءِ ذڪر ڪنداسين.

جنگ ختم ٿيڻ شرط، اهي جنگ ۾ دشمن جي مقابلي وارا دوست يعني رشيا ۽ آمريڪا هڪٻئي کي گارين ڏيڻ ۾ شروع ٿي ويا. خير، آءٌ رشيا ۾ ڪونه ويو آهيان، ۽ حالتن جو علم خدا کي، مگر هتي جو ذڪر ٻڌو.

("الوحيد"، ٣ - اپريل، ١٩٥٣ع.)

(٧)

آهستي آهستي هنن ۾ سياسي، اقتصادي ۽ فوجي لحاظ کان مادو وڌندو رهيو. رشيا پنهنجي چوڌاري لوهه جو پردو لڳايو، ۽ آمريڪا پنهنجا اميگريشن ۽ نيچر لائيزيشن قانون سخت ڪيا. آمريڪا ۾ هڪ ٻي تحريڪ شروع ٿي. ڇو ته ائٽم بم پهريائين آمريڪا ايجاد ڪيو، انڪري انهيءَ جي علم کي پاڻ وٽ بخيل وانگر رکيائين. اهو علم انگريزن کي به نه رهيو. جيتوڻيڪ ابتدائي ڪاميابي ائٽامڪ فشن ۾ انگريزن کي حاصل ٿي هئي، مگر نئين ملڪ ۽ پئسي نه هئڻ ڪري ڪامياب نه ٿي سگهيا. آمريڪا وٽ هنر، فن ۽ پئسو هو، ۽ ائٽم بم تيار ڪيائين، جنهن جو نزلو پهرياڻين جپان تي ڪيرايو، ۽ جهان پيش پيو. خبر، اهو ائٽم بم جو علم هاڻي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته رشيا وٽ به آهي، ۽ انگريز به ڪامياب ٿيا آهن.

آمريڪا جي باشندن ۽ حڪومت کي هاڻي وڏا خطرا نظر اچڻ لڳا. آمريڪا بلڪل بيخبريءَ ۾ پاڻ کي فوجي، فني ۽ پئسي جو مالڪ ڏٺو مگر ملڪ اندر کي ڪمزوريون به هيون جن جو ذڪر پوءِ ڪنداسون، هي ڪمزوريون ڪيترن ئي قسمن جون

هيون. في الحال جيڪي ٻه ڪمزوريون اسان کي نظر
اچن ٿيون، اسين انهن جي وجود کي تسليم ڪندا سون.

اجهو هي رشيا جو خوف ۽ ڪميونزم جو ڀؤ، جو هن هند تائين پهتو آهي، ۽ ڪين ڪميونزم جون چڱايون ٻه برايون ٿيون لڳن. هڪ عام فهم چڱي ڳالهه، جا ڪميونسٽ ڪن ٿا، سا انهن کي نه ڪرڻ گهرجي. پاليسي، فڪر عمل، امور جي اصليت ۽ حالت تي نه، بلڪ ڪميونزم جي اختيار ڪيل طريقي تي ضد ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ فضا، آمريڪا ۾ عجيب حالت پيدا ڪئي آهي. بچاءَ ۽ تحفظ جي نالي ۾ تاريخ شاهد آهي ته حڪومتن، خبر نه آهي ته ڇا ڇا نه ڪيو آهي.

هن حالت ۾ آمريڪا جي تعليم يافته ۽ ڪجهه فڪر رکندڙ طبقي، دنيا جي تاريخ مان سبق وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. قومن جي ترقي ۽ تنزل جا سبب ۽ جنگ ۽ امن جا سبق هاڻي پڙهيا ۽ سمجهيا وڃن ٿا. تعليم يافته طبقو سياستدانن جي حرڪتن کي عجيب نموني سان ڏسي رهيو آهي ۽ هڪ خاص تحريڪ نمودار ٿي رهي آهي.

آمريڪا جي قانون ساز مجلس ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: هڪ سينيٽ ۽ ٻي عيوضين جي مجلس. ٻنهي کي گڏي ڪانگريس چيو ويندو آهي. ڪانگريس جي هڪ ڪميٽي مقرر ڪيل آهي، جنهن ي 'غير آمريڪي ڪارروائين ۽ حرڪتن جي تفتيش ڪاميٽي' سڏيو ويندو آهي. هيءَ ڪاميٽي خاص طرح ملڪ ۾ ڪميونزم

Soorih Mirani

۽ ڪميونسٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. هن ڪميٽيءَ جي ڪارروائين ملڪ ۾ ڪافي ڇوهُولو پيدا ڪيو آهي. هر آمريڪي ڪميونزم جي خلاف خيال رکندڙ آهي، مگر ڪي ٿورڙا هن قسم جي ڪارروائين کي چڱي خيال سان ٿا ڏسن. تازو ڪيترين اخبارن لکيو ته چڱو ٿيندو، ته ملڪ جي سياستدانن ۽ خاص طرح قانون ساز جي عيوضين لاءِ ڪاليج کوليا وڃن، جتي سياستدانن ۽ عيوضين کي سياسي، اخلاقي، اقتصادي، قانوني، ۽ بين الاقوامي حالات کي سمجهڻ لاءِ تعليم ڏني وڃي ته پنهنجي ذميدارين ۽ جوابدارين کان بخوبي واقف ٿين. مون کي اِهو پڙهي کل آئي، ۽ سنڌ دل ني تري آئي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو سنڌ ۾ به هڪ ڪاليج سنڌ جي اسيمبلي ۽ لوڪلبورڊ ميمبرن لاءِ شيخ عبدالمجيد ۽ بروهي صاحب جي نگرانيءَ ۾ کوليو وڃي ته شايد حالتون سڌري پون. هن ڪاليج جي نصاب ۾ اسان جي لکيل ڪتاب ”گڏهه“ کي ضرور شامل ڪجي، منهنجو دوست ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڙهائڻ لاءِ موزون ٿيندو. سيد علي محمد شاهه راشديءَ جا ليڪچر هجن، ۽ ان سان گڏ ١٠ ۽ ١٥ منٽ چڪي هلائڻ به لازمي قرار ڏني وڃي. مون کي يقين آهي ته هن قسم جي پارٽي بازي کان پري، ڪاليج ۾ ملڪ جي ڪافي بهتريءَ جي اميد رکي سگهجي ٿي. ٻيو اثر ته لوڪلبورڊ جون چونڊون به رکيون ويون آهن ۽ ممڪن آهي ته

اسيمبليءَ جون چونڊيون بہ جلد ٿيڻ وارن اچن. خدا خير ڪري! سنڌ جي تندرست بدن ۾ خبر نہ آهي تہ ڪهڙا ڪهڙا مرض پيدا ٿيندا. خدا اسان جي بزرگن کي ساڃهہ ڏئي.

آمريڪا ۾ اسٽالن جي مرڻ تي جيڪا خوشي ٿي آهي کي ڏسي حيرت وٺي ويئي. دنيا جي قومن جون دشمنيون خبر نہ آهي تہ ڪهڙيءَ حد کي پهچي چڪيون آهن. اگر هيءَ رفتار رهي تہ پوءِ هي انسان، خدا جي هن بنايل گولي کي خبر نہ آهي تہ ڪهڙي حال ۾ ڇڏيندو. آخري انسان جي فنا ٿيڻ تي هيءَ زمين ٽڙو ساهہ پريندي.

اسٽالن تازو مئو آهي، انڪري وڌيڪ اڃا لکي نٿو سگهان. زياده يورپ جي سير ڪان پوءِ ڪميونزم ۽ اُن جي ڪارروائين تي لکندس. باقي اسٽالن جي مرڻ تي مون کي حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ ملحد واري گفتگو ياد آئي. اسٽالن جو خدا ۾ اعتماد نہ هو، هاڻي جڏهن باري تعاليٰ جي اڳيان ويو هوندو، تہ خبر نہ آهي تہ مٿس ڇا گذريو هوندو! يقيناً اسٽالن، جو هن دنيا ۾ ملحدن جو بادشاهہ هو ۽ هينئر سندس اکيون تيزيءَ سان ڦرنديون هونديون

اڄ سياڻي اگاري ڏينهن، ٢٥- تاريخ مارچ جي، هڪ وڏي دوري تي نڪري رهيو آهيان. هيڏانهن اچڻ وقت منهنجي دوست مسٽر ڪرڪ ووڊ، ڪئناڊا جي هاءِ ڪمشنر، مون کي ڪئناڊا وڃڻ جي دعوت ڏني هئي. ٽورا ڏينهن ٿيندا تہ سندس ڪراچيءَ ڪان

خط آيو آهي، جنهن ۾ ڪئناڊا جي رٿيل پروگرام جو ذڪر ڪيو آئس.

اڄ هتان ٢٥- تاريخ نڪرندس ۽ سنسناٽي، شڪاگو ۽ ڊٽرائيٽ کان ٿيندو، ونڊسر وٽان ڪئناڊا ۾ داخل ٿيندس. ڪئناڊا ۾ مئڪ ماسٽر يونيورسٽي، هئملٽن يونيورسٽي، ٽارنٽو يونيورسٽي مئگل يونيورسٽي ۽ پوءِ مانٽريل ويندس. واپسيءَ ۾ چند ڏينهن اوٽاوا ۾ گذاريندس، جتي گورنمنٽ جي طرفان پروگرام رٿيل آهي. موٽندي دنيا جو مشهور نايا گرا آبشار ڏسندس. بعليو وٽان واپس آمريڪا ۾ داخل ٿيندس. هتان ڪارنيل يونيورسٽي ويندس، جتان دعوت مليل آهي. تنهن کان پوءِ نيويارڪ ۾ چند ڏيهن گذاري، واشنگٽن مان ٿيندو لوئيوائل پهچندس. تقريباً ٽن هفتن جو سفر آهي. واشنگٽن مان خانصاحب شيخ محمد اسلم جي پاران، ڪرنل شيخ وٽان دعوت آيل آهي. اميد ته وٽس رهندس. واٽ تان لکڻ جي ڪوشش ڪندس، پر جي نه لکي سگهيس ته معاف ڪندا.

("الوحيد"، ٩- اپريل، ١٩٥٢ع)

(٨)

سائين منهنجا، حقيقت هيءَ آهي ته گهمڻ ۾ ڏاڍو مزو آهي ۽ خاص طرح اُن وقت، جڏهن پئسا ڪو ٻيون خرچي! آءٌ ان جي وڌيڪ تشريح نه ڪندس، ۽ ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا.

سفر ڪرڻ ۾ وڏو سبق آهي، خاص طرح جنهن نموني ۾ مون کي موقعو مليو آهي. مون درويش ۽ غريب ماستر لاءِ خدا جي اها وڏي مهرباني آهي، نه ته اسان کي دنيا ۾ سواءِ گارين، بزرگن جي بيتوجهي، عوام جي لاپرواهي ۽ توهان جي ظلم جي، ٻيو نصيب ئي ڇا ٿو ٿئي. هن سڄي دوري ۾ تعليمي دنيا وڏا درسگاهه ڏسي مون کي سنڌ مسلم ڪاليج ۽ سنڌ يونيورسٽي ياد آيا آهن. مون توهان کي ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي يونيورسٽين جي وائس چانسيلرن جي ائسوسئيشن جو بيان ترجمو ڪري موڪليو آهي، جو اُميد ته مليو هوندو. اهو ترجمو مون توهان کي نيويارڪ مان موڪليو آهي، ۽ هيءُ خط به واڻ تي واشنگٽن مان لکان ٿو. هت سنڌ مسلم ڪاليج ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ياد آئي، ۽ سنڌ جي مستقبل بابت ڪجهه خيال پيو، تنهنڪري مٿيون سٽون لکيون اٿم.

هتان جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ڪي ڏسي، ۽ آن سان ڪڏوڪڏ حڪومت ۽ قوم جي تعليم سان دلچسپي ڏسي، اهو خيال پيدا ٿيو ته هي تعليمي رحمتون ۽ برڪتون اسان کي ڪڏهن نصيب ٿينديون!
ان جو هيءُ جواب سمجهيو اٿم ته جڏهن اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ تعليم کي سياست تي سبقت ڏينداسون، تڏهن ئي اسان جا بزرگ عوام جي تعليمي خدمتن کي، اسيمبليءَ جي ميمبري کان بهتر ۽ اعليٰ خدمت سمجهندا. هن مان منهنجو مطلب آهي ته جڏهن سياست جو مجنونانه غلبو گهٽبو تڏهن قومي ترقيءَ جي راز جي پروڙ پوندي.

سياست هڪ مرض آهي، ۽ خاص طرح سنڌ جي سياست ته وري هڪ مهلڪ مرض آهي. جن قومن جي حيات ۽ تاريخ ۾ سياست کي قومي زندگيءَ جي بلندي قرار ڏنو ويو آهي، اُهن جو هلاڪ ٿيڻ فطري آهي. سياست سان دلچسپي ئي ڪهاڻي آهي. توهان کي پڪ حيرت ٿيندي ته خليق عالم، قوم سان همدردي رکندڙ انسان، خاموش ڪم ڪندڙ ۽ انساني درد رکندڙ انسان، هنن ملڪن ۾ سياست سان ڪابه عملي دلچسپي نٿا رکن. هنن کي يقين آهي ته قومي حياتيءَ ۾ سياسي غلبو قوم جي تنزل جو باعث آهي. مون سوين ماڻهو ڏٺا آهن، جن کي سواءِ ٿوريءَ جاگرافي حدڪان ٻاهر ڪوبه ڪونه سڃاڻي، مگر اُنهن جي خدمتن ۽ واقعن کين سمجهدار طبقن ۾ گهڻي ۾ گهڻو ممتاز بنايو آهي. هو ويچارا فقيرن وانگر اوناڻي، پنهنجي ۽ قوم جي خدمت ۾ حياتي

بسر ڪن ٿا. سياسي مجلسن جي ميمبريءَ جو هنن کي خيال به نه آهي، هو سمجهن ٿا ته تعليمي، اخلاقي، اقتصادي ۽ ادبي خدمتون ديرپا ۽ بقادار آهن. سياست هڪ ڏيک ويک جي دنيا آهي. جنهن ۾ سيڪو شان ۽ رعب جو شڪار آهي. حقيقت ۾ قومن جي ترقي ۽ بلنديءَ جو سبب اُهي خاموش ڪم ڪندڙ، دل ۽ دماغ رکندڙ ۽ مستقبل تي سوچيندڙ انسان آهن، جن کي سواءِ چند مالهن جي پيون ڪوبه نه سڃاڻي. مگر جن جي اُنهن خدمت ڪئي آهي، تن کان هو ڪڏهن به وسري نٿا سگهن. ڇيو وڃي ٿو ته تاريخ چورن، رهزنن، ظالمن ۽ سياستدانن کي ياد ڪري ٿي. اهوڪي زماني ۾، تاريخ تمام ذلت کي پهتل آهي، ۽ خاص طرح اسان جي ملڪ ۾ سياسي تاريخ بداخلاقيءَ جو سبق آهي. اصلي ابدي ۽ ڪارآمد خدمتون اُنهن انسانن جون آهن، جن کي تاريخ اڄ ياد به نٿي ڪري. توهين پڌائيندا ته اڄ ڪيترا مالهو مرحوم مولانا عبيدالله سنڌي صاحب، مرحوم نورمحمد ۽ مرحوم حسن عليءَ کي ياد ڪن ٿا؟ سياستدانن جي ياد ۾ قومي خدمتن جي روح جو موت آهي. اسان وٽ لوڪلبورڊ جي ميمبري يا اسيمبليءَ جي ميمبري يا وزارت کي خدمت جي انتها سمجهي ويندي آهي، ۽ جيڪي خدمتون ٽين پيون، ۽ ٿيون آهن، تن جو ذڪر ڪرڻ خاص طرح توهان وٽ فضول ٿيندو.

ڇا اسان جو ملڪ ذلت جي اِنهيءَ حد کي پهتو آهي، جو خاموش مگر ٺوس ڪم ڪندڙن لاءِ ڪو تعريف جو لفظ به نٿو نڪري. اسان پڙدي پڙدي ٽڪجي پيا آهيون، ته نوجوان مستقبل جا سردار آهن، مگر جن جي زبان مان اِهي لفظ نڪرن ٿا، اُنهن کان اِهو ته پڇو ته اُنهن نوجوانن جي خراب ڪرڻ ۾ ڪيترو حصو ورتو آهي.

مون کي هت سچا ۽ ٺوس انسان ڏسي سنڌ يونيورسٽي، ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ياد آيا. آءٌ پنهنجي بزرگن کان پڇندس ته سائين منهنجا، توهان سنڌ يونيورسٽي بل پاس ڪرڻ کان پوءِ ڇا ڪيو آهي. سنڌ يونيورسٽي هن وقت بنان ڪنهن به قومي ۽ سياسي مدد جي هلي رهي آهي. ڇا سنڌ يونيورسٽيءَ کي سنڌ جا مخلص، خليق ۽ خاموش ڪم ڪندڙ انسان ڪونه ملندا؟ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪم تي اسان کي فخر ڪرڻ گهرجي. اڄ اسان جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسان جي سنڌ جو بهترين طبقو ڪم ڪري رهيو آهي. محترم قاضي صاحب جي اثر هيٺ، اسان جي سنڌ جا بهترين جوان ڪم ڪري رهيا آهن. مون کي جڏهن خبر ملي ته قاضي صاحب وٽ ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، قاضي نبي بخش، سيد جميل واسطي ۽ قاضي مرتضيٰ ڪم ڪري رهيا آهن، تڏهن دل ۾ سوچيم ته اسين سنڌ جي بزرگن کان پڇون ته هنن کان وڌيڪ علم رکندڙ باقي ٻاهر گهٽا رهيا آهن؟ هو

ويچارا رات ڏينهن سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تدريسي حياتيءَ ۾ مصروف آهن، مگر سنڌ جي سردارن هنن کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي هن بيحسي ۽ لاآبالي اسان کي وڏو نقصان رسايو آهي. مون کي پاڪستان جي سڀني يونيورسٽين جو علم آهي، ۽ انهن جي سڀني ڪارڪنن کي سڃاڻان. مگر مان بلامبالغي چئي سگهان ٿو ته ٿوري ڪم ڪندڙ فقط سنڌ يونيورسٽي ۾ رهيا آهن. مگر سنڌ يونيورسٽي سنڌ جي بيحس بزرگن جي سستيءَ جو شڪار آهي. اسان کي اڃا به اهو احساس نه ٿيو آهي ته تعليم مان دلچسپيءَ کان سواءِ، اسين ڪنهن به ڪم جا نه آهيون. ڪاش! اسان جا بزرگ سياسي انهماڪ کان بچي، پنهنجي قرباني، جوش ۽ خروش سان تعليم جي خدمت ڪن. مون کي يقين آهي ته اسان جون سياسي مجلسون ڪيترو به غور ۽ فڪر ڪندڙ هجن، مگر يونيورسٽيءَ جي ترقي، بلندي ۽ ان جي مؤثر هئڻ کان سواءِ سنڌ جي باعزت رهڻ ۽ ان جي ترقي ۽ عروج جو پيون ڪوبه چارهو ڪونه آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي کان سواءِ سنڌ جو مستقبل، مايوس ڪُن آهي. اسين نه پنهنجي خدمت ڪري سگهنداسون، ۽ نه پاڪستان جي تعليمي سرگرمين ۾ ئي حصو وٺي سگهنداسون. خيالي طرح اسين هن ڳالهه جو اعتراف ڪريون ٿا، مگر عملي طرح اسان ڏک وڪ به نٿا پريون، جا اسان جي اخلاص جو هڪ کليو ثبوت آهي.

آمريڪا ۽ يورپ جي ترقيءَ جو راز هن ۾ آهي ته سياست کان ٻاهر رهندڙ انسان کي سياستدانن کان وڌيڪ مقبول ۽ عزت وارو سمجهيو وڃي ٿو. قوم اڃا به مفڪرن کي ڀڏي ٿي. اخلاقي رهبري ۽ خدمت جو معيار سياستدانن جي حوالي نه آهي. قوم جو فڪر سياستدانن کي نه ڏنو ويو آهي. سياستدانن جون لپاڙون، هتان جي اهليت ۽ سچائيءَ کي نظرانداز نٿيون ڪري سگهن. مفڪرن، عالمن ۽ استادن کي قوم جي اخلاقي ۽ علمي، صحيح ۽ حقيقي رهنمائي نصيب آهي. اڄوڪيءَ سياست ۾ هڪ سياستدان کي باعزت رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي. سياستدان جي مهارت ڪارين ڪائڻ ۽ ڏيڻ ۾ رهي آهي.

مون کي هت ماڻهن جي قربانين کي ڏسي حيرت وٺي آهي. هزارها ملڪيتون وقف آهن، ۽ هر هڪ وقف ملڪيت ۾ ڪروڙها پيسا آهن. هزارن استادن، شاگردن، عالمن ۽ سائنسدانن کي علم، تعليمي ۽ فني ڳالهين جي کوجنائن لاءِ امدادون ملن ٿيون. آءٌ به هڪ وقف جي مدد سان هت آيو آهيان. جنهن نموني هنن وقفن جو نظام ۽ خرچ هلي ٿو، اهو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. ڪن ماڻهن مرڻ کان پوءِ وقف ڇڏيا آهن، ته ڪن حياتيءَ ۾ وقف بنايا آهن. آمريڪي وقفَ دنيا ۾ وڏو ڪم ڪري رهيا آهن. اسان جا ماڻهو اولاد لاءِ ملڪيتون گڏ ڪرڻ ۾ پورا آهن. ۽ ملڪيت خدا جي وس آهي جنهن کي هو نصيب ڪري!

مون کي نہ ھڪ بہ مثال ياد نہ آھي تہ ڪنھن ھڪ بہ نوجوان والدين جي انتقال کان پوءِ. ڇڏيل ملڪيت مان ڪو جائز فائدو ورتو ھجي. اڇو تہ توھان کي ھڪ مزيدار ڳالھہ ٻڌايان. امريڪا جا وفف پاڪستان ۽ ھندستان جي ساليانيءَ بجيٽ کان بہ وڏيڪ آھن. اِھا آھي قوم جي فردن جي خدمت! حڪومت جيڪي ڪري ٿي سو اھا جدا آھي.

انڌن، گونگن، لولن، ٻوڙن، بيواھن، ھيڻن، جنگين ۾ زخميلن ۽ ٻارن لاءِ جيڪي يونيورسٽين کان سواءِ اِدارہ مقرر ڪيل آھن سي ھڪ نہ ٻہ، مگر ھر ھنڌ ۾ ھزارن جي تعداد ۾ آھن. شاھوڪار پنھنجي شاھوڪاري قوم جي بدولت سمجھن ٿا، ۽ ھنن وقفن کي قائم ڪرڻ سان ھو قوم جا منت گذار آھن.

آمريڪا ڪم ڪندڙن جو ملڪ آھي، توھان کي ڪوبہ عادتي بيڪار ڪونہ ملندو. توھان کي ڪوبہ اھڙو مزور يا ڪاريگر يا اُستاد ڪونہ ملندو، جيڪو وقت تي ازخود ڪم نہ ڪندو ھجي ۽ اھو ڪم وقت تي بغا. نہ ڪندو ھجي. توھان کي ڪوبہ اھڙو ڪم ڪندڙ نہ ملندو، جو بيجا ۽ خواہ مخواہ موڪل وٺڻ ۽ ڪم نہ ڪرڻ جي خيال ۾ ھجي. ھنن انسانن زندگيءَ جي عملي حالتن کي چڱيءَ طرح پروڙيو آھي. جفاڪشي توھان کي غريب ۽ شاھوڪار ۾ يڪسان ملندي. آمريڪا جي ترقي ۽ بلندي آتان جي ماڻھن جي جفاڪشي، محنت ۽ اخلاص جو نتيجو آھي.

هتان جي دنيا ۾ اچي توهان ڏسندا ته ڪوبه ڪم دورانديشيءَ جي نظر کان خالي نه آهي. هر هڪ ڪم کي سؤ يا ٻن سون سالن جي عرصي جي نقطهءِ نظر کان ڪيو ويو آهي، ۽ ڪوبه ڪم عارضي طرح نه ٿو ڪيو وڃي. ريل، گاڏيءَ جو ٺاهڻ، جاءِ جو ٺاهڻ، درسگاهه، لئبرريءَ ۽ ميوزم جي قائم ڪرڻ ۾ مٿئين اصول کي پيش نظر رکيو وڃي ٿو. ناڪاميابيون ڪڏهن به خيال ۾ نٿيون اچن. مستقبل کي ڪاميابيءَ جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. ناڪاميابي اگر منهن ڪڍي به ٿي، ته به اُن کي ڪاميابيءَ لاءِ منهن ڏنو وڃي ٿو ۽ حل ڪيو وڃي ٿو. هن ملڪ جي اُمور ۽ اشياءَ جو بنياد مستقبل جي حالتن ۽ ضرورتن تي رکيو وڃي ٿو. اهڙي ملڪ ۽ قوم کي ڀلا ڇو نه ترقي ۽ عروج حاصل ٿئي! جن انسانن جي نظر تنگ جي تنگيءَ کان پري نٿي وڃي، اُنهن مان قومي ترقيءَ جي ڇا اُميد رکي سگهجي ٿي! آمريڪا جي ترقي ۽ بلنديءَ جو راز اِن ۾ به آهي ته قومي امور ذاتيات کان دور رکيا وڃن ٿا. هڪ قلندر شرابي، هڪ رهزن چور، هڪ زبردست خود غرض سياستدان، هڪ وڏو سٽوڙي ۽ رت چوسيندڙ واپاري، ڪنهن طرح به ذاتي فائدي جي اثر هيٺ يا جنون ۾ قومي ترقي ۽ نظام ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ نه گهرندو. قوم جي ڳالهه ۾ هو ذاتي مستانگي ۽ جنون ۾ به قرباني ڪندو.

بلند نظري توهان کي هٽ هر انسان جي فعل ۽ عمل
۾ ملندي.

آمريڪا بلڪل شاهوڪار ملڪ آهي. هڪ معمولي
مزور يا ڪلارڪ، مرد خواه عورت، ڏيڍ هزار يا
ٻه هزار رپيا مهيني ۾ ڪمائي ٿو. هن ملڪ ۾ فضول
خرچي ۽ افراط زر به ڏاڍو آهي. مون کي پنهنجي بزرگ
اُستاد پروفيسر حبيب جا آمريڪا متعلق لفظ ياد ٿا
اچن، آمريڪا جهڙو فضول خرچ ۽ آن سان گڏ
انتظامي برجستگيءَ وارو ملڪ دنيا ۾ اصل نه ملندو.
پئسو ملڪ ۾ ايڏو ٻوڙي ٿو ۽ اچي ٿو، جو انسان
خرچ ڪرڻ ۾ حيران آهن. توهان کي آمريڪا ۾
جنهن حد تائين شاهوڪاري ملندي، بلڪل آنهيءَ
حد تائين بالفضولي به ملندي. هن ملڪ ۾ بخل جو
نالوئي ڪونهي. مثلاً اگر هڪ شئي کي ڦٽائي پوءِ
ٺاهڻ يا ٺهرائڻ کان ٻري آهي! ته آها خراب ٿي ۽
ڇٽي، ۽ وري نئين! انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته
ٻهرين شين جو ٺهرائي هلائڻ زياده خرچ ۾ وجهي ٿو
۽ نئين شئي سستي ۽ سولي آهي. روزمره جي مشين
جيڪڏهن ڪافي کان زياده خراب ٿي، ته اُڇلائي وجي
ٿي. ڪيترائيون شيون اهڙيون ته سستيون ٿهن ٿيون جي
اگر مفت ورهايون وڃن، تڏهين به ڪارخانن کي نقصان
ڪونه ٿيندو، آءٌ توهان کي هڪ مثال ٿو ٻڌايان. جن چيزن
مان ڪاغذن جون شيون ۽ ڪاغذ ناهيو وڃي ٿو، تن جو ڪجهه اهڙو

حصو بيڪار بچي ٿو جنهن مان ڪاغذ ٺهي نٿو سگهي، نه
اهو اڇلائڻ جي قابل ٿيو پوي. مگر آن کي اڇلايو
نٿو وڃي، بلڪ آن کي هڪ ٻئي نموني ۾ ڪارخانن
جي حوالي ڪيو وڃي ٿو، آن مان هٿن صاف ڪرڻ
جا ڪاغذ ٺاهيا وڃن ٿا. اهي نهايت ئي سستا پون ٿا.
هوٽلن ۾ ٽوالن رکڻ جي بجاءِ انهن ڪاغذن کي ڪم آندو
وڃي ٿو. بس، هٿن صفا ڪرڻ کان پوءِ اهو ڪاغذ
خراب ٿي وڃي ٿو. هن مان ٻيا فائدا ٿين ٿا: هڪ
ته سنڀالي رکڻ ۾ تڪليف نٿي ٿئي، ۽ ٻيون ٽوالن وانگر
صفا ڪرڻ ۽ ڌوئڻ جي ضرورت نٿي پوي. اهڙيءَ طرح
پلاسٽڪ جون شيون ٺهن ٿيون، هڪ ڪارخانو ڪا
چيز تيار ڪري ٿو، ۽ اُن چيز جي تيار ڪرڻ ۾ جو
بيڪار حصو بچي ٿو، آن مان وري ٻي ڪا سستي
شئي ٺاهي وڃي ٿي. ڪارخانيدارن جو عين نفعو نه
ٻهرين شئي مان نڪتو، ۽ باقي جي شيون ٺاهيون
وڃن، اهي سستيون وڪيون وڃن. اهڙيءَ طرح
هڪ ڪارخانو ڪيترن ئي شين جي ٺاهڻ ۾ رڌل آهي.
ڪيتريون ڪارآمد چيزون اِنهن بيڪار شين مان
ٺاهيون وڃن ٿيون. توهان گلاس مان پاڻي پيي اهو
اڇلائي ڇڏيو، تنهن جي معني نه ڪانچ جي گلاس
جي ضرورت نه رهي آهي. آمريڪا ۾ هر دم پئسي
کي وڌايو وڃي ٿو، ۽ هن ۾ غريب ۽ امير پيٽي
ڪوشش وٺندڙ آهن. هزار ها ماڻهو هميشه نيـن شين

جو استعمال ڪندا آهن. جڏهن ضرورت کان زياده اَن کي ڪم آندو اهي ويندو تہ پوءِ اُن جي عوض وري ٻي نئين شئي .

هي احوال توهان کي واشنگٽن مان لکي رهيو آهيان، جتي ڪرنل محمد عالم شيخ جو مهمان آهيان. ڪرنل شيخ، شيخ محمد اسلم حيدرآبادي واري جو ڀاءُ آهي، ۽ هتي مليٽري اٽئچي آهي. مان ٻنهي مبالغي ڇوان ٿو تہ ڪرنل شيخ سان ملڻ ۽ وٽس رهڻ ڪري، سنڌ جي ياد تازي ٿي آهي. سندس مهمان نوازي تعريف جي لائق آهي، ۽ سندس در هر سنڌيءَ لاءِ کليل آهي. سندس رهائش ۽ دريا دلي ڏسي، مون کي حيرت وٺي ويئي. هي اُنهن شخصن مان آهي، جن کي آمريڪا جي هوا ۽ خوشين، زندگيءَ جي معيار کان اصل دور نہ ڪيو آهي! ڪرنل شيخ تي اسان کي ناز آهي. جهڙيءَ طرح هو پنهنجي اولاد جي تربيت ڪري رهيو آهي، سا اسان ٻاهرين ملڪن ۾ ويندڙ سنڌين لاءِ هڪ مثال جي حيثيت رکي ٿي. سندن نشست برخاست ۽ خيالات کي ڏسي مون کي هن ملڪ ۾ ڏاڍي خوشي ٿي. سندس مقابلي ۾ ٻيا ذليل زندگي بسر ڪن ٿا. شيخ صاحب کي مبارڪ هجي، خدا شل ٻاهر ويندڙ سنڌين کي شيخ صاحب جو مثال نصيب ڪري!

توهان جا پڙهندڙ منهنجي هن نموني لکڻ تي ضرور تنگ ٿيا هوندا. ممڪن آهي ڪيترا ڪن

دلچسپ ڳالهيون لاءِ گهُر ڪن. سو ائنداز خطن ۾ مان توهان کي نيويارڪ ۽ واشنگٽن جو سير ڪرائيندس. شاگردن ۽ نوجوانن جي حالات متعلق لکندس ۽ راندين ۽ خوشين جو ذڪر ڪندس. معاف ڪجو احوال ڪافي آهي، ۽ هاڻي توهان کي جلدي جلدي ٻيو لکندس.

("الوحيد"، ٢٥ - اپريل، ١٩٥٣ع)

آءٌ ڪالهه ١٣ - اپريل ١٩٠٣ع جي واپس هت آيو آهيان، ۽ اڄ توهان کي هيءُ خط لکي رهيو آهيان. واشنگٽن ۾ تازو آيل اٽڪل ڏهن ڏينهن کن جون پراڻيون "ڊان" اخبارون ڏٺم. توهان وٽ ڪافي آدم ۽ ڏمچر مٿل آهي. مون کي پڙهي ڊپ وٺي ويو، پر ترڪيءَ جي حالت کي ڪونه پهتس. ڪرنل شيخ ۽ آءٌ ڪافي انتظار کي پهتاسون. هن آدم ۾ اڇو نه توهان کي کهائڻ وٺي هلان.

آءٌ تقريباً سادا ٽي هزار ميلن جو سفر ڪري موٽيو آهيان. يورپ ۽ آمريڪا جي سفر مان اِهو معلوم ٿئي ٿو، ته هنن ملڪن ۾ هڪ قسم جي يڪسانيت آهي، جيڪا اسان جي ملڪ ۾ نه ملندي. جنهن به شهر ۾ وڃو، پوءِ اهو وڏو هجي يا ننڍو ڳوٺ، توهان کي ماڻهن جو لباس، رستا ۽ جايون انهن جي مرتبي موافق ٺهيل نظر ايندا. هن دنيا ۾ هڪ چڪر آهي، جنهن جي آرَن ۾ ڦاسي، انسان عجيب بيبسيءَ جي حالت ۾ ڦري رهيو آهي. شڪاگو جون عمارتون وڏيون آهن، باغيچا ۽ تفريحگاهون آهن. ڊيوائيٽ ۾ جايون ان ڪان ننڍيون آهن، مگر ڪارخانن جو شمار نه آهي. توهان جون

فورڊ، ڪئڊلڪ ۽ ٻيون موٽرون مثلاً ڪرائيسلر ڪارپوريشن ۽ ان سان گڏ جنگي سامان به هت تمام گهڻو ٺهندو آهي.

ڊيوائيٽ جي سينٽرل اسٽيشن، اسان جي سچي صدر فريڊرهال کان وٺي ايمپيريل مارڪيٽ تائين آهي. آمدرفت جي حد نه آهي. هن اسٽيشن کان فقط نيويارڪ سينٽرل ۽ پينسلوانيا اسٽيشنون وڏيون آهن، جتي گاڏيون پنجن طبقن ۾ هڪٻئي جي مٿان اچن ٿيون. نيويارڪ سينٽرل اسٽيشن تي اهي ڄڻ شيطان جي پيٽ ۾ گهڙڻو آهي. آءٌ توهان کي نيويارڪ ۽ واشنگٽن جو خاص سير ڪرايان ٿو.

منهنجي رهڻ جو بندوبست منهنجي دوست مسٽر افتخار احمد مختار ڪيو هو، ۽ هو مون کي نيويارڪ سينٽرل اسٽيشن تي وٺڻ آيو. ويچاري کي پليٽفارم ۽ گاڏي جي خبر نه هئي، سو اچي اسٽيشن جي مرڪزي اطلاعات وٽ بيٺو، جتي رُلي رُلي آءٌ به اچي پهتس. جاءِ رهائش تي ٽئڪسي ۾ وياسون. آءٌ ڪنهن جو واقف نه هوس. هن ملڪ جي سفر ۾ هڪ ننڍي پيتي به بار آهي، پر مون وٽ نه وري هڪ ٿيلهو به هو. سامان رکي، هڪ هوٽل ۾ گهڙياسون، پيٽ جي سنڀال لهڻ. بس، ٽڪو ڏنو، ٻرو چئو. آمريڪا ۾ کائڻ جي تميز ڪنهن کي به نه آهي. هلندي گهمندي، ريل ۾، بس ۾ پيا کائيندا! ٻيهه نه ٻيهه، وات مڙوئي پيو هلندو. هڪ اسٽول تي ويٺاسون، بورچيخاني مان سامان ايندو ويو

۽ اسين اڌ بيٺي ۽ اڌ ويٺي ڪائيندا رهياسون. منهنجو هن قسم جي آمريڪي جمهوريت جو تجربو پهريون هو. جڏهن ڪان آيو هوس ته ماني صبر ۽ ٽانيڪائيءَ سان ڪاڌي هيم. مگر هنيئر نيويارڪ جي چڪر ۾ هئاسون، ميڪو مست آهي ۽ هُل گوڙ ۾ پورو.

توبهه ڪريو، ماني ڏاڍي مهانگي آهي. توهان ١٧ رپين جي ماني ڪائو، تڏهن به ڍؤ نه ٿئي. ذرو گوشت ٢ رپيا، چانهه پيشو آٺ آنا. وري اهڙيون به هوٽلون آهن جتي پنج آنا وجهو هڪ سوراخ ۾، ته چانهه جو ڪوپ ٻاهر. ٻي ۾ وجهو ڏهه آنا ته سئنڊوچ تيار. مطلب ته پئسا وڌو ته جهٽ مشين کي ٻڌايو ته فلاڻي شئي کپي، ۽ اها هڪ منٽ ۾ تيار. وري چا، ڪوپ ايندو ته چانهه جو نل کلندو ۽ جڏهن ڪوپ پربو ته چانهه جو نل بند. مجال جو هڪ ڦڙو به وڌيڪ ڇڏي. ڦڙو ڇڏيائن ته ڇڙ هوٽل جي مالڪ جو رت ڇڏيائين.

ففٽ اوينيو جون خبرون ٻڌيون هيونسين، ۽ براڊوي ته هر فيشنيبل جي زبان تي آهي. ففٽ اوينيو تي هڪ ته آهن ڪروڙپتين جا گهر جيترو زمين ڪان مٿي، اوترو هيٺ آهن. وڏا وڏا دڪان ۽ ڪمپنين جون آفيسون. ٻئي هند جيڪا شئي رهئي، اها ففٽ اوينيو تي ٽين رهئين. مگر توهان کي انهيءَ نزاڪت سان ملندي، جو ٻن رپين جو نقصان به اکين تي. سون کي منهنجي دوست، علي اڪبر خان جا لفظ ياد ٿا اچن.

علي ڳڙهه مان جڏهن دهليءَ ويندا هئاسون، ۽ ڪٿنات پڌليس ۾ جيڪڏهن ڪنهن شئي وٺڻ جو خيال ٿيندو هو ته هي منهنجو بزرگ دوست سر ۾ آلاپيندو هو ته اجهو ٽا مٿو ڪوڙايون! مون کي ففٿ اوينيو ۾ علي اڪبر خان جون جهونگارون ياد آيون. سائين، دڪانن ۾ خريد و فروخت کي ڏسي، دنگ رهجي وياسون.

هلو ته توهان کي راڪفلير سينٽر تي وٺي هلان. چوڏاري ۵۰ يا ٦٠ ڪان مٿي منزلن واريون جايون آهن. زمين ڪان هيٺ دڪان، منزلن لاءِ لفٽون مقرر ٿيل آهن، جي هوائي جهاز جي رفتار سان مٿي ڪنيون وڃن. توهان هن مان اندازو لڳايو ته دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي عمارت امپائر سٽيٽ آهي. ۱۰۲ طبقا انس- ۱۵۰۰ فوٽ مٿي ۽ لفٽون ۳ طبقا آئس. لفٽ توهان کي منٽ ۾ هڪ هزار فوٽ مٿي کڻي وڃي سگهي ٿي. ڪنن ۾ تاڙيون پنجهو وڃن. مگر راڪفيلر سينٽر جون لفٽون اِنهن ڪان نه تيز آهن. لفٽن ۾ چڙهڻ جو مزو ڇا ٻڌايان، سواءِ اِنهيءَ جي ته مرد ۽ عورتون هڪٻئي جي ڪلهن تي ڪوند ٽا چڙهن، باقي ٻيون سڀ عقوبتون ٿين ٿيون. قد جي ڪري مون کي ساهه ڪڻڻ جي اميد رهي ٿي. اتي مون کي بندرن جو ڏاڍو خيال ٿيندو هو.

توهان کي ميٽرو پوليٽن ميوزم ۽ نيشنل لئبرري وٺي هلان. اسان جا ڪراچيءَ جا سڀ ڪاليج گڏجي هڪ بلڊنگ ٺاهين تڏهن به هن ميوزم ۽ لئبرري جون جايون وڏيون! اِنهن ڪان فقط واشنگٽن جي

ڪانگريس لئبرري وڏي آهي. دنيا جي ڪتابن کي ڪيٺن نه مهيا ڪيو ويو آهي! دنيا جي عجائبات کي کهڙي نموني نه گڏ ڪيو ويو آهي! انسان جي مسلسل محنتن، جفاڪشين ۽ رغبتن ڇا ڇا نه ڪيو آهي- سچ ته ڪين سندن محنتن تي شاباس هجي.

اڇو ته توهان کي آزاديءَ جي پتلي ڏانهن وٺي هلان. اسين ڏکڻ فيري تان ٽڪيٽ وٺي، جهاز ۾ چڙهياسون. وياسون هڪ ٻيٽ تي، تقريباً ٢٥ منٽن جو سفر هو. هن ننڍڙي ٻيٽ کي نهايت ئي خوبصورت رکيو ويو آهي. فريڊم هال جي ڇا مجال! هلياسون اڳتي، ڏينهن سڄو هو، ۽ ماڻهن جا هجوم هئا. بس ردن واري واڙ پري کان ڏٺيسون. آزادي هڪ عورت جي شڪل ۾ ٺهيل پتلو آهي. ويجهو ويندا وياسون، عمارت حيرت انگيز آهي. ٻاڙ وٽ ٻهچي لفٽ ۾ چڙهياسون. هي پتلو الڪل ١٨٦ فوٽ مٿي آهي. سندس هڪ هٿ ۾ مشعل آهي. جڏهن پتلي جي پيٽ ۾ پهتاسون ته لفٽ ڇڏيوسين، ۽ اسان ١٨٦ ڏاڪن تي وري ٽنگن کي استعمال ڪيو، ۽ بلڪل انهيءَ مشعل جي چوڌاري ڪناري تي پهتاسون. هڪ ڪمال، جو خيال رکو. هي پتلو خالي ڍير آئوٽ ڍير! آزاديءَ جو پتلو آهي- ڇا تا سمجهو؟

هي پتلو آمريڪا کي فرانس کان تحفتاً مليو آهي. فرانس ۾ ٺهيو ۽ فرانس حڪومت هتي موڪليو. آزاديءَ جو بنياد چون ٿا ته فرانس رکيو ۽ پوءِ آنان آزادي آمريڪا

۾ آئي. فرانس ڏيڍ ڏاهي، ۽ آمريڪا ڏيڍ رکيا آزادي ۽ جمهوريت ڪان آمريڪا ۽ يورپ اڃا دور آهن.

هلو توهان کي اقوام متحده جي جاءِ ڏانهن وٺي هلان. جنرل اسيمبلي هلي رهي هئي، ۽ ٽڪيٽن جو بندوبست ڪيوسين. ڪامي وياسون اندر. ويٺاسون، جاءِ مٿي هئي. ڪنن تي اوزار چاڙهياسون. مسٽرپيئرسن ڪئنڊا جو ان وقت صدر هو، ۽ مسٽر مينن هندستان جي عيوضيءَ تقرير شروع ڪئي. ڪنن جي اوزار تي نمبر آهن. هڪ نمبر تي رکو مينن جي وات مان نڪتل ڪلام ٻڌو. وري ٢ نمبر تي رکو ته انگريزيءَ ۾ تقرير ٻڌو. پر مينن صاحب ڳالهائي ٿي انگريزيءَ ۾ پئي. سندس انگريزيءَ تي ڪل آئي. رکو نمبر ٣ تي، ٻڌو اسپينش، ۽ رکو ٤ تي، ٻڌو رشين زبان جيئن تقرير ٿيندي رهي ٿي، تيئن ان تقرير جو ترجمو پڙهيو وڃي ٿو. توهان اگر ڳالهائيندڙ جي زبان نٿا سمجهو ته ان زبان جو هڪ لحظي ۾ ترجمو ٻڌو. جنرل اسيمبلي هال ۾ ٦ هزار ماڻهو ويهي ۽ ٻڌي سگهن ٿا. اسيمبليءَ جي ايوان ۾ ٨٠٠ ماڻهن لاءِ ڪرسيون آهن، جتي دنيا جي ملڪن جا عيوضي ويهن ٿا. پاڪستان جي عيوضين کي به ڏٺوسون. مغزخوري، لفاظي، دماغي عياشي ۽ هنگامي جو مڪان ڏٺوسين. اقوام متحده دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ برپا ڪئي ويئي آهي. منهنجي دوست ڏسي، چيو ته ”غلام مصطفيٰ، مون کي ڊپ آهي ته جنگ هتان ئي نه شروع ٿئي!“ سوچڻ جو معاملو هو،

نفي يا اثبات ۾ جواب ڏيڻ مشڪل نظر آيو. اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ وياسون. هڪ لنبي مستطيل شڪل جي جاءِ آهي. چوڌاري شيشو لڳل اٿس. منجهائنس پلي ڪٿي آرپار نهاريو. جنهن شيءِ مان ڪجهه آرپار نظر اچي، تنهن کي اسين چئون کوکلو يا هلڪو. آزادي ۽ امن کي توهين اِن خيال کان نه ڏسو، خير هاڻي ڪيڏانهن هلندؤ؟ چڱو اچو ته هلون براڊوي.

نيويارڪ ٽائيمس وٽ پهتاسون. هن ٽڪر ۾ ناٽڪ، عيش ۽ شراب جا گهر آهن. رقص ۽ غنا جون جايون آهن. هت رات ڏينهن هجوم ختم ئي نٿو ٿئي. هن ٽڪر لاءِ نه ڏينهن آهي نه رات. اهڙي ڪابه گهڙي نه آهي، جنهن ۾ توهان کي هجوم نظر نه ايندو. هن ٽڪر ۾ نائيٽ ڪلب ۽ کيل آهن. هنن کيلن کي ڇڏي توهان کي اِن ٽڪر جي هڪ جاءِ، ريڊيو سٽيءَ ني وٺي تو هلان.

ڇا ٻڌايان، ريڊيو سٽيءَ جو حال ڏسي، مونکي اسلامي تاريخ جو هڪ قلعو ياد آيو. حسن بن صباح بيوقوف ڪونه هو. سندس فدائي بيوقوف نه هئا. اڄوڪيءَ دنيا ۾ جيڏهن انهن فدائين جي تيار ڪرڻ جو امڪان هجي، نه ريڊيو سٽيءَ ۾ اُن جو سمورو سامان موجود آهي. مون اسٽيج جا ڪمال لنڊن، پئرس ۽ ڪوپينهگين ۾ ڏٺا آهن، مگر هي ڪمال عجيب آهي. هڪ جادوءَ جو گهر آهي، جنهن ۾ پهاڻ کي پاڏوڻ تا. عجيب رنگيني ۽ پُر فريب حياتي!

انساني دماغ جو ڪمال، ڏسو: ڪڪرن جو ٺهڻ، مينهن وسڻ، گلن مان انسان، ۽ انسان مان ڪل! هوا ۾ پرواز- غيبي آواز، زمين جي جنبش، آسمان جو گجڻ، ڏسندڙ ڪي پنهنجي اکين تي به اعتبار نه اچي. ڇا فضا آهي. هي کيل، نمائش، هيءَ دلفريبي ٨٠ هزار ماڻهو هڪ وقت ويهي ۽ ڏسي سگهن ٿا. توهان حال ڪان ٻاهر يقيناً فطرت تي تقاضائن جو شڪار ٿي نڪرندا. مون ڪوشش ڪئي آهي ته اڄڪلهه وقت اسٽيج ڪان پٺيان، هن منظر کي ڏسي اچان. هڪ ڪافي رسوخ واري آمريڪي دوست سهولتن وٺي ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي اڄڪلهه وقت هن ڪمال کي پيدا ڪندڙ آلہ ۽ اشياء کي انشاءالله ڏسي ايندس- پوءِ خبرون ڪيون.

ڪن نائيٽ ڪلبن ۾ وڃڻ جو اتفاق نه ٿيو مثلاً مشهور ڪلب ڪوپابنيا. توبهه! نالوئي عجب اٿس. هي نالو مون زندگيءَ ۾ پهريائين پهريائين بيروت ۾ پڙهيو هو. جنهن هوٽل ۾ رهندو هوس، انهيءَ جي پرسان هيءَ ڪلب هئي. لٽين ڪوارٽرس براڊويءِ، چيڪو شيريڊن اسڪوئير ۾ وري هسپانوي فضا هئي.

آءٌ نيويارڪ ۾ ايسٽر جي موقع تي هوس. ٥- تاريخ صبح جو سوير پهرين رهائش جي جاءِ ڪان ١٥ يا ٢٠ قدمن تي هڊسن نديءَ جي ڪناري تي گهمڻ ويامون. عجيب منظر هو. سوچيو نه سهين. هڪ رستو، جنهن تي ڇهه موٽرون ٽي ايندڙ ۽ ٽي ويندڙ آسانيءَ سان هلي سگهن ٿيون، نظر آيو. ٻيهي موٽرون ڪئيون نسين

هيءَ غير تسڪينيءَ جي حياتي! نيويارڪ جي حياتيءَ
هڪ منٽ ۾ ١٤٠ موٽرون تقريباً هڪ طرف وڃون
ٿي ته ١٤٠ ٻي طرف. هيءَ جنون جي حياتي، هيءَ
موت ڏانهن ڊوڙندڙ حياتي، جي رفتار ۽ جنبش کي
ڏسي ڏپ وٺي ويو. نيويارڪ هيبتناڪ شهر آهي.
گهٽين ۽ بازارن ۾ ماڻهن جا هجوم – هرهڪ ڊوڙ
۾ حيران، چوڌاري آسمان سان ڳسندڙ جايون، جهڙو
ماڻهوءَ جو ساهه پيو ٻوسائجي. خدانخواسته ڪنهن نازڪ
گهڙيءَ ۾، هي گهٽيون ۽ بازاريون، ڊوڙندڙ ماڻهن
جون قبرون نه بڻجي پون!

نيويارڪ ۾ آرام ۽ سڪون جو نالو به ڪونه آهي.
هل هلان، ڇڪ ڇڪان ۽ وٺ وٺان. ماڻهو جتي ٿا وڃن،
اتي رکو اوٻاسين ڏيڻ ۾ پورا، يا وات پيا هلندن.
زمين اندر هلندڙ گاڏين، توڙي بسن ۾ ساڳي حالت
آهي. مون هن حالت ڏانهن اشارو ڪيو، ۽ منهنجي
دوست لاءِ اهو پهريون دفعو هو جو هن ڪرشمي
ڏانهن متوجهه ٿيو. اسان سڀ کي جاچيندا رهياسون.
ماڻهن جي آهائي حالت نظر آئي، يا وات هلندڙ يا ڦاٽل!

نيويارڪ ۾ ٻه تماشا ڏسڻ وٽس: هڪ مصوّرن
جي نمائش، جا حقيقت ۾ بيهودن جي نمائش هئي.
ٻي آمريڪي موڊرن جي نمائش، جيڪا والڊورف
اسٽور يا هوٽل ۽ گرانڊ سينٽر پئلس ۾ هئي. والڊورف
هوٽل کي ڏسڻ جو خيال اڳي ئي هو، ۽ هي موقعو
نه زياده غنيمت وارو هو. آمريڪا ۾ هن سال تازيون

تيار ٿيل موٽرون نين ٻڙائيندي ۽ آلات سان ڏٺيوسون.
انسان، انسان کي ٻرغلائڻ ۾ ڪاٿ ڪسر نہ ڇڏي آهي.
هنري ڪمال جي هٿي حد آهي. جتهن فضا ۽ ماحول
۾ موٽرن جي نمائش هٺي، ۽ جنهن انداز ۾ آها نمائش
هٺي، تنهن جو ذڪر ڇا ڪريان! بس ڏسو تہ پڇون.
والڊورف هوٽل دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي هوٽل آهي.
١٤ هزار مسافر هن ۾ رهي سگهن ٿا. هن هوٽل ۾
رهڻ معنيٰ مٿو ڪوڙائڻ! ٽين نمائش رشين ڪوائرس
۾ ڏٺيسون، جا نيو جرمنيءَ ۾ آهي. ڏسو اسان ايسٽر
جو ذڪر ٿي ڪيو، پر هو نيويارڪ اسان کان ٻہ لائي ڇڏيو.
نديءَ تان ٿي وياسون سينٽرل پارڪ ۾. عجب
نظارو هو. ماڻهو ڪئين ڪ موٽر ڇڏي، ڏانگن ۾ پيا
سير ڪن. اڙي هي ڇا؟ فرحت ٿا وٺن! ويچارا گهوڙا
پنهنجي مالڪن جا ڪيسا خوب ڊالرن سان ڀري رهيا هئا.
هن دنيا ۾ ٢٥ هزارن جي موٽر سستي، مگر گهوڙو
۽ بگي مهانگي! اهي آهي فطرت جون عجيب ۽
انوکيون ڳالهيون. ٻار موٽر مان رڙيون ڪري پڇن
تہ ڏانگن ۾ چڙهون — آمريڪا جي ترقيءَ جو اندازو
لڳايو. هلو اڳتي — آءٌ توهان کي آمريڪا جي مشهور،
۽ دنيا ۾ واڪاڻيل ايسٽرپريڊ تي وٺي ٿو هلان. هيءَ
ڪا مليٽري پريڊ نہ آهي. هيءَ ماڻهن جي جنون،
پئسي، عياشي، تونگري، غرور ۽ مستيءَ جي پريڊ
آهي! آچر جو ڏينهن — آسمان صاف، سج روشن ۽ ٿڌي
ٿڌي هوا. برسات جو ڊپ غائب ۽ انسانن جي حرڪت

وجد جي حالت اختيار ڪئي هئي. پريڊ جي ففٿ اوينيو ۽ راڪفيلر پلازا نيويارڪ جي مشهور برف تي اسڪيٽنگ جاء جي چوگرد، اقوام متحده جا جهنڊا لڳل هئا. تقريباً اڌ ميل جي گهيري ۾ موٽرن جي آمدرفت بند، ۽ انسان پنهنجي هوند آهر، جنهن جو اندازو اوهان نه لڳائي سگهندا، ڪيڙن، گلن ۽ تونگريءَ جي هر نمائشي سامان سان آراسته موجود هئا. ٽن يا چئن لکن ماڻهن ۾ آها رنگيني، آها خوشبوءِ (ايسٽر تي ڪل ۽ عطر تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي) جو پرستان ڏي سمجهه ۾ آيو. هي منظر، هيءَ ديوانگي، سومر صبح تائين هلندي. اڄو توهان کي نيويارڪ جي سير ختم ڪرائڻ کان اڳ هڪ ٻيءَ جاء تي وٺي هلان، جو مسڪيني، غريبي، جرم، بيبسي، گندگي ۽ مجبور زندگيءَ جو مڪان آهي. اها جاء ۽ اهو ٽڪر آهي: هارلم.

اڄهر ڏينهن شام جو اسين انهن انسانن جي رهائش ۾ ماني کائڻ وياسون. آهي انسان اهي آهن، جن کي اڄا آمريڪا ۾ انسانيت جا حق به نه مليل آهن. هي هنڌ شيدين جي رهائش لاء مخصوص ٿيل آهي. هتان کان ٻاهر هو ڪٿي به رهي نٿا سگهن. فطرت جي بيرحميءَ تي حيرت اٿي. ڇا دنيا آهي— ڪٿي اوج، خوشي، ڪل ته ڪٿي غم، درد ۽ ڏڪڙ. خبر نه آهي ته انسان کي انسان تي ڪڏهن رحم ايندو.

اچو نه نيوهارڪ ڇڏيون. هن مضمون ۾ جن استادن، ماهرن ۽ ليڊرن سان گفتگو ٿي، تنهن جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿم. هيءَ فضا اهڙي بيان لاءِ چڱي نه آهي.

("الوحيد"، ۲۷ - مئي، ۱۹۵۳ع)

سائين منهنجا، نيويارڪ جو سير ڪيوسين، هاڻي اچو ته واشنگٽن هلون، مون کي هڪ ڳالهه خيال ۾ آئي آهي ته توهان کي هتان جي ريل گاڏيءَ جو احوال لکان. اِن لاءِ هڪ خاص مضمون ڪيمي، پهريائين واشنگٽن ڏسون.

واشنگٽن آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ آهي. سندس اهو نالو آمريڪا جي ابي جي نالي تي رکيو ويو آهي. واشنگٽن سڄيءَ طرح مرڪزي حڪومت جي قبضي ۾ آهي، جنهن کي "ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا" سڏين ٿا. آمريڪا جي جنگ آزاديءَ کان پوءِ ڪن آمريڪي اسٽيٽن مان ٽڪرو ڪڍي، مرڪزيءَ حڪومت جي جڳهه بنائي وئي آهي.

واشنگٽن عجيب شهر آهي. هن شهر جهڙي خوبصورتي دنيا ۾ شايد ڪنهن شهر کي نصيب هجي. مون اهڙو ترتيب ڪيل شهر ڪونه ڏٺو آهي. اسٽيشن تان جيئن شيخ صاحب جي گهر وڃ ته اچي سان ٿي حيرت وٺي وئي. هتان جي ماڻهن ڇا نه پنهنجي ملڪ لاءِ محنتون ڪيون آهن.

شيخ صاحب جي مهمان ٿيڻ سان اسان جا گوندر ٿي لهي ويا. هتي وڏو گوندر آهي پئسي کٽڻ جو، ۽

شيخ صاحب وٽ رهڻ سان آسمان صاف نظر آيو. هيءَ حالت ۾ نه واشنگٽن ڏسڻ انترو آسان هو، ۽ نه آن ۾ رهي سگهان ها. اسان درويشن ۽ فقيرن کي خدا جي مدد شامل آهي، توهان اخبارن وارا اسان جي قطار ۾ شمار نه آهيو.

مون آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفير مسٽر محمدعليءَ کي خط لکيو هو، ۽ پاڻ جواب ڏنو هئائين ته جڏهن اچو ته پل اچي ملجو. وس ته پڌم ته صاحب موصوف بيمار آهي. اڃا پيون ڏينهن ٿيو ته خبر ملي ته کنهن ضروري تار اچڻ ڪري پاڪستان وڃي رهيو آهي. هتي پاڪستاني سفارتخاني جي سڄي عملي سان ملڻ جو موقعو مليو. ڪافي مزيدار دنيا آهي!

مون کي ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو آهي، ته ممڪن آهي جن ماڻهن مون کي هيڏانهن موڪليو آهي، آهي هينئر ضرور پڇتائيندا هوندا. پلا فڪر ڌاڙهوءَ کان ڪير پڇي سگهي ٿو. مگر سنڌ مسلم ڪاليج جي شاگردن پهريون خاموشي ۽ صبر جو سبق سيکاريو، ۽ هتي اچڻ کان پوءِ آمريڪا ۾ ٻيون سبق به سکيو اٿم. دعا ڪندا ته الله تعاليٰ صداقت، جرات ۽ خدمت ڪرڻ هميشه لاءِ نصيب ڪري!

واشنگٽن ۾ جڏهن آءٌ ويو هوس ته آهو ”چيري بلاسم“ جي جشن جو تاريخي هفتو هو، جو ۸ کان ۱۲- اپريل تائين هو. بهار جي موسم هن ملڪ ۾ ڪهڙي نه پرلطف نموني ملهائين ٿا. مرد، عورت ۽ ٻار گلن سان

جهنجيل آهن. دڪان ۾ گل، رستن تي گل، مطلب ته گلن جي هيڪار ۽ نمائش بلڪل بهشت جو منظر پيش ٿي ڪري. توهان کي چيري بلاسم جي تاريخ پڙايان.

هن ويهين صديءَ جي شروع ۾، آمريڪا جو هڪ پريزيڊنٽ هوندو هو مسٽر وليم هاورڊ ٽافٽ. اُن جي زال جپان ويئي ۽ اُتي ٽوڪيو جي ميئر ڪيس چيري وڻ ڏيکاريا، جي اُن محترمه کي ڏاڍا وڻيا. چيري جپان ۾ ٿيندي هئي، ۽ جڏهن هيءَ پريزيڊنٽ جي زال واپس آئي ته ٽوڪيو جي ميئر هڪ وڻن جو جهاز پري، تحفي طور آمريڪا کي موڪلي ڏنو. هي وڻ مسز ٽافٽ پنهنجي خيال موجب، پنهنجن هٿن سان رکايا. انهن وڻن کي واشنگٽن شهر جي وچ ۾ جا هڪ ڍنڍ آهي، تنهن جي چوڌاري لڳايو ويو آهي، ۽ هر سال اپريل جي ٻئي هفتي ۾، هنن خوشنما ۽ خوبصورت گلن جي شان ۾ جشن ڪيو ويندو آهي. هن جشن ۾ ١٠ يا ١٢ لک ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. هي پروگرام سڄو هفتو هلندو آهي، جنهن ۾ سڄو آمريڪا حصو وٺندو آهي. ڇا ٿيندو آهي، جو آمريڪا جي ٤٨ حصن ۽ هوائي پورٽوريڪو ۽ الاسڪا مان هڪ-هڪ خوبصورت ڇوڪري چونڊي، واشنگٽن موڪلي ويندي آهي. هنن ٥١ ڇوڪرين کي "شهزاديون" سڏيو ويندو آهي. واشنگٽن ۾ هڪ خاص قسم جو چڪر ڦيرايو ويندو آهي، ۽ اُهو چڪر جڏهن ڦرڻ بند ڪندو آهي ته جنهن آمريڪا جي حصي تي انهيءَ

چڪر جي سمي آئي، آنهيءَ حصي جي ڇوڪريءَ کي ”راڻي“ قرار ڏنو ويندو آهي. هن سال راڻي اوهايو اسٽيٽ جي هئي. هنن شهزادين جي شان ۾ هڪ رات واشنگٽن ۾ جلوس ڪڍيو ويندو آهي، ۽ ٻيءَ رات هوٽلن ۾ رقص ۽ غنا جون محفلون ٿينديون آهن. ڇا نه نظارو هوندو! ڇا اسان جي سياست جا جلوس، ۽ ڇا هي حوراني جلوس! اسان جي سياسي جلوسن مان خدا ٿو ڇاڏي، خبر نه آهي ته ڪڏهن جند ڇٽندي، ۽ انسانن جي خوشيءَ لاءِ ڪڏهن ڪوشش ڪندا. خير ٽيون ڏينهن ۽ رات جشن جو آهي، ۽ چوٿين ڏينهن چونڊيل راڻيءَ جي تاجپوشي ٿيندي آهي، جنهن کي ”چيري بلاسم راڻي“ سڏيو ويندو آهي. تاج پوشيءَ جي رسم پريزيڊنٽ جي زال ادا ڪندي آهي، ۽ هن موقعي تي مسٽر آئزن هاور جي زال ادا ڪئي. اچو ته توهان کي هن موقعي ۽ جشن جو نظارو ڏيکاريان:

تصور ڪريو، هڪ ڍنڍ ايڏي وڏي آهي، جيڏو مسلم هاسٽل اڳيان ميدان. سندس چوڌاري پٿر جو خوبصورت ڪنارو ٻڌل آهي، ۽ آن ڪناري تي خوبصورت نموني چيري وڻ، گلن سان ڀرپور لڳل آهن. ڍنڍ جي ڀرسان جيفرسن يادگار آهي، جنهن جا ٣٥ ڏاڪا آهن. يادگار جي سامهون ١٥ ڏاڪن سان هڪ پنڊال ٺهيل آهي، جن تي ڪرسيون رکيل آهن، ۽ آنهن ڪرسين اڳيان هڪ اسٽيج ٺهيل آهي. سڀني ڪرسين ڪان مٿي، پٺيان ۽ آخر ۾ تخت ٺهيل آهي.

ڊنڊ جي چوڌاري اٽڪل هڪ لک کن ماڻهو اچي گڏ ٿيا آهن. مزيدار ڏينهن آهي، ٿڌ آهي، مگر آسمان صاف آهي. هتي آسمان صاف هجڻ وڏي غنيمت آهي. جلسو شروع ٻين بجي شام جو ٿيندو، مگر ١٠ بجي کان ماڻهن اچڻ شروع ڪري ڏنو آهي. اسين ١١ بجي پهتاسون ۽ پنهنجي جاين تي ويهي چرندڙ ڦرندڙ دنيا جو تماشو ڏسڻ لڳاسون. ڊنڊ ۾ موٽر ٻيڙيون شرطون هڻي رهيون هيون. هنن ٻيڙين پٺيان پاڻيءَ تي پيرن ۾ پٽيون ٻڌي، ماهر پنهنجون حرفتون ڏيکاري رهيا هئا. ڇا منظر آهي، ڊنڊ جي چوڌاري گل، ماڻهن جو هجوم، بئنڊ جو وڄڻ، پاڻيءَ تي طرح طرح جون شرطون ۽ فيشن پريڊ، نهايت دل آياريندڙ فضا هئي، جنهن ۾ هر نمائشي حالت جو پيدا ٿيڻ ممڪن هو!

ٻه ٿيندا ويا ۽ مسز آئزن هاور آئي. پوءِ آهستي آهستي هڪٻئي پٺيان شهزادين کي پنهنجي رنگين ۽ شاهاڻي لباس ۾ اسٽيج تي آندو ويو. تعارف ڪرائڻ کان پوءِ انهن کي مقرر ڪيل ڪرسين تي ويهاريو ويو. انهن کي وٺي اچڻ ۽ ويهارڻ جو ڪم هرهڪ لاءِ ڌار ڌار آمريڪي بحري، بري ۽ هوائي فوج جي آفيسرن جي سپرد هو. تعارف جو نخرو ڇا ٻڌايان. آخر ڌام ڌوم سان راڻي آئي ۽ جهڪي سلام ڪيائين ۽ پوءِ مسز آئزن هاور تاج پوشي ڪئي، ۽ راڻي کي تخت نشين ڪيو ويو. هن کان پوءِ، اسٽيج تي محفل شروع ٿي. جهاني گانا ۽ ناچ، جهاني رانديگرن جون ڪسرتون

۽ ورزشون. جپانين کي هن موقعي تي خاص طرح گهرايو ويو هو. جپاني، توهان کي خبر آهي ته وڏا حرفتي آهن، ۽ بناوت ۾ دنيا جو ڪوبه ملڪ ساڻن مقابلو نه ڪري سگهندو. سندن اِن بناوت جي مهارت کين دوران جنگ ۾، يوروپي ملڪن کي ابتدائي شڪستن ڏيڻ ۾ وڏي مدد ڪئي هئي. اِن ڪان پوءِ هڪ ڊرامو ٿيو، ڪجهه مسخري لڳي ۽ ڪجهه جادوگرن جادو ڪيو. ۵ بجي شام جو هي جلسو ختم ٿيو. انشاءالله توهان لاءِ راندين ۽ هنن جلسن جي اهميت تي هڪ مضمون لکندس. راندين، جلسن ۽ تماشن کي قومي زندگيءَ ۾ هڪ خاص اهميت حاصل آهي، جنهن کي اسان جي ملڪ اڃا نه ڄاتو آهي. اسان جي ڳوٺن ۾ اسان جي غريبن کي هنن تماشن جي خبر آهي، مگر اُنهن وٽ تماشه بيني جا عجيب نقلي ۽ جدا نظريا قائم ٿي ويا آهن. انگريزن جي مهرباني رهي آهي. اِهي خبرون پوءِ.

توهان پڇندا ته آخر ڀيون به ڪجهه ڏٺو؟ جي، ها، گهڻو ڪجهه. اڄوڪو گهمڻ هلون توهان کي وائيٽ هائوس وٺي هلان، جتي آمريڪا جو پريزيڊنٽ رهي ٿو. سواءِ هڪ طبقي جي ٻيون سڀ محلات ڏسڻ وارن لاءِ کليل آهي، بنان روڪ جي سيڪو وڃي سگهي ٿو. اندر فوهارا، سبزگاهه ۽ مزيدار گل ڦل آهن. ان کان پوءِ، اڄ ته هلون لنڪن يادگار تي. لنڪن جو هڪ وڏو پريزيڊنٽ ٿي گذريو آهي، جنهن ۱۸۶۰ع ۾

آمريڪا ۾ ”غلامي غير قانوني“ ٺهرائي هئي. سندس تقويرون يادگار جي ٿنڀن تي آڪريل آهن. لنڪن آمريڪا جو هڪ بلند پايہ انسان ٿي گذريو آهي. هو غريب جي پار سان آمريڪا جو پريزيڊنٽ ٿيو، ۽ آمريڪا جو دنيا جي تاريخ ني هميشه لاءِ نالو ڇڏيائين. لنڪن بلند تخيل جو انسان هو، مگر تاريخ جو مذاق نہ ڏسو، کيس قتل ڪيو ويو. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال آهن، تہ جن انسانن انسانيت جون خدمتون ڪيون، ۽ قومن کي بلندي بخشي، انهن کي قاتلن جي تلوار جي ذريعي هلاڪ ڪيو ويو آهي.

مون توهان سان جيفرسن يادگار جو ذڪر ڪيو آهي. جيفرسن آمريڪا جو آئين تيار ڪندڙ هو. آمريڪا جي آزاديءَ جي بانين ۾ کيس ٻئي نمبر تي متصور ڪيو ويندو آهي. هن کان پوءِ ”ڪئپيٽال“ هلون- هي آمريڪا جي قانوني مجلس جو گهر آهي، ۽ شهر جي وچ ۾ آهي. اسان سينيٽ هلندي ڏٺي، ۽ عيوضين جي مجلس بہ هلندڙ هئي. ڪانگريس لئبرريءَ ۾ وياسون، ڇا تہ پڇو! هي انسان! جن علم، هنر ۽ فن جي هيڏي ساري مدد ڪئي آهي، آهي ڇو نہ مزا ڪن. جنهن نموني هتي لئبررين جو انتظام هلي ٿو آن جو آءٌ خاص ذڪر ڪندس. واشنگٽن ميوزم ڏٺوسون. هن عمارت لاءِ هڪ شاهوڪار آمريڪيءَ، ١٥ ڪروڙ رپيا عطيو ڏنو هو. ڇا نہ جاءِ هوندي! هڪ ٻي عمارت ڏٺيسين، جنهن ۾ واشنگٽن جي سرڪاري جاين کي سرديءَ ۾

گرم، ۽ گرميءَ ۾ سرد رکڻ جو انتظام هو. هن ڪارخاني ۾ ٧٢٠ ٽن ڪوئلا روزمره ٻاريا ويندا آهن ته جيئن مشينون چالو رهن. دنيا ۾ هن جيڏو ۽ هن قسم جو مرڪز ڪٿي به نه آهي. اچو ته توهان کي واشنگٽن جي هوائي اڏي تي وٺي هلان- ڇا ٿا پڇو! اسان وٽ بسون به ايترو جلد ڪونه ٿيون هلن، جيترو هتي هوائي جهاز ٿا هلن. هر ٥ منٽن ۾ هڪ جهاز لهي چڙهي ٿو. هن هوائي بندر تان ٣٠ لک ماڻهو سال ۾ آمدرفت ڪن ٿا. مون دنيا جا ڪافي هوائي اڏا ڏٺا آهن: ڪراچي، بيروت، روم، ائمسٽرڊم، پريسٽوڪ، گئنڊر، آئيڊلوائيلڊ، واشنگٽن، لوئيوائيل ۽ ٻيا ڪيترا اڏا اڃا واٽ تي اچڻ وقت ڏسندس. انشاء الله فنلينڊ ۽ سئيڊن ۾ ويندس ۽ دنيا جي هوائي اڏن تي موٽڻ کان پوءِ، هڪ خاص مضمون لکندس. هي اڏا فقط آمدرفت جي جاءِ نه آهن. مگر تفريحگاهه آهن، فيشن ۽ تجارت جو مرڪز آهن، زندگيءَ جي خوشيءَ جو جايون آهن، ۽ عبرت جو مڪان آهن.

هاڻي آخر ۾ اچو ته توهان کي واشنگٽن يادگار تي وٺي هلان. هي يادگار ورجينيا اسٽيٽ ۾ مائونٽ ورنن شهر ۾ آهي. هي يادگار اصل واشنگٽن جو گهر هو، جنهن کي حڪومت مزار ڪري سنڀالي رکيو آهي. واشنگٽن آمريڪا جي جنگ آزاديءَ ۾، انگريزن جي خلاف آمريڪي فوج جو ڪمانڊر انچيف هو، ۽ آزاديءَ کان پوءِ، آمريڪا جو پهريون پريزيڊنٽ ٿيو. هن

ٻزرگ جي گهر کي بلڪل انهيءَ نموني ۾ رکيو ويو آهي، جنهن نموني ۾ هو منجهس رهندو هو. هي گهر تقريباً ٢٧٥ سال پراڻو آهي، جنهن ۾ واشنگٽن جي رهڻ، سهڻ، ۽ ڪاٺ جي جاين کي محفوظ رکيو ويو آهي. توهان بورچيخاني ۾ ويندا ته توهان کي ٿالهيون، ٺنگاريون، آڪريون، مهلٽا، توا، ڏيڪ، چمچا ۽ سگريون ملنديون— نه نه، توهان کي لوڻ ۽ بصر به ملندو. ٻلا لوڻ ۽ بصر کان سواء کهڙو ڪاڏو.

هن زيارت تي اسان سان هڪ ظلم ٿيو. هڪ ڏگهي لنبي قطار ۾ بيهڻو پيو. هزارها ماڻهو آيا هئا. اوچتو اچي واچڙو اڳو، مينهن وٺو. پر قطار مان نڪتاسون ڪونه. مڙس نه ڦڏو نه ته جڏو. مينهن ۾ پُسجي پٽ ٿياسون. خير، گهر ڏسي واپس موٽياسون، ۽ پاڻي ٽوپلن ۽ ڪوٽن مان پئي ٽميو. توهان سرديءَ جي مينهن ۾ ٻڪرين کي پسيل ڏٺو هوندو؟ اسان جو به ساڳيو حال هو، پئي ڏينهن صبح تائين منهنجو ڪوٽ ۽ ٽوپلو نه سُڪا هئا. مون کي علي اڪبر جي هڪ ڳالهه ياد آئي: چي، هڪ پائيبند ڪُنديءَ مينهن جي سگ ۾ ٻانهن وڌي ته وٺي ڇو سٽ ڏنائين، ته ٻانهن پُچي پيس. پگل ٻانهن لوڏيندو اِئين چوندو ويو ته ”ٻانهن مينهن پُڳي سو ٺهيو، پر دل جي هر ڪر ته لٿي.“ اسان جي به هر ڪر لٿي. سفر اچي پورو ٿيو ۽ گهر ڏانهن رخ رکيم.

آءٌ هي خط آمريڪا جي شهري ترتيب تي ختم ڪنديس. توهان کي خبر آهي ته آمريڪا نئون ملڪ

آهي، ۽ هن کي ٽئين دنيا ۾ سڏين. آمريڪا جي آزاد زندگي ۱۸ صديءَ جي پڇاڙيءَ کان شروع ٿي، ۽ آمريڪا جي ترقي ۱۹ صدي جي وچ ۾ شروع ٿي. يعني آمريڪا جي دولت، ۽ آمريڪا جي قومي زندگيءَ جي شروعات کي تقريباً سؤ سالن جا ٿيا آهن. آمريڪا جي طاقت هنن سؤ سالن ۾ وڌي آهي. ڇو ته ڪ نئون ملڪ هو، سلطنتي خرابين کان بچيل هو، خاص طرح منرو ڊاڪٽرين هيٺ آمريڪا ڪنهن به يوروپي ملڪ کي اٿر يا ڏکڻ آمريڪا جي داخلي امور ۾ مداخلت ڪرڻ نٿي ڏني. انهيءَ ڪري هن ملڪ ۽ ماڻهن کي صلح ۽ امن مليو، جنهنڪري هن ترقي ڪئي.ملڪ جي زمين زرخيز ۽ طاقت واري آهي. زمين اندر دنيا جا ڌاتو ۽ معدنيات مان ٿاه زمين کان مٿي پيدائش جا سڀ ذريعا موجود آهن. ماڻهو محنتي ۽ اورچ آهن، ٻي وڏي ڳالهه ڪين دنيا جي هنري، صنعتي ۽ تمدني نظرين جي مدد ملي آهي، ۽ هنن پنهنجي ملڪ کي آئندي جي ضرورتن ۽ ترقي پذير حياتي جي نقطهء نظر ۽ دوراندبشيءَ کان ڪم وٺي ناهيو-تيار ڪيو آهي.

توهان کي خبر آهي ته آمريڪا ۾ آمريڪي باشنده ٽن قسمن جا آهن: هڪڙا آهن ريڊ انڊين، جيڪي ملڪ جا اصلي باشنده آهن. چيو وڃي ٿو ته هي قديم تاتاري آهن جي اتر-رشيا کان بحرنگ جي ڪچي سمنڊ مان الاسڪا ۽ ڪئنيڊا مان ٽپندا هتي آيا، ۽ هتي سڪونت ڪيائون. منگول ۽ تاتاري نسلن جون

علامتون هنن ماڻهن ۾ ملن ٿيون. چيو وڃي ٿو تہ بحرنگ ڪچي سمنڊ ان وقت نہ هو ۽ آمريڪا جي الاسڪا طرف زمين رشيا وٽ ايشيا سان مليل هئي. خير، پيون باشندن جو قسم آهي يوروپي قومن جا ماڻهو. آمريڪا پهرين ڪولمبس لڌي ۽ پورچوگيزن ۽ اسپينن جو اثر شروع ٿيو. تنهن ڪان پوءِ انگريز آيا. جڏهن رومن ڪئٿلڪ انگريز پروٽيسٽنٽ تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ طرح آمريڪا جا ڪي حصا انگريزن جي هٿ ۾ رهيا، ڪي اسپين جي هٿ هيٺ، ڪي فرانس جي ۽ ڪي پورچوگيزن جي. يورپ جي ٻين ملڪن مان بہ ماڻهو ايندا رهيا ۽ ١٩ صديءَ جي وچ ڌاري جرمنيءَ مان گهڻي اندازَ ۾ ماڻهو اچڻ لڳا. ٽيون قسم ماڻهن جو آهي شيدين جو. جن کي شروعات ۾ آفريڪا مان غلام ڪري آندو ويو هو، ۽ هنن کان هٿئي جانورن جو ڪم وٺندا هئا. هنن غلامن کي خاص طرح ڪپہ جي پوک، مال چارڻ، تماڪ پوکڻ ۽ معدني کاڻين ۾ وهايو ويندو هو. 'غلامي' قانوني طرح جائز هئي.

خير، ملڪ ترقي ڪئي. ١٨ صديءَ جي وچ ۾ انگريزن سان بلوو ٿيو، ۽ آمريڪا جو آئرلنڊ حصو خودمختار ٿيو. ١٩ صديءَ جي شروع ۾، آمريڪا وچ وارو حصو نيپولين کان خريد ڪيو، جنهن ويچاري کي پئسن جي سخت ضرورت هئي، جو انگريزن اچي ڪچيءَ کان ورتو هوس. اهڙيءَ طرح فرانس جو حصو

۽ آمريڪا کي آيو، ۽ وري آهستي آهستي اسپين ۽ پورچوگال کان آمريڪا الهندو حصو ٻه هٿ ڪيو. تقريباً ۱۹ صديءَ جي وچ ڌاري، آمريڪا جي اڄوڪي جغرافيه شڪل تيار ٿي.

هن ترقيءَ ۾ آمريڪا جي يوروپي باشندن ۽ ريڊانڊين جي وچ ۾ لڙايون لڳيون، ۽ هي غيورمگر جاهل قوم هئا. دنيا جي تباهه ڪن هٿيارن جو مقابلو نه ڪري سگهيا، ۽ آخر اٽڪل هڪ سؤ سالن جي لڙائيءَ ۽ تباهيءَ کان پوءِ ڪجهه صلح ٿيو ۽ ريڊانڊين قوم لاءِ ڪي خاص ٽڪرا ڇڏيا ويا. مگر هنن جي طاقت ختم ٿي ويئي، ۽ آهستي آهستي هو آمريڪا جي حياتيءَ ۾ جذب ٿيندا ويا، ۽ اڄ ريڊانڊين آمريڪي فوج ۾ آهن، تجارت ۾ آهن، ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا. شايد ڪي ٿورا حصا آهن جن ۾ هنن جي حياتي اصلي رنگ ۽ ڍنگ ۾ هلي ٿي، مگر هن رفتار سان شايد آئندي هڪ سؤ سال ۾ هو آمريڪي حياتيءَ ۾ جذب ٿي وڃن، ۽ سندن نالو فقط تاريخ ۾ رهي. باقي رهيا شيدي، هنن کي ۱۸۶۰ع واريءَ گهرو لڙائيءَ کان پوءِ آزاد ڪيو ويو پر، هنن جي آزاديءَ اڃا ڪا خاص صورت اختيار نه ڪئي آهي. هن مسئلي متعلق پوءِ ڳالهيون ڪنداسون.

آمريڪا وٽ ڇونڪ دنيا جي ترقيءَ جا سڀ اسباب موجود هئا، انڪري هنن پنهنجي ملڪ کي ڪنهن ترتيب سان ٺاهيو، ۽ سينگاريو. جنهن حصي کي ڪا

تاريخي حالت نصيب هئي، اُن کي اُن ئي حالت ۾ ڇڏيائون، ۽ جي ڪا نئين شئي نئين؏ جڳهه تي مرتب ڪرڻي هئي ته اُن کي اهڙي نموني پيش ڪيائون. توهان کي آمريڪي حياتيءَ جي ڪيترن حصن، ندين، محلن ۽ شهرن جا نالا ريڊانڊين، فرينچ، جرمن، پورچوگيز ۽ اسپيني نالن تي ملندا، ۽ اُنهن کي آمريڪا وارن هر لحاظ کان برقرار رکيو آهي.

مگر جيئن ته آمريڪي تمدن هڪ نئون مشينن جو تمدن هو، اِنڪري آمريڪا جي حياتيءَ تي شروع کان مدنيت جو اثر رهيو. نئيا ڳوٺ ۽ شهري زندگيءَ جي اُصولن تي هلڻ ۽ مرتب ٿيڻ لڳا. اِنڪري اِن حالت ۾ ’پلئننگ‘ کي وڏو دخل رهيو، ۽ هر شئي پلئن ڪري اڳ ئي سوچي، وڏائي ويندي هئي، مثلاً شهرن جو بڌڻ. شهرن جي بڌڻ ۾ ڪنهن به شخصيت جو خيال نه ڪيو ويو. وڏا رستا ’اوينيو‘ سڏيا ويا ۽ اُنهن کي ۱، ۲، چار نمبر ڏنا ويا ۽ اوينيو کي ڳنڍيندڙ گهٽين کي به نمبر ڏنا ويا. وري هڪ خاص اوينيو کان اتر يا ڏکڻ يا الهندي يا اڀرندي گهرن جي نمبر شمار ڪئي وئي آهي. ٻن گهٽين جي وچ ۾ بلاڪ بنايا ويا آهن، هي مفاصلو تقريباً ٢ ڪان ادائي سؤ فوٽن جو رکيو ويو آهي. فقط چوراهن تي تاريخي ليڊرن جا نالا رکيا ويا آهن، مگر آهي به تڏهن جڏهن ڪنهن انسان يا ليڊر ڪو خاص قومي ڪم ڪيو هوندو. انٿ شنٿ ليڊرن جا نالا بلڪل نه

رکيا ويا آهن. اِها به ڪوشش ڪئي وئي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جو نالو ڪنهن گهٽيءَ يا چوراهي سان منسوب ڪيو وڃي، ته اُهو اُن انسان جي مرڻ کان پوءِ، ڪنهن به ٻئي انسان جي نالي سندس حياتيءَ ۾ ڪوبه ڪم يا جاءِ منسوب نه ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح شهرن ۾ گهٽين، محلن ۽ جاين جا نالا تاريخي حيثيت اختيار ڪن ٿا ۽ اُنهن سان راند نٿي ڪئي وڃي. شهرن ۾ ڪابه جاءِ، ڪوبه گهر، ڪوبه رستو معلوم ڪرڻ بلڪل آسان آهي. توهان کي فقط نمبر جي خبر هجي ته پوءِ توهان کي اُها جاءِ آساني سان لڀي سگهندي. ۽ توهان يڪدم سمجهندا ته اِن نمبر سان مڪان يا جاءِ هيٺي يا هُتي هوندي، ۽ نه ڀٽڪڻ پوي. آمريڪا ۾ ڪنهن کي ڪابه شئي پنهنجي نالي سان منسوب ڪرڻي آهي ته هو ٻهريائين وقف ٿاهي، ۽ وقف جي پيدا ڪيل جاءِ يا شئي يا درسگاهه کي پنهنجو نالو ڏئي سگهي ٿو. هن ۾ جبر نه آهي ۽ ڪنهن به انسان کي شخصي اثر هيٺ ڪنهن به زيادتي جو موقعو نٿو ملي. هنن جي دل و دماغ ۾ اهڙيءَ طرح پنهنجي نالي جي استعمال جو خيال به نٿو اچي. اِهو به هڪ اخلاقي اُصول آهي، جنهن جي پختگي ۽ وقعت قانوني حالت کان به وڌيڪ اهم ۽ باعزت آهي. هي نظريو سڄي ملڪ سان لاڳو آهي، پوءِ اُهو نيويارڪ جهڙو وڏو شهر هجي، يا ننڍو ڳوٺ- اُصول اِهو هڪ آهي. توهان ڏسندا ته گهٽين تي، وڻن تي، ميون تي يا ديولن

تي جي نالا آهن، اُن نظام ۾ آمريڪا جي لوڪل سليف گورنمينٽ کي وڏو دخل آهي. آءٌ ڪنهن وقت آمريڪا جي سياسي نظام متعلق لکندس، ۽ ان ۾ اسٽيٽ لوڪل گورنمينٽ جي جا اهميت آهي، ان جو بيان ڪندس. هن نظام جي ڇانڊ اسان لاءِ ڪافي سبق آموز ٿيندي. خير، هاڻي موڪل وٺان ٿو، دعا ڪندا.

("الوحيد" ٦- مئي ١٩٥٣ع.)

خدا توهان کي نيڪي نصيب ڪري. توهان ڳي اسان نيويارڪ ۽ واشنگٽن جو خوب سير ڪرايو، انهيءَ ڪان وڏيڪ جيسين اڪين سان ڏسو. هاڻي توهان کي واپس لوئيوائل ۽ ڪنٽڪيءَ جو سير ڪرايان ٿو. بيان ڪرڻ ڪان اڳ هڪ ٽوٽڪو ٻڌايانو ٿو: ٻڌندا هئاسين ته نخرو زالن ڪان ڦري مردن تي آيو آهي. توهان کي خبر آهي ته اڄوڪا نوجوان به عطر عنبير جا ڪافي شوقين آهن. ٻڌندا هئاسين ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ زالون ته ٺهيو، مگر مرد به حجام جي هٿان ڀرون جون ڀرون وٺائيندا آهن! ٻُڌل ڪي اڪين سان ڏٺم. تيز پاڪي سان مڇن ۽ ڏاڙهيءَ جي صفائي ڪان پوءِ، ڪئنچي، ڦڻي ۽ پاڪيءَ ڀرون ۾ واهڻ وڇايا ـ اِهو تماشو جڏهن هتي حجام جي دڪان ۾ ڏٺم، ته مون کي منهنجو مرحوم بزرگ اُستاد، حاجي جاڙو، سنڌ مدرسي وارو ياد آيو. مرحوم خوشطبعيءَ جي وقت ۾ ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو ته ”ڏاڙهي مڇون ڇٽ، ڀرون شاهه بچائي!“

آءٌ هڪ هفتي لاءِ ڪينٽڪي يونيورسٽي، ليڪسنگٽن ۾ سنسناٽي ويو هوس. هي هفتي جو دورو مزيدار

هو. چند علمي ۽ تعليمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪير،
۽ ٻن ريڊيو پروگرامن ۾ شامل ٿيس. ٽيون ڏينهن
واپس آيو آهيان، ۽ اڄ توهان کي هن هفتي جي
ڪارروائي کان واقف ڪندس.

مون توهان کي پنهنجي مصروفيتن بابت گهڻو لکيو
آهي. جتي به ويو آهيان، جن به ماڻهن سان مليو ٿيو
آهي ۽ جي خاص درسگاهه ۽ استاتذه ڏٺا اٿم، اهو سڀ
پاڻ وٽ مختصر نوٽن سان رکندو وڃان ٿو. جڏهن
آمريڪا جو سفر پورو ڪندس ته توهان کي انشاءالله
جهاز مان احوال لکندس. مون جيڪو پنهنجو خيال
آمريڪي اخلاق، تعليم ۽ علمي ادبي ماحول تي قائم
ڪيو آهي، انهيءَ جو ذڪر هنن جغرافيائي حدن کان
ٻاهر نڪرڻ تي ڪندس. ممڪن آهي ته واپس اچڻ
تائين نه به لکان، ڇو ته يورپ جي سير جو اهڙو
پروگرام بڻايو اٿم، جو شايد انهيءَ جي لکڻ لاءِ وقت
نه به ملي.

خير، مون توهان کي لوئيوائل ۽ ڪينٽڪي شهر
بابت ٻڌايو ٿي: ڪينٽڪي اسٽيٽ ٽن ڳالهين کان
آمريڪا ۽ دنيا ۾ مشهور آهي. پهريون ته هتي تماڪ
تمام سٺو ۽ گهڻي انداز ۾ ٿيندو آهي. هتي جو تماڪ
دنيا جا ماڻهو فخر سان پيئندا آهن. والٽر ۽ رائلي جي
تماڪ جون ڳالهيون هتي مشهور آهن. ٻي ڳالهه هيءَ
ته هتي شراب تمام سٺو ۽ بي انداز ٿيندو آهي- بس
توهان کي رڳا شراب جا ڪارخانا ملندا. شراب جو

مختصر خمار ئي ٿوهان کي آسمان جا تارا ڏيکاريندو. ٿين ڳالهه هيءَ ته هتي گهوڙا سٺا آهن ۽ گهوڙن لاءِ ايڪڙن ۾ فارم آهن. هتي لوئيوائل ۾، دنيا جي وڏي ۾ وڏي گهوڙن جي ريس ٿيندي آهي. اپريل جي ٢٥ کان مئي جي ٢ - تاريخ تائين ڪينٽڪيءَ ۾ گهوڙن جون ريسون هلنديون آهن.

ڪالهه لوئيوائل ۾ ڪينٽڪي ڊربي جو موقعو هو. مون کي دعوت مليل هئي ۽ خاص پاس هئي. هيٺ هن ڊربيءَ جو احوال لکان ٿو: انگلنڊ ۾ ايپسم واري ڊربي زياده مشهور آهي، مگر هيءَ لوئيوائل ۾ ڪينٽڪي ڊربي وڏي پيماني جي آهي. مون ڊربي انگلنڊ ۾ به ڏٺي آهي مگر جنهن حد تي هتي ڪئي ويئي تي، اها انگلنڊ کان هزار بار وڌيڪ آهي. اهو هن مان اندازو لڳايو:

گذريل ٽن ڏينهن کان هيءَ حالت بڻي آهي جو اٽڪل اڍائي لک ماڻهو، آمريڪا ۽ دنيا کان اچي گڏ ٿيا آهن. اندازو لڳايو ٨ سؤ خانگي ۽ خاص هوائي جهاز آيل آهن. ڪمپنيءَ جا هلندڙ جهاز، ان کان ڌار، ١٦ اسپيشل ريل گاڏيون آيون آهن، جن ۾ مسافر رهندا، ۽ آهي هت پيهنديون. ٢٥ هزار موٽرون ميدان تي گڏ ٿيون آهن. هوٽلن جي هيءَ حالت آهي جو فقط ٽن ڏينهن جي رهائش جا ١٥٠ ڊالر ۽ مانيءَ جو خرچ ان کان الڳ! ڇا پڇاڻو، مزيدار موقعو هو. آمريڪا ۾ پنهنجي خبر ئي نٿي

پوي- ڇا انتظام هوا سڀ چيز منظم ڏسي، حيرت وٺي ويٺي. هڪ وڏي مشين ڪم ڪري رهي هئي. ڏينهن هو عاليشان- جنهن جو مطلب ته آسمان صاف هو. برسات جو انديشو نه هو. سج ۾ ذرا تپش هئي، مگر مزيدار ۽ ٿڌي ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. حرارت ۽ سرديءَ جو حال هيءُ هو، جو بلڪل اطمينان سان معمولي ڪپڙا پائي ٿي سگهياسين، ۽ اوورڪوٽ جي اصل ضرورت نه هئي. اهڙي فضا هئي جنهن ۾ ڪي جرٽمند، پنهي جنسن وارا انسان، هن نمائش ۽ جشن جي موقعي مان، ڪپڙن جي ڪمي بيشيءَ جو خوب فائدو وٺي رهيا هئا. هيءُ عياشي، هيءُ مدهوشي، هيءُ مستي، هيءُ جوابازي، هيءُ شراب نوشي، هيءُ فارغ البالي دنياجي ڪنهن به قوم کي اڄڪلهه نصيب نه آهي. مون توهان کي اڳي ٻڌايو آهي ته هتان جا ماڻهو چڱائي نوڙي برائي وڏي پيماني تي ڪندا آهن. وٽائي فقير وارو مثال ته ”ڏوڙ پائجي ته وڏي ڍڳ مان، نندي مان ڇا ڏوڙ پوندي!“

اهو ته توهان کي مزيدار سير جو بيان ٻڌايان: مون کي پروفيسر ٽامس ڪلارڪ، ڪنٽڪي يونيورسٽيءَ جو پاڙ سان گڏ ليڪسنگٽن ۾ آمريڪا جي مشهور گهوڙن جي فارم تي وٺي ويو. ڇا ڏٺوسين- هڪڙا چار سؤ ايڪڙ زمين. جنهن جي چوڌاري هڪ ڪاٺ جي ٽِين جي ديوار آهي. پٽيون تيل جي پينٽ سان

لڳل هيون ۽ چمڪن پيون، انهيءَ ايراضيءَ جي چوڌاري، وري بي اٽڪل ٥-٦ کن ايڪڙ زمين آهي، جيڪا به حصن ۾ ورهايل آهي ۽ اهڙيءَ طرح گهيريل آهي. وچ ۾ ساڻو گاهه بنان ڪنهن زمين جي خالي ٽڪر جي ڇانيل هو. انهن جي اندر جايون ٺهيل آهن ۽ گهوڙن جا طبيلا ٺهيل آهن. قبرن تي سنگمرمر جا پٿر رکيل آهن ۽ انهن تي گهوڙن جا نالا، ۽ سندن مختصر تاريخ، ۽ انهن جي شان ۾ بيت آهن. هڪ گهوڙو خاص امتياز وارو هو، جنهن جو نالو 'مئن آف وار' هو اُن جو هڪ ١٥ فوٽ وڏو پٿر جو مجسمو ٺهيل هو، ۽ گهوڙي جي مرڻ جي تاريخ اُن جي صندل تي اُڪريل هئي. هن گهوڙي هن وقت تائين دنيا جون وڏي ۾ وڏيون ريسيون کٽيون هيون. هاڻ اچو طبيلن ڏانهن هلون:

ڇا طبيلن جون جايون آهن! اسان جو سنڌ مدرسي وارو بنگلو انهن جي مقابلي ۾ جهوپڙي به نه سُنهي! پٿر جون پٽيون ۽ ڪاٺ جون پانيلون، چُرندڙ دروازا، اليڪٽرڪ بتيون ۽ پنکا خاص سجاوٽ سان! ٻه گهوڙا قابل ذڪر آهن، ۽ ٻئي محترم آغا خان جي آئرلنڊ واري طبيلن جا تيار ڪيل آهن. هڪ ٣ لکن ٻيو ٤ لکن رپين جا خريد ڪيل هئا. بس سائين، ٻڌو انوَ، "نه ڪٿي ڏيور سُجا، نه ڪٿي چور سُجا." مٿان ٿون ڪان وسري نه وڃي، هن ڊربيءَ ۾ جنهن گهوڙي کٽيو، اُن جو نالو 'ڊارڪ اسٽار' هو. گهوڙي جي مالڪ کي

٣ لک ڏهه هزار رپيا مليا. جن به شرطون رکيون هيون، انهن کي هڪ ڊالر جا ٢٥ ڊالر مليا. انسان جون خواهشون ۽ دلچسپيون خبر نه آهي ته انسان کي ڪيڏي نه جنون ۽ مذاق کي رسائين ٿيون. مگر هن حالت ۾ به انسان پنهنجون ذاتي ۽ قومي ذميواريون ڪڏهن به نه وساريون آهن. هڪ مخمور آمريڪيءَ کان ڪڏهن به قومي بدعنوانيءَ جو ڪم نه ڪرائي سگهندو، فرض جو تخيل هتي آسمان تائين پهچي ٿو، مگر عياشي ۽ بيهودگي تحت الثريٰ تائين پهتل آهي.

(۱۴)

ٿوهان کي ڊربيءَ جو سير ڪرايون. هاڻي توهان کي آمريڪي حياتيءَ جي ڪن ضروري پهلوئن کان واقف ڪيان ٿو. آمريڪي حياتيءَ ۾ اهم کان اهم جزو آهي، گهر ـــ اچو ته توهان کي آمريڪي گهرو حياتي کان واقف ڪيان. خوشي نصيبيءَ سان آءٌ هڪ اهڙي گهر ۾ رهان ٿو جو هن معاشره جو هر طرح مثال پيش ڪري ٿو. هن گهر جو ڪمائيندڙ ڊاڪٽر بلاڪ آهي- کيس ٽي ڇوڪرا آهن، جن جي عمر ۱۲، ۹ ۽ ۶ سال آهي. گهر ۾ ڀيون ڪوبه ڪم ڪندڙ نه آهي. هي هڪ متوسط قسم جو گهر آهي، جنهن ۾ ۱۴ ڪمرا آهن. ڊاڪٽر بلاڪ متوسط ۽ اعلي متوسط طبقي ۾ ليکيو وڃي ٿو. سندس آمدني الڪل ۹ هزار رپيا مهينو آهي. کيس ٻه موٽرون آهن، هڪ سندس حوالي ۽ ٻي سندس زال جي. هفتو هن طرح گذري ٿو:

هفتو سومر کان شروع ٿئي ٿو. صبح جو سوير ساڍي ستين بجي، ڊاڪٽر گهر مان نڪري وڃي ٿو. ڊاڪٽر جي زال ساڍي پنجين بجي اٿي ٿي: ٻارن ۽ گهر لاءِ نيرن تيار ڪري ٿي. ٻار به ساڍي ستين بجي اسڪول هليا وڃن ٿا. مسز بلاڪ ان کان پوءِ گهرجي

Soorih Mirani

ٻهاريءَ ۽ ٿانون ڌوئڻ جو ڪم لاهي ٿي. ٻارن جون ڦيٽيون ٽٽيون ٿاهي ٿي. منجهند جي ماني هرڪو ٻاهر کائي. ٻار اسڪول ۾ کائن ۽ ڊاڪٽر ڪنهن هوٽل ۾. گهر هجون ته مختصر ماني کائجي. شام جو مسز بلاڪ وري ماني ٺاهي ۽ رات جو ساڍي ٦ بجي اسين سڀ ڊاڪٽر بلاڪ، سندس زال، ٻار ۽ آءٌ گڏجي، هڪ ميز تي ماني کائون. ڊاڪٽر وري پنهنجي مشغولين ۾ وڃي لڳي ۽ رات جو ١١ بجي ڌاري واپس اچي. مسز بلاڪ گهر ۾ وري ڪم ڪري ۽ ٻارن کي سمهاري، ٿانو صفا ڪري ۽ صبح جي نيرن جي تياري ڪري. هفتي جي ستن ڏينهن جي اِها حالت آهي. گهر ۾ نه نوڪر نه چاڪر، سڀ ڪم هٿن سان ڊاڪٽر ۽ سندس زال ڪن. جڏهن ٻار اسڪول کان واندا هجن، ته اُنهن کان گهر جي صفائي جو ڪم وٺن. گهر جي اڳيان ۽ پٺيان باغ آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر جي زال صبح جو يا شام جو ڇپر وڍيندي آهي، يا گل پوکيندي آهي، يا صفائي ڪندي آهي. اُن ۾ رنبي ۽ ڪوڏر جو ڪم به شامل آهي. ٻار اسڪول کان اچن ته انهن کان به باغ جو ٿورو ٿورو ڪم ورتو وڃي ٿو. مسز بلاڪ موٽر ۾ وڃي ٿي ۽ اڳئين ڏينهن جي کاڌي لاءِ سامان وٺي گهر ۾ رکي ٿي. سندس چوڻ موجب سندس حياتي باغ، ٻارن ۽ بورچيخاني جي حوالي آهي.

هفتي ۾ ٻه دفعا ٦ ڪلاڪن لاءِ، هڪ شيدياڻي دائي اچي ٿي، جا فقط ٻارن جا ميرا ڪپڙا ڌوئي وڃي ٿي. سومر ڏينهن شام جو ڊاڪٽر ۽ مسز بلاڪ هميشه ڪنهن دعوت تي ويندا آهن. هو سومر شام ڪان سواءِ ڪابه دعوت قبول نه ڪندا آهن. اربع ڏينهن فقط پر واريون عورتون اچن ٿيون ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون يا راند ڪن ٿيون. هو اربع جو ڏينهن اٽڪل ۱۰ بجي ڪان ۲ بجي تائين راند جي نذر آهي، ۽ هر هفتي هڪ يا ٻي گهر ۾ عورتون گڏ ٿين ٿيون. آچر جو ئي ڏينهن آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر کي فرصت هوندي آهي، ۽ ڪجهه وقت ٻارن وٽ ويهندو آهي. آچر جي ماني وري شهر کان ٻاهر ڪنهن هوٽل ۾ کائيندا آهيون.

گهر جو سڀهو ٽلهو ڪم مسز بلاڪ ڪندي آهي، مگر جيڪڏهن ڪو سخت ڪم آهي ته ڊاڪٽر وقت ملڻ تي ڪندو آهي. ڊاڪٽر رات جو سڀهڻ ڪان اڳ پنهنجي ورڪشاپ ۾ لوهارڪو يا واڍڪو گهر جو ڪم لاهيندو آهي. موٽر پيئي همت سان صفا ڪن ٿا. ڊاڪٽر چاهي ۾ ڪوئلا پاڻ وجهندو آهي. مطلب ته ڊاڪٽر سڄو هفتو يا آفيس ۾ يا مريضن سان لڳائي ۽ مسز بلاڪ ٻارن ۽ گهر سان.

ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ته هو نوڪر رکي نٿو سگهي، سندس چوڻ آهي ته هيءَ شيدياڻي جا ٻه ڏينهن ٦ ڪلاڪن لاءِ اچي ٿي، اهو خرچ به سندس لاءِ مشڪل آهي. ڊاڪٽر اٽڪل سادا ٽي هزار رپيا مهيني ۾ ٽئڪس

وغيره ۾ ڏئي ٿو، ٻارن تي خرچ ڪري ٿو، ۽ چوي ٿو ته زندگي وڏي مصيبت سان خوش گذري ٿي.

هيءَ آهي متوسط درجي جي اعليٰ طبقي جي حالت، جو نوڪر رکڻ جي به طاقت نٿو رکي. نوڪر رکڻ معنيٰ ڏيڍ هزار مهينو ڊالر ڪري رکڻ. هي زندگيءَ جي عجيب گهراين جو انڪشاف آهي. محنت ۽ فرض جو عجيب تصور آهي. هتان جو مرد ۽ عورت سڄو ڏينهن زندگيءَ جي ضروريات کي منهن ڏيڻ ۾ پورا آهن. ڪم جو هتي عجيب ۽ اعليٰ تخيل آهي. ڪم ڪهڙو به ادنيٰ هجي مگر فخر سان، بنان حجاب ۽ شرم جي ڪيو وڃي ٿو. اسان جي حياتيءَ ۾ نوڪرن اسان جو خانو خراب ڪيو آهي. اسان جي ملڪ ۾ هٿن سان ڪم ڪرڻ کي بي عزتي تصور ڪيو وڃي ٿو. مزور کي فقير سمجهيو وڃي ٿو - بيڪار ۽ سست کي وڏيرو ۽ چوڌري سڏيو وڃي ٿو. ڪيڏو نه اخلاق آهي، جو ٩ يا ١٠ هزار رپيا مهيني ۾ ڪمائيندڙ انسان، جنهن کي ٻه موٽرون آهن، سو سڀ ڪم هٿ سان ڪري ٿو، نه نوڪر نه ڊرائيور! آمريڪا ۾ حقيقي بچت اِها آهي، جيڪا انسان هٿن سان سرانجام ڪري ٿو. مثال ونو: بوٽ پالش ڪرايو ته ٻه رپيا ڏيو، مگر پالش وٺي پاڻ ڪريو ته ٽڪو به خرچ نه ٿئي. مزور کان پيٽي کڻايو، ته ٻه رپيا ڏيو، پاڻ کڻو ته بچت، پيٽيءَ جو تالو ٽهرايو ۽ ٺوڪايو ته ٽي رپيا، پاڻ ٺاهيو ته بچت. مطلب ته ٻي کان ڪم ڪرائڻ

سخت مهانگو پوي ٿو. توهان هر گهر ۾ ڏسندا ته گهر
جي ٻهاري صفائي، باغ جي صفائي، وڻن جي سنڀال،
پاڻي ۽ باهه جو انتظام گهر جا ڀاتي ڪن ٿا. ڪپڙا
ماڻهو هٿ سان ڌوئن. ڊاڪٽر بلاڪ هڪ شيديائي ٻارن
جي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ رکي ٿو ۽ رکي سگهي ٿو، مگر
۵ يا ٦ هزارن جي آمدنيءَ وارو ماڻهو هڪ ڪلاڪ
لاءِ به نوڪر نٿو رکي سگهي. مون کي هن طرح ڪم
ڪندي ڏسي حيرت ٿي. سائين، قوم جي خوشحالي،
فردن جي صحت ۽ خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ تي منحصر
آهي. بيڪار حياتيءَ لاءِ سڀ رستا بند آهن. ٻين جي
ڪمائيءَ تي پلجڻ جهڙي وڏي بداخلاقي ٻي اصل ٿي
نٿي سگهي. اسان جي اسلامي تاريخ شاهد آهي ته جڏهن
اسان جي قوم ۾ ڪم کان نفرت پيدا ٿي، جڏهن سستي
۽ بيڪاريءَ ۾ شان پيدا ٿيو، جڏهن بداخلاقيءَ لاءِ
وقت ميسّر ٿيو، ته سڀ خرابيون آيون. هن ملڪ ۾
ماڻهو توهان کي ڪڏهن به ڪم ڪرڻ کان سواءِ ويٺل
نظر نه ايندا. ڪوبه انسان توهان کي وقت کان پٺيان
نظر نه ايندو. هر ڪو پنهنجي وقت تي، پنهنجي ڪم ۾
مصروف هوندو، ۽ وقت تي پورو ڪندو. مگر وقت کان
پوءِ، هو هڪ منٽ لاءِ به ڪم نه ڪندو، اگر ڪندو ته
پيٽو عيوضو گهرندو. ڪم ۾ سستي يا خرابي پيدا ڪرڻ
جو ڪيس خيال به نه ايندو. ڪم جي وقت چانهه، سگريٽ،
پان يا پاڻيءَ وغيره لاءِ ڪيس وقت نه آهي. ڪم پوري

ڪرڻ ڪان پوءِ، هُو شراب ۾ ٻُڏي مرڻ لاءِ به تيار آهي.
مطلب ته هتي ڪمائي حلال ڪري کائين ٿا. پوءِ ڀلا اهڙي قوم شاهوڪار، خوش ۽ مست هجي ته ڇو نه هجي. جيڪي انسان فطرت جي فرض ادائي ڪن ٿا، جيڪي انسان هر شئي کي سمجهن ٿا ۽ اُن مان ڪم وٺن ٿا، جيڪي انسان محنت جو قدر ڪن ٿا، جيڪي انسان ڪم ڏيڻ کي اُصول، عمل ۽ اخلاق سمجهن ٿا، اُنهن کي طاقت ۽ تونگري ڇو نه نصيب هجي! آمريڪا جي زمين آمريڪي انسانن جي محنت جو اعليٰ مثال آهي. ’فاعتبروا يا اولي الابصار!‘

اڄ وري هڪ هفتي لاءِ ٽينيسي وچ رهيو آهيان. ڊاڪٽر بلاڪ جو پاڻ فزڪس جو ڊاڪٽر آهي، سو دنيا جي مشهور يونيورسٽي وَنڊربلٽ ۾ ڪم ڪري ٿو. اڄ نيشويل شهر ۾ ويندس جتان فسڪ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر، ڊاڪٽر جانسن دعوت موڪلي آهي. ٽينيسي ولي اٿارٽي، هڪ وڏي اسڪيم آهي، جنهن ۾ ندين جي پاڻيءَ کي آباديءَ ۽ برقي طاقت لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. اگر اسين سکر براج ۽ سرحد جي ملاڪانڊ اسڪيم کي گڏ ڪيون، ته به هيءَ اسڪيم اُن کان سؤ دفعا وڏي آهي. هي احوال پوءِ لکندس. ايان جي سنڌ جي انجنيئرن کي هن ڪم جي اُميد ته خوب خبر هوندي.

اڄ به واپس اچڻ جي تيارين ۾ آهيان. اُميد ته هتان لوئيوائل کي پهرينءَ جون تي ڇڏيندس، ۽ واپس رخ رکندس. رستي جو پروگرام ٽينيسي کان موڪلي ڪان پوءِ لکندس. دعا ڪندا.

("الوحيد" ١٥- مئي، ١٩٥٣)

هي ڏهه ڏينهن ڏاڍا سبق ڏيڻ هليا. مون کي فسڪ يونيورسٽي، نيشويل ۽ وينڊربلٽ يونيورسٽي، ۽ نيشويل ٽينيسي کان دعوتون آيل هيون. مون کي ڊاڪٽر بلاڪ جي نندي ياءُ ڊاڪٽر انگرم بلاڪ کان به دعوت آيل هئي، جو وينڊربلٽ يونيورسٽيءَ ۾ فزڪس جو پروفيسر آهي. ڊاڪٽر بلاڪ ٣٢ سالن جي عمر جو آهي ۽ فزڪس ۾ ايترو ڪم ڪيو اٿس جو آمريڪا جي جنگي محڪمي کيس سندس پگهار کان سواءِ هڪ الائونس به مقرر ڪري ڏنو آهي ته جيئن هو تجربن ۾ مصروف رهي. ڊاڪٽر بلاڪ لاءِ ڪنهن به تجربي جي نتيجي حاصل ڪرڻ تي الائونس جو جاري رهڻ ضروري نه آهي. مطلب آهي ته کيس مصروف رکڻ لاءِ جنگي محڪمي کيس الائونس ڏنو آهي.

وينڊربلٽ ۽ فسڪ يونيورسٽيون ٽينيسي ۾ آهن جنهن کي آمريڪا جي جنوبي اسٽيٽس ۾ ليکيو وڃي ٿو. فسڪ يونيورسٽي خاص شيدين جي لاءِ آهي جنهن ۾ هڪ به سفيد چمڙيءَ وارو نه آهي. وينڊربلٽ خاص اڇي چمڙيءَ وارن لاءِ آهي، جنهن ۾ هڪ به شيدي نه آهي. هي ٻئي يونيورسٽيون پنهنجي نموني آمريڪا جي بهترين يونيورسٽين مان آهن. منهنجو اساتذه ۽

شاگردن سان ملڻ ٿيو، انهن سان گفتگو ۽ بحث مباحثو وغيره ٿيو. پنهي يونيورسٽين جا پريزيڊنٽ منهنجا دوست آهن ۽ پنهي جون پنهنجون پنهنجون خبرون آهن. توهان کي ڀڏي حيرت ٿيندي ته هي ٻيئي پريزيڊنٽ هڪٻئي سان ذرا گهٽ ملندا آهن.

ٽينيسي ۾ آمريڪا جي مشهور 'ٽينيسي وئلي اٿارٽي' جا ڊئم ڏٺم. انسان جي ڪم، انسان جي محنت، انسان جي دماغ، خدا جي هن زمين کي ڪيترو نه سينگاريو آهي، ۽ خدا جي خلقت لاءِ ڪيترين نه سهولتون مهيا ڪيون آهن. مگر هن دوري جي تجربي ايترو ڀڏايو آهي ته هن برادريءَ ۽ جمهوريت جي ملڪ ۾ ايترو ته بغض آهي، جو انسان سان ظلم جي به حد ٿي نه آهي! قرآني آيت ياد آئي: "اسان انسان کي بهترين ۾ بهترين بڻايو، ۽ بعد ۾ اسان اُن کي هيٺ ۾ هيٺ ڪيرايو." هڪ طرف انسان جو عروج ۽ ترقي، ۽ ٻئي طرف ظلم ۽ خرابي، تنهن جي ڪابه حد نه آهي. هن ڳالهه کي هتي قطع ڪيان ٿو، ۽ توهان کي هڪ ٻيءَ ڳالهه کان واقف ڪرڻ گهران ٿو. هن وقت تائين منهنجا هي سب مضمون بياني رهيا آهن ۽ ڪٿي ڪٿي اشارتاً ٿوري ٿوري تنقيد به ڪندو رهيو آهيان. منهنجي واپس اچڻ جو وقت به نزديڪ اچي رهيو آهي، ۽ آمريڪا جو بياني احوال به ختم ٿيڻ تي آهي. پر هن ملڪ کي سمجهڻ لاءِ، چند ڳالهيون بيان ڪرڻ ضروري آهن:

توهان کي ياد هوندو، مون توهان کي ٻڌايو هو ته آمريڪا ۴۸ ننڍن پرڳڻن ۾ ورهايل آهي، جن کي هتي "اسٽيٽ" سڏين ٿا. مون توهان کي اهو به ٻڌايو هو ته هي ملڪ تقريباً ٽي هزار ميل ڊگهو، ۽ اڍائي هزار ميل ويڪرو آهي. مون توهان کي ٻڌايو هو ته هن ملڪ جا ماڻهو تاريخي نقطهء نگاهه کان ڪهڙي نموني سمجهڻ گهرجن - مثلاً يوروپي، شيدي ۽ ريڊانڊين. توهان کي هاڻي زمين ۽ هتي جي باشندن جي ورڇ جي نتيجن جو بيان ٻڌائيندس. توهان وٽ به اليڪشنون ختم ٿيون هونديون ۽ توهان جي اميدوارن ۽ ووٽرن جو دماغ به جاء تي هوندو. الله تبارڪ سڀني کي چين ۽ سڪون نصيب ڪري. اسين نه ووٽر، نه ايڊيٽر، نه اميدوار، پر اسان جي حالت ۾ ڏاڍو مزو آئو. خير، آمريڪا آمريڪي باشندن جي نظر کان چئن حصن ۾ ورهايل آهي: هڪ حصو، جو نيويارڪ کان سنسناٽي سينٽ لوئز ۽ شڪاگو جي حدن اندر آهي؛ (توهان اگر نقشي تي ليکون ڪيندا ته خبر پوندي). ٻيون حصو، واشنگٽن شهر کان نيشويل کان سڌو نيوميڪسيڪو تائين، جنهن کي ڏکڻ حصو سڏيندا سون؛ ٽيون حصو واشنگٽن اسٽيٽ جي ايرندي کان نيو ميڪسيڪو تائين، جنهن کي الهندو حصو سڏيندا سون؛ ۽ چوٿون حصو باقي آمريڪا جو

جنهن کي وچ ۾ اتر- آمريڪا سڏيو وڃي ٿو. يورپي
قومون جڏهن پکڙيائين آمريڪا آيون ته اڀرندي- آمريڪا
۾ سڪونت ڪيائون، ۽ پوءِ آهستي آهستي وڌڻ لڳيون.
جيئن ته هيءُ حصو يورپ کي ويجهو آهي، انڪري
هن حصي جي ماڻهن جو لڳاءُ يورپ سان زياده آهي.
هن حصي ۾ آمريڪا جا وڏا ڪارخانا آهن ۽ آدمشماري
به گهڻي آهي. سردي به هن حصي ۾ گهڻي آهي. وڏا
شهر، وڏا ڪاليج ۽ هنري مرڪز به هن حصي ۾ آهن.
ڏاکڻي حصي ۾ جڏهن يورپي قومون آيون، تڏهن اتي
وڏا وڏا ميدان، چراگاهه ۽ ٻيلا هئا. اها خدائي زمين
جيئن ته ماڻهن کي مفت ملي ويئي، انڪري اُتي
زرعي پوک ڏاڍو زور ورتو. توهان کي اناج ۽ ڪپهه
وغيره، هنن حصن مان ملن ٿا. هنن حصن ۾ باغات به
گهڻي آهي. هنن حصن ۾ تيل ملي ٿو ۽ ڪاڻيون به
گهڻيون آهن. هتي گرمي به ڪافي آهي. مگر جيئن ته
هن حصي ۾ گهڻا ميدان ۽ انساني آبادي گهٽ هئي،
انڪري يورپي ماڻهو سورهين صديءَ کان وٺي
آفريڪا مان شيدين کي غلاميءَ ۾ جڪڙي، جهاز ڀري،
جسماني پورهيي وٺڻ لاءِ آڻيندا رهيا— آمريڪا جي
شيدي آدمشماري زياده تر هن حصي ۾ آهي، ۽ هن جو
لڳاءُ وري ڏکڻ آمريڪا سان گهڻو آهي. توهان کي
هت رجعت پسند زياده ملندا. الهندي طرف جيئن ته
ايشيا ويجهو آهي، انڪري ٻيون حالتون رونما ٿيون آهن. هن حصي ۾

ريڊ انڊين زياده رهندا هئا، انڪري جنگيون ۽ خونريزيون زياده تعداد ۾ ٿينديون رهيون، جن جو اثر اڃا به موجود آهي. چين، جپان ۽ فلسطين مان ماڻهو هن حصي ۾ لڏي آيا، ۽ الهندي ۾ اهو اختلاط ٿيو باقي وچ ۽ اتر حصي جي چوڌاري رهندڙن جي زياده حالتن جو اثر مخلوط نموني رهيو. ماڻهن جي هن ورڇ جو آمريڪا جي سياسي، اقتصادي، تهذيبي ۽ نسلي حالتن تي وڏو اثر پيو.

يهودي آمريڪا ۾ عجيب اثر ڪان آيا. يهودي زياده تر نيويارڪ اسٽيٽ ۽ يارڪ شهر وڃهو رهيا، ۽ پيا وري فلا ريڊ اسٽيٽ ۾ ويا. هاڻي نتيجو ڇا نڪتو آهي، جو نيويارڪ اسٽيٽ ۽ شهر فلا ريڊ ۾ ماڻهن کي سخت نفرت پيدا ٿي ويئي آهي. يهودين هنن حصن ۾ اخباري، سياسي ۽ اقتصادي حالتن تي خوب قبضو ڪيو آهي. ڏکڻ ۾ جيئن ته شيدي سال ١٨٦٠ع تائين غلام هئا، انڪري انهن خلاف اڃا نفرت آهي، جا هن حد تائين، جو لوئيوائل ڪان جيئن هيٺ ويندا ته توهان کي هي ۽ نفرت، بغض ۽ ظلم زياده نظر ايندو. هنن لاءِ ڪاٿي جون بسن ۾ ڌار جايون، ڌار ويٽنگ روم، ڌار اڇن وڃن جا رستا، ڌار هوٽلون، ريلن ۽ اسڪولن ۾ به ڌار ڌار جايون. مطلب ته سڀئي حياتي هنن جي هن اثر هيٺ ظلم جو گهر بڻجي چڪي آهي. اهڙو ڪافي نه آهي ۽ وري وچ الهندي ۽ ڏکڻ الهندي ۾ جتي ريڊانڊين هئا،

آني آنهن جي نفرت به ڦري هنن تي ڪِري آهي. جڏهن آمريڪا ۾ هنن جون لڙايون ختم ٿيون ۽ آمريڪي قانون هيٺ هنن قومن کي اسان جي ڪورٽ او وارڊس وانگر قومي وارڊ قرار ڏنو ويو، تڏهن کان هنن کي اهڙي نموني هلايو ۽ رکيو وڃي ٿو، جيئن هڪ ٻار کي وڏو پاليندو آهي. الهندي حصي ۾ جپاني ۽ چيني نسلن جي ڪري وري اُن نفرت جو نزلو اچي هنن درويشن تي ڪِريو آهي. گذشته جنگ ۾ جيڪي به جپاني نسل جا ماڻهو هئا، آنهن کي هزارن جي تعداد ۾ جيلن ۾ وڌو ويو، ته متان ڪنهن وقت آمريڪا کي اندران ئي اندر نقصان نه پهچائين.

اهي عجيب و غريب قسمن جون نفرتون آهن، مگر شيدين سان نفرت عجيب حالت جي آهي. هن جو اثر ڪنهن نه ڪنهن طرح سڄيءَ آمريڪا تي آهي، مگر توهان جيئن اتر کان ڏکڻ ايندا ته هن نفرت ۽ ظلم جي حالت وڌنڌي رهندي. يهودين، ريڊانڊين ۽ ٻين نسلن جي ماڻهن سان ايڏو ويل نه آهي. هنن جا ٻين نسلن ۾ ڪافي متمول، خوشحال ۽ بااثر ماڻهو ملندا، مگر شيدين جي حالت ئي آهي!

توهان کي خبر آهي ته انساني ڪمزورون ۽ غلطيون ٿين چو ٿيون، ۽ انسانن جي هيئن گڏ ملڪ ۾ رهڻ کان اختلاط چو وڌندو رهيو آهي؟ توهان کي هنن نسلن جي اختلاط جي اثر هيٺ ملڪ ۾ حيرت انگيز

ماڻهن جو حصو ملندو جن ۾ والدين جـي حرڪتن جون علامتون ملنديون.

هن نسلي امتياز جي دنيا ۾، خدا کي ياد ڪرڻ ۾ انسان لاءِ مضر نظر اچي ٿو. طاقت ۽ پئسي انساني همدرديءَ کي متائي ڇڏيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته حالتون تمام تيزي سان سڌري رهيون آهن، جي آخر تاريخ، دنيا، ۽ ماڻهن کي سبق سيکارين ٿيون. فطرت جو قانون آهي ته ظلم جو اجورو هن دنيا ۾ ڏي مليو وڃي. تاريخ ڪڏهن به ظالم کي سزا ڏيڻ کان نه رهندي آهي. ظالم ۽ بدڪار، دنيا ۾ سزا کائي مرندو اهي! افسوس فقط هي ته ظالم ۽ بدڪار کي جيسين سزا ملي، تيسين هن جي حرڪتن مان ڪافي نقصان پهچندر رهندو آهي. خير، سائين جنگ آئي ۽ حالتون تيزيءَ سان ڦرڻ لڳيون. اچو ته ٻيون پهلو ڏسون.

توهان کي خبر آهي ته آمريڪا جي هميشه اهائي پاليسي رهي آهي ته پوريءَ دنيا جي پيچيده مسائل کان پري رهي. سترهوين صديءَ جي پهرينءَ لڙائي، ١٩١٤ع نائين، آها بيطرفداري حالت ۾ رهي ۽ ١٩١٧ع ۾ آمريڪا بين الاقوامي حالتن جي اثر هيٺ جنگ ۾ ٽپي پئي، مگر آمريڪي سولجرن جي خدا هڏي ۽ ١٩١٩ع ۾ جنگ ختم ٿي. پريزيڊنٽ ولسن دنيا جي مسائل ۾ آمريڪا جي دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ته ويچاري کي لتون هڻي ڪڍي

ڇڏيائون. آمريڪا ليگ آف نيشنز ۾ نه رهي، ۽ وري
ٻه علحدگيءَ جو دورو رهيو. پوءِ اوڻهين صدي ۽ ويهين
صديءَ ۾ ١٩٤١ع تائين، جڏهن جپان آمريڪا تي
حملو ڪيو، تيستائين آمريڪا کي هڪ وڏو عرصو ملي
ويو جنهن ۾ هن ملڪ، دنيا مان خوب پيسا ڪمائي
پاڻ کي خوشحال بڻايو ۽ دنيا ۾ عجيب ۽ غريب طاقت
هٿ ڪئي. آمريڪا جنگين ۾ شامل ٿيو، مگر جنگين
آمريڪا جي سرزمين تي ڪوبه اثر نه ڏيکاريو. جنگيون
آمريڪا جي سرحد کان هزارها ميل پري رهيون. جپان
جو پرل بندر تي حملو، آمريڪا تي ويجهي ۾ ويجهو
حملو هو. خير، ١٩٤١ع ۾ آمريڪا مجبور ٿي ١٩٣٩ع
واريءَ لڙائيءَ ۾ آئي، ۽ جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ دنيا
ٻن طاقتن جي اثر هيٺ اچي ويئي- هڪ رشيا ۽ ٻي
آمريڪا. جنگ ختم ٿيڻ سان آمريڪا پاڻ کي بين الاقوامي
حالتن جي وچ ۾ ڏٺو. هن دفعي جند ڇڏائڻ مشڪل
ٿي پيس، هاڻي طاقت ۽ محتاجي ٻنهي نصيب ٿيس. اڄ
هن وقت آمريڪا جي بين الاقوامي تعلقات جو ذڪر
نه ڪندس. اهو اونهو مسئلو آهي. هن جنگ آمريڪا
جي علحدگي ختم ڪئي، مگر حالتن نوان خطرا ۽
شبها پيدا ڪيا. اهڙي جنگين جي ضرورتن ۽ هيبتن
آمريڪا کي اکيون ڏيکاريون ۽ مخمور دماغ ڪجهه
صحيح ٿيڻ لڳو ۽ هتي ويچارن شيدين جي خدا ٻڌي.

هن دوران ۾ دنيا ۾ ٻيون به ڪجهه حالتون پيدا
ٿيون. انگريزن جي طاقت گهٽي، پاڪستان، هندستان،
سلون، برما ۽ انڊونيشيا آزاد ملڪ پيدا ٿيا، ۽ هن
آزاديءَ جو پڙاڏو هتي ٻڌو ويو. هن حالت به آمريڪي
شيدين جي وقار، عزت ۽ انسانيت کي وڌايو. آمريڪا
کي يقين ٿيو ته جنگ اڄڪلهه قوم جي هر فرد: مرد،
عورت ۽ ٻار لاءِ تڪليف پيدا ڪري ٿي. جنگ جون
حالتون اندروني نفرت سان ڪڏهن به ڪاميابيءَ سان
حل نه ٿينديون آهن. فرعون جو دماغ موسيٰ ٺيڪ ڪيو!

آمريڪا هاڻي شيدين کي قوم ۾ جذب ڪرڻ جي
ڪوشش ڪئي. يورپ جا ڪيترا حصا جن مان آمريڪا
۾ يورپي باشندا ايندا هئا، اهي رشيا جي قبضي ۾ اچي
ويا. رومينيا، چيڪوسلوويڪيا، بلگيريا، جرمنيءَ جو
اڀرندو حصو، آسٽريا جو حصو، البانيا ۽ ننڍيون بالٽڪ
حڪومتون رشيا جي چنبي ۾ اچي ويون. يورپ جي
غرور ۽ ظلم کيس اچي ڪڇيءَ کان ورتو. آمريڪا
کي يقين ٿيو ته شيدي آمريڪا جا باشندا آهن.
آمريڪا سان سندن محبت آهي. جان ڏيڻ لاءِ تيار
آهن. آمريڪا کي يورپ ۾ شڪ پيدا ٿيو، ۽ شيدين جي
صدا ٻڌي. شيدي حقيقت ۾ وڏن خوبين جا مالڪ
آهن. انهيءَ جو ذڪر پوءِ ڪندس.

هنن بين الاقوامي اقتصادي ۽ فني تعميرات جي اثر
هيٺ آمريڪا دنيا کان جند نه نه ڇڏائي. مگر کيس

گهر ۾ اندر بچاءُ جو سخت ڏپ لڳو. هن ڏپ ٻـ حالتون پيدا ڪيون: هڪ تہ شيدين کي قوم ۾ جذب ڪرڻ جون ڪوششون هليون، ۽ ٻيون ٻاهرين ملڪن مان ايندڙن ۽ آمريڪا ۾ ٻاهرين رهندڙن تي سخت ٻنديون لڳايون ويون. ۽ انهن جو نتيجو اهو نڪتو جو آمريڪا ۾ هڪ قانون پاس ٿيو، جنهن جو نالو آهي "مئڪرن ائڪٽ". مطلب تہ هن قانون عجيب حالتون پيدا ڪيون آهن. هي قانون آمريڪا جي شبهات ۽ ڏپ جو نتيجو آهي. خير، اسين ٻي ڳالهہ ڪريون ٿا.

ٻي خط ۾ آءٌ توهان کي انشاءالله پنهنجي واپسيءَ جو پروگرام ڏيندس، ۽ ان خط ۾ آءٌ جن ٻہ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ويس ۽ جن ٻہ ڪانفرنس ۽ مباحثن ۾ حصو ورتم، انهن جو احوال ڏيندس. توهان ۽ ٻڌندڙن کي ٻـ اليڪشن کان نجات حاصل ٿي هوندي. دعا ڪندا.

[”الوحيد“ ٢٦- مئي ١٩٥٣ع.]

هن خط ۾ آءٌ پنهنجي مصروفيتن بابت لکان ٿو:
جنهن ڏينهن کان آءٌ هتي آيو آهيان، منهنجو مقصد
تعليم، تعليمي ادارن ۽ اساتذه سان ملڻ رهيو آهي.
پهرياڻين اچو ته توهان کي ٻڌايان ته آءٌ هن ملڪ
جي حصي ۾ ڪيئن آيس، ۽ توهان کي اهو به ٻڌايان
ته هتي اچڻ مان ڪهڙا فائدا ٿيا اٿم.

مون کان ڪراچيءَ ۾ آمريڪي سفارتخاني وارن
پڇيو ته منهنجي آمريڪا ۾ ڪهڙي اداري ۾ وڃڻ جي
مرضي آهي. مون کي خبر هئي ته اسان جا پاڪستاني
عموماً نيويارڪ يا ٻين وڏن شهرن جي ويجهو رهڻ جي
ڪوشش ڪندا آهن. مون کي خبر هئي ته زياده تر
اسان جي ملڪ جي ماڻهن جو ارادو، ڪارنيل يونيورسٽي
ڪولمبيا يونيورسٽي، پرنسٽن يا هرورڊ يا ٻي ڪا
آمريڪا جي يونيورسٽي جنهن جو نالو ٻڌو هوندائون،
اتي وڃڻ ٿيندو آهي. مون کين جواب ڏنو ته مون
کي اهڙي هنڌ موڪليو، جتي هن کان اڳ ڪوبه
پاڪستاني نه ويو هجي. آمريڪا جي اسٽيٽ
ڊپارٽمينٽ، مون کي هن لوئيوائل يونيورسٽيءَ ۾
موڪليو. هن شهر، هن يونيورسٽيءَ ۽ هن اسٽيٽ ۾
اچڻ سان، ڪافي معلومات حاصل ٿي اٿم.

توهان نقشو ڪڍي ڏسندا ته ڪينٽڪي اسٽيٽ تقريباً آمريڪا جي وچ ۾ آهي. مون توهان کي هن کان اڳ هڪ خط ۾ آمريڪا جي جاگرافيائي حدن جي اهميت بابت لکيو هو. توهان ڏسندا ته هتان کان آمريڪا جو اڀرندو- اڀرندو آهي، اتر- اتر آهي، ڏکڻ- ڏکڻ آهي ۽ الهندو- الهندو. آمريڪا جي سياست ۾ ڪينٽڪيءَ جو وڏو اثر رهيو آهي؛ نه فقط ايترو، مگر ڪي ٿوريون اسٽيٽون آهن جن جو آمريڪي نظام ۾ وڏو حصو آهي. هن اسٽيٽ ۾ توهان کي آمريڪا جي ماضيءَ جون حالتون ۽ مستقبل جون اميدون ملنديون. هي چند ڳالهيون خيال ۾ رکو:

ڪينٽڪي اسٽيٽ آمريڪا جي فوجي زندگيءَ ۾ وڏو حصو ورتو آهي. هتي آمريڪا جي فولادي لشڪر جو مرڪز آهي. هي مرڪز فورٽ ناڪس ۾ آهي. آءٌ هي مرڪز ڏسڻ ويو هوس. خيال ڪيو، هن مرڪز جي ايراضي ڏيڍ لک ايڪڙ آهي. آمريڪا جو ڪوبه اهڙو جنرل نه آهي، جنهن هتي تعليم نه ورتي آهي. هتي هڪ ميوزم ٺهيل آهي، جنهن جو نالو "جنرل پيٽن ميوزم" آهي، ۽ جنهن ۾ جنگي اسلحه رکيل آهن. حيرت جي جاءِ آهي! فورٽ ناڪس ۾ آمريڪي حڪومت جو سون رکيل آهي. خبر نه آهي ته اسان جي ملڪي ماڻهن مان ڪيترن کي خبر آهي ته دنيا جو اَڌ کان وڌيڪ سون، آمريڪا ۾ آهي، باقي وڌ ۾ وڌ اڌ سون دنيا جي ٻين ملڪن ۾.

ڪيترن کي شايد ٿي خبر هجي! ته سون جو اڳ دنيا ۾، آمريڪا جي سون خريد ڪرڻ تي مدار رکي ٿو. اگر آمريڪا اڄ به سون خريد ڪرڻ بند ڪري، ته ڪيترا ملڪ بڪ مرن. مگر آمريڪا سون خريد ڪري زمين ۾ رکندي وڃي ٿي. سون فورٽناڪس ۾ اها جاءِ به ڏٺي آهي.

ڪينٽڪي اسٽيٽ جو نشان ”ڪرنل“ آهي ڪينٽڪي ڪرنل، آمريڪي تاريخ ۾ مشهور آهي. هن اسٽيٽ ۾ پريزيڊنٽ لنڪن ڄائو هو. هي آمريڪا جي اها اسٽيٽ آهي، جنهن ۾ متوسط درجي جو غلبو آهي. توهان کي آمريڪا جا ڪروڙپتي هتي ڪونه ملندا. هي پهرين اسٽيٽ آهي، جنهن قانوني طرح سان شيدين کي حق ڏنا آهن. آمريڪا جي هيءَ لوئيوائل يونيورسٽي، هن حصي ۾ پهرين يونيورسٽي آهي، جنهن شيدي طلباء جو سفيد چمڙيءَ وارن سان گڏ تعليم جو انتظام ڪيو آهي. هن لوئيوائل يونيورسٽيءَ ۾، هر شعبي ۾ شيدي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سفيد آمريڪي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان گڏ تعليم وٺن ٿا. ڪينٽڪيءَ کان ڏکڻ ۾ الهندي اڃا شيدين لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ڌار آهن. ڪينٽڪي ڏکڻ ۽ الهندي ۾ پهرين اسٽيٽ آهي، جنهن ۾ شيدين کي سڀ انساني حقوق ڏنا ويا آهن، ۽ اتي شيدي خوشحال ۽ باعزت زندگي بسر ڪن ٿا. هن مسئلي جي اهميت جو ذڪر پوءِ ڪندس. هن وقت آمريڪا جو وڏي ۾ وڏو ججمن

هن اسٽيٽ مان آهي ۽ آمريڪا جي فيڊرل ڪورٽ ۾ هتان جا چار جج آهن، باقي ٻارهن ٻين سٽيتاليهن حصن مان آيل آهن. هتان جي اخبار جنهن جو مون ذڪر ڪيو هو آمريڪا جي بهترين اخبارن مان آهي. تنقيد ۾ جرات ۽ شيدين جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو اٿس

هيءَ پهرين اسٽيٽ هئي، جنهن شيدين کي پوليس ۾ ڀرتي ڪيو. لوئيوائل اهڙي مرڪز تي آهي جو هتان واشنگٽن، نيويارڪ، ميامي، هوسٽن، نيو آرلينس، ڪنساس، سٽي شڪاگو، ڊٽرائٽ سڀ هڪ مفاصلي تي آهن. هتان کان اچڻ وڃڻ ۽ رهڻ وغيره هنن شهرن ۾ آسان آهي. آمريڪا ۾ آمدرفت جو خرچ به مصيبت جو آهي. هتي اچڻ سان زياده کان زياده شهر، ملڪ جا حصا ۽ تعليمي اداره ڏسي سگهيو آهيان.

مون کي آمريڪا ۾ اسلامي تاريخ، وچ مشرق ۽ مشرق بعيد تي تقريرن لاءِ دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو. منهنجو ڪجهه ڪم يونيورسٽيءَ ۾ هو، مگر زياده تر ٻاهر رهيو. جتي پروگرام ٺهيو آئي ويس. ۽ جتان به دعوت ملي آئي پهتس. منهنجو پروگرام هن طرح هو:

هتي يونيورسٽيءَ ۾ هفتي ۾ ٻه ڪلاڪ (هڪ اڱارو ۽ ٻيون خميس) باقاعدي ڪم رهيو. ان سان گڏ هتي ٻيئين مجلسن ۽ جاين تي ويس. هر هڪ جو مختصر ذڪر ڪيان ٿو. اهو آءٌ پهرئين يونيورسٽيءَ ۽ لوئيوائل شهر کان شروع ڪندس، ۽ پوءِ ڪينٽڪي اسٽيٽ، بورڊ ۽ ٻيا ادارا.

لوئيوائل يونيورسٽي، آمريڪا جي پراڻي ۾ پراڻي ميونسپل يونيورسٽي آهي. هن يونيورسٽيءَ جو انتظام لوئيوائل شهر جي ميونسپالٽيءَ جي حوالي آهي، ۽ خرچ به هو ڀرين ٿا. يونيورسٽيءَ ۾ هر قسم جي تعليم جو انتظام آهي- هڪ خاص ڪم سيڪاريو ويندو آهي، جيڪو آمريڪا ۾ ڪٿي به نه آهي. اهو آهي هٿي جو 'اسپيڊا اسڪول.' هن يونيورسٽيءَ ۾ اٽڪل ست هزار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن. انهن مان به ڪيترا شيدي به گڏ آهن.

["الوحيد" ٧- جون، ١٩٥٣ع.]

هن يونيورسٽيءَ جي ساليانيِ بجيٽ پنجٽيهه لک ڊالر آهي (ڊالر ۾ ٽي رپيا ٿين). هن يونيورسٽيءَ ۾ هڪ شيدي پروفيسر به آهي. آمريڪا ۾ سواءِ شڪاگو يونيورسٽيءَ جي ٻيءَ ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ شيدي پروفيسر نه رکيو ويو آهي. توهان کي اهو ٻڌي عجب لڳندو ته يونيورسٽيءَ جي پنجهتر سيڪڙو آمدني، وقف ڪيل جائداد مان آهي، يا ڪن مالهن مرڻ وقت پنهنجون ملڪيتون يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيون ۽ اهڙيون وصيتون ڪري ويا آهن. شاگردن جي في مان فقط پندرهن سيڪڙو يا ان کان به گهٽ پيدائش آهي.

هن بيان کي جاري رکڻ کان اڳ مون کي خيال آيو ته پڙهندڙن کي يونيورسٽي جي ماهيت ۽ يونيورسٽيءَ جي نظام متعلق ڪجهه وڌيڪ ٻڌايان: يونيورسٽي نظام ۽ تعليم جو تخيل، ٻئي عجيب قسم جا آهن، جنهن جو علم اسان جي ملڪن ۾ ڪن ٿورن تعليمي منتظمين جي دماغ ۾ ايو آهي يا ايندو. اڄڪلهه هرڪو معمولي ڪاليج جو تعليم حاصل ڪيل شاگرد سمجهي ٿو ته ولس علم جو ڪمال آهي. هڪ بي.اي پاس ڪيل سمجهي ٿو ته ادب ۾ سنڌيس ڇهڙو

ڪوبہ ماھر نہ آھي. ھڪ بي.اِي سمجھي ٿو انجنيرنگ
جي تعليم وٽس ختم آھي. ھڪ ايم - بي. بي. ايس
سمجھي ٿو تہ ميڊيڪل ڪاليج سندس تخيل جو نتيجو
آھي. اِھا اسان جي قوم جي تعليم جي بدقسمتي آھي،
جو اسان جي تعليمي نظام ۾ ھنن اڌ پڙھيلن جو اقتدار
آھي. الله تبارڪ و تعاليٰ اسان جي تعليم کي انھن
انڌن، گونگن ۽ ٻوڙن کان بچائي، جن کي اھڙيءَ
تعليم، حلم ۽ تدبر نہ سيکاريو ويو آھي، جن کي اھڙي
نھٺائي نصيب نہ ٿي آھي، جو رعب تاب کان سواءِ
تعليم جي ترقي لاءِ ڪوشش وٺن. نہ فقط ايترو،
مگر جن ماڻھن کي معمولي ڪاليج جي تعليم بہ نصيب
نہ ٿي آھي، انھن کي موقعو مليو آھي تہ ھو يونيورسٽيون
ھلائين. اسان جي تعليمي ماحول ۾ ڪنھن بہ ھڪ فن
جو معمولي گريجوئيٽ پاڻ کي ان ڪم ۾ صاحبِ
ڪمال سمجھي ٿو. اسان جي تعليم ۾ اھڙن ماڻھن کي
اقتدار حاصل آھي، تہ پوءِ اسان جي قوم جي ترقي
ٿيڻ محال آھي. آھي ماستر ويچارا جن جي حياتي تعليم
حاصل ڪرڻ ۾ وئي ۽ جن اِنھن مسئلن کي منھن
ڏنو آھي؛ اڄ انھن کي پڇي ڪير ٿو؟

مگر ھڪ گريجوئيٽ جيڪو ڪليڪٽر يا ٻيو ڪجھ
ٿيو، ۽ پوءِ ڪيائين رٽائر تہ بس، تعليم جي آبي ٿيڻ
لاءِ ڪوششن ۾ مصروف ھوندو! الله تبارڪ اسان کي
جاھلن جي سرداريءَ کان بچائي. اسان استادن جي
بيڪسي اسان جي تعليم جي بيبسي آھي. اسان استادن

جو حقير حال، تعليم جو حقير حال آهي. مطلب ته اسان جي زندگي جي نظام ۾ ائين پيو ڏسڻ ۾ اچي، ته فقط استاد کي عالم هئڻ جو فخر حاصل نه آهي پر هرڪو عالم، ڪامل، امام المعصوم، مفڪر، عظيم ۽ صاحب الراءِ والعمل آهي. جنهن ملڪ جي تعليم ۾ جاهلن ۽ اڌ پڙهيلن کي اقتدار حاصل آهي، انهي ملڪ جي تعليم جو ڇا حال هوندو! جيڪڏهن معمولي بي.اي، يا ايل. ايل. بي يا ايم. بي. بي. ايس يونيورسٽيون هلائي سگهن ٿا ته پوءِ اسان جهڙن مجهولن ۽ جاهل مطلقن جي ڇا جرات! آمريڪا جي تعليم جي ترقي انهيءَ ۾ آهي ته تعليم، معياري عالم استادن جي حوالي آهي. هتي مون هزارين بيوقوف سياستدان ڏٺا، مگر استاد ۽ عالم مجهول نه ڏٺم. مون ڪنهن به اعليٰ سياستدان کي علم جو ماهر سڏائيندي نه ٻڌو، ۽ نه ڏٺو. سائين! قلم گستاخ ٿو ٿئي پر ڏاڍي مشڪل سان وري ٿا رستي تي آڻيونس.

مون توهان سان يونيورسٽين جو ذڪر ٿي ڪيو، معاف ڪجو جو هيءُ منهنجو مضمون ڪافي لغو ٿي ويو آهي. اميد ته اوهان جي اخبار اليڪشن کان پوءِ به هلندي رهندي. اسان جون دعائون توهان سان آهن. دعائن کان سواءِ اسان وٽ ٻيون آهي ئي ڇا!

اسان وٽ يونيورسٽي نظام ۾ جاگرافيءَ کي وڏو دخل آهي. اسان جون يونيورسٽيون سياسي نظام جي حدن اندر ڪم ڪن ٿيون. مثلاً سنڌ يونيورسٽي سنڌ لاءِ،

پنجاب يونيورسٽي پنجاب لاءِ وغيره. هي جاگرافيائي حدن جو تخيل هرقسم جي يونيورسٽيءَ سان شامل آهي- انهن ۾ پوءِ يونيٽري يونيورسٽيون، يا انفليئيٽنگ يونيورسٽيون، يا ريزيڊينشل يونيورسٽيون" يا هنن سان ڪن به ٻن جو مجموعي تخيل يا نظام آهن. مثلاً ڍاڪا يونيورسٽي پهرين طبقي ۾ هئي، پر هينئر نه آهي. سنڌ يونيورسٽي ٻئي نظام جو مثال آهي، ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽي ٽئين نظام جو مثال آهي. مطلب ته هنن يونيورسٽين جي جاگرافيائي حدن ۾ ٻيون ڪوبه ڪاليج يا يونيورسٽي نه آهي. مگر توهان کي آمريڪا ۾ اهڙن شهرن ۽ جاين تي جتي اسان وٽ هڪ ڪاليج يا هڪ يونيورسٽي ٿي رهي سگهي ٿي، اُتي ٽي - چار يونيورسٽيون، ۽ انهن کان بلڪل علحدا ۽ آزاد ڪاليج هلي ۽ رهي سگهن ٿا. مثلاً هيتي لوئيوائل ۾ هڪ يونيورسٽي آهي، مگر شهر ۾ پيا ڪاليج به آهن، جن ۾ قريب آهائي تعليم ڏني وڃي ٿي. مگر هو يونيورسٽيءَ کان علحدا آهن، ۽ انهن جي نظام ۾ يونيورسٽيءَ کي ڪوبه دخل نه آهي. هنن جون ڊگريون وغيره بلڪل جدا حيثيت رکن ٿيون، ۽ انهن ڊگرين لاءِ يونيورسٽي جي منظوري ضروري نه آهي. ان هوندي به اهي يونيورسٽيءَ جي ڊگرين کان ڪنهن به حالت ۾ علمي يا تعليمي يا نظامي نقطءِ نظر کان گهٽ نه آهن. آمريڪا ۾ ارڙهن سؤ اهڙيون آزاد يونيورسٽيون ۽ ڪاليج اهن. مگر اهڙا آزاد ڪاليج يا يونيورسٽيون

زياده آهي آهن، جي اسٽيٽ يا فيڊرل گورنمينٽ يا ميونسپالٽين کان ٻاهر آهن، ۽ گهڻو ڪري مذهبي گروهن سان وابستگي رکن ٿا- مثلا ڪاليج يا يونيورسٽي رومن ڪئٿلڪ يا بئپٽسٽ فرقي جي زير اهتمام يا برسبٽيرين نظام هيٺ آهن. آءٌ هنن ڪرستان فرقن جو هتي ذڪر نه ڪندس. مون ارادو ڪيو آهي ته توهان کي 'اسلام، عيسائيت ۽ يهوديت' تي هڪ خاص مضمون موڪليان. ڪافي مصالحو گڏ ڪري رهيو آهيان. توهان چڱو مون مان ڦاٿا هوندؤ- خدا توهان کي هن عذاب سهڻ جي توفيق ڏئي!

تعليم تي جيڪڏهن منهنجا مضمون ڪافي لنبا ٿيا ته آءٌ انهن کي حصن ۾ ورهائي لکندس. هنن مضمونن ۾ پنهنجي سڄي سفر جي علمي ۽ تعليمي دوري جو بيان ڪندس. صبر کان ڪم وٺندا، ۽ معاف ڪندا. مون هتان لوئيوائل يونيورسٽيءَ جي احوال جا ڏهه صفحا پورا ڪرايا آهن. اڃا ڪيتري ڳالهه پئي آهي! منهنجي ڪوشش فقط اِها آهي ته اسان يونيورسٽي لفظ جي حقيقي معنيٰ سمجهون. يونيورسٽي معنيٰ- 'استادن ۽ شاگردن جو مجموعو'. يونيورسٽي لفظ بذاتِ خود استادن ۽ شاگردن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ماهر کي يونيورسٽيءَ ۾ دخل جي اجازت نٿو ڏئي. غير علمي گروهن جو دخل، يونيورسٽيءَ لاءِ مضر آهي. يونيورسٽيءَ جو فرض آهي قوم جي رهبري ڪرڻ، ۽ ترقيءَ لاءِ سامان ۽ انسان تيار ڪرڻ. توهان ڏسندا هوندا ته غير تعليمي گروهن

جو يونيورسٽيءَ ۾ هجڻ، يونيورسٽيءَ کي پنهنجي مقصد کان ڪيرائي ٿو ڇڏي- مطلب ته ان حالت ۾ يونيورسٽيءَ جو روح عليل ٿيندو، ۽ جسم بي‌بقا!

يونيورسٽيءَ جي تخيل ۾ جسماني حالتون به آهن- تدريس، رهائش ۽ تفريح جون جايون، لئبرريون، ۽ آهي علمي، تهذيبي ڪوششون ۽ دلچسپيون جن جو عين تعليم سان سڌو واسطو نه آهي. مگر تاهم تعليم جي وسيع تخيل جو حصو آهن يعني طلباءَ ۽ اساتذه جي حياتي جي خوشيءَ جون حالتون جيڪي انهن جي جسماني تندرستي ۽ دماغي صحت ۾، وسعت ۽ اضافو پيدا ڪن ٿيون. يونيورسٽي ۽ شاگرد هڪ هلندڙ ۽ چرندڙ حصو آهن. اميد اها رکي ٿي وڃي ته هرڪو پاس ٿي، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ڇڏي، زندگيءَ جي لوازمات کي منهن ڏئي. يونيورسٽيءَ جي تاريخ جو مقصد آهي ته يونيورسٽيءَ جي جاين، يونيورسٽيءَ جي لئبررين، لئباريٽرين، يونيورسٽيءَ جي راندين جي ميدان وغيره سان شاگردن جو تعلق پيدا ڪيو وڃي. استاد يا استادن جو واسطو يونيورسٽيءَ سان عارضي يا تاحياتي رهي ٿو- تاحياتي هڪ استاد جو يونيورسٽيءَ ۾ رهڻ، ان جي بلنديءَ ۽ استاد جي عزت ۾ اضافو ٿو ڪري. هيءَ ذرا تمهيدي اشارا آهن. آءٌ پنهنجي تعليمي دوري جي بياني احوال کان پوءِ، استادن ۽ شاگردن جي عمومي زندگيءَ جو احوال هڪ خاص مضمون ۾ لکندس. هتي مختصراً استادن جي تنخواهن ۽ لوازمن جو ذڪر ڪندس.

امريڪي يونيورسٽين ۾ استادن کي پنجن هزارن ڊالرن
کان ٻارهن هزار ڊالرن تائين تنخواهه ملي ٿي. ڪي
اهڙا به آهن جن جي ويهه هزار ڊالر ساليانه تنخواهه آهي.
مگر شيدين جي يونيورسٽين جو غريب حال آهي. مثلاً
فسڪ يونيورسٽي، جا آمريڪا ۾ شيدين جي وڏي ۾ وڏي
يونيورسٽي آهي، اُن ۾ ڪنهن به اُستاد کي پنج هزار
ڊالرن کان مٿي تنخواهه نه آهي. فسڪ جو احوال توهان
کي آئينده صفحن ۾ ڏيندس.

سائين منهنجا، چار مهينا گذري ويا آهن. توهان
کان هت آيو آهيان. مگر اجا به مهينا آهن، جي ٻاهر
گذارڻا آهن. آءٌ فقط پنهنجي وات جي پروگرام جي
اچڻ جي انتظار ۾ آهيان. انشاءالله اهو پروگرام پورو
ڪري ايندس. باقي ڳالهه هيءَ آتو ته پٺيان رهيل ٻار،
مائٽ، ملڪ، دوست، شاگرد ۽ ڪاليج وغيره ڏاڍا تا
ياد اچن. الله پاڪ سڀني کي محفوظ رکي.

["الوحيد" ٩- جون، ١٩٥٣ع]

اڳئين مضمون توهان جو ڪافي دماغ ڪاڏوا هلو ته اڳتي هلون. اهي آهن مستن جون لهرون يا جيئن منهنجو هڪ دوست چوندو آهي: ”يارن جا غمزا!“

هت لوئيوائل ۾ هيٺين جاين ۽ گروهن ۾ ويس: بيلرمين ڪاليج، جو رومن ڪئٿلڪ ڪاليج آهي. ۽ جنهن کي هن سال جي شروعات کان يونيورسٽي بڻائي رهيا آهن - ساڍا اٺ لک ڊالر گڏ ڪيا ويا آهن. رومن ڪئٿلڪ وارن جون سرگرميون عجيب آهن. يونيورسٽيءَ ۾ ٽي عام تقريرون ڪيم: هڪ بين الاقوامي ڪلب ۾ طلباءَ لاءِ، ٻي استادن جي گروهه اڳيان ۽ ٽي سائنس ۽ ادب جي گروهه جي ميٽنگ ۾. هنن ميٽنگن ۾ تقريباً سؤ کن سامعين هئا. زياده تر سڀ يونيورسٽيءَ سان واسطو رکندڙ هئا. لوئيوائل شهر ۾ لئبرري ائسوسيئيشن اڳيان تقرير ڪيم، جنهن ۾ اٽڪل اسي کن ٻڌندڙ هئا - فقط ٻه مرد، باقي سڀ عورتون. ”آمريڪي جمهوري عمل“ جي ڪلب ۾ مباحثو رهيو. هن موقعي تي ڪجهه کل جهڙيون ڳالهيون ٿيون، جن جو ذڪر ٿوڙڪن ۾ ڪندس - هيءَ ڪلب سڄي آمريڪا ۾ مشهور آهي ۽ سندس شاخون هر شهر ۾ آهن. ڪلب ۾ شيدين ۽ يهودين کي به اجازت آهي. هن ڪلب جو وائيس پريزيڊنٽ

هڪ شيدي آهي. هن ميٽنگ ۾ تقريباً پنجاهه ڪن مرد ۽ عورتون شامل ٿيا. هتي ڪي آمريڪي مليا، جي پاڪستان ۽ هندستان ۾ رهي آيا آهن. هڪ ميٽنگ 'لنڪن فائونڊيشن' جي جاءِ تي ٿي، جنهن ۾ رات جي ماني به هئي. اٽڪل ٢٠٠ ڪن مرد ۽ عورتون اچي گڏ ٿيا هئا. مون کي هن ميٽنگ جي دعوت ڊاڪٽر ٽائڊنگ ڏني، جو لنڪن فائونڊيشن جو سيڪريٽري آهي - ڊاڪٽر ٽائڊنگ 'اخلاقي صلح' يا 'مارل ري آرمامينٽ' جو پريزيڊنٽ به آهي. توهان کي خبر هجي ته هيءَ هڪ دنيا جي وڏي تحريڪ آهي، جنهن جو مشرقي هيڊ ڪوارٽر مدراس ۾ آهي. تازو مدراس ۾، آڪٽوبر مهيني ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس ٿي هئي. هن تحريڪ جو مقصد قريب قريب ٿياسافسٽ وانگر آهي، يعني دنيا کي اخلاقي طرح بلند ڪرڻ. اَن اخلاق جو نظريو ته خبر نه آهي ڇا آٿن، مگر تماشو ڪافي وڏو آهي! سيٺ ڊالميا به هن جو ميمبر آهي. ڊاڪٽر ٽائڊنگ هتي ڪافي رسوخ وارو انسان آهي. شيدين جي بهتريءَ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو اٿس. مارچ ۾ هو 'لنڪن فائونڊيشن' طرفان نائجيريا ويو هو. آءٌ سندس گهر دعوت تي ويس، ۽ ڏٺم ته نائجيريا متعلق ڪجهه پڙهي رهيو هو. مون کي حيرت سان چيائين، "مصطفيٰ، مون کي خبر نه هئي ته نائجيريا ۾ پنجيتاليهه سيڪڙو مسلمان آهن!" مان چيومانس،

"ڊاڪٽر، هي علم جي ابتدا آهي. توهان نائجيريا وڃو ته اچا ڪافي معلومات حاصل ڪندا."

هن ميٽنگ ۾ به آمريڪي فوجي آفيسر مليا، جن ڪافي عرصو ايران ۾ گذاريو هو، ۽ کين عراق ۽ ترڪيءَ جو ڪافي علم هو. پاڪستان ۽ اُن جي سفارتن متعلق ڪجھه بيان ڪيائون، جنهن جو ذڪر پوءِ ڪندس. هي به هڪ مزيدار احوال ٿيندو.

هن ڪلب ۾ هڪ به شيدي نه آهي، ۽ اُنهن جي داخلا تي پڻ منع آهي. هڪ ڪلب 'اٽلانٽا' ۾ ويس جنهن ۾ فقط شيدي آهن. هيءَ ڪلب انهن تعليم‌يافته شيدين جي آهي جن اٽلانٽا يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ورتي آهي. اها يونيورسٽي جارجيا ۾ آهي، جتي شيدين کي اڃا به انسان ڪونه سمجھيو وڃي. هن ڪلب ۾ شيدي مرد ۽ عورتون سڀ هئا. اٽڪل پنجاھه کن ماڻهو موجود هئا. مون کي هيءَ پهريون موقعو مليو، جو شيدين جي خيالن ۽ تحريڪن جي خبر پيم. مون کي نهايت ئي عجب لڳو ته ايتريقدر علم رکندڙ انسان کي ذليل سمجھيو وڃي ٿو، فقط انڪري جو هو ڪارا آهن. ٻي هڪ ڪلب 'گفتگو ڪلب' ۾ ويس، هيءَ هڪ عجيب ڪلب آهي. هن ۾ اٽڪل پنجٽيھه کن ميمبر آهن. شهر جا وڏا واپاري ۽ يهودي، جج، مشهور وڪيل ۽ ڊاڪٽر هن ۾ شامل آهن. پنجٽيهن کان مٿي ميمبر نه رکندا آهن. آءٌ يونيورسٽيءَ جي ڊين آف پنهائمر جي دعوت تي ويو هوس. هن

ڪلب ۾ چا ٿيندو آهي جو هرهڪ ميمبر واري واري
سان مضمون تيار ڪندو آهي، ۽ پڙهندو آهي. ان ڪان
پوءِ، اُن تي بحث ٿيندو آهي. رات جي ماني ڪاڌي
ويندي آهي ۽ مانيءَ جو خرچ تقرير ڪندڙ ڀريندو
آهي. هن ڪلب ۾ يونيٽيرين ديول جو وڏو پادري ۽
يهودين جو هن اسٽيٽ ۾ وڏو ربي مليا. ان موقعي
تي مون ڪي تقرير ڪرڻي نه هئي، مگر پڙهڻ ڪان
پوءِ مباحثي ۾ حصو وٺڻو پيو. هڪ تقرير مسٽر
ملٽن برانر ڪئي، جنهن جو عنوان هو ”اسلامي ملڪ
۽ اُنهن جي اهميت.“ مسٽر برانر آمريڪا جي وڏين
اخبارن جو عيوضي رهي چڪو آهي، ۽ اٽڪل پنجٽيهه
سال يورپ ۽ ترڪيءَ ۾ رهيو آهي. هن وقت سندس
عمر اسي سال آهي، ۽ رٽائر ڪرڻ ڪان پوءِ اسلامي
تاريخ جو مطالعو ڪري رهيو آهي. علامه يوسف عليءَ
جو انگريزي زبان ۾ قرآن جو ترجمو مون کي ڏيکاريائين.
هن مقالي ڪان پوءِ پادرين ۽ ربين جي حالت تي کِل
آئي. انسان کي تعصب ڪيترو نه انڌو ڪري ٿو
ڇڏي. پادرين جي حرڪتن ۽ روش تي پيا حيرت کائيندا
رهيا ــ اهو احوال وري ٽوٽڪن ۾ ڏبو. عورتون ميمبر
نه آهن. ٻي ڪلب هئي ”تاجرن جي ڪلب“، جنهن
۾ زياده تر پاڪستان جي تجارت ۽ معاشرت تي سوال
پڇيا ويا. اٽڪل پنجاهه کن ميمبر حاضر هئا. هڪ
ٻيءَ مجلس ۾ ويس، جا ”تجارت ۽ نوڪري ڪندڙ
عورتن جي ڪلب“ هئي. لڳ ڀڳ سؤ کن عورتن

هيون. هتي به شيدين کي منع آهي. رات جو ڪاڏو سيني ميمرن پاڻ ٺاهيو. ڪي نيون ڳالهيون حاصل ٿيون، جن جو ذڪر هڪ ٻئي مضمون ۾ ڪندس، جو خاص عورتن تي هوندو. مون کي خبر آهي ته هن مضمون ۾ دقيانوسي يا ترقي پسندن، ٻنهي کي دلچسپي آهي. توهان جي خبر نه آهي ته ڪهڙن ۾ شمار آهيو. باقي آءٌ ته ٻنهي ۾ آهيان.

خير، ٻي هڪ مخصوص عورتن جي ڪلب هئي، "گهرو شيدي عورتن جي ڪلب". هن ڪلب ۾ اڪثر ساڌيون تي سؤ عورتون هيون. مون کي شيدي عورتن جي زندگيءَ ۾ اميد ۽ افسردگيءَ جو پتو پئجي رهيو هو. توهان کي شيدي عورتن ۾ ڊاڪٽر، ماستر، مئنيجر وغيره سڀ ملنديون. مگر ڇا، علم ۽ اخلاق سان به ڪين حقير سمجهيو وڃي ٿو، جنهن قسم جا سوال مون کان پڇيا ويا، ان جو ذڪر پوءِ ڪندس. انهن ۾ ڪابه سفيد عورت نه هئي. ٻي عورتن جي ڪلب هئي تنهن جو نالو هو "مدني عورتن جي ڪلب"، جنهن ۾ شيدي ۽ سفيد عورتون سڀ شامل هيون. زياده تر يهودي، شيدي ۽ رومن ڪئٿلڪ عورتون هيون، جن جي خلاف ڪنهن نه ڪنهن طرح آمريڪا ۾ نفرت آهي. هيءَ ميٽنگ هڪ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر جي گهر ۾ ٿي، جيڪو خود هن فضا جو شڪار آهي. ٽن ڏينهن جي ميٽنگ ۾ ويس. هرهڪ ۾ تقريباً ٻه سؤ کن مرد ۽ عورتون هيون. هت ٿي مشهور اسڪول

ڏنم ـ ته، سفيد آمريڪين جا، ۽ هڪ شيدين جو. اسڪولن ۾ هرطرح سان شيدين ۽ سفيدن کي علحدو رکيو وڃي ٿو. هن جو احوال ”آمريڪا ۾ نوجوان شاگرد“ عنوان ۾ ڪندس. اهي هن اسٽيٽ جا بهترين اسڪول آهن. هرهڪ اسڪول جي جاءِ پاڪستان سيڪريٽريٽ جي جاءِ کان ڏهوڻي آهي. ڏينهن ۽ رات جا ڪلاس ڏٺم، ڪن ۾ بالغن جي تعليم جو، ۽ ڪن ۾ هنري تعليم جو انتظام هو. اسڪولن ۾ اسيمبلي هال خالقڏني هال کان ٻه پنج دفعا وڏا هئا. سئنيما جي هالن وانگر ڪرسين جون قطارون ۽ بالڪنيون ٺهيل هيون. ڊرامن ۽ تقريرن لاءِ عاليشان اسٽيج هو، جنهن تي اٽڪل ۾ سؤ ماڻهو ويهي سگهن ٿا. لائوڊ اسپيڪر وغيره سڀ سامان، اسڪولن ۾ موجود هو ۽ ڇوڪرن جي حوالي ۾. هتي توهان کي ڪي انگ اکر ڏيان ٿو.

آمريڪا جي بجيٽ نوَ لک هزار ڪروڙ
هندستان جي بجيٽ ساڍا چار سؤ ڪروڙ
پاڪستان جي بجيٽ هڪ سؤ ڏهه ڪروڙ
نيويارڪ شهر جي بجيٽ پنج سؤ ويهه ڪروڙ

مون هي سڀ بجيٽون رپين ۾ لکيون آهن. هن سال آمريڪا ۾ ابتدائي تعليم تي چار هزار ڪروڙ رپيا خرچ ڪيو ويندو. هن سال پوڙن کان ٻچن لاءِ ست ڪروڙ رپيا زياده خرچ ڪيو ويندو. (سنڌ جي بجيٽ اٺ ڪروڙ ڪن آهي. هن سال آمريڪا ۾ ائٽمي طاقت

تي ٿي ـ ۽ اٺ ڪروڙ رپيا زياده خرچ ڪيو ويندو.

هتي ٽن ريڊيو پروگرامن ۾ شامل ٿيس. هي سڀ احوال، هن شهر ۽ يونيورسٽيءَ متعلق ڏنو اٿم. هاڻي اچو توهان کي ٻاهر وٺي هلان.

هڪ ريڊيو پروگرام سنسناٽي (اوهايو) ۾ رهيو، جنهن ۾ آمريڪا جي مشهور اخبارن جا ايڊيٽر شامل هئا. هنن پروگرامن جو ذڪر آمريڪا جي خيالي رجحانات ۾ ڪندس. هاڻي اچو ته ڦيرين توهان کي ويجهن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ وٺي هلان.

جارج ٽائون ڪاليج ۽ ڊينول ڪاليج جي ڪانووڪيشن ۾ تقريرون ڪيم. پهرئين ڪاليج ۾ اٽڪل ٽي سؤ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، ۽ ٻئي ڪاليج ۾ اٽڪل پنج سئو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هئا. هنن ڪاليجن جو مهمان ٿي ويس، ۽ شاگردن جي روزمره جي زندگيءَ کان واقف ٿيس. هنن ڪاليجن ۾، شهدين کي نه ورتو ويندو آهي. هنن ڪاليجن ۾ ڏينهن جي ماني ڇوڪرين جي ڊائننگ هال ۾، ۽ رات جي ماني ڇوڪرن جي ڊائننگ هال ۾ کاڌم. هي ٻئي ڪاليج فرقيوارانه خيالات جا آهن. ڪي ڪرستان مشنري هلائين ٿا. شاگردن جو بورڊنگ هائوس ته نه هو، جهڙو محلات!

ڪينٽڪي يونيورسٽيءَ جي دعوت تي ليڪسنگٽن ويس. يونيورسٽيءَ منهنجي رهڻ جو انتظام لفيٽ هوٽل ۾ ڪيو هو- 'لفيٽ' هڪ ماڻهوءَ جو نالو آهي.

توهان جي پڙهندڙن کي عرض ڪندس ته هي نالو ياد ڪن، جو شيدين جي بيان ۾ هن جو ذڪر ڪندس. هن هوٽل ۾ رهڻ سان ڪجهه عجيب ڳالهيون معلوم ٿيون. هن هوٽل ۾ شيدين جي رهڻ تي سخت منع آهي، نه صرف اهو، مگر هن وقت تائين ايشيا جي ملڪن مان ڪوبه هن هوٽل ۾ نه رهيو هو. ڪن شيدي نوڪرن سان رهائيون ٿيون. اهو ذڪر به وقت تي. هي يونيورسٽي، اسٽيٽ يونيورسٽي آهي، جنهن ۾ شيدين کي نه ورتو ويندو آهي. هن يونيورسٽيءَ ۾ ٻارهن هزار ڇوڪرا آهن، ۽ يونيورسٽيءَ جي بجيٽ پنجهتر لک ڊالر آهي. ڪافي شاهوڪار يونيورسٽي آهي. جنهن وقت آءٌ ويو هوس. آن وقت ڊاڪٽر اسڪائيلس جي زير نظر ”بيروني زبانن“ جي ڪانفرس ٿي رهي هئي. ڪانفرنس جي جنرل سيشن ۾ ڏينهن جي مانيءَ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ لاءِ مون کي پاڪستان تي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو هو. فقط منهنجي هڪ تقرير هئي.

واشنگٽن مان چند بيروني سفارتن جا عيوضي موجود هئا، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا يونيورسٽين جا بيروني زبانن ۾ دلچسپي رکندڙ پروفيسر موجود هئا. يونيورسٽيءَ جي چند شاگردن جي گروهن ۽ اساتذه سان ملڻ ٿيو جن مان ڪي منهنجا اڳ ئي پاڪستان ۾ واقف ٿيا هئا، انهن مان پروفيسر ٿامس ڪلارڪ آهي جنهن جو

ذڪر مون اڳي هڪ مضمون ۾ ڪيو هو. شيدين لاءِ ڪينٽڪي اسٽيٽ ڪاليج ڏار آهي. مگر هڪ طرف ڪينٽڪي يونيورسٽي کي ڏسي ٻئي طرف شيدين جي ڪاليج کي ڏسي زمين ۽ آسمان جو فرق نظر آيو. هن ڪاليج ۾ اٽڪل هڪ هزار شيدي شاگرد آهن.

["الوحيد" ۱۴- جون، ۱۹۵۳ع."]

(١٧)

هائي اچو تہ توهان کي ٽينيسي وٺي هلان، جا ڪينٽڪي جي ڏکڻ ۾ اسٽيٽ آهي، نيشول ٽينيسيءَ جو مرڪز آهي ۽ هن شهر ۾ ٻہ مشهور يونيورسٽيون آهن. هڪ ويندربلٽ، جا خانگي سفيد آمريڪن جي يونيورسٽي آهي ۽ ٻي فسڪ، جا شيدين جي يونيورسٽي آهي. ٻنهي يونيورسٽيون پنهنجي نوعيت ۾ آمريڪا جي تعليمي ماحول ۾ ممتاز حيثيت رکن ٿيون. آءٌ ٻنهي جو مهمان ٿي ويو هوس.

ويندربلٽ يونيورسٽي اٽڪل سٺ سال پراڻي آهي. منجهس اٽڪل پنج هزار شاگرد مگر سڀ سفيد آمريڪي پڙهن ٿا. سندس بجيٽ اٽڪل ڏهہ لک ڊالر آهي. مالي نقطہ نظر کان هيءَ يونيورسٽي آمريڪا جي ڪافي آسوده حال يونيورسٽين مان آهي. يونيورسٽيءَ جي ابتدا مسٽر ويندربلٽ ڪئي جنهن مرڻ وقت پنجاهہ لک ڊالرن جي ملڪيت ۽ نقد رقم يونيورسٽيءَ جي قائم ڪرڻ لاءِ ڇڏي هئي. ان کان پوءِ يونيورسٽيءَ جي امداد ٿيندي رهي ۽ اڄڪلهہ آمريڪا جي اول درجي جي يونيورسٽين مان آهي ۽ منجهس هڪڙي پائي تي ڪم ڪيو وڃي ٿو. آمريڪا جي ڏاکڻي حصي جي يونيورسٽين ۾

اول درجو رکي ٿي. آمريڪا جا بهترين عالم، اديب ۽ سائنسدان منجهس ڪم ڪن ٿا. حڪومت طرفان سائنس جون سوڪرهيون هن يونيورسٽيءَ جي تعاون سان آهن. اهو حڪومت جو خرچ يونيورسٽي بجيٽ کان علحده آهي، يونيورسٽيءَ کي سڀ خانگي امداد ملي ٿي. ڪنهن به حڪومت جي فيڊرل اسٽيٽ يا ميونسپل ڊپارٽمينٽ کان ڪيس هڪ پائي به نه ملندي آهي، ۽ نه وري يونيورسٽي وٺندي يا گهُر ڪندي آهي. حڪومت سان جيئولوجيڪ تجسس ۽ ايجاد ۾ سائنس واسطو آهي مگر ڪنهن به طرح حڪومت جو ان ۾ اثر نه آهي. حڪومت لکها ڊالر خرچ ڪري ٿي مگر هن مهيني جي خرچ جا انگ اکر مون کي نه ملي سگهيا.

يونيورسٽيءَ جون جايون، لئبرري ۽ رانديون هڪ اهڙيءَ فضا ۾ آهن جو تفريحگاهه ٿيون معلوم ٿين، ۽ جن کي ڏسي حيرت ٿي وڃي. قومي جذبي انسان کان ڪهڙيون ڪهڙيون نه قربانيون ڪرايون آهن. ماڻهوءَ کي مرڻ وقت، قوم ياد هئي، ۽ نه اولاد ۽ پيٽ! مون جيئن توهان کي اڳئين خط ۾ ٻڌايو آهي ته آءٌ ڊاڪٽر انگرم بلاڪ وٽ رهيل هوس، جو ڊاڪٽر بلاڪ جنهن وٽ آءٌ رهان ٿو تنهن جو ڀاءُ آهي: ڊاڪٽر بلاڪ يونيورسٽيءَ ۾ فزڪس جو پروفيسر آهي ۽ سندس عمر ٻٽيهه سال آهي. آمريڪا جي فزڪس جي علم ۾ ڪافي خدمت ڪئي اٿس. جپان تي جيڪي به ائٽم بم ڪيرايا هئا، انهن جي ناهڻ ۾ سندس هٿ

هو. آهي مخصوص سائنسدان جيڪي ائٽم بم تي ڪم ڪري رهيا هئا، انهن مان هڪ ڊاڪٽر بلاڪ به آهي. يعني اُن وقت سندس عمر ڇيونجاهه سال هئي. آءُ ڊاڪٽر بلاڪ ۽ سندس زال جهڙا سٺ ڏينهن مهمان رهيس ۽ سندس علم جو قائل ٿي آيس.

وينڊربلٽ يونيورسٽيءَ ۾ اساتذه ۽ شاگردن سان ملڻ ۽ ساڻن گفتگوءِ ٿي. يونيورسٽيءَ جي اساتذه ڏينهن جي ماني ڪئي هئي، جتي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جو مشهور پروفيسر ڊاڪٽر مرٽن مليو، جو به اُن وقت هڪ تقرير جي سلسلي ۾ آيو هو. ڊاڪٽر مرٽن آمريڪي حڪومت جي طرفان آمريڪي معاشره تي ڪجهه معلومات گڏ ڪري رهيو آهي. اسان پنهي ڪافي گفتگو ڪئي، ۽ اسان پنهي جو ساڳيو دوست نڪتو، جو آهي ڊاڪٽر وئلس. هو ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي قانون جو پروفيسر آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ منهنجو مهمان هو. وينڊربلٽ سان گڏ فسڪ ۾ به پروگرام هو.

فسڪ يونيورسٽي آمريڪا جي وڏي ۾ وڏي ۽ پراڻي ۾ پراڻي شيدين جي يونيورسٽي آهي. اساتذه به سڀ شيدي آهن. فسڪ جو پريزيڊنٽ ڊاڪٽر جانسن منهنجو دوست آهي. آءُ جڏهن اڪتوبر جنوريءَ تي نيويارڪ پهتو هوس ته ڊاڪٽر سان ولٽي فائونڊيشن ۾ ملاقات ٿي هئي. ڊاڪٽر جانسن آمريڪي شيدين لاءِ وڏو ڪم ڪيو آهي. ڪيس آمريڪا ۽ ٻاهرين ڪيترين يونيورسٽين، اعزازي ڊگريون ڏنيون آهن.

فسڪ هڪ آمريڪي جنرل جو نالو آهي. سنه ١٩٦٠ع
واري گهرو لڙائي ۾، جيڪا شيدين جي آزاديءَ نان
لڳي هئي، جنهن جو مون ذڪر اڳهي ڪيو آهي،
هي جنرل ٽينيسي آيو ۽ اتي هن يونيورسٽيءَ کي قائم
ڪيو. هي جنرل سفيد آمريڪي هو ۽ غلاميءَ جي
خلاف لڙي رهيو هو. فسڪ ۾ وڃڻ شرط توهان ڏسندا
ته غريبن جي يونيورسٽي آهي. شيدي شاگرد ويچارا
سفيدن جي مقابلي ۾ غريب ٿي نظر آيا. پستي سندن
پيشانين تي لکيل هئي. اساتذه جي به اها حالت آهي.
مون ماني سندن ڊائننگ هال ۾ کاڌي. اتي فرنيچر،
سامان ۽ کاڌو به بيڪسيءَ جو اظهار ڪري رهيا هئا.
مون کي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ تقرير ڪرڻ جو
موقعو مليو. تقريباً ٻه سؤ کن ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون
يونيورسٽيءَ جي مٿين درجن جا هئا. سندن چهرن ۽ اکين
مان مون کي اهو ماحول ياد آيو، جڏهن اسان غلام
هئاسون ۽ انگريز اسان تي حڪومت ڪندا هئا. مون
کي شاگردن جي روش مان اهو معلوم ٿيو ته جڻ
دنيا کي ڪاٻي باهه ڏين. مون کي سندن خاموشي ۽
گفتگو بلڪل اهڙي لڳي، جهڙي اسان جا نوجوان
انگريزن جي حڪومت ۾ ڪندا هئا. جنهن خوشيءَ
سان منهنجي هنن نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين مرحبا
ڪئي، تنهن مان ڏاڍي راحت حاصل ٿيم. ممڪن آهي
ته هنن نوجوانن جي دلين ۾ نيون اميدون پيدا ٿيون
هجن! ڪين خبر هئي ته آءٌ وينڊربلٽ مان به ٿي آيو

آهيان ۽ پوءِ وڃڻ آيو آهيان. ڪين اها خبر هئي ته منجهائن هڪ وينڊربلٽ ۾ پير به پائي نٿو سگهي. نيشويل ۾ ڇيڊين جي جيڪا حالت ڏٺم آن جو بيان پوءِ ڪندس. هاڻي مون کي يقين ٿيو آهي ته آمريڪا اڃا قوميت جي نظرين جي بلنديءَ کي نه پهتي آهي. مگر وقت ڏاڍو تيزيءَ سان سبق ڏئي ٿو. دنيا ڪافي ڦري چڪي آهي. الله تبارڪ انسانيت جي خون کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو. مظلوم جي آهه آسمان تي پهچي ٿي. مگر هڪ ڳالهه، ٻڌايانوَ ته آمريڪا جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ڇيڊي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد انگلنڊ جي مجموعي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کان ـ جي انگلنڊ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ آهن، ڏيڍوڻو آهي. هڪ طرف ايڏي تعليم ۽ ٻي طرف ايتري ذلت، بيعزتي ۽ مسڪيني! ڇوندا آهن ته جنهن انسان جي خودداري ۽ خودشناسيءَ کي صدمو رسندو آهي اهو ڇريءَ جي حال تيندو آهي ۽ هن کان ڪو به خطرناڪ گناهه ممڪن ٿي سگهي ٿو. ـانئين، علم کان پوءِ بيعزتي سهڻ ڏاڍو مشڪل معاملو آهي!

اڇو ته ڪولمبيا يونيورسٽي هلون. هن يونيورسٽيءَ جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ آءٌ اهو ٻڌايانوَ ته هتي آمريڪا جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ منهنجا ڪافي آمريڪي استاد دوست آهن، جنهنڪري معلومات ملڻ ۾ آساني رهي آهي. ان سان گڏ هتي آمريڪا ۾ سنڌ

مسلم ڪاليج مان هڪ پروفيسر، چار ليڪچرر ۽ ڇهه شاگرد اعليٰ تعليم لاءِ آيل آهن. انهن مان چار ڄڻا ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ آهن. مون توهان کي پنهنجي ۽ پروفيسر مختيار جو فوٽو موڪليو هو. هنن دوستن جي همٿ ڪري يونيورسٽيءَ کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچا به وڌيڪ سهولت ٿي.

ڪولمبيا يونيورسٽي، جيئن مون چيو آهي، آمريڪا جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي آهي. منجهس تقريباً پنجويهه هزار شاگرد تعليم وٺن ٿا. يونيورسٽيءَ جون جايون، لئبرريون ۽ لئباريٽريون ڏسي حيرت لڳيو ٿي وڃي. يونيورسٽيءَ جي بجيٽ اٽڪل واڪروڙ ڊالر آهي. آمريڪا جو موجوده پريزيڊنٽ آئزن هاور هن يونيورسٽي جو پريزيڊنٽ هو. چونڊجڻ کان پوءِ استعفيٰ ڏنائين. هن يونيورسٽيءَ ۾ تقريباً پنج هزار شاگرد دنيا جي ٻين ملڪن مان آيل آهن ۽ تعليم وٺن ٿا. هن ۾ شيدي شاگردن کي به داخل ڪيو ويندو آهي، مگر سواءِ هڪ شيدي عورت جي، يونيورسٽيءَ جي اساتذه ۾ ڪوبه شيدي نه آهي. اها عورت به ڇوڪرين جي ورزش ۽ راندين جي ڪم جي نظام تي آهي.

ڪولمبيا يونيورسٽي هڪ عجيب تعليمي دنيا آهي. يونيورسٽيءَ کي آمريڪا جي حياتيءَ ۾ وڏو دخل آهي. هتان جا پروفيسر آمريڪا جي سياسي، اقتصادي، تهذيبي

۽ ادبي زندگي جي هر شعبي ۾ وڏو ڪم ڪري رهيا آهن. اهڙين يونيورسٽين جو نظام ڏسي دل مان آه نڪري ٿي ته اي پروردگار! اسان جي ملڪ جا اهڙا ڏينهن ڪڏهن ايندا. يونيورسٽيءَ جي هر در و ديوار تي قوم جي فردن جون قربانيون لکيل آهن. ماڻهن قوم جي مفاد کي نه جيئري ۽ نه مئي وساريو آهي! نيوريارڪ جي ڪاليج ۾ ويس جتي منهنجي دوست ڊين رائيٽ ڪم ڪندي هئي.

ڊين هن وقت هندستان ۾ آمريڪي سفارتخاني ۾ تعليمي ۽ تهذيبي آفيسر مقرر ٿيل آهي. ڪاليج نيويارڪ ميونسپالٽي جو آهي. عموماً هن ۾ طالب علم سڀ ڏينهن جو يا رات جو پڙهڻ ايندا آهن. منجهس رهڻ جو انتظام نه آهي.

ڪولمبيا يونيورسٽي جي هاسٽلن کي ڏسي هوٽل ميٽروپول ۽ پئليس هوٽل ياد آيون. هوٽل جي ماحول کي ڏيڻ کي ڇوڪرن جا ڪمرا ڏٺيو. قومون ترقي تڏهن ڪنديون آهن، جڏهن نوجوانن جي حياتيءَ ۾ جسماني ۽ روحاني خوشي پيدا ٿيندي آهي، ڪندي ماحول ۾ گندي ذهنيت پيدا ٿيندي آهي. حقيقت ۾ صحيح دماغ، صحيح ماحول جي پيدائش آهي.

["الوحيد"، ٢٠- جون، ١٩٥٣ع.]

توهان کي اڳيان ٻه خط مليا هوندا. اجهو هي خط توهان کي اڄ تاريخ پنجين جون شام جو لکي رهيو آهيان. انشاءالله سڀاڻي ڇنڇر ڏينهن شام جو هتان نيويارڪ مان هوائي جهاز رستي نڪرندس ۽ گهر ڏانهن رخ رکندس. توهان وٽ اٽڪل ٻين جولاءِ تي پهچندس. جن ملڪن مان ٿيندو ايندس ان جو احوال هن خط جي آخر ۾ ڏيندس.

گذشته الڪل ارڙهن ڏينهن ڏاڍا سبق وارا گذاريا اٿم. توهان کي اڳين خط موڪلڻ وقت مون کي ٻه دعوت ناما آيا: هڪ ڪنساس سٽي مسوري يونيورسٽيءَ کان ۽ ٻيو ڪنساس اسٽيٽ يونيورسٽي لارينس کان. ٻئي دعوت ناما پريزيڊنٽ ڊيڪر ۽ پريزيڊنٽ مرفي وٽان آيل هئا. هن موقعي تي مون نه فقط ملڪ ڏٺو مگر آمريڪا جون ڪي بهترين يونيورسٽيون ۽ اسڪول به ڏٺم. موگندي پريزيڊنٽ روزولٽ اسڪول واشنگٽن ۾ ڏٺم ۽ نيويارڪ سٽي اسڪول به ڏٺم. ڪنساس اسٽيٽ جو شاني مشن اسڪول پڻ ڏٺم. هن اداري جو ٿورو بيان ڪندس- پهرين اوهان کي اهو ٻڌايان ته رستو ڪهڙو ورتم.

آءٌ ريل رستي مسنائي کان سينٽ لوئيز ۽ پٽس برگ
کان ٿيندو آيس. هي شهر آمريڪا جي هنري ڪمالات
جا گهر آهن ۽ هنن شهرن جي انچ انچ تي لوهه ۽
ڪوئلي جو نشان آهي. ڪارخانن کي ڏسي مون تي
هيبت طاري ٿي وئي. اِهو هڪ خاص دلچسپ بيان
ٿيندو. هڪ - هڪ ڏينهن هر شهر ۾ گذارڻ کان پوءِ
ڪئنساس سٽي مسوريءَ ڏانهن رخ رکيم. پريزيڊنٽ ڊيکر
منهنجي رهڻ جو انتظام 'محل باڪ' هوٽل ۾ ڪيو هو
جنهن جي خرچ ڏيوالو ڪڍائي ڇڏيو. خير اِهي خرچ
جون ڳالهيون پوءِ. توهان کي هن يونيورسٽيءَ ۽
ڊاڪٽر بابت ڪجهه ٻڌايان.

ڊاڪٽر ڊيکر مرحوم لياقت علي خان جي حياتيءَ
۾ آمريڪي فرم سان ١٩٤٩ع ۾ پاڪستان آيو هو. مرحوم
لياقت علي خان کي آمريڪا جي پريزيڊنٽ ٽرومن طرفان
آمريڪا اچڻ جي دعوت ڏني هئائين. منهنجو اُن وقت
واقف ٿيو. مرحوم لياقت علي خان جڏهن آمريڪا آيو
هو تڏهن ڪيس ڪئنساس سٽي مسوري يونيورسٽيءَ ۾
اعزازي ڊگري ڏني وئي هئي. مون کي هن يونيورسٽيءَ
جي ڏسڻ ۾ ڪافي دلچسپي هئي. مون يونيورسٽيءَ
۾ جنهن جاءِ تان مرحوم وزيراعليٰ کي ڊگري ڏني
وئي هئي آها جاءِ ڏٺي - هڪ لوهه جي ٽڪر تي اها
حقيقت لکيل ڏٺم جا پٿر جي ديوار ۾ لڳل هئي.
ايڪٽيهين مئي تي يونيورسٽيءَ جي ڪانووڪيشن هئي
۽ مون کي پريزيڊنٽ ڊيکر اُن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ

دعوت ڏي هئي.

آءٌ هن شهر ۾ اناويهين مئي تي پهتس ۽ ڀهرين جون تائين رهيس. اوڻٽيهين مئي ڪئنساس اسٽيٽ ڏي ويس جتي شاني مشن اسڪول، جانسن ڪائونٽي ۾ ڏٺم. اسڪول ۾ ٻه ڪروڙ ڊالر خرچ ڪيو ويو آهي! اسڪول ۾ ڇهويهه سؤ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهن ٿيون. هنن مان اٽڪل ارڙهن سؤ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجن موٽرن ۾ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ اچن ٿا. اسڪول ڏانهن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ مفت بسون هلن ٿيون. شاگرد تقريباً پنجٽيهه يا ٽيهه ميلن تان به هر روز اچن ٿا.

ٽيهين مئي آءٌ ڪئنساس اسٽيٽ يونيورسٽي، لارينس ۾ ويس. ڪئنساس يونيورسٽي وچ آمريڪي حصي ۾ وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي آهي. منجهس ٻارهن هزار شاگرد آهن. شيدي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي داخلا ڏني ويندي آهي.

ٻي هڪ ڳالهه جي خبر پئي ته پاڪستان کي جيڪا آمريڪا مان ڪڻڪ ملي آهي آها ڪئنساس اسٽيٽ مان ايندي. مسٽر ڊارلنگٽن، هڪ دوست آن اسٽيٽ جي سير تي وٺي هليو. ڇا ٻڌايانوَ سؤ ميلن ۾ هليا هلو، نظر ڊوڙايو ته نظر ڪٿي وڃي-موٽر ڊوڙايو ته ٻئي طرف نه پهچو! زمين اهڙي جهڙو جهڙڪ ۽ شاهه ڪريم وارو پونو. خبر نه آهي ته توهان ڪوز واهه طرف ويا آهيو يا نه. خير ان کان پوءِ مون کي ڪڻڪ جي رکڻ

Soorih Mirani

جون جايون ڏيکاريون ويون. چا پڌايانو ـ انتظام ڏسڻ وٽان آهي. اٽڪل ڏيڍ سؤ يا ٻه سؤ نوان پائيپ اٽڪل پنجاهه فوٽن جي ڊاياميٽر جا ٺهيل آهن جن ۾ مشينون مٿان ڪٽڪ وجهن ٿيون ۽ هيٺان ڪنهن ٻه وقت ڪڍي سگهجي ٿي. توهان کي هتي آمريڪا جا وڏا ۽ بهترين ڪاڏي جي شين ٺاهڻ جا ڪارخانا ملندا. اهڙي هڪ ڪارخاني ۾ ويس، جنهن ۾ پندرهن هزار ماڻهو ڪم ڪن ٿا ۽ هرهڪ مزور ڪهٽ ۾ گهٽ ويهه ڊالر روز ڪمائي ٿو. ڪنساس اسٽيٽ ۾ جيتري ڪڻڪ ٿي ٿئي ايتري دنيا جي ٻئي ڪنهن به حصي ۾ نٿي ٿئي. هن ملڪ ۾ هڪ قسم جا ناز اليڪٽريڪ تي ڏٺم جنهن جو ذڪر بوءِ ڪندس.

ڪنساس يونيورسٽيءَ جي شاگردن جي يونين جي تازي ٺهيل جاءِ ڏٺم، جنهن تي سوا ڪروڙ ڊالر خرچ ڪيو ويو آهي. جاءِ اسان جي گورنر جنرل هائوس ڪان به وڏي ۽ ايئرڪنڊيشن آهي. هن يونيورسٽيءَ ۾ هڪ پاڪستاني شاگرد ڏٺم جو سيالڪوٽ کان آيل هو.

ڪنساس سٽي مسوريءَ ۾ چار پاڪستاني شاگرد آهن. انهن ۾ هڪ ڇوڪري به آهي؛ ٻه ڇوڪرا لاهور کان آيل آهن ۽ هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ڪوئيٽا کان. هنن شاگردن سان ملڻ ٿيو. رات جو پاڪستاني ماني کارايائون؛ جنهن ۾ ڪجهه سندن آمريڪي دوست به هئا. هن دعوت ۾ ڊاڪٽر ائلن ليوٿيرين مذهب جو پادري به هو. ڇونڪ مون کي

ايڪٽيهين تاريخ آچر ڏينهن صبح جو سندس ديول ۾ تقرير ڪرڻي هئي، انڪري ڪيس دعوت ڏئي گهرايو ويو هو. ڪاڏو ڏاڍو سٺو هو. سڀني آمريڪن کي پسند آيو ۽ ڊاڪٽر رڊلن ب ـ تعريف ڪئي. صبح جو جڏهن آءٌ سندس ديول ۾ ويس تہ مون کي ٻڌائين تہ "غلام مصطفيٰ، ڪاڏو ڏاڍو سٺو هو مگر ايترو تہ گرم هو ۽ ايتري تہ اُچ ڪيائين جو رات سڄي خوابن ۾ گذري اٿم". مون کي ويچاري تي رحم آيو. مرچن ويچاري سان ڪلور ڪيا هوندا. آءٌ پنهنجي حال کي مخفي رکان ٿو. ايڪٽيهين تاريخ آءٌ ڪانووڪيشن ۾ شامل ٿيس ۽ ٻي جون تي نڪتس. واٽ تي واشنگٽن ويس، ۽ پريزيڊنٽ روزويلٽ اسڪول ڏٺم.

آمريڪا ۾ ٽي وڏا اسڪول آهن: هڪ نيويارڪ اسڪول، ٻيون روزويلٽ اسڪول ۽ ٽيون شاني مٿين اسڪول جنهن جو ذڪر ڪيو اٿم. ٽي جون تي صبح جو نيويارڪ پهتس ۽ هتي نيويارڪ اسڪول ڏٺم ۽ واپس اچڻ جي تياريءَ ۾ لڳس.

پهرين هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌايانو. توهان کي ياد هوندو تہ اپريل جي شروع ۾ جڏهن آءٌ نيويارڪ آيو هوس تہ مون ريڊيو سٽي ميوزڪ هال جو ذڪر ڪيو هو. مون کي مسٽر هيڪر مئنيجر ڪان ان جي باريڪ طرح ڏسڻ جي دعوت آيل هئي ۽ ڪالهہ آءٌ ۽ منهنجو دوست پروفيسر مختار آهو ڏسڻ وياسون.

اسين هن فريبي دنيا جا قائل تي ٻاهر نڪتاسون. هي ڪو معمولي ٿيئٽر نہ آهي. جنهن پيماني تي نظام ۽ انتظام هلي رهيو آهي اُن تي حيرت تي وئي. سڄو اسٽيج پنجاهہ فوٽ ڊگهو ۽ هڪ سؤ فوٽ ويڪرو آهي. اسٽيج ڇهن ٽڪرن ۾ آهي جيڪي ٽڪرا فقط هڪ ٻٽڻ دٻائڻ سان چوويهہ فوٽ هيٺ زمين ۾ وڃي سگهن ٿا يا ستاويهہ فوٽ مٿي. هرهڪ ٽڪر جي تور سٺ ٽن آهي. هر ٽڪر ۾ طبقا ٺهيل آهن. مون توهان کي ٻڌايو هو تہ سڄو هال اسان جي خالقڏنہ هال کان ڏهہ يا ٻارهن دفعا وڏو آهي مگر هڪ ٽنب نہ اٿس. سڄو ايئر ڪنڊيشن آهي. جاءِ ۾ ڪارخانا ڏسي عجب لڳو. هن ٿيئٽر کي پنهنجو ڊاڪٽر، پنهنجو سرجن ۽ چار نرسون رکيل آهن. ٿيئٽر جي مشينن کي سنڀالڻ واري کي مهيني ۾ ٽي هزار ڊالر پگهار ملي ٿو. اسان کي گهمائي ڦيرائي ڪجهہ ڪتابن جي تحفي سان ٻاهر آندو ويو.

ريڊيو سٽي ميوزڪ هال هڪ طلسم جي جاءِ آهي.

هن دفعي نيويارڪ ۾ گهمڻ جو نہ خيال هو ۽ نہ وقت هو. مون کي اڳيان ڪافي ملڪن مان ٿي اچڻو هو انڪري انهن لاءِ ويزا وٺڻ ۾ وقت صرف ڪيم. هنن ملڪن جي ويزائن وٺڻ تي پنجهٺ ڊالر خرچ ٿيو. اهو بہ وڏو ويل آهي. توبهہ!

ڪالهہ آمريڪن ايڪسپريس ڪمپنيءَ مان ٽڪيٽون

هٿ ڪيم ۽ اجهو هن طرح واپسي ٿيندي. سفر هن طرح رٿيو اٿم:

سياڻي ڇهين تاريخ جو هتان نڪرندس ۽ مانتريال يعني ڪئنيڊا ويندس. پوءِ هن طرح مانتريال (ڪئنيڊا)، پريسٽوڪ (سڪاٽلنڊ)، لنڊن، امسٽرڊام (هالنڊ)، ڪوپن هيگن (ڊينمارڪ)، هيلسنڪي (فنلنڊ)، اسٽاڪهوم (سئڊن)، پئرس (فرانس)، مئڊرڊ (اسپين)، زيورچ (سئٽزرلنڊ)، روم (اٽلي)، قاهره (مصر) ۽ پوءِ ڪراچي. هرهڪ ملڪ ۾ ٣ کان ۴ ڏينهن تائين رهڻ جو ارادو آهي. انشاءالله اٺويهين جولاءِ تي ڪراچي پهچندس. مطلب تہ واپس ڪراچي هوائي اڏي تي پهچڻ وقت ڪيسي ۾ پائي نہ هوندي. پنهنجي ڀاءُ نجم الدين کي اپيل ڪئي اٿم.

سائين منهنجا انشاءالله هي سفر پورو ڪري اچي توهان جو ديدار ڪندس. الله تبارڪ توهان کي خوش رکي. اسان کي بہ دعا ڪندا. جتي بہ فرصت ملي آتان توهان کي لکندو رهندس. البت هي ڏينهن درويشيءَ ۽ قلندريءَ ۾ گذرندا. آءٌ پنجن هوائي ڪمپنين جي جهازن ۾ سوار ٿيندس: ڪلونيل ايئرويز، بي. او. اي. سي، ڪي. ايل. ايم. اسڪنڊينوين ڪمپني، فنش ايئر سئيز ڪمپني ۽ ٽي. ڊبليو. اي. قاهره کان ڪراچيءَ تائين ڪي. ايل. ايم ۾ ايندس. هن دفعي سفر ۾ فقط ٻيويهين سيرن جو بار کڻڻ جي اجازت آهي. ٻيويهن سيرن ۾ ڇا ايندو ان جي خبر آٿو!

هي آمريڪي سفر ۽ اُن جو بياني احوال پورو ٿيو. تنقيدي احوال واپسيءَ تي شروع ڪندس. مگر هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌايانو. منهنجو هڪ عزيز دوست آهي. جنهن کي عموماً غصو تمام گهڻو لڳندو آهي. ڪاڪو دين محمد عليگ شاهد آهي. چند ڏينهن ٿيندا ته هن ٻزرگ دوست سخت شدت سان لکيو آهي ته آءٌ بيڪار آهيان، سواءِ لکڻ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ٻيون ڪجهه به نه ڄاڻان. مطلب ته سندس نظر ۾ آءٌ بلڪل خبر نه آهي ته ڇا آهيان. ڇو؟ سو فقط هن ڪري ته آءٌ فوٽوگرافي ڪونه ڪري سگهيس، ۽ نه ڪئميرا ورتي اٿم.

پير علي گوهر منهنجو عزيز ۽ پراڻو دوست آهي. خدا ڪيس سڪي ۽ متمول ڪيو آهي. سندس فوٽوگرافيءَ سان دلچسپي تڏهن کان هئي جڏهن اسين سنڌ مدرسي ۾ پڙهندا هئاسون. جڏهن پير صاحب هزار رپين جي ڪئميرا وٺندو هو، تڏهن مون وٽ ملباري جي چانهه لاءِ ٽڪو به گهڻو ڪري نه هوندو هو. پير صاحب غصي ۾ لکيو آهي ڪهڙو نه سٺو ٿئي ها جو آءٌ هنن ملڪن ۾ اهڙين خوبصورت جاين جا فوٽا وٺي اچان ها. مون کي ڪل آئي. پير صاحب کي ڪهڙي خبر ته اگر آءٌ هڪ ڪئميرا وٺان ته منهنجو هڪ مهيني جو پگهار پٽ. وري هيءَ دلچسپي اهڙي جو مهيني ۾ ڪم از ڪم چوٿون حصو پگهار جو ته ڪاڇي وڃي. سو سائين، اسان جو هي حال ۽ مٿان "پاڻ نه پالي

ڪتا ڏاري" وارو قصو ٿي پوي. آءٌ ڪاڪي دين‌محمد عابگ کي اپيل ڪندس ته پير علي گوهر جو غصو ٿڌو ڪري. اسين ماستر لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۽ پيٽ پالڻ ۾ پورا آهيون. دعا ڪندا.

("الوحيد" ١- جولاءِ، ١٩٥٣ع)

هي خط اوهان کي انگلنڊ مان لکي رهيو آهيان. منهنجا اڳيان خط توهان کي مليا هوندا. اڄ هو هيءُ آهي وڌيڪ احوال:

عرض ته ڇهين جون ١٩٥٣ع جي شام جو ٽين بجي آءٌ پروفيسر مختار گڏجي لاگارڊيا هوائي بندر تي نيويارڪ ۾ آياسون. خبر ملي ته ڪلونيل اسڪاءِ ماسٽر هڪ ڪلاڪ ليٽ آهي. جنهنڪري ترسياسون؛ حرارت اُن ڏينهن ايڪانوي ڊگريون هئي ۽ هوا سخت ڪهميل هئي. نيويارڪ ۾ ڪافي برسات چند ڏينهن ٿيا ته نه پيئي هئي ۽ ان ڏينهن برسات ۽ طوفان جا آثار هئا. خير، اسان کي هوائي جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ چيو ويو ۽ اسين سامان هٿن ۾، ڪلهي تي ۽ مٿي تي کڻي، جهاز ڏانهن هلياسون. ان خيال ته پورن ساڍن ڇهن مهينن کان پوءِ گهر ڏانهن رخ رکيو اٿم، خوشي ٿي ڏني.

جهاز ڏانهن نگاهه ڪيم ته مشينون ٻه ڏٺم. هن کان اڳي سڄو سفر چئن مشينن واري جهاز ۾ ڪيل هو. دل ۾ ٿوري ٿوري هٻڪ پيدا ٿي؛ مگر اسين ماسٽر توڪل جي ترهي کي اصل ڪونه ڇڏيون. جهاز ۾ چڙهياسون. اسين ٻاوهن مسافر هئاسون. چڙهڻ کان

پوڻ پنجن منٽن ۾ اسين نيويارڪ مٿان اُڏامي رهيا هئاسون. جنهن ڏينهن آءٌ نيويارڪ آيو هوس ته اڊلوائيلڊ هوائي بندر تي لٿو هوس، جو نيويارڪ کان ڪافي ٻاهر آهي. لاگارڊيا بندر نيويارڪ شهر جو بندر آهي، ۽ جنهن جو نالو مسٽر لاگارڊيا نيويارڪ جي ميئر جي نالي سان آهي. هن هوائي بندر تي فقط اندروني هوائي آمدرفت ٿيندي آهي. خير- جهاز مانٽريال (ڪئنيڊا) جو رخ رکيو. خبر ملي ته پوڻا ٻه ڪلاڪ سفر آهي. هوائي جهاز پنهنجي رفتار ورتي ۽ اسان آمريڪا کي خدا حافظ چيو. جڏهن ڪئنيڊا جي اراضيءَ ۾ آياسون ته اسان کي آت برسات ۽ طوفان اچي ورتو، جنهن جو اڳ انديشو هو. ڪجهه هيٺ مٿي حرڪتون ۽ لوڏا جي اسان کي پوئين اڌ ڪلاڪ ۾ مليا تن کان بچي اچي مانٽريال جي هوائي بندر جروال تي پهتاسون. سردي مختصر هئي مگر ته به ڏکهي گرم ڪوٽ جي ضرورت پئي.

آءٌ اُن وقت ميڪگل يونيورسٽيءَ جي دعوت تي وڃي رهيو هوس. ڇونڪ جهاز ليٽ هو انڪري ٻه دوست جيڪي هوائي جهاز تي ملڻ آيا هئا آهي وڃا هليا. جڏهن هوائي جهاز کان ٻاهر نڪتس ته مون کي هڪ پوليس آفيسر هڪ پرزو ڏنو، جنهن ۾ هوٽل وغيره جو احوال هو. پروفيسر ڪارنيول سمٿ اهو پرزو ڇڏيو هو ۽ اسين ڪسٽمس کان آزاد ٿي ٽيڪسي موٽر ۾ چڙهياسون. اسان کي ڪنهن به

تڪليف يا ردوبدل ڪي منهن نه ڏٺو پيو، ڇونه اسين ڪامنويلٿ ملڪ ۾ آيا هئاسون. نه ويزا جي پڇا نه ڪسٽمس جي. اسين سامان ڪٺي بارڪلي هوٽل ۾ آياسون ۽ مخصوص ٿيل ڪمري ۾ وياسون. پروفيسر مختار ڪي پاڻ سان ڪئنيڊا زرد ٿيءُ آندو هوم، مگر اچڻ ان پوءِ خوش ٿيو. اسين مانٽريال شهر ۾ هئاسون ۽ شهر هوائي بندر کان ارڙهن ميل پري آهي.

هاڻي توهان کي ڪجهه ڪئنيڊا بابت ٻڌايان. اتر آمريڪا جي گرين لئنڊ کي ڇڏي باقي چار حصا آهن: هڪ الاسڪا، ٻيون ڪئنيڊا، ٽيون آمريڪي رياستهاي متحده (جنهن کي اسين فقط آمريڪا سڏيون ٿا) ۽ چوٿون ميڪسيڪو. هنن ٽڪرن ۾ ڪئنيڊا وڏي ۾ وڏو حصو آهي. مگر آمريڪا سڀ کان طاقتور آهي. الاسڪا آمريڪا جي هٿ ۾ آهي ۽ ميڪسيڪو جي ڏرتي ڪچي آمريڪا جي هٿ ۾ آهي. آمريڪا جي مقابلي ۾ ڪئنيڊا ويچارو ملڪ آهي.

ڪئنيڊا ڪامنويلٿ ۾ آهي. اهڙي نموني جهڙي نموني پاڪستان. سنه ١٩٦٨ع ۾ ڪجهه لڙاين ۽ ردوبدل کان پوءِ انگريزن ڪئنيڊا کي خودمختاري ڏني، ۽ ڪئنيڊا انگلنڊ سان ناتا ٽوڙيا. ڪئنيڊا ۾ جيڪي ماڻهو رهن ٿا آهي انگريزن ۽ فرينچن جو اولاد آهن. ڪئنيڊا ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ ماڻهو رهن ٿا. انگريزي ۽ فرينچ ٻئي سرڪاري ۽ دفتري زبانون آهن. اهو اسان جهاز کان نڪرڻ شرط محسوس ڪيو. هر نوٽيس،

هر اطلاع ۽ نشان ٻنهي زبانن ۾ لکيل هو. هر قسم جي هدايت ٻنهي زبانن ۾ لکيل هئي. ڪئنيڊا جي پارليامينٽ ۾ ٻيئي زبانون هلن ٿيون ۽ قانون ٻنهي زبانن ۾ لکيل آهن. اسين مانٽريال ۾ زياده‌تر فرينچ حصي ۾ هئاسون.

ڪئنيڊا جي اڀرندي حصي ۾ اوٽاوا تائين فرينچ زياده آهن. مگر اوٽاوا کان اولهندي ۾ گهٽ آهن. ڪئنيڊا ۾ چاليهه سيڪڙو فرينچ آهن، ۽ سٺ سيڪڙو انگريزن جو اولاد. مانٽريال ڪئنيڊا جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، ۽ منجهس پنجهٺ سيڪڙو فرينچ آهن. ٻه يونيورسٽيون آهن: هڪ مئڪگل، جنهن جا اسين مهمان هئاسون. هن ۾ تعليم انگريزي ۾ آهي ۽ ٻي مانٽريال يونيورسٽي، جنهن ۾ فرينچ ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي. ڪئنيڊا جي گاديءَ جو هنڌ اوٽاوا آهي.

مانٽريال لارينس نديءَ تي نيويارڪ کان پوءِ اتر آمريڪا جو وڏي ۾ وڏو هوائي ۽ بحري بندر آهي. پئرس کان پوءِ ٻيون نمبر فرينچ وڏو شهر آهي. ڪيس اتر آمريڪا جو پئرس سڏيو وڃي ٿو. لارينس ندي ۽ ڊنڊ آٺ مهينا سال جا کليل آهن ۽ چار مهينا سرديءَ ۾ ڄمي برف ٿي پونديون آهن. مانٽريال هڪ ٻيٽ تي ٻڌل آهي، ۽ سندس آدمشماري الڪل سورهن لک آهي.

اسان جي اچڻ کان پوءِ اٺين بجي، رات جو پروفيسر سمٿ اسان وٽ آيو ۽ ماني گڏجي کاڌيسون. رات

جو حادي ٻارهين ٻجي ٽائين مانيءَ ۾ ڪانيڊا رهيا هون ۽ ڳالهيون ٻه ڪندا رهيا هون. پروفيسر سمٿ مڪگل يونيورسٽيءَ ۾ اسلامي تدريس جو ڊائريڪٽر آهي. علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ اٺ سال پڙهايو اٿس ۽ پاڪستان ۾ به ڪافي دوست اٿس. اڳتي سال ٿيندو ته پاڪستان ويو هو. ڪيس وڏو افسوس هو ته اسان جي بزرگ وائيس چانسيلر محترم آءِ. آءِ قاضيءَ سان ملي نه سگهيو. مون کي ٻڌايائين ته قاضي صاحب جي ٻن شاگردن الله بخش بروهي ۽ پروفيسر قاضي مرتضيٰ، جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اردوءَ جو پروفيسر آهي، تنهن سان مليو هو. اميد ڪيائين ته ٻئي سال پاڪستان ويندو. ڪيس ڪجهه پروگرام آهي، جنهن لاءِ استاد ۽ شاگردن جي مدد وٺندو.

اسان ڪئنيڊا جي تعليمي، اقتصادي ۽ قومي معاملات تي ڳالهيون ڪيون، ۽ چند ڳالهيون واضح ٿيون: ڪئنيڊا تي اخلاقي ۽ تعليمي اثر انگريزن جو آهي. ڪئنيڊا برٽش ڪامنويلٿ جو ميمبر آهي، مگر هن حالت ۾ مٿس آمريڪا جو اثر آهي. عملي طرح ڪئنيڊا جي سياست تي آمريڪا جو وڏو اثر آهي، جنهن کان هو ڪنهن به طرح خوش نه آهي. آمريڪا جو ڊالر ڪئنيڊا ۾ رائج آهي جنهن کان به هو ناخوش آهي. ڪئنيڊا جو نظام آمريڪي نظام آهي. ڪئنيڊا ۾ سٺ سيڪڙو سرمايو آمريڪا جو آهي. مون آمريڪا ۾ ڪيترا الهو ڏٺا جيڪي ڪئنيڊا کي آمريڪا جي بينڪ

سمجهن ٿا. ڪئنيڊا جا ماڻهو جفاڪش آهن. سندن ملڪ ۾ سخت سردي هئڻ ڪري بلڪل ٿورا ٻاهريان ماڻهو اچن ٿا. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ آمريڪا کان ڪيترو ۾ ٻيڻو ملڪ آهي، تڏهن به آدمشماري گهٽ اٿس (آمريڪا پندرهن ڪروڙ ته ڪئنيڊا هڪ ڪروڙ). ڪئنيڊا جو اقتصادي معيار آمريڪا کان به بلند آهي. سنجيدگي ۽ تدبر آمريڪا ۾ گهٽ ملندو ۽ ڪئنيڊا ۾ زياده. آمريڪي انفراديت، آمريڪا ۾ هڪ قسم جي عجيب درندگي پيدا ڪئي آهي. پر اخلاص، روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪئنيڊا ۾ زياده ملندو. ٻئي خوبصورت ملڪ آهن. فطرت ڪين آهي سڀ حالتون ڏنيون آهن، جن جي ڪري قومن کي اچڪله بلند سمجهيو وڃي ٿو. جنگين ۽ جنگي مقامات کان پوءِ ڪين ڪوشش ۽ سعي جي نتائج ماڻهو جون سڀ سهولتون نصيب آهن. اهو اڻل اصول آهي ته ضرورت کان زياده ثروت، تونگري ۽ خوشحالي بداخلاقيءَ جو بنياد آهن. غريبيءَ ۽ فقر ۾ بداخلاقي کان بچڻ آسان آهي، مگر دولت، مال ۽ عياشيءَ ۾ بداخلاقيءَ کان بچڻ مشڪل آهي! خير-

اسين ٻئي ڏينهن مانٽريال جي پسگردائي ۾ اٽڪل چاليهه ميل پري ڳوٺ ۽ جايون ڏسڻ ويا سون. لارينس نديءَ جي ڪناري تي ملڪ جي بستي ۽ دلڪش نظارا ڏٺاسين. اسين ڪئنيڊا جي رهاڪن جي ڳوٺ ۾ وڃي

رهيا هئاسون. مون ريڊانڊين جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو
آهي. اتر آمريڪا جا يوروپي قومن جي اچڻ کان اڳي
آمريڪي باشندا سڀ ريڊانڊين هئا. هن وقت اهي
آمريڪا ۽ ڪئنيڊا ۾ پکڙيل آهن. بنيادي طرح هي
سڀ هڪ قوم آهن مگر هنن ۾ اٽڪل چوڏهن قبائل
آهن. اچو ته توهان کي ڪن ڳالهين کان واقف ڪيان:

آمريڪي ۽ ڪئنيڊا جي ريڊ انڊين لاءِ ڪئنيڊا ۽
آمريڪا جي سرحد نه آهي. هو ڪٿي به وڃي ۽
اچي سگهن ٿا. ڪين ڪنهن به ويزا يا سرٽيفڪيٽ
جي ضرورت نه آهي. هو ريڊ انڊين سڏيا وڃن ٿا مگر
هو ڪنهن به طرح يوروپي قومن کان شڪل شباهت
۾ علحده نه آهن، جيئن مون توهان کي ٻڌايو هو.
ڇيو وڃي ٿو ته هي اصل ۾ روسي ۽ منگول نسل جا
آهن ۽ اتر - اوڀرندي روس کان آمريڪا ۾ آيا ۽ پکڙيا.
آمريڪا ۽ ڪئنيڊا ڪين وارث ڪري سمجهي ٿي. اصلي
باشندن مثل ڪري ڪين کي حقوق حاصل آهن، مگر
مدنيت جي بلندين کان اڃا محروم آهن. مثلاً ريڊانڊين
جي مقرر ڪيل زمين جي حصن ۾ ڪنهن به قسم
جي ٽئڪس وغيره نه آهي. هنن تي انشورنس نه آهي.
سندن حصن ۾ تعليم جا وسائل سڀ مفت آهن. ڇيو
وڃي ٿو ته هو وحشي آهن ۽ انڪري ڪين شراب
کان پري رکيو وڃي ٿو. اگر شهرن ۾ اچن ٿا ته
ڪين شراب جي فروخت جي منع آهي. ڪهڙي نه مزيدار
ڳالهه آهي. شراب آمريڪا ڇا پر سڄي دنيا ۾ مهذب

انسانن لاءِ مخصوص آهي! هنن ملڪن ۾ شراب پيئڻ به بلنديءَ جي نشاني آهي. ڇا ٻڌايانوَ ته آمريڪا ۽ ڪئنيڊا ۾ شراب جي ڇا حالت آهي. خدا هنن غريبن کي شراب کان بچائي!

مگر حالتون ڪجهه ڦري رهيون آهن. ڇا ٿيو آهي جو آهستہ آهستہ هي ريڊانڊين پنهنجون جايون ڇڏي ٻاهر نڪري رهيا آهن. اڄوڪي زندگيءَ جون راحتون سندن حصي کان ٻاهر آهن، انڪري هو آمريڪا ۽ ڪئنيڊا جي حياتيءَ ۾ جذب ٿي رهيا آهن. مون آمريڪا ۾ به هنن جي حصن جون جايون ڏٺيون ۽ ڪئنيڊا ۾ به ساڳي حالت ڏٺم. ريڊانڊين آهستہ آهستہ پنهنجي زبان به وساري رهيا آهن. رسمون رواج به وساري رهيا آهن ۽ پوشاڪ به ختم ٿي رهي آهي. اهي رهائش ۽ وضع قطع ۾ بلڪل آمريڪي لڳن ٿا. مذهب به ڪرستان اختيار ڪندا وڃن ٿا. آءٌ سندن سڪول ۾ ويس جتي ڇهن سالن عمر جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڪي بلڪل مختصر سندن زبان جا لفظ اچن ٿا، نه ته انگريزي. ريڊانڊين زبان مزيدار آئوَ. ڪوبه لفظ ٻن اکرن کان مٿي نه آهي. 'الف - ب' جا سندن زبان ۾ فقط ٻارهن آچار آهن. مثلاً 'ڪانادا' معنيٰ 'هي اسان جو ڪوٽ آهي'. هو پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل بعيد ٿيندا وڃن ٿا. اسان کي سندن شاديءَ جي رسم ڏيکاريائون، ۽ سندن قومي ناچ به ڏيکاريائون. اسان کي ڪنهن

قسم جي ترتيب نظر نه آئي. اُها باهه، اُهي رڙيون، اُهي هيبتناڪ حرڪتون ۽ وٺ پڪڙ جو توبهه! اسان کي سندن قائم ڪيل عجائب گهر ۾ وٺي ويا. اُن جاءِ ۾ گهڙڻ شرط اسان کي ڪُٺن ۽ چمڙن جي بوءِ آئي. جانورن جون کلون، سندن بتن جون شڪليون، جانورن جا هڏا، باهه ۽ ٻين عجيب قسمن جون ناهيل شيون. دانگيون، دلا، چلها، ڪتون ۽ تڏا به پيل هئا. مطلب ته عجائب گهر ۾ گهڙڻ ڪان پوءِ ٻاهر نڪرڻ جو خيال ٿيو. سچي فضا دماغ تي اثر ڪيو. سندن جشن ۽ ناچ مزيدار هو. هنن غريبن به آمريڪا کان پئسن ڪمائڻ جو هنر خوب سکيو آهي. سوٽ بوٽ کان سواءِ، پکن ۽ ککن جا جبا ۽ طرا پايو ۽ هڏن ۽ پٿرن جون ڪنمالون پايو پئسا پيا ڦرين. هي ماڻهو ڏاڍا برجستا ۽ دلير آٿو َ. آمريڪا ۽ ڪئنيڊا ۾ جتي پيا آمريڪي نه رهي سگهن، اُتي هي رهن ٿا. هزارها ميلن ۾ جتي انسانن جي بوءِ به نه هوندي، اُتي يڪي‌سر هڪ ريڊانڊين رمندي ملندو ۽ خوش نظر ايندو. بدديانتيءَ جو منجهن نالو به نه آهي. وڏي اخلاص جا ماڻهو آهن. ڊپ ۽ بزدلي سندن جسم ۽ روح ۾ نه آهي. ڏاڍا مهمان نواز ۽ شريف آهن. مگر خدا ڪين آمريڪي تهذيب کان بچائي ۽ يورپي اخلاق کان پناهه ڏي!

ريڊانڊين جي ڳوٺ ۾ وڃي ۽ سندن جشن، جلوس ۽ لباس ڏسي مون کي برابر افسوس ٿيو ته نوٽو گرافي

چوڻ سگهيم. پير علي گوهر جو غصو بجا سمجهيم. ڪئميرا هٿ ڪرڻ ۽ فوٽو ڪڍڻ جو شوق هئم مگر ڪئميرا خريد ڪرڻ جو ڪوبہ وسيلو نظر نہ آيو. پوءِ يڪدم خيال آيو اهو تہ ڏاڍو آسان آهي. پير علي گوهر جو وينو آهي! وٽس اڌ ٻڙن ڪن ڪئميرائون آهن، هڪ ٽڳائي ويندو سانس. مون کي خبر آهي تہ جڏهن بہ آءٌ سندس گهر ويندو آهيان تہ مون کي اندر اچڻ کان اڳ ۾ پهرين سامان لڪائڻ ۽ محفوظ ڪرڻ ۾ لڳندو آهي؛ مگر هاڻي ڪيس خيال ڪرڻ گهرجي تہ سندس هڪ سٺي ڪئميرا جو خير ڪونهي. مون کي خبر آهي تہ سخت غصي ۾ ايندو مگر اِهو بہ يقين آهي تہ اُن ڪئميرا تي مون کي فوٽو ڪڍڻ بہ پاڻ سيکاريندو. اُميد تہ علي گوهر پنهنجي پهرين غصي تي افسوس نہ ڪندو. اسان درويشن جي دوستيءَ مان اجهو اهو فائدو آهي. 'اڌ بہ ڏيو لڌي بہ ڏيو.'

خير، اسين لارينس نديءَ جو سير ڪري پسگردائي ۾ ٻيٽ ۽ آبشار ڏسي پيڙين ۾ گهمي هوٽل ۾ پهتاسون ۽ وري شام جو پنهنجي منهن مئڪگل يونيورسٽيءَ جو سير ڪرڻ وياسون. صبح جو ٽئين ڏينهن اسين پروفيسر سان يونيورسٽيءَ جي سير تي وياسون ۽ ماني بہ اُتي ئي پروفيسر جي جاءِ تي کاڌيسين. ماني تي اسان سان هڪ ترڪيءَ کان آيل پروفيسر ۽ ٻہ پروفيسر پرنسٽن يونيورسٽي جا بہ شامل ٿيا. اتي بہ پاڪستاني

شاگرد مليا ـ هڪ پنجاب مان آيل هو ۽ ٻيون مدراس جو مهاجر هو.

اهڙيءَ طرح ڪئنبرا جو مهمان ٿي واپس اچڻ جي تياري ڪئيسون. اسان جي سفر جو انتظام بي. او. اي. سيءَ جي هوائي جهاز اسٽرائل ڪروزر ۾ ٿيل هو. اسين سامان کڻي لارينس هوٽل ۾ آياسون، جتان بي. او. اي. سيءَ جي بس ۾ هوائي بندر تي پهتاسون. پوري پنجين بجي شام جو جهاز ۾ ويٺاسون ۽ جهاز جي مشين هلڻ شروع ڪيو. اڃا انهيءَ خيال ۾ هئاسون ته جهاز اُڏاڻو ۽ اسين هوا ۾ هلڻ لڳاسون. اسان کي ٻڌايو ويو ته اسان جو رخ گئنڊر ڏانهن آهي ۽ اميد هئي ته پوڻين ڏهين بجي شام جو پهچنداسون. پوري نوين بجي خبر ملي ته گئنڊر ۾ جهاز نه لهي سگهندو ۽ خطرو لاحق آهي. سخت ماڪ ۽ ڪوهيڙي ڪري زمين ڏسڻ ۾ نٿي آئي ۽ اسان جي جهاز گوزبي لئبريڊور ڏانهن رخ رکيو. يارهين بجي رات جو گوزبيءَ پهتاسون، مگر رات جو ذرو به آثار نه هو ـ روشني لڳي پئي هئي. سخت سرديءَ ۾ وچي پياسون ۽ توبهه جهڙي هوا لڳي رهي هئي! جهاز ۾ تيل وڌو ويو ۽ اسان لهي چانهه جا ڪوپ پيتا. گوزبيءَ تي عجيب تماشو لڳو پيو هو. پندرهن يا ويهه جهاز لهڻ لاءِ اچڻ لڳا. گئنڊر ۾ فضا خراب هئڻ ڪري يورپ کان اينڊڙ جهاز يا آمريڪا کان اينڊڙ جهاز سڀ مٿان اچڻ لڳا ۽ اُن وقت اسان ڪئنبرا جا جيٽ هوائي جهاز، مليٽري ڪنٽرول ۾ آڏامندي، لهندي

۽ چڙهندي ڏٺا. هيءَ حالت هڪ بجي صبح تائين رهي ۽ اسين اچا به روشنيءَ ۾ هڪ تشويشناڪ حالت ۾ هئاسين جنهن جو ڇا بيان ڪريان!

هوائي جهاز بهترين هو. پائلٽ هوشيار ۽ تجربيڪار. جهاز ۾ اندر ويهڻ سان پاڻ کي هڪ وڏي گهر ۾ ويٺل ڏٺوسون. آرام جون سڀ سهولتون موجود هيون. ڇهين بجي - هڪ ڪلاڪ اڌ اڳ کان پوءِ ماني کاڌيسون ۽ چند مسافر شراب پيئڻ ۾ مست هئا. مون کي ننڊ نه آئي. ڏهين بجي تائين جاڳندو رهيس ۽ پروفيسر مختار پرسان ويٺو رهيو. اوچتو ڏهين بجي کان پوءِ ننڊ اچي وئي ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اوالڪ ننڊ ڦٽي پئي. خبر ملي ته گوزبيءَ مٿان هوائي حالتون خراب هيون، ۽ اسان جو جهاز اٽڪل اٺ سؤ فوٽ اوچائي تان خودبخود هيٺ لهي آيو هو. پروفيسر مختار جاڳندڙ هو ۽ ان جهاز جي ان حالت ۾ مون کي به اٿاريو. اچا ڳالهين ۾ هئاسون ته يارهين بجي جهاز زمين تي لٿو.

توهان جا پڙهندڙ چوندا ته هي ڇا آهي، پنجين بجي شام جو به روشني، ته نوين بجي شام جو به روشني، وري ڏهين بجي به روشني ته هڪ بجي به روشني! بلڪل ٺيڪ آهي. اسان هن سڄي سفر ۾ رات نه ڏٺي. ان جو سبب هي آهي:

اسين اتر قطب جي ويجهو هئاسون. اونهاري ۾ ڏينهن وڏا ٿين ٿا ۽ عين اهڙي ڳالهه قطب تي ڇهه مهينا

رات ۽ ڇهه مهينا ڏينهن رهندو آهي. سج نه هوندو آهي مگر روشني رهندي آهي. اسين هڪ ته اتر قطب کي ويجها هئاسون ۽ ٻيون ويهه هزار فوٽ زمين کان مٿي! اسان کان مٿي ڪڪر به ڪونه هئا. هن حالت ۾ ڀي زمين تي رات هجي مگر جهاز ۾ رات اصل ڪانه ٿي. بتين ٻارڻ جي ضرورت ڪانه هئي. اسين ڇهه ڪلاڪ ڏينهن جو سفر ڪري رهيا هئاسون. اسين هن روشنيءَ ۾ وري جهاز ۾ ويٺاسون ۽ انگلنڊ ڏانهن رخ رکيوسون. ڪهڙا ڪهڙا فضائي تماشا ڏٺاسون! بس، الله تبارڪ جي قدرت کي ڏٺوسون! انسان جي دماغ ۽ ڪوشش جا قائل ٿياسون. جهاز ڪلاڪ ۾ سوا ٽي سؤ ميل ڪري رهيو هو ۽ اسين انگلنڊ جي ويجهو ٿيندا وياسون. عين يارهين بجي اسين گلاسڪو جي ويجهو پريسٽوڪ هوائي بندر تي پهتاسون. اهو بندر جنهن تان ستاويهين فيبروري آءٌ آمريڪا ويو هوس. پنڌيان ڇڏيل دنيا خواب نظر آئي. الله پاڪ جي مهربانين جو شڪر آهي. هن زبردست سفر کي ختم ڪرڻ تي شڪر ڪيوسون. زندگيءَ جي گهراين تي سوچڻ لازم هو. اڳتي جي سفر جو خيال ڪيوسون. پروفيسر مختار ۽ آءٌ ٽپڙ ڪلهي تي رکي لٿاسون. اسان ڪان سواءِ باقي ٻيا سڀ همسفر لنڊن اچي رهيا هئا ۽ جهاز به اوڏانهين ٿي ويو. هاڻ اسان کي پريسٽوڪ کان لنڊن ريل جي رستي وڃڻ جو خيال آهي. اڌ ڪان گهٽ سفر پورو ٿيو ۽ باقي وڏو اڌ اڃا ڪرڻو آهي. گهر، ملڪ، دوست ۽ عزيز ياد آيا.

جهز ۾ چند ڳالهيون ۽ خيال ياد آيا، جي نوٽ ڪيم ۽ اجهو هي خط توهان کي وتليبي جي نار تمبرلنڊ انگلنڊ مان لکي رهيو آهيان. انگلنڊ جو احوال هتان ڪان نڪرڻ ڪان اڳي لکي موڪليندس. انگلنڊ جي احوال لاءِ خاص مضمون لکڻ ضروري آهي. آءٌ هي احوال سترهين جون تي لکي رهيو آهيان. رمضان مبارڪ پورو ٿيو. آچر ڏينهن توهان عيد ڪئي هوندي. توهان کي ۽ توهان جي پڙهندڙن کي عيد مبارڪ! دعا ڪندا.

["الوحيد" ٢٥- جون، ١٩٥٣ع]

اڳيون خط انگلنڊ پهچڻ تي لکيو هوم، جو اُميد ته مليو هوندو. اجهو هي خط انگلنڊ کان نڪرڻ کان اڳي لکي رهيو آهيان. سڀاڻي ستاويهين جون صبح جو اٺين بجي هتان نڪرندس ۽ شام جو انشاءالله فنلنڊ پهچندس.

انگلنڊ مون لاءِ ڪو نئون ملڪ نہ آهي. مون هتي پنهنجي تعليم جا پويان ڏينهن گذاريا آهن. هتي مون تعليمي نظام جي پچاڙيءَ وارو امتحان ڏنو هو ۽ امتحانن کان جند آزاد ڪئي هئي. هتان جي آخري رسمي امتحان مان واپس اچي هر روز جي امتحان ۾ شريڪ ٿيس. هتان امتحان ڏئي واپس اچڻ کان پوءِ شاگرديءَ ۽ فارغ‌البالي‌ءَ جي حياتي ختم ٿي. آءٌ انگلنڊ ۾ ڇهن سالن کان پوءِ آيو هوس ۽ ٻہ سال گذاريا هئم تنهن عرصي ۾ ڪافي دوست ۽ واقف پيدا ٿيا هئا.

تعليم جي زماني ۾ انگلنڊ، سڪاٽلنڊ، ويلس ۽ آئيل آف مين جو سير ڪيو هئم. ڪافي جايون، شهر ۽ تعليمي اداره ڏٺا هئم. آءٌ جڏهن هت آيو هوس تہ جنگ تازو ختم ٿي هئي ۽ آءٌ هتي هڪ مليٽري جهاز ۾ پهتو هوس. چار هزار سولجر ۽ اسين مسافر فقط سٺ هئاسون. جهاز نہ هو بلڪ هڪ ملٽري ڪئمپ

هئي ۽ آهي سڀ ملٽري ڪئمپ جون تڪليفون ۽ تجربا حاصل ڪياسون. بيان ڪافي مزيدار آهي مگر نٿو ڪيان.

انگلنڊ ۾ چند ڏينهن رهڻ جو خاص مقصد آهي. نه صرف انڪري ته هت اُستاد، دوست ۽ واقف آهن بلڪ اِنڪري به ته آمريڪا، يورپ ۽ دنيا جي حالات سمجهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ انگلنڊ کي به سمجهڻ ضروري آهي. انگلنڊ پنهنجي تڪليفن ۽ ڪمزورين جي باوجود دنيا جي قسمت ۾ وڏو اثر رکي ٿو. اڄڪلهه جي دنيا جا سياسي، اقتصادي، فوجي ۽ هنري جيڪي مسائل آهن، آهي سڀ ڪنهن طرح انگلنڊ ۾ پيدا ٿين ٿا. مون کي اِهو به يقين آهي ته دنيا ۾ چند سالن تائين اِهو رايو صحيح رهندو ته اگر انگلنڊ کي جنگ ۾ دلچسپي نه آهي ته جنگ نه لڳندي. آمريڪا ۽ رشيا ڪڏهن به نه لڙندا، جيسين پنهي مان ڪنهن کي به انگلنڊ جي طرفداري يا غير طرفداريءَ جو يقين نه ٿيو آهي. انگلنڊ جي پاليسين جي خبر هڪ خدا کي ۽ ٻي ڪين! اڄ به انگلنڊ دنيا کي حيرانيءَ ۾ رکيو ويٺو آهي. انگريزن ۾ هزارين قسمن جون قومي صلاحيتون ۽ حرفتون موجود آهن. هڪ انگريز جي مقابلي ۾ هڪ آمريڪي کي آني جو به عقل نه آهي. اڳئين ٿي هفتا منهنجي آمريڪا مان نڪرڻ کان اڳي هڪ عجب جنگ ائٽلانٽڪ جي ٻنهي طرفن شروع ٿي وئي هئي. مون کي اِهو به يقين آهي ته

آمريڪا کي پنهنجي طاقتور ملڪ هوندي بہ انگلنڊ جي مقابلي ۾ پنهنجي، بيبسيءَ تي رحم ۽ غصو ٿو رهي. آمريڪا ۾ انگلنڊ خلاف هڪ عجيب لهر ڦهلجي رهي آهي، جنهن جو وڏو اثر ويچاري ڪئنيڊا تي پيو آهي. ان ڪاز پڻ فرانس تي. انگلنڊ کان سواءِ يورپ فوجي ۽ اقتصادي نقطہ نظر کان بيڪار آهي ۽ انگلنڊ کان سواءِ آمريڪا خود حيران رهندي. اڄڪلهہ جيڪي بہ مسائل آمريڪا ۾ پيدا ٿيل دنيا ڏسي رهي آهي، آهي انگلنڊ جا پيدا ڪيل آهن. مگر انگلنڊ کي ناراض ڪرڻ، آمريڪا لاءِ نہ فقط موت آهي، پر موت کان ڏورو گهٽ بہ نہ آهي. مون کي اهو بہ يقين آهي تہ دنيا ۾ ٻہ ملڪ جيڪي انگريزن جي خوبين ۽ خرابين کي سمجهن ٿا، اُهي آهن: هندستان ۽ پاڪستان.

اڄ جڏهن اٺ سال اڳ هتي آيو هوس تہ هت قحط جي حالت هئي، دڪان خالي پيا نظر ايا. ماڻهن جي لباس ۽ شڪل مان ئي سندن قومي تڪليفن جي خبر ٿي پيئي، هاڻي انهن سالن کان پوءِ حالتون بدليل آهن- هرقسم جي راشننگ ختم آهي؛ فقط گوشت تي اجا راشننگ آهي، جا بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ جلد ختم ٿي ويندي. دڪان شين ۽ سامان سان ڀرپور آهن، ملڪ ۾ هرقسم جي رنگيني پيدا ٿيل آهي؛ جنهن لاءِ هو ترسيل هئا. انگريز وري پاڻ ۾ ۽ ملڪ ۾ هڪ قسم جي نئين زندگي محسوس ڪري رهيو آهي. مگر

هڪ ڳالهه کان مذبذب آهي — انگريز جنگ کان متنفر آهي. انگريز کي اهو يقين آهي ته هن کان پوءِ ٿيندڙ جنگ آمريڪا ۽ روس جي آهي ۽ سندس ملڪ وچ ۾ ڇيهاڇجي ويندو. انگريزن جو آمريڪا تي لغام آهي ۽ روس کي به ڊپ آهي. نه صرف اهو مگر هن وقت تازو راڻيءَ جي تاجپوشيءَ جي جشن، انگريزن ۾ عجيب نئون روح ڦوڪيو آهي. هن تاجپوشيءَ جي خوشين انگريز کان سندن قومي افسردگيءَ کي وساريائي ڇڏيو آهي. انگريز هن وقت پنهنجي ماضي جي جاه ۽ بلنديءَ مان روحاني تسڪين ۽ قوت حاصل ڪري رهيو آهي. انگريز اهو به سمجهي ٿو ته دنيا ۾ جنگ ۽ امن سندس هٿ ۾ آهي. انگريزن هنن ائن حالن ۾ جيڪي ڪيو آهي، سو هڪ ڪرشمو آهي. انهيءَ جو هي سبق آهي ته قومن جو اتحاد، قومن جون قربانيون، قومن جي محنت ۽ جفاڪشي، قومن جي همت، قومن کي، بلندين تي پهچائي ٿي. هن تازو ٿيل تاجپوشيءَ جو اثر آمريڪا تي گهڻو ٿيو آهي.

توهان کي معلوم هوندو ته مون آمريڪا کي ڇهين جون تي ڇڏيو هو. راڻيءَ جي تاجپوشي ٻيءَ جون تي ٿي هئي. هن واقعي يا رسم جو اثر آمريڪا تي هڪ قسم جي هيبت ۽ تعجب سان ڪڏ ٿيو آهي. هن تاجپوشيءَ آمريڪا کي سندس نظر ۾ ٻار هٿن جو احساس پيدا ڪرايو آهي. انگريزن جي هن قسم جي طاقت ۽ جاهه ۽ جلال جي مظاهريءَ، آمريڪا کي ٻن حالتن سان متاثر،

ڪيو آهي: هڪ نه مظاهرن کان هيبتزده انگشت بدندان
آهي ۽ ٻيون غصي ۾ تمسخر جي لهر. هي مسئلو ڏاڍو
دلچسپ ۽ پيچيده آهي، تنهنڪري ان تي وڌيڪ طوالت
نه ڪندس. ڪئنيڊا ۾ حيرت انگيز خوشي هئي. مون
تاجپوشيءَ جي آثارن کي پريسٽوڪ هوائي بندر تي لهڻ
شرط ڏٺو. سڄو هوائي بندر رنگيني ۽ گلڪاري سان
پُر هو. جاين کي تازو رنگ هو، رستن ۽ گهٽين کي
اورنموني سان سجايو ويو هو. راڻيءَ جو نالو يا فوٽو هر
در و ديوار تي نظر ٿي آيو. بندر تاجپوشيءَ جي روح
سان ڀرپور هو.

جهاز مان لهڻ کان پوءِ اسين گلاسڪو آياسون،
۽ پوءِ ايڊنبرو. ايڊنبرو کان پوءِ نيوڪاسل، جتان لهي
اسين وٽليبي وياسون. اسين انهن ماڻهن وٽ وڃي
رهياسون جن وٽ آءٌ اڪ ٻه سال شاگرديءَ جي زماني
۾ رهي چڪو هوس. پروفيسر مختار ٻه راتيون ڪن رهيو
۽ پوءِ لنڊن هليو ويو، ۽ آءٌ اتي رهي پيس.

مون کي هن ٻئي دفعي اچڻ ۽ پهرين دفعي اچڻ
۾ هرقسم جو فرق نظر آيو. بنيادي ڳالهه هيءَ هئي
ته هڪ ته آءٌ شاگرد نه هوس ۽ امتحان ڏيڻ نه آيو
هوس ۽ ٻيون ته آءٌ قومي ۽ تعليمي تغيرات کي ڏسڻ
لاءِ آيو هوس. مون ۾ به اها جواني ۽ شاگرديءَ
جي زماني واري مستي ڪانه هئي. حياتي ۽ ان جي
مسائل کي هاڻي سوچ ۽ مستقبل جي نظر سان ڏٺو

هوم. گفتگو جيڪا اڳي حجاب، ڊپ ۽ تشويش ۾ رهي ٿي آها هاڻي جرات ۽ خوداعتماديءَ واري هئي. استادن ۽ دوستن جي ملڻ ۾ فرق نظر آيم. اسان مان ڪو به پنهنجي نه رهيو هو. هرڪو سالن جو اثر ڏيکاريندو وڌندو ٿي رهيو.

آءٌ ڪنگس ڪاليج يونيورسٽي آف ڊرهام ۾ ويس. ڪاليج جي اساتذه، اراڪين ۽ دوستن دعوتون ڏنيون. پنهنجي استاد پروفيسر اسٽئنليءَ وٽ به ويس ۽ هڪ ڏينهن سندس گهر ۾ گذاريم. پروفيسر اسٽئنلي آمريڪا مان ٿي آيو هو ۽ اسان تبادلهء خيالات ڪري پنهنجا پنهنجا خيال پيٽيا، ۽ ڪئپٽن ڊڪسن وٽ به هڪ ڏينهن مهمان ٿي رهيس. ڪئپٽن ڊڪسن سنه ١٩٢٦ع ۾ هندستان ۾ آيو هو. کيس ڪامن فيلوشپ تي دنيا جي سير تي موڪليو ويو هو، سندس پيشو انجنيري آهي ۽ هتي ڪنگس ڪاليج ۾ انجنيرنگ شعبي ۾ آهي. ٻه ماڻهو کيس خاص طرح ياد هئا: هڪ مرحوم سيد راس مسعود ۽ ٻيون سيد رضا علي. ٻنهي جي کيس مهماني نصيب ٿي هئي. سندس زال کي لالالجپتراء پڻ ياد هو. هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌايائين: جڏهن هندستان ۾ قومي تحريڪ جو زور هو، تڏهن هي ٻئي زال مڙس لاهور ۾ لالالجپتراء کي ملڻ ويا، جنهن سندن مهماني ڪئي هئي. دوران گفتگو ۾ لالاجپتراء انگريزن جي حڪومت کي هڪ ٻه سٺ گاريون ڏنيون. مسز ڊڪسن جا اسڪاٽلنڊ جي آهي. اها ٻڌي ٽڪي پيئي ۽ اوچتو زبان مان نڪتس

”لالا صاحب! تو جهڙو شيطان مون ڪٿي به ڪونه ڏٺو آهي.“ لالا صاحب جون اکيون ڦاٽي پيون ۽ پنهنجي بي اعتداليءَ جو اثر هن طرح هٽايائين ته جڏهن سڀ مهمان نڪري ويا ته مسز ڊڪسن کي وٺي پاڪر وجهي ۽ مٿي تي چمي ڏئي چيائين ته: ”نون منهنجي ڌيءَ آهين.“ پوءِ ڪي ٻه-چار ڏينهن ڏٺي ڪيس وڏيڪ خوش ڪيائين. لارڊ يوسٽيس پرسيءَ (Eustace Perey) سان ملڻ ٿيو، جو منهنجي وقت ۾ يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر (Rector) هو. ڪيس پاڪستان ڏسڻ جو ڏاڍو خيال هو مگر عمر ۽ حالتون سانس سازگار نه هيون. ڪرنل براٿون سان ملڻ ٿيو، جنهن کي ڏسي مون کي منهنجو استاد ۽ دوست عبدالستار ڪوهاٽي ياد آيو- ڪرنل براٿون ۽ ڪوهاٽيءَ جا معاملات ۽ مسائل روحاني ۽ جسماني سمجهڻ ته قريب قريب ساڳيا آهن. منهنجو دعائون پنهي سان شامل حال آهن.

وٽليبي، انگلنڊ جي تمام مزيدار ۽ مشهور جاين مان آهي، انگلنڊ ۽ سڪاٽلنڊ جي سرحد تي آهي ۽ جڏهن سخت گرمي هجي تڏهن به منجهس اسان جي سياري کان زياده سردي ٿئي ٿي: اتر سمنڊ جون سخت ٿڌيون هوائون لڳن ٿيون، سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ لکها ماڻهو پنهنجي موڪل جا ڏينهن هتي گذارڻ ايندا آهن؛ هتي مون ٻه سال گذاريا هئا ۽ چند دوستن سان پڻ ملڻ ٿيو: مسٽر ۽ مسز ڪلارڪ جن وٽ آءٌ ٻه سال اڳ رهيو هوس-

اچڻ تي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پنهنجي دوستن ۽ عزيزن کي منهنجي مهماني ۾ مدعو ڪيائون.

مون کي معلوم ٿيو ته ڇاويهين تاريخ سومر ڏينهن کان لنڊن ۾ جيڪي ڪجهه تاجپوشيءَ لاءِ انتظام ڪيو ويو آهي اهو جلد ختم ڪيو ويندو. لنڊن جي سينگارڻ جون ڪافي خبرون ملي چڪيون هيون، انڪري ويهين تاريخ ڇنڇر ڏينهن لنڊن پهتس. رستي سان ايندي هر شهر ۾ تاجپوشيءَ جي جشن جا آثار ٿي ڏٺم- لنڊن مست هئي! هن جشن ڪرڻ سان انگلنڊ پنهنجو ڏاڪو گهڻن ملڪن ۾ ڄمايو آهي. لنڊن ۾ بڪنگهام محلات، مال، پڪڊلي، آڪسفورڊ اسٽريٽ عجيب شان و شوڪت سان سينگاريل نظر آيا. هيترو جو خرچ ڪيو ويو هو ان ۾ به انگريزن جو مقصد رٿيل هو: دنيا جي ملڪن جا تقريباً ڏهه لک ماڻهو هن جشن کي ڏسڻ آيا هئا ۽ انهن انگلنڊ ۾ پئسا ڏنا، ٻي لک ماڻهو آمريڪا کان آيا، جن وري ڊالر خرچ ٿي ڪيا. انگريزن کي هن تاجپوشيءَ جي ڪري آمدني، خرچ کان پنجوڻي وڌيڪ ٿي، ملڪ جي ماڻهن ۽ ڪاريگرن کي ڪم مليو. ملڪ جي ماڻهن هڪ بهترين نظارو ڏٺو ۽ خوشي حاصل ٿين. ماڻهن ۾ ڪم ۽ ملڪ لاءِ جذبات پيدا ٿيا. ڪٿين دنيا جا ماڻهو تماشو ڏسڻ آيا ۽ ڪيسا ڇنڊيندا ۽ هٿ ڇهنڊيندا خالي هٿين ويا. انگريزن کي هر ڪا خوشي، مسرت، ۽ شادماني حاصل ٿي.

انگلنڊ تمام سرد ملڪ آهي مگر سرسبزا هتي پنج ڪروڙ ماڻهو رهن ٿا. سڄو ملڪ ڪارخانن سان ڀريو پيو آهي. سنه ١٩٣٩ع واري جنگ کان اڳي انگلنڊ فقط چوٿين حصي جيتري آدمشماري لاءِ کاڌو پيدا ڪري ٿي سگهيو. مگر هن جنگ ۾ ايتري ترقي ڪيائين جو هن وقت انگلنڊ ۾ ٻه ڀاڱي ٽي حصي آدمشماري کي کاڌو پهچايو وڃي ٿو. ملڪ ڏاڍو خوبصورت آهي. هتي توهان جهنگلن ۾ هليا وڃو نه توهان کي پاليل پکين کان سواءِ ٻيون ڪوبه جانور نه ملندو- انهن کان سواءِ باقي ٻيا ڪي ٿوري جانور سردي ۽ بک کان مريو وڃن. انگلنڊ ۾ چوڻي آهي ته ”برسات پوي يا برف پوي.“

انگريزن ۾ اهڙا به ڪيتريون صلاحيتون آهن، جنهنڪري دنيا جي سڀني قومن کان هو ممتاز آهن. اگر دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ جمهوريت آهي ته اها هت آهي. دنيا جي ڪنهن به قوم جو فرد پنهنجي معاشرتي جوابدارين کان ايترو واقف نه آهي جيترو انگريز. هتي قانون لاءِ وڏي عزت آهي. جرم ۽ چوريءَ تي جيترو هتي قبضو آهي ايترو ڪنهن به ملڪ ۾ نه آهي. انگريز، انگلنڊ کان ٻاهر ڪيترو به حيوان يا شيطان هجي پر پنهنجي ملڪ اندر هڪ بلند پايي جو انسان آهي. انسانيت لاءِ هتي جهڙو قدر توهان کي ڪٿي به نه ملندو. انفرادي، قومي ۽ معاشره جي حقوق کان باخبر ۽ انهن جي تحفظ رکڻ ۾ انگريزن کان سواءِ

ٻيون ڪوبہ ممتاز رتبو رکندڙ نہ لهندؤ! ملڪ جي ٻار ٻار تي انسانن جي ڪمال، محنت ۽ جذبي جو اثر آهي.

توهان جا پڙهندڙ چوندا تہ غلام مصطفيٰ اسان کي نيويارڪ جو تہ سير ڪرايو مگر لنڊن جو نہ ڪرايائين. اچو تہ گهمڻ هلون.

لنڊن کي انگريزن جي تاريخ ۽ قومي حياتيءَ ۾ وڏو دخل آهي. هر انگريز لنڊن کي پنهنجو گهر سمجهي ٿو. لنڊن جو رهاڪو معنيٰ حب‌الوطني جو مجسمو. لنڊن شهر نہ آهي، بلڪ انگريزن جي وجود جو نشان آهي. دنيا جي ملڪن جي گاديءَ جا هنڌ گهڻا مگر هن طرح هڪ شهر، قوم جي حياتيءَ تي جو اثر ڪيو آهي اهڙا شهر بلڪل ٿورا ملندا. هن شهر سان متواتر ڏيڍ هزار سال، بادشاهي گهراڻن، ڪاريگرن ۽ هنرمندن، شاعرن ۽ مصنفن، انجنيرن ۽ سائنسدانن محنت ڪئي آهي. اهائي انهن جي جذبات ۽ محبت جي نشان آهي، جهڙيءَ طرح بادشاهہ ۽ راڻي انگلنڊ آهي اهڙيءَ طرح انگريزن جي دنيا لنڊن ۽ انگلنڊ آهي. انگريزن، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سٺيون ۽ بڇڙيون شيون، حلال جون يا حرام جون، حق جون يا چوريءَ جون، پئسن سان يا ڦرمار سان سڀ آڻي هت جمع ڪيون آهن: بڪنگهام محلات، مال جي چوڏاري جايون، لنڊن ميوزم، ڪيو باغ، زير

زيرزمين ريل ۽ لنڊن جي جاين جي بناوت انهيءَ تاريخي ورقن جو ثبوت آهن.

برٽش ميوزم ۾ دنيا جا عجيب ۽ غريب ڪتاب موجود آهن. اهي ڪتاب، جي ڪن قومن جي ناخلف اولاد وڃايا آهن، ته انگريزن انهن کي هٿ ڪيو ۽ سنڀاليو آهي. ڪيو گارڊن ۾، توهان کي دنيا جي هر سرد ملڪ جا ٻوٽا ۽ وليون ۽ وڻ ملندا. لنڊن ۾ جانورن جي باغ ۾، دنيا جا جانور ملندا. لنڊن ۾، توهان کي مشهور ٽاڊ جي ميڻ ۾ ڪيل محنت ملندي. لنڊن ۾، توهان کي دنيا جا بهترين بت ٺهيل ملندا. لنڊن ۾ توهان کي دنيا جا مٽيا، هيرا ۽ جواهر ملندا. انسانن جي ٺاهيل هٿيارن جي نمائش ڏسڻ ۾ ايندي. لنڊن ۾ توهان کي رانديڪن ۽ کيلن لاءِ بهترين جايون ملنديون. اولمپيا جتي دنيا جون رانديون ۽ کيل ٿين، لارڊن جتي ڪرڪيٽ جي جاءِ آهي، ملڊن جتي ٽينس جو مڪان آهي. آرلس ڪورٽ جتي دنيا جي وڏي ۾ وڏي نمائش ٿئي ٿي، ٽاور آف لنڊن جتي انگريزن جا بادشاهه رهيا ۽ قاسيءَ تي چڙهيا، بگ بين جو دنيا جو قديم ۽ عاليشان گهڙيال آهي، هائيڊ پارڪ جتي ماڻهن جا انبوهه اچيو گڏ ٿين ۽ جنهن کي جمهوري مڪان هئڻ جو شرف حاصل آهي؛ ان کان سواءِ توهان کي هر آچر تي سقيم ۽ ستايل، بيهودا ۽ بکواسي، عالم ۽ مدبر، لفاظي ۽ سوچيندڙ، مذهبي خيالن جا، دهريت جا حامي، ڪميونسٽ ۽ شيدي، مطلب ته هر نظريي

جا ماڻهو ڪلم ڪلا تقريرون ڪندي ملندا. لنڊن جي يونيورسٽي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي آهي. توهان کي اها خبر هئڻ گهرجي ته اسان جون نوڙي هندستان جون يونيورسٽيون لنڊن يونيورسٽيءَ جي اصولن تي هلن ٿيون. هن شهر ۾ توهان کي دنيا جي هر هڪ ملڪ جا هڪ-ٻه نه مگر هزارين ماڻهو ملندا. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته انگريزن دنيا ۾ وڏي وڏيون خرابيون پيدا ڪيون هيون، مگر سندن چڱاين کي به گذشته ٽن سون سالن ۾ ڪير به نه پهتو آهي. انگريز، جي ڪارين ۽ بدعائن جا مستحق آهن ته تعريف ۽ دعائن جا به. الله تبارڪ و تعاليٰ قومن کي مفت ۾ ڪونه نوازيو آهي!

لنڊن ۾ توهان کي آها جمهوريت جي جاءِ ملندي جتي سوچ، تدبر ۽ سچائي سان قانون بڻايو ويندو هو. انگريزن، بادشاهت کي قائم رکيو ۽ ان سان فائدو ورتو. انگريزن، بادشاهه کي گڏو بڻائي رکيو آهي. انگريزن، بادشاهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو، بادشاهن کي حرامي قرار ڏنو، بادشاهن کي ذليل ۽ خوار ڪيو، مگر ان سان گڏ بادشاهت کي قومي طاقت لاءِ به استعمال ڪيو آهي. مگر قومن جي عروج ۽ زوال جا سبب حقيقت ۾ خدائي بهتر ڄاڻي ٿو. انگريز فطرت جي انهيءَ اصول ڪاي ڪنبي رهيا آهن: ڇو ته الله تبارڪ و تعاليٰ، جي محنتن جو ڦل نصيب ڪري

ٿو ته گناهن جي سزا به ڏئي ٿو.“ انگريز پنهنجيءَ بيبسيءَ تي حيران آهن.

لنڊن، هڪ شهر نه مگر هڪ دنيا آهي. هڪ ڪروڙ ۽ اٺ لک ماڻهو هتي رهن ٿا. جنهن نظام ۾ هو رهن ٿا، اِن جو مرتب ڪندڙ انگريزئي ٿي سگهن ٿا. نيويارڪ جي نظام ۽ وري لنڊن جي نظام کي ڏسي زمين ۽ آسمان جو فرق نظر آيم. نيويارڪ ۾ دولت جو شان آهي ۽ لنڊن ۾ محنت جو. انشاء الله جڏهن پئرس ۽ يورپ جا ٻيا شهر ڏسي ختم ڪندس تڏهن توهان کي هنن وڏن شهرن جي مشابهت لکي ڏيندس: چند ڳالهيون عجيب ۽ غريب آهن ۽ آهي جي چڱيون سمجهيم ته مشابهت سان ان جو لکڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ آسان ٿيندو. پر اهي ڳالهيون واپس اچڻ کان پوءِ.

ٽيون ڏينهن، آءٌ برج ڪولچيسٽرا بسيڪس ۾ هڪ پراڻي دوست جو هڪ ڏينهن لاءِ مهمان ٿي گهمڻ ويس. هي دوست مون سان گڏ پڙهندو هو ۽ يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ پنهنجي والد جو پيشو هٿ ڪيو هئائين. کيس تقريباً پنج سؤ ايڪڙ زمين آهي ۽ جڏهن آءٌ سندن فارم تي ويس ته کيس ٽرئڪٽر تي گاهه وڍيندو ۽ ڪم ڪندو ڏٺم. سندس والد مسٽر فرئنڪ نارفولڪ مون کي اسٽيشن تي وٺڻ لاءِ آيو. منهنجي دوست سيسل نارفولڪ جي نوجوان زال ايم. ايءِ. پاس ڪيل آهي ۽ مون هن کي به فارم تي ڪم ڪندو ڏٺو،

وٽن تقريباً چار سؤ ڪڪڙيون، پنجاهه ٻڪريون، اٽڪل پنجٽيهه ڳئون وڪري لاءِ تيار هيون؛ ٽي ٽريڪٽر، ٽي گهوڙا پڻ سندن فارم تي خوش نظر ٿي لڳا. سندس ٻه پٽ پنهنجي والد جي خدمت ۽ جانورن جي سنڀال ۾ هيون ۽ اهي وقت سر ٽريڪٽرن تي ٻج ٻه پوکڻ لاءِ ڏيوٽين، لابارو به ڪن ۽ گهر ۾ رڌين پچائين به. مون توهان کي زراعت ۽ کيتي 'ٻاڙي' جو احوال نه ڏنو آهي. انشاءالله اهو احوال به جڏهن مصر جو سير پورو ڪري موٽندس ته پوءِ ڏيندس.

مون آمريڪا ۾ به ڪم وڃي ڏنو آهي ۽ هتي جي ته اڳيئي ڪافي خبر هيم. باقي يورپ ۽ مصر جي زراعتي ڪم کي ڏسي پوءِ احوال لکندس. مون کي پنهنجي دوست سيسل نارفولڪ جي حياتي ڏسي، ٻاڙ تي ۽ اسان جي ڪاليج جي شاگردن تي رحم آيو ته ڇا محنت ۽ ڇا ان جو مزيدار نتيجو! ڪيئن نه موڏرون آهن جن ۾ زمين جي ڪم ڪار کان واندا ٿي پوءِ گهمڻ ۾ وقت گذارين.

هتي انگلنڊ ۾ ٻڌو اٿم ته اٽڪل ڏيهه سنڌي شاگرد آهن، ڪي اسڪولن ۾ آهن ۽ ڪي يونيورسٽي ۾ آيل آهن. هتي لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ اٽڪل ڏهاڪو سنڌي شاگردن سان مسٽر خير محمد ڪٽياڻ جي جاءِ تي مليس. هنن نوجوانن مان چند اسان جي ڪاليج جا شاگرد آهن. ڪين ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هو به مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. انگلنڊ ۽ آمريڪا

جي تعليم جي اثر متعلق به پوءِ بيان ڪندس. ڪالهه پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر مسٽر اصفهانيءَ سان ملڻ ويس. چوڻ لڳو ته: ”غلام مصطفيٰ! اگر مون کي اهڙي دعوت ملي ته جيڪر هاءِ ڪمشنري به ڇڏي ڏيان.“ مون کي يقين هو ته مذاق ٿي ڪيائين. پر مون کي جي هاءِ ڪمشنري ملي ته جيڪر اصل نه ڇڏيان. ساڻس ڪافي مزيدار گفتگو رهي.

سڀاڻي انشاء الله هتان نڪرندس ۽ پنهنجو يورپ جو سير شروع ڪندس. سڀاڻي ستاويهين تاريخ ڇنڇر ڏينهن صبح جو اٺين بجي، هتان ڪي. ايل. ايم. جهاز ۾ نڪرندس ۽ امسٽرڊم (هالنڊ) ڏهين بجي پهچندس. وري امسٽرڊم مان ساڍي يارهين بجي نڪرندس ۽ ڏيڍ بجي شام جو ڪوپن هيگن (ڊينمارڪ) پهچندس. اتان وري رات جو اٺين بجي نڪرندس ۽ ٻارهين بجي هيلسنڪي (فنلنڊ) پهچندس. آءٌ ڪوپن هيگن اڳي ويو آهيان ۽ هن وقت فقط ڇهه ڪلاڪ گهمڻ لاءِ وقت ملي سگهندو. انشاء الله ٻيون خط توهان کي پئرس مان لکندس. دعا ڪندا!

[الوحيد ١- جولائي ١٩٥٣]

(٢١)

مون کي توهان ڏانهن پئرس پهچڻ کان اڳ خط لکڻ جو ارادو ڪونه هو. مگر لنڊن ڇڏڻ کاز پوء ۽ هتي فنلنڊ ۾ وقت گذارڻ کان پوء توهان کي هي احوال موڪلڻ مناسب سمجهيم. مون کي اميد هئي ته کو آءٌ ايتريقدر ملڪ ۽ ماڻهو ڏسندس ۽ حالتون سمجهندس. مگر مون کي هت ڪافي معلومات حاصل ٿي آهي ۽ احوال لکڻ ۾ پئرس تائين ترسڻ سمجهيم ته چڱو نه آهي.

پروگرام مطابق ستاويهين جون صبح جو اٺين بجي مون لنڊن هوائي بندر ڇڏيو. هن هوائي بندر کي هنسلو بندر به چون. چوويهين تاريخ جي شام ۽ رات عجيب حالت ۾ گذري. اسان کي چيو ويو ته صبح جو ڇهين بجي کي. ايل. ايم. آفيس ۾ اچجو جتان بس نڪرندي. مون وٽ چند دوست آيل هئا ۽ موزون سمجهيم ته رات جو ٻارهين بجي سامان کڻي کي. ايل. ايم. ۾ وڃي سمهان. يڪدم اچي پهتس ۽ ساري رات هڪ کوچ تي بسر ڪيم. ننڊ مشڪل آئي، جو آفيس ۾ هلچل ۽ چوٻولو سڄي رات رهيو. اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ رات گذري. مون کي اچي هڪ اهڙي قسم جي ٻي

رات ياد پئي. عليگڙهه ۾ پڙهندا هجون، هڪ دفعي دهليءَ کان واپس عليگڙهه وڃڻ جو ارادو هجي. عليگڙهه واري گاڏي ۾ بنان ٽڪيٽ جي چڙهڻ جي جرات ۽ عادت مون کي ته نه هئي، مگر ديرسان نڪرڻ ڪري پڇي پڇي جو اسٽيشن تي پهتس ته گاڏي هلي وئي. هڪڙي گرمي هجي ۽ ٻيون وري کيسي ۾ پئسا به معمولي هجن سو سوچي سوچي رات وڃي دهليءَ جي ڪئمپ پوليس ۾ گذاريم. سڄي رات پيتي سير هيٺان ڪري بئنچ تي ليٽو رهيس ۽ ڏاڍو مزو آيو! جڏهن ڪراچيءَ آيس ته ان ڳالهه جو ذڪر پنهنجي دوست محمد انور، خانصاحب مريدعلي خان جي پٽ سان ڪيم. هن جوان کي به اهڙي جوش سو انهيءَ رات وڃي سعيد منزل جي سامهون بئنچ تي ستو. صبح جو آئي سڌو مون وٽ آيو، چيائين: "غلام مصطفيٰ ڏاڍو مزو هو. صبح جو اٿيس، ته پاڻ کي ملڪ جو بادشاهه ڏٺم". مون کي هن دفعي بادشاهي ته نصيب ڪانه ٿي، مگر هڪ رات جو لنڊن جي هوٽل ۾ رهڻ جو ڪرايو بچايم. اهڙن مهلن تي اسين غريب ماستر پئسن بچائڻ جا استاد آهيون.

ڪي. ايل. ايم. جي جهاز ۾ مشينن واري ڪنوائير ۾ چڙهي ائمسٽرڊام (هالنڊ) جو رخ رکيوسين ۽ مزي سان اچي ساڍي نوي بجي پهتاسون. انان وري ساڍي ٻارهين بجي اسڪئنڊينيوين جهاز وڪنگ ۾ چڙهياسون ۽ ٻي بجي ڪوپن هيگن (ڊينمارڪ) جي هوائي بندر

ڪيسٽاپول تي پهتاسون. مون کي ڊينمارڪ جي ويزا هئي. چونڪ اسان جو ٻيون جهاز اٺين بجي نڪرڻو هو، تنهنڪري هڪ موٽر پاڙي تي ڪيم، ۽ ڪوپن هيگن گهمڻ ويس. پورا سادا چار ڪلاڪ موٽر ڊوڙايم ۽ ڪوپن هيگن ڏٺم.

ڊينمارڪ يورپ جو لڪزمبرگ کان پوءِ ننڍي ۾ ننڍو ملڪ آهي. هي اسڪئنڊينيويا جي چئن ملڪن مان آهي. اسڪئنڊينيويا، ناروي، سئيڊن، ڊينمارڪ ۽ فنلنڊ تي مشتمل آهي. فنلنڊ جمهوري ملڪ آهي، باقي ٽن ملڪن ۾ بادشاهت آهي. مگر سڀني بادشاهه بادشاهي شان مان نه چالن. توهان کي راڻيون ۽ بادشاهه گهٽين ۾ ملندا- سير ڪندي ماڻهن جي انبوهه ۾ ملندا- راڻي پنهنجا پار گاڏيءَ ۾ بندر تي گهمائيندي ملندي. ماڻهو فقط رسمي سلام چوندا. بس ڊينمارڪ جو سير ٿي چڪو. هوائي بندر کان لنگهي ساموندي بندر تي ويس. مزيدار ڏينهن هو ۽ هزارين ماڻهو اتي وهنجندي ۽ سير ڪندي ڏٺم. بادشاهه، ڪرسچن چوٿين جو بت ڏٺم جنهن ڊينمارڪ کي وڏن بحري ملڪن مان هڪ بڻايو آهي. توهان کي هي ڳالهه حيرت لڳندي ته جيئن آمريڪا ۾ ڪنهن وٽ پئسو ٿئي ته موٽر وٺي، تيئن هنن ملڪن ۾ اگر ڪنهن وٽ پئسا هجن ته موٽر ٻيڙي وٺي. هزارها لانچون ۽ موٽر ٻيڙيون بيٺل ۽ ترنديون ڏٺم. ان کان پوءِ فريڊرڪ رستو وٺي ٽائون چونڪ ۾ آيس،

جتي مالڪن کي خريد ۽ فروخت ڪندي ڏٺم. ان کان پوءِ گلپٽوٽڪن ميوزيم ڏٺم ۽ ڪانگلي ٿيٽر جي به جڳهه ڏٺم، پارليامينٽ هائوس ڏٺم، اُن جي اڳيان فريڊرڪ ستين جو پتلو ڪڙو ٿيل هو. فريڊرڪ ستين پندرهين صديءَ ۾ ڊينمارڪ کي قانون ڏنو هو. ان کان پوءِ شهر جي فرينچ رهواسين واري حصي ۾ ويس. هتي جايون فرانس جي نموني تي ٺهيل هيون. اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ ڪوپن هيگن يونيورسٽيءَ ۾ گذاريم، جتي پروفيسر جارج ويبر سان به ملاقات ٿي. ڊينمارڪ ۾ ڪُل ٻه يونيورسٽيون آهن: هڪ ڪوپن هيگن ۾، جن مان هڪ ڪوپن هيگن واري هڪ اهڙي يونيورسٽي آهي جنهن کي ٽي سادا ٽي سؤ سال ٿيا آهن ۽ منجهس تقريباً چار هزار شاگرد آهن. توهان کي خبر هجي ته اسڪنڊينيويا جي سڀني ملڪن ۾ هڪ قسم جا خاص ديهاتي يا عوامي اسڪول آهن، جن جي ڄاڻ به حاصل ڪيم. ٻي هٿي هنري يا فني يونيورسٽي جنهن ۾ اٽڪل هڪ هزار شاگرد آهن.

ڊينمارڪ جو ملڪ تقريباً سنڌ جي ٽه ڀاڱي ٻي حصي جيترو آهي، مگر دنيا جي شاهوڪار ملڪن مان آهي. مون کي خبر ملي ته ڊينمارڪ ۾ رهڙ جون موٽرون جلد تيار ٿينديون، جي سڄي دنيا ۾ وڪيون وينديون. آهي موٽرون ڪهڙيون هونديون! آهو پوءِ ڏٺو ويندو. ڊينمارڪ جي سياسي حالات متعلق واپس اچڻ کان پوءِ

لکندس هن قسم جو احوال اسڪنڊينيويا جي سڀني
ملڪن سان گڏ لکندس.

توهان کي اها خبر هجي ته هالنڊ ۽ ڊينمارڪ جي
زمين سمنڊ جي سطح کان هيٺ آهي. تنهنڪري ڪين
اِن حالت ۾ سردي ۾ برسات ۽ طوفانن کان سخت نقصان
پهچندو آهي. امسٽرڊام کان وٺي ڪوپن هيگن تائين
جهاز بلڪل هيٺ هلايو ٿي ويو، تنهنڪري اسان سڄي
ملڪ جو نظارو ڏٺو. واٽ تي دنيا جي مشهور جنگين جو
مرڪز هوليگيولئنڊ هيٺ ڏٺوسون. هن حصي ۾ دنيا
جون وڏيون بحري ۽ فضائي جنگيون لڳيون آهن.

اٺين بجي رات جو. مگر سج ان وقت وچين تي هو،
اسين ڪوپن هيگن کان نڪتاسون ۽ رات جو ٻارهين
لڳي ويهين منٽن تي هيلزنڪيءَ پهتاسون. اسان سمورو
وقت ڇهن ڏينهن جو سفر ڪري رهيا هئاسون. جهاز
۾ هڪ اهڙو وقت آيو جو اسان سج کي آسمان ۾ نٿي ڏٺو،
مگر سج سمنڊ ۾ نظر پئي آيو. بلڪل اهڙيءَ طرح
ڄڻڪ سج آسمان ڇڏي زمين تي اچي، سمنڊ ۾ غروب
ٿي رهيو آهي.

فنلنڊ ۾ آءٌ خاص طرح هڪ دوست جي دعوت تي
اچي رهيو هوس. جڏهن جهاز مان هيلزنڪيءَ جي هوائي
بندر سيوسٽلا تي لٿس ته آهو دوست اچي مليو. مون
کي هن دوست جي اخلاص تي تعجب ٿيو، جو هڏاڻين،
ته پاڻ هڪ لنبو پروگرام ٺاهي تيار ڪيو هئائين، ۽
مون کي وڏي حيرت هي ٿي ته مون کي پنهنجي

رهائش تي هڪ پائي به خرچ ڪرڻي نه پئي! هن دوست جو چاچو فنلنڊ ۾ وڏي ۾ وڏي هوٽل واڪنا جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر آهي ۽ منهنجي رهڻ جو انتظام به ان هوٽل ۾ ڪيل هو. هوٽل ۾ اٽڪل ٻين ٻجي صبح جو پهتاسون. قصو مختصر، چانهه پيئڻ ڪان پوءِ سمهي پيس پر ائين پيئي نظر آيو ڄڻ ڏينهن جو ننڊ ڪري رهيو آهيان. هن ويچارن منهنجي ڪمري ۾ ڳوڙهي آسماني رنگ جا پردا هنيا هئا، متان مون کي روشنيءَ ۾ ننڊ نه اچي، آءٌ پردا بند ڪري سمهي پيس. ٿڪ به ڏاڍو هو، سو سمهي مزيدار ننڊ ڪيم.

[الوحيد ٩- جولاءِ ١٩٥٣ع]

صبح جو نوين بجي هي دوست ۽ سندس چاچو ٻيئي موٽر وٺي آيا. ناشتو واڪنا هوٽل ۾ ڪيوسون. جيئن ته اڄ جو ڏينهن هو ۽ آسمان صاف هو، اسين سڄي ڏينهن جي سير تي نڪتاسون. شهر جو سير ڏاڍو مزيدار هو. هزارها ماڻهو ڏينهن سڀ هٿ ڪري گهمڻ، وهنجڻ، ۽ ترڻ لاءِ نڪتا هئا. فنلنڊ جو جهنڊو سفيد آهي ۽ مٿس آسماني ليڪون آهن، جنهن جو مطلب هي آهي ته هن ملڪ ۾ هڪ برف، ٻيون ڍنڍون ۽ آسمان آهي. فنلنڊ جي دولت، سندس آسمان، پاڻي ۽ ٻيلن ۾ آهي. فنلنڊ ۾ تقريباً سٺ هزار يا ان کان مٿي ڍنڍون آهن. ڍنڍون سڀ هڪٻئي سان مليل آهن ۽ جتي نه مليل آهن اتي ملايون ويون آهن. توهان کي ڪي ننڍا ننڍا ٻيٽ ملندا، جيڪي هڪ يا ٻن ايڪڙن کان وٺي سوين ايڪڙن ۾ آهن. هر ٻيٽ ٻيلن سان پرڻو پيو آهي. سير ڪندي اسان ڏينهن جي ماني ڪلوسورا ڪسينو ۾ کاڌي جتي هڪ بئرو مليو. ڏاڍو مزيدار هو، سندس گفتگو ۽ چهري جي حرڪت ڏاڍي وڻندڙ هئي. کانئس پڇيوسون ته ڇا تيار آهي؟ جواب ڏنائين: ”ماني ۽ سوچ جي وچ ۾ جيڪي ڇٽو سو تيار آهي.“ هي ڪسينو هڪ ٻيٽ تي ٺهيل آهي. ديوارون سڀ ڪانچ جون اٿس. ماني ٻاهر ويٺي کاڌيسين ۽

سوين معمولي ننڍيون ٻيڙيون شرطن ۾ ترنديون مشغول ڏٺيوسين. منهنجي ميز تي پاڪستان جو جهنڊو آئسي رکيائون ۽ پرسان ۾ يهودي، اسرائيل کان آيل ويٺا هئا، جن وٽي اکيون ڦاڙيون. هي جهنڊو فنلنڊ ۾ آءٌ جنهن به هوٽل ۾ ويس، تہ آئي ميز تي رکندا هئا.

شام جي چانهہ جي دعوت فنلنڊ جي هڪ وڏي جاءِ جي مقاطيدار مسٽر سووروري جي گهر هئي. گهر جي ڇا تعريف ڪريان! هي گهر هڪڙي ٻيٽ تي ٺهيل هو جنهن جي ايراضي تقريباً ٽجهتر ايڪڙ هوندي. سڄو گهر ڪاٺ جو ٺهيل هو ۽ گهر ۾ فقط زال، مڙس ۽ سندس ٻہ ٻار: هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري رهندا آهن. فنلنڊ ۾ ڪاٺ گهڻو ۽ سستو ملي ٿو، انڪري گهر ڪاٺ جي سامان سان پريا پيا آهن ۽ نهايت خوبصورت ٿا لڳن. ڪاٺ جو ڪم بهترين ڪاريگريءَ سان ٺهيل ملندو. رات جي ماني هين سان گڏجي شهر کان الڪل ويهہ ميل پري هڪ ٻيٽ تي- جنهن جو نالو مڪيني هو، هڪ هوٽل نالي ڪليالوريا ۾ کاڌيسين. کاڌو ڏاڍو مزيدار هو. بئنڊ وڄي رهي هئي ۽ انگريزي گانا ٻڌي رهياسون. اتي ڪيترا آمريڪي به موجود هئا اِنڪري زياده آمريڪي بئنڊ، آمريڪي راڳ ۽ سرود ٿي وڳو، جنهن تي فنلنڊ جي دوستن چيو: ”هيءُ ڪهڙو ڪوڙ ۽ وحشانيت آهي؟“ توبهہ، مهڙن خليق ۽ سنجيده انسانن کي هي راڳ ۽ سرود

بلڪل ڪوڙ ۽ مستانگي سمجهڻ ۾ ڪي آيو! مگر جڏهن فنش راڳ يا سرود تي وڄايو ويو ته ڏاڍو خوش ٿي ٿيا. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته فنش راڳ زياده مٺو، وڻندڙ ۽ ڏيهي آواز ۾ ٺٺي ٿو ۽ آلاپ سان ڀرُ آهي.

مون کي هت خبر پئي ته ٿورا ڏينهن اڳ، راجڪماري امرتڪور هندستان جي صحت جي وزير هتي آئل هئي، ۽ هتي جي اسپتالن جو معائنو ڪيائين. فنلانڊ ۾ صحت جو ڪم ۽ انتظام دنيا ۾ مشهور آهي. هتي هڪ ٻارن جي اسپتال آهي جنهن جهڙي اسپتال دنيا ۾ ورلي ملندي. اهو به ٻڌڻ ۾ آيو ته اٽڪل ڏن هفتن ڪان پوءِ پنڊت نهروءَ جي ڌيءَ، هيلسنڪي اچي رهي آهي ۽ واڪنا هوٽل ۾ سندس رهڻ جو انتظام ڪيل هو. آچر جو ڏينهن ختم ٿيو ۽ اسين سومر جي ڏينهن هڪ ٻئي سير تي نڪتاسون. هيلسنڪي بلڪل خوبصورت شهر آهي، جنهن جي تعريف اڳتي هلي ڪندس. اٽڪل سادي يارهين بجي صبح جو اسين ريل ۾ چڙهي هميلينا ڏانهن هلياسون. هميلينا جي ڀرسان اولانڪو هوٽل ۾ رهياسون، جا هڪ خوبصورت جڳهه آهي. هي هوٽل ونايا وسي نديءَ جي ڪناري تي آهي، سندس چوڌاري هڪ قسم جا وڻ آهن جن کي ”رونڊڙ وليون“ سڏيندا آهن. ڀرسان هڪ عاليشان ٽلور آهي جو زمين ڪان اٽڪل چار سؤ فوٽ مٿي هڪ ٽڪريءَ تي آهي. ان ٽاور تان هڪ عجيب

۾ دلڪش نظارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو: ڇوڏاري ٻيٽ، ڊنڊيون، ۽ ٻيا ننڍا ساڙڪ سان پرڊل ڪيٽ. هوٽل جي جاءِ ٺماڻ، سڄي ڪاٺ ۽ شيشي جي ٺهيل هئي. سردي هئڻ ڪري شيشي ۽ ڪاٺ جون ٻٽڪل هڪ فوٽ مفاصلي تي ٻه-ٻه ديوارون هيون- بلڪل شيشي جو گهر سمجهو. رات آتي رهي، صبح جو هڪ موٽر لانچ ۾ چڙهي نديءَ جو رستو ورتوسون ۽ ٻٽڪل پنجن ڪلاڪن جي طويل سفر کان پوءِ ڪيولٽو پهتاسون. هي سفر ڇا پراسرار هو! اسان ٻٽڪل پنجيتاليهه ميل پاڻيءَ تي سفر ڪري رهيا هئاسون. ساري واٽ ۾ هلندي ننڍيون ٻيڙيون، لانچون، ڪاٺ جون قطارون ۽ ترندڙ ڪارخانا— جن ۾ دونهين جو ذرو به نه، ننڍا ننڍا گهر ۽ ماڻهو خوشيءَ ۾ مست نظر ٿي آيا. فنلنڊ ۾ ڪارخانن کي هلائڻ لاءِ پاڻيءَ مان بجلي تيار ڪئي ويندي آهي. اسان ڪيونٽو تي لٿاسون ۽ وري ڏهه ميل بس جو سفر ڪري اچي ٽمپريءَ ۾ پهتاسون. هيلسنڪيءَ کان پوءِ ٽمپري فنلنڊ جو ٻيون نمبر وڏو شهر آهي، ۽ کيس فنلنڊ جو مانچسٽر ڪري ٿا سڏين. ٽمپري کي نه فقط ڏسڻ جو ارادو هو، مگر اتي هڪ اهم ڪم به هو:

ڇا هو، ته منهنجي دوست مسٽر سهڻي،پاڪستان جي آنرري ڪانسل ڊاڪٽر اولر کي اطلاع ڏنو هو- جنهن مون کي خط لکيو ته ٽمپريءَ ۾ فنلنڊ جي مسلمانن جو مرڪز آهي، اهو ضرور ڏسندا. اسين اتي مان

سڌو امام حبيب‌الرحمان شاڪر جي گهر وياسون. امام صاحب اسان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. چانهه جو بندوبست ڪيائين ۽ سالس چگيون ڳالهيون ڪيوسين.

فنلنڊ ۾ الڪل ٻارهن سؤ مسلمان آهن، جي اصل روس ۽ ترڪي کان آيل آهن. گهرن ۾ اهي به ترڪي ڳالهائين. مگر ٻار فنلنڊ جي اسڪولن ۾ وڃي پڙهن. امام صاحب کي فنش زبان اصل ڪانه اچي. اردو به ٿوري ٿوري، جو پاڪستان ۽ هندستان ۾ وقت گذاريو اٿائين. ڪيس ست ٻار آهن: ٽي پٽ ۽ چار نياڻيون. پاڪستان ۾ ڪيس به ٻار ڄاوا هئا، هڪ وڏو ترڪيءَ ۾ ۽ هڪ هندستان ۾، باقي فنلنڊ ۾. سيد سليمان ندويءَ، مولانا ڪفايت الله ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد جو ذڪر ڪيائين. مون کي پنهنجي جاء تي وٺي هليو جتي نماز ادا ڪئي ويندي آهي. ان سان گڏ هڪ مڪتب آهي جنهن ۾ رات جو ٽمپريءَ جي مسلمانن کي ديني ڳالهين کان واقف ڪيو ويندو آهي. منهنجي دوست فولنا ورنا جي منهنجي ڪراچيءَ ڏانهن موٽي اچڻ تي موڪليندو.

اسين ٽمپريءَ مان اٺين بجي رات جو نڪتاسون ۽ ريل رستي ٻارهين بجي رات جو هيلسنڪيءَ آياسون. اهوئي ڏينهن لکو پيو هو. اهڙيءَ طرح اڳاري جو ڏينهن گذريو. اربع ڏينهن صبح جو هيلسنڪي يونيورسٽي ڏنم- ونڪمشن ڪري بند هئي ۽ ڪوبه معتبر ماڻهو نہ مليو جنهن کان احوال وٺجي. هن ملڪ ۾ اونهارو

اچي ته ماڻهو شهر ڇڏي ٻيٽن ۽ جهنگلن ڏانهن ڀڄن.
يونيورسٽيءَ جي عمارت: ڇا تعريف ڪيان! يونيورسٽي
هال ڪي ڏسي پنهنجي حال تي رحم آيو. پنج هزار
ماڻهو آساني سان هتي ويهي سگهن ٿا. روشنيءَ ۽ آواز
جو بهترين انتظام هو، بس اسان جي قسمت!!

اٽڪل يارهين بجي هوٽل تي ويٺو هوس ته هڪ
فون آئي. فون کنيم ته آواز آيو. السلام عليڪم.
تعارف ۾ خبر ملي ته اسان جو اسٽاڪهوم جو سفير
جو فنلنڊ، ڊينمارڪ ۽ ناروي جو به سفير آهي، سو
فنلنڊ ۾ آهي. هڪ بجي آءٌ هوٽل ڪيمپ ۾ پاڪستان
جي سفير محمد مير خان سان مليس ٿي ويس جو ڪيس
منهنجي اچڻ جو احوال ڊاڪٽر اولر ڪانسل ڏنو هو.
محمد مير خان پاڪستان سرڪار جي هدايتن تي اوچتو
هيلسنڪي آيو هو ۽ اٽڪل ٽي ڪلاڪ پاڻ ۾ گفتگو
ڪندا رهياسون. ڇهين بجي شام جو ڪيس دعوت هئي،
اوڏانهن ويو. ساڍي ستين بجي آءٌ ۽ منهنجو دوست
گهمڻ نڪتاسون. الهپڪ ٿيئٽر ڏٺوسون. مانرهيم رستو
وٺي، دڪان ڏٺاسون ۽ شام جي ماني لاءِ هوٽل تي
آياسون جتي ڊاڪٽر اولر پاڪستان ڪانسل ملڻ لاءِ آيو.
اٽڪل يارهين بجي رات تائين گفتگو ڪندا رهياسين،
جنهن ۾ هيلسنڪي جو امام حڪيم ۽ سندس پٽ به
شريڪ هئا. امام حڪيم کي به فنش زبان ٿي آئي.
سندس پٽ کي فنش، انگريزي ۽ ترڪي سڀ ٿي
آيون. مون سان انگريزي ۾ ٿي ڳالهايائين. پنهنجي

والد سان ترڪيءَ ۾ ۽ ڊاڪٽر اولر سان فنش ۾. وري ڊاڪٽر اولر امام حڪيم سان رشين ۾ ٿي ڳالهايو ۽ مون ڪڏهن امام سان پنهنجي ٽٽل عربي ۾ ٿي ڳالهايو. مزيدار موقعو هو! ڊاڪٽر اولر فنلنڊ جو باشندو آهي جو پاڪستان جو فنلنڊ ۾ اعزازي ڪانسل آهي. ڊاڪٽر اولر هدايو ته محترم محمد مير خان به مون سان گڏ اسٽاڪهوم جهاز ۾ هلندو. ٻي جولاءِ صبح جو فنلنڊ جو مشهور سائونا غسل ڪيم، جنهن جو ذڪر ٻئي دفعي ڪندس. صبح جو سوير فنلنڊ جي مسلمانن جي ائسوسئيشن جو صدر مسٽر طاهر، امام حڪيم جي پٽ سان گڏ ملڻ آيو ۽ ڪجهه فوٽو ۽ ڪتاب ڏنائين. اسين ساڍي ٻارهين بجي هوائي جهاز تي پهتاسون جتي محترم محمد مير خان اڳي ئي موجود هو. دوستن کان موڪلائي-سين ۽ جهاز ۾ چڙهي هڪ بجي اسٽاڪهوم (سٽيڊن) پهتاسون، جتي اچا ٻارهان لڳا هئا. فنلنڊ جو وقت سٽيڊن کان ڪلاڪ اڳتي آهي.

منهنجي رهڻ جو انتظام اسڪنڊينوين هوائي ڪمپنيءَ، ريزن هوٽل ۾ ڪيو هو. شام جو ستين بجي محترم محمد مير خان سان وقت رکي، مون هوٽل ڏانهن رخ رکيو.

اسٽاڪهوم ۾ گهڙڻ سان مون کي آمريڪا ياد آئي. هن ملڪ گذريل سؤ سالن ۾ ڪابه جنگ نه ڏٺي آهي! قدرتي وسائل ڪافي موجود اٿس. ماڻهو محنتي، جفاڪش ۽ زبردست هنر وارا آهن. لڙائين

۾ نہ انگريزن جو، نہ جرمن جو، نہ آمريڪا جو ۽ نہ روس جو پاسو وزنو آئن ۽ نہ وٺندا. ھيءَ طرف فنلنڊ گذشتہ پنجٽيھن سالن ۾ چار لڙايون ڏٺيون آھن. فنلنڊ ڏانھن رشيا جي رغبت گھڻي آھي. اِھو احوال وڏيڪ پوءِ.

يورپ ۾ ھن وقت ٻہ ملڪ حقيقي طرح خوش ۽ شاھوڪار آھن: ھڪ سئٽزرلنڊ ۽ ٻيو سئيڊن. سئيڊن جي دڪانن مان، کاڄن مان، باغن مان، رستن مان، کيلن ۽ تفريگاھن مان خوشي ۽ خوشحالي جي لھر ٿي نظر آئي. شھر جو ڪافي سير ڪري ڏرو پرزو ڏٺو اٿم. وڏو ڪنگس گارڊن، ڪئين گارڊن، ميوزم بادشاھ جو محلات، ٽائون ھال، گرانڊ ھوٽل ۽ جانورن جي نمائش وغيره ڏٺم. اسٽاڪھوم ھن مھيني جون ۾ ست سؤ سال پورا ڪيا آھن- جنھن جو چند سال ٿيا تہ جشن ڪيو ھئائون. ان جا آثار ڏٺم. گھٽيون، رستا ۽ جايون سڀ سينگاريل ھئا. شھر ۾ آمدرفت گھڻي آھي. شھر جي وچ ۾ ڍنڍ آھي جنھن کي سمنڊ سان ملايو ويو آھي، جنھن ڪري جھاز شھر اندر ھليا اچن. ھوٽل جنھن ۾، آءٌ رھان ٿو تنھن جو بہ عجيب نظارو آھي- ھيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي آھي ۽ چوڙاري ڪشادا رستا وڏيون ۽ بھترين جايون ڪليل نظر اچن ٿيون. پنجين بجي پاڪستان جي سفير جي آفيس ۾ ويس جنھن رات جي ماني جي دعوت ڏني. سندس موٽر ڊرائيور ھڪ مڪراني سنڌي ھو جنھن سان ڪوٽ جون ڳالھيون

ڪيمہ- سندي ڳالهائڻ تي دل پرجي آئي هئي، ۽ هو مرد مجاهد بہ ڳالهيون ڪندي، ڪافي واسطيدار نڪتو. سادي پنجين جي ڏاري سفير صاحب ڪنهن ڪم سان ويل هو ۽ آءٌ سفارت جي سيڪريٽريءَ سان وري شهر گهمڻ ويس. آمدرفت جي هڪ عجيب ڳالهہ ڏٺم جا سواء انگلنڊ ۽ سئيڊن جي ٻي ڪنهن بہ يوروپي ملڪ ۾ نہ آهي. آمدرفت ڪاٻي پاسي نہ آهي، جتي ڪٽي موٽرون ساڄي پاسي ٿيون هلن. ٻڌو اٿم تہ سئيڊن ۾ ڪاٻي پاسي هلڻ جا جلد بند ڪندا ۽ آمدرفت ساڄي پاسي ٿيندي.

سادا اٺ لڳا آهن ۽ جلد سفير صاحب جي موٽر ماني لاء وٺڻ ايندي. هي خط بند ڪريان ٿو ۽ موڪليان ٿو، باقي احوال پوء. سڀاڻي انشاءالله هتان نڪرندس ۽ شام جو پئرس پهچندس. دعا ڪندا.

["الوحيد" ۱۰- جولاء، ۱۹۵۲ع.]

سائين! توهان کي هڪ حق جي ڳالهه ٻڌايان. مون سان ظلم آهي تمام وڏو ظلم اهو آهي ته مون کي توهان سان، توهان جي اخبار پڙهندڙن سان ۽ پنهنجي ملڪ سان سخت محبت آهي. توهان ۽ اسان ملڪ جي جن حالتن ۾ رچي راس ٿيا آهيون آهي شايد اسان جي اولاد کي به نصيب نه ٿين. اسين سڀ هڪ عجيب دور مان گذري رهيا آهيون. شل خدا پاڪ امتحان ۾ ڪامياب ڪري! توهان جي محبت جو اجورو هي آهي جو هن مفلسيءَ جي حالت ۾ به توهان کي خط موڪليان پيو ۽ اهو ڏکيو ڏٺو لڳيم. هر هفتي هنن ملڪن ۾ هن مستانگيءَ جي صورت ۾ گهمڻ ڪري ائين پيو نظر اچي ته آءٌ توهان، توهان جي اخبار پڙهندڙن ۽ پنهنجي ماڪن جي خدمت لاءِ هٿ آيو آهيان. جڏهن ٻيا گهمڻ ۾ هجن ته آءٌ هنن نوٽن لکڻ ۾ ٻورو ۽ جڏهن وقت ملي ته توهان کي هنن خطن وسيلي مٿي ۾ سور وجهڻ لاءِ تيار ٿيندو آهيان. هڪ غريب ماستر جي محبت ۽ هڪ مفلس جي سڪ مان آخر توهان کي ڪهڙو فائدو! منهنجو بزرگ استاد مولوي صاحب ميان عبدالرزاق مون کي سنڌ مدرسي

Soorih Mirani

۾ چوندو هو ”غلام مصطفيٰ! تنهنجي سوالن مان ۾ سور وجهي ڇڏيو آهي.“ منهنجي هنن خطن اوهان سان به اها حالت ڪئي هوندي. مون کي توهان تي رحم ٿو اچي. ڪهڙا نه ڦاٿا آهيو. خير اچو ته رستو وٺون...

هي تاريخ توهان کي خط لکڻ کان پوءِ مون وٽ پاڪستان سفارت جو سيڪريٽري مسٽر سعيد حسين آيو ۽ اسين ٻئي اسٽاڪهوم جي وڏيڪ سير تي نڪتاسون. هي نوجوان بنگال جو آهي ۽ ڪافي خليق آهي. ان سان گهمي ڦري اسين ۹ بجي رات جو سفير صاحب جي جاءِ تي پهتاسون جتي پاڪستان مان آيل هڪ مسٽر چوڌري موجود هو. معلوم ٿيو ته هي صاحب اسٽاڪهوم ۾ دنيا جي آزاد مزدور جماعتن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيل آهي. سڄو وقت ڳالهائيندو رهيو. مون کي پنهنجي ماستريءَ ۽ بي بسي تي رحم آيو. ليڊرن جي زبان ڪهڙي نه بي لغام ٿيندي آهي. هڪ ليڊر جو ٻاهرين ملڪ ۾ اچڻ ۽ هڪ ماستر جي ٻاهر اچڻ ۾ ڪيترو نه تفاوت آهي! ڪٿي گمناميءَ ۽ خاموشيءَ جي حياتي ۽ ڪٿي لفاظي ۽ پريس جي زندگي. سائين! هن جانورن هڪٻئي کي خوب سمجهيو آهي. آهي آهن: ليڊر ۽ ايڊيٽر. گستاخي مڙو ٿي معاف ڪندا ڪيو. سفير صاحب جي دستر خوان تي مزيدار طعام هئا، ۽ هن ليڊر جي گفتگو اچي پاڪستان ياد ڏياريو، جنهنڪري دوستن ۽ ڪاليج برابر ياد ٿي آيا. چونڪ مون کي ٿي تاريخ صبح جو سوير سٽين

Soorih Mirani

بجي هوائي ڪمپنيءَ جي آفيس پهچڻو هو، ان ڪري سفير صاحب کان معافي وٺي آءٌ ذرا هوٽل تي آيس.

صبح جو بسترو ڪول ڪري سامان کڻي بس ۾ چڙهي اچي اسٽاڪهوم جي ٻاهر هوائي بندر تي پهتس، جهاز تيار ڏٺو ته اسين به چڙهياسين. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اسين ڪوپن هيگن جي بندر ڪيسٽاپول تي پهتاسون جتي هن جهاز مان لهي ٻئي جهاز ۾ چڙهڻو هو. هڪ ڪلاڪ جي ترسڻ کان پوءِ اسين سادي ڏهين بجي ٻئي جهاز ۾ چڙهياسين ۽ پئرس جو رخ رکيوسون. تقريباً ساڍن ٽن ڪلاڪن جي اڏامڻ کان پوءِ اسين پئرس جي هوائي بندر ڊوبورجي، تي لٿاسون. آسمان ۾ ڪڪر ڪافي هئا ۽ لهڻ مهل ذرا دل ۾ ڌڙڪ پيدا ٿي- اهو احساس ٿيو ته ايتريقدر هوائي جهاز ۾ سفر ڪان پوءِ به اڃا دل جي ڌڙڪ نه وئي هئي. مگر انهيءَ ۾ به شڪ نه آهي ته پهريون هوائي جهاز جي سفر وارو ڊپ نه رهيو هو، مگر سفر جي هيبت صاف نه ڇڏيو هو.

فرانس ۾ جهاز مان نڪرڻ شرط هڪ عجيب اجنبيت جو احساس ٿيو: مون کي فرينچ ٻولي نه ايندي آهي ۽ فرانس ۾ وري انگريزي ڪي مختصر ماڻهو ڳالهائيندا آهن. اها هڪ عجيب ڳالهه آهي ته فرانس جي اسڪولن ۾ انگريزي لازمي طرح پڙهائي ويندي آهي، مگر فرينچ انگريزي ڳالهائڻ جي ڪوشش نه ڪندا آهن. فرينچ زبان اوڻهين صديءَ جي آخر تائين دنيا ۾ بين الاقوامي

سياست جي زبان ٿي رهي آهي. مگر ويهين صديءَ جي
شروعات کان فرينچ جو اثر گهٽ ٿيڻ لڳو ۽ انگريزيءَ
جو اثر وڌڻ لڳو. پهرين جنگ کان پوءِ البت ۽ ٻي
جنگ کان پوءِ فرينچ ٻولي جڻ ختم ٿي وئي. فرينچ
ان ڪري ڪوشش ڪري ڪنهن به ٻاهران آيل
ماڻهوءَ سان فرينچ ٻولي کان سواءِ ٻي ڪنهن به زبان
۾ گفتگو نه ڪندا آهن. ڪيترن کي انگريزي يا
ٻين زبانون اينديون آهن مگر تڏهن به نه ڳالهائيندا
آهن. وري ٻي طرف يورپ تي ۽ آمريڪا تي فرانس
جي تهذيب جو ايڏو اثر آهي جو هر يورپي ۽ هر
آمريڪي فرانس ۾ اچڻ کان پوءِ فرينچ سکڻ يا ڳالهائڻ
جي ڪوشش ڪندو آهي. فرانس جي تهذيب جي مقابلي
۾ انگريزي يا ٻيا يورپي يا آمريڪي پاڻ کي طفل
سمجهن ٿا. يورپ جي باشندن تي فرانس جي تهذيب
جو اثر آهي. فرانس اندر فرينچ پاڻ کي يورپ جي
اعليٰ ۽ بهترين قوم هئڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن
ٿا، مگر فرانس کان ٻاهر فرينچ ڏکو به نه لهن. فرانس
جي حڪومت، فرانس جي بداخلاقي ۽ فرانس جي بزدلي
دنيا ۾ ضرب المثل ٿي وئي آهي. فرانس کان ٻاهر کي
بلڪل ٿورا ماڻهو آهن جي فرينچ سکڻ جي ڪوشش
ڪن ٿا. اسڪينڊينيوين ملڪن ۾ انگريزي ۽ جرمن،
سکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. اڀرندي يورپ ۾ فرينچ ٻولي
بلڪل ختم ٿي وئي آهي ۽ اتي جرمن جو اثر زياده آهي.

Soorih Mirani

فقط بيلجم ۽ اسپين جي اتر واري حصي ۾ فرينچ ڪجهه
سگهي ويندي آهي. فرانس جي بين الاقوامي اسڪيم جو
حال، ڪلي طرح واپسيءَ تي ذڪر ڪندس. فرانس جي
سياسي، انفرادي ۽ اجتماعي حياتي سڄي مريض جيان
آهي، ۽ وري فرينچن ۾ فرانس جي ان مرض کي دور
ڪرڻ جي ڪا صلاحيت يا ڳڻڳوت به ڪانه آهي.

خير، فرينچ ڪسٽمس جي ترڪتالن کان جند آزاد
ڪرائي اسين بس ۾ چڙهياسون، ۽ پئرس جو رخ
رکيوسون. هي هوائي بندر پئرس کان تقريباً ويهه ميل
پري آهي ۽ اسين ڪافي مزيدار سير ڪندا آياسون.
آخر ڏيڍ ڪلاڪ هلڻ کان پوءِ، انوليڊ پئرس جي هوائي
مرڪز تي آياسون. سامان کڻي ٽئڪسي ڪري، سڌو
پاڪستان هائوس: ارڙهن لارڊ بائرن روڊ طرف هلياسون.
پاڪستان سفارت ۾ پريس سيڪريٽري مسٽر قطب منهنجو
دوست آهي، ۽ ان کي رهائش جي متعلق لکيو هيم.
قطب صاحب ويچارو انتظار ۾ ويٺو هو ۽ ڪجهه ڳالهين
کان پوءِ اسان هوٽل ڊپوڊان روڊي اشيڪيءَ ۾ وياسون،
ڪمري ۾ سامان رکي، ٻاهر هڪ ريسٽورنٽ ۾ ماني کائڻ لاءِ
وياسون. هن اچ-وڃ ۽ ماني کائڻ کان پوءِ اٺين بجي تائين
اسان آرڪ ڊي ٽرانف، شانزيليزي، آپيرا ڪليڊيٽرال، جي-
سي-بليوارڊ، ڊي-ڪپوسين بليوارڊ، ڊي-فاش بليوارڊ
تي آياسين. مسٽر قطب ٻڌايو ته ٻهرين جولاءِ کان

Soorih Mirani

ٽين جولاءِ تائين، اسان جو پاڪستاني ملٽري ڪانٽنجمنٽ جو لنڊن ۾ راڻيءَ جي تاجپوشيءَ لاءِ ويو هو، سو پئرس ۾ آيو هو، ۽ ڪافي مصروف پروگرام رهيو. اسان جي ملٽري بئنڊ پئرس جي ڪن هنڌن تي وڄائي وئي ۽ ملٽري پريڊ ريڊيو ٽيليويزن ۽ اخبارن ذريعي خوب نشر ڪئي وئي هئي. مسٽر ابراهيم رحمت الله پاڪستاني سفير هن موقعي تي ٻاهرين ملڪن ۽ فرانس جي بالا عملدارن ۽ شهرواسين کي مدعو ڪيو هو ۽ پروگرام ڪافي ڪامياب رهيو.

رات جو آءٌ هڪ کيل ڏسڻ ويس ۽ پوءِ اچي سمهي پيس، ڇو ته صبح جو اسپين وڃڻ جو خيال هو. صبح جو هوٽل ڇڏي سامان کڻي مسٽر قطب جي هوٽل ۾ آيس، جتي سواءِ هڪ ننڍي پيٽيءَ جي ٻيو سڀ سامان ڇڏيم. اسان گڏ جي نيرن ڪئي. توهان کي حيرت ٿيندي ته فرانس ۾ نيرن نه ڪئي ويندي آهي، فقط چانهه جو ڪوپ پيتو ويندو آهي. ان کان پوءِ آءٌ سڌو آمريڪن ايڪسپريس آفيس ۾ آيس جتي اسپين ۽ فرانس جي وچ ۾ هلندڙ مشهور گاڏي انٽرنيشنل ايڪسپريس لاءِ ٽڪيٽ ورتم. ساڍي ٻارهين بجي صبح جو گاڏي هلي ۽ اسان ميڊرڊ (اسپين) ڏانهن رخ رکيو.

گاڏيءَ جي ونگن-لٽ پلمن ڊٻي ۾، مون سان گڏ هڪ فرينچ ۽ ٻه زال مڙس ارجنٽائن (ڏکڻ آمريڪا) جا ويٺل هئا. فرينچ کي انگريزي ڪانه ٿي آئي ۽ ارجنٽائين مرد کي بلڪل ڀڳل آئي ٿي، مگر سندس زال کي انگريزي سٺي ڳالهائڻ آئي ٿي. گفتگو مختصر رهي

جا زياده تر ملڪ ۽ پنهنجي تعارف متعلق هئي. هيءَ
مشهور گاڏي پئرس کان آسٽرلٽز اسٽيشن کان نڪتي
۽ اسي ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي ٿي. پهرين
اسٽيشن بورڊو هئي. بورڊو فرانس جو مشهور ۽ ڏکڻ
فرانس ۾ وڏي ۾ وڏو شهر آهي. مون سان گاڏيءَ ۾
چڙهيل فرينچ هتي لٿو، ۽ لهڻ کان اڳ چيائين ته هيءَ
اسان جو مشهور شهر آهي ۽ دنيا جو بهترين شراب
هتي ٺهندو آهي. خير هي ٽئي ماڻهو هتي لٿا ۽ انهن
جي جاءِ تي ٻه جرمن اچي ويٺا. جن کي نه فرينچ آئي
ٿي ۽ نه وري انگريزي. ڪين ٿوري ٿوري اسپينش آئي
ٿي جيڪا وري مون کي نٿي آئي. ڪافي خاموش
وقت گذاريم. جلد ئي اسين فرانس جي ٻي مشهور شهر
ليان ۾ آياسين. جتان نڪرڻ کان پوءِ گاڏي سڌو
هندايا فرانس جي سرحدي شهر ۾ پهتيءَ جتي اسان جا
پاسپورٽ تپاسيا ويا، هندايا کان پوءِ ڪجهه فرلانگن جي
مفاصلي تي اسپين جي سرحد واري شهر ارون ۾ پهتاسون،
جتي فرانس ۽ اسپين جي ڪسٽمس ۽ پاسپورٽ جي جهڳڙن
کان جند ڇڏائيسون. ان وقت رات جا نَو ٿيا هئا، ۽
اسين صبح جو نوين ٻجي مئڊرڊ پهچڻا هئاسين. منهنجي
رات جي سفر متعلق. گاڏيءَ ۾ سمهڻ لاءِ ٽڪيٽ ورتل
هئي ۽ فقط چانهه پي سمهي پيس ۽ صبح جو مئڊرڊ ۾
آئيس. اسپين جو هي سفر سمورو رات جو ڪيم، تنهنڪري
وات تي ڪجهه به نه ڏٺم، مگر اهو خيال ڪيم ته
مئڊرڊ کان پئرس واپسيءَ تي هي سفر ڏينهن جو ڪندس
۽ فرانس وارو رات جو...

(الوحيد ١٦ جولاءِ ١٩٥٣)

(٢٤)

مون آمريڪا مان ڏي، برادرم سيد ميران محمدشاهه
کي پنهنجي اسپين اچڻ بابت لکيو هو. جواب ڏنو
هئائين ته آءٌ جيستائين پهچان تيستائين پاڻ اسپين ڇڏي
ويندو، مگر سفارتخاني جا ماڻهو، منهنجي لاءِ انتظام ڪندا.
مون وري هيلسنڪيءَ مان، مسٽر آخوند پاڪستان سفارت
جي سيڪريٽريءَ کي اِن متعلق لکيو هو. جڏهن اسٽيشن
تي پهتس، ته مسٽر پيرزادو پاڪستان سفارت طرفان موجود
هو. اسين اسٽيشن تان سڌو "ماريمان" آياسون، جتي
منهنجي رهڻ جو انتظام ٿيل هو. هت منهن ڌوئي ۽ چانهه
پيئي کان فارغ ٿي، اسين "ميڊرڊ" جي سير تي نڪتاسون:
آچر جو ڏينهن هو، ان ڪري گهمڻ ۾ گهڻي آساني
ٿي. اسان "الڪلا" گهمياسون. "گرانڊويا" کان وري
مشهور سانن جي وڙهڻ واري جاءِ تي پهتاسون، جتي
عجيب قسم جون ريسٽارنٽون هيون. آن، کان پوءِ
پوسٽ آفيس کان ٿيندا "براوڊا ميوزم" وياسون، ۽ واٽ
تي اسپين جي پارٽي "فلانج" جو مرڪز ڏٺوسون. جنرل
فرئنڪو هن پارٽيءَ جو عيوضي آهي، جنهن جو بنياد
جون انٽونيو رکيو هو. هن پارٽيءَ جا اصـــول
هٽلر جي نازي پارٽيءَ، يـا مسولينيءَ جي فاشسٽ

پارٽيءَ سان هڪجهڙائي رکن ٿا. فرئنڪو آنهن جي مدد سان ٿي اسپين جي گهرو لڙائي کٽي، اقتدار حاصل ڪيو هو. اسان ”رنجرو پارڪ“ ۽ مشهور ”اورينٽ محلات“ پڻ ڏٺوسون، جنهن ۾ هن وقت ڪوبه ڪونه ٿو رهي، ۽ هڪ عاليشان محلات ويران پيو آهي! هن محلات ۾، جنرل فرئنڪو فقط ڌارين ملڪن جي سفيرن کي ملندو آهي. محلات هڪ عجيب جڳهه تي ٺهيل آهي. هتان هڪ طرف ڪئمپوڊي مورو تي نظر پوي ٿي، ۽ ٻئي طرف شهر ٿي. ڪئمپوڊي مورو معنيٰ موُرن جو ڪوٽ. توهان کي خبر هجي، ته يورپ جا ماڻهو، تاريخدان ۽ تاريخ نويس اسپين ۾ آيل عربن کي موُر سڏيندا هئا. محلات جي سامهون، هڪ پراڻي پڪل مسجد آهي، جنهن کي ڇت به نه آهي. اندر وڃڻ لاءِ خاص پاس جي ضرورت پوي ٿي. توهان کي اها به خبر هجي، ته جنرل فرئنڪو، مراڪش جي عربن جي مدد سان اسپين جي گهرو لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿيو هو، ۽ هن مسجد ۾ هڪ ننڍي جاءِ ٺهيل آهي، جنهن ۾ جنرل فرئنڪو جو مراڪشي گارڊ نماز لاءِ ايندو آهي. جنرل فرئنڪو کي پڻ اسپين جي سولجرن تي اعتبار ڪونه آهي، ۽ پنهنجي تحفظ لاءِ مراڪشي گارڊ رکيو آٿس. اسان آن کان پوءِ آها پل ڏٺي، جنهن تي اسپين جي گهرو لڙائي جي آخري جنگ لڳي هئي. هي سمورو سير ڪري، اسين ٽين بجي واپس آياسون، ۽ ماني کائي سمهي رهياسون. شام جو پروگرام اسپين جي مشهور

سانن سان جنگ ڏسڻ جو هو. اسين ساڍي پنجين بجي تيار ٿي جنگ جي ميدان ڏانهن هلياسون، جتي هڪ عاليشان جاءِ ٺهيل آهي، ۽ جنهن جي چوڌاري پنجويهه يا ٽيهه هزار ماڻهو ويهي سگهن ٿا.

هتي مشهور آهي ته اسپين ۾ ٻه شيون جنهن نه ڏٺيون تنهن ڇڻ ڪجهه به نه ڏٺو: هڪ اِها سانن جي لڙائي- لڙائي نه مگر سانن جو بيرحميءَ سان موت جو نظارو ڇٺو، ۽ ٻي ٽانگو گاڏي. مون کي پنهي جو تجربو ٿيو. سانن جو قتل، آچر ۽ خميس ڏينهن ڪندا آهن، ٽالگو گاڏي اڱاري ۽ خميس ڏينهن فرانس جي سرحد ٽائين ويندي آهي.

آچر جي شام، اسان سانن جي لڙائي يا قتل جي تماشي ڏسڻ لاءِ رکي هئي. هي بي انتها ظلم جو نظارو آهي. انسان، پنهنجي خوشيءَ ۽ مزي لاءِ، ڪيترو نه بيرحم بنجي ٿو وڃي! هيءُ سانن ۽ ڍڳن جو قتل، اسپين جي ماڻهن لاءِ راند آهي.

اسپين ۾ هن بيرحميءَ لاءِ خاص طرح سان ڍڳا تيار ڪيا ويندا آهن. آنهن کي ڪارائي ٿلهو متارو ڪيو ويندو آهي. انهن کي اهڙي تربيت ڏهندا آهن، جو هو ڳاڙهي چرندڙ ڪپڙي کان سخت متاثر ٿيندا آهن ۽ آن کي بلا يا ڪو ديو سمجهي، سڱن سان مارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سڄو وقت هن ڍڳي کي تيستائين اڪيلو رکيو ويندو آهي، جيستائين هو کيل ۾ مري وڃي. کيل يا موت کان ٽي ڏينهن اڳي،

هن جي ڪلهن جي وچ ۾ هڪ ڇٽن انچن جو تيز گرز
هڻندا آهن، جنهن ڪان ڏڪو شديد عذاب ۾ هوندو آهي.
لڙائي ۾ اهو گرز لڳندو رهندو اٿس. عيد ڏينهن يا ٻين موقعن
تي، ڏکي ڪي هڪ اونداهي ڪوٺيءَ مان هڪ ڪليل
ميدان ۾ آندو ويندو آهي، جنهن جي چوڌاري هزارها
تماشبين ويٺل هوندا آهن. ڏڪن جا قاتل هيٺ هوندا
آهن، جي ڪافي حفاظت ۾ هوندا آهن. هن فضا ۽
گوڙ ۾ ڏڪو بلڪل حيران ۽ مست ٿي ويندو آهي.
وري اچا به آن کی وحشت ۾ آڻڻ لاءِ، هڪ نيزيباز
گهوڙي تي چڙهي نيزو ڪٺي هن ڏکي کي هڻندو آهي.
۽ ٻن-ٽن دفعن ڪان پوءِ، ڏکي جي پٺن مان خون
وهڻ شروع ٿيندو آهي. ڏڪو اڃا به وڌيڪ وحشي ٿي
پوندو آهي، ۽ هر ڳاڙهي شيءِ ڏسي، مست رهندو
آهي، ميدان ۾ هي قاتل ڪيس هر جاءِ نان ڳاڙها ڪپڙا
ڏيکاريندا رهندا آهن. هڪ هو حيران، ٻيو وري ٿڪ
مار پٺي پوندي آهي. جڏهن هن حالت تي پهچندا آهن،
ته وري متواتر هن غريب گگدام جي پٺيءَ تي ڇهه
ننڍا ڀالا هڻندا آهن، ۽ ويچارو جانور دهشت ۽ عذاب
۾ هوندو آهي. سندس وات مان گجي نڪرندي آهي
۽ رنڀندو آهي. خون سندس پٺن مان وهندو آهي، ۽
سندس قاتل اڃا به ڪيس ڳاڙهي ڪپڙي سان ستائيندا
آهن، ۽ آخر جڏهن ساڻو ٿيندو آهي، ته هڪ قاتل
تلوار ڪٺي گردن ۾ چڀائيندو اٿس ۽ اهو جانور وڏي
عذاب ڪان پوءِ بيهس ۽ بيواهه ٿي زمين تي ڪرندو

آهي، ۽ ساهه ڏيندو آهي. ان کان پوءِ خچر آندا ويندا آهن، جي هن ڏڪي کي گهلي ڪڍي ويندا آهن. هر موقعي تي هن قسم جا چار ڏڪا ماريا آهن. توبه!

هي آهي مثال ”مروان موت ملوڪان شڪار“ جو- ڏڪي کي عذاب ڏيندڙ قاتل کي شاباش ڏني ويندي آهي. کين وڏا وڏا انعام ملندا آهن، ۽ هو هن ملڪ ۾ وڏو رتبو رکندا آهن. مون هڪڙي کان پڇيو ”ميان! خبر ڪر، تون ڇيتي سان ائين وڙهندين؟“، ته هڪدم ڇيائين، ”هو چالاڪ ۽ حرفتي آهي، ڪڙي کي ڇڏي اچي مون کي وٺندو.“ مون چيومانس، ”ته بس تنهنجو ڪمال ڏڪي جي بيوقوفيءَ ۾ آهي،“ ته ڪڇي ماٺ ڪيائين. هنن قاتلن کي ٻه ننڍي هوندي ڏي تيار ڪيو ويندو آهي. ٻارن کي وري ڳابن تي سيکاريندا آهن. هي آهي اسپين جي ماڻهن جي قومي خوشي! اسان وٽ جيڪڏهن ڪو جانورن تي ائين ظلم ڪري ته ڪيس هڪدم جيل آماڻيو وڃي! ۽ هتي جنرل فرئنڪو ۽ ٻيا حڪومت جا ڪارڪن به مزي ۽ تفريح لاءِ ايندا آهن، ۽ دوستن کي ڏسڻ لاءِ دعوتون ڏيندا آهن. دنيا جي هر ڪوشي مان ماڻهو، هي ظلم ڏسڻ ايندا آهن. ڏڪن جي قتل کان پوءِ، اسان کان ويٺو نه ٿيو، ۽ اسين ميدان ڇڏي هليا وياسون. انسان جي ظلم ۽ ذلت جي ته حد ئي ڪانه آهي!

رات جو هڪ ڪيل ڏٺوسون، ۽ صبح جو سومر ڏينهن سفارت ۾ ويس، جتي چند دوستن سان ملڻ ٿيو. شهر جو ڪجهه زياده سير ڪيم، ۽ اڳاري ڏينهن لاءِ ٽالگو گاڏيءَ جي ٽڪيٽ وٺڻ هٿ ڪيم. مونکي چيو ويو هو ته پندرهن ڏينهن لاءِ ٽڪيٽ ملڻ مشڪل آهي. هڪ رپورٽر ڪي ڪجهه خرچي ڏيڻ سان بنا دير جي ٽڪيٽ ملي ويئي! فرانس ۽ اسپين ۾ رشوت حد تي پهتل آهي. خدا پناهه ڏي! ٻهرين رات فرانس ۾ جڏهن ڪيل تي ويس، ته چيو ويو ته ٽڪيٽون ختم ٿي ويون آهن. منهنجي دوست قطب وٽ جي هڪ ڪي پاسو ڏنو، جنهن جهٽ ۾ ٽڪيٽ آڻي ڏني ــ ۽ اسان به ڪجهه خرچي ڪرايس. هتي علي الا علان رشوت هلي ٿي. رشوت ڏيڻ کان سواءِ، شايد ورتل ٽڪيٽ به نه ماڻي سگهجي. هڪ ٽڪيٽ، ٻي رشوت لازم ۽ ملزوم آهن!

اڳاري ڏينهن، صبح جو ٻارهن بجي ٽالگو گاڏيءَ ۾ چڙهي پئرس ڏانهن هليس. هيءَ گاڏي هڪ پرائيويٽ ڪمپنيءَ جي آهي، ۽ ايئرڪنڊيشن آهي. منجهس هڪ ڪلاس آهي، ۽ اٽڪل پنجهتر ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي ٿي. مون کي ڪا خاص ڳالهه نظر ڪانه آئي. آمريڪا جون معمولي گاڏيون به ان کان بهتر آهن، پر منهنجي لاءِ هي بهترين موقعو هو جو مان ڏينهن جي روشني ۾، اسپين جي سرحد تائين سفر ڪري ٿي سگهيس. هيڏانهن اچڻ وقت، آءٌ رات جو آيو هوس ۽ هاڻي ملڪ ڏسڻ جو چڱو موقعو مليو هو.

گاڏيءَ ۾ مون سان سڀ اسپين جا ماڻهو ويٺل هئا، پورٽر به اسپين جا پاڻي، ماني چانهه کڻڻ لاءِ به ڪافي هٿ هٿا، وات ۽ بدن جي ورزش ڪرڻي ٿي پئي.

مئڊرڊ جي گهمڻ ۽ ڏسڻ مان ائين معلوم ٿيو ته جڻ توهان ايبٽ آباد يا راولپنڊي يا پشاور جي ڇانوڻين ۾ آهيو. جايون ذرا زياده اوچيون، ۽ خوبصورت آهن. رستا ڪافي ڪشادا آهن، ۽ وڻ پڻ چڱي انداز ۾ آهن. مئڊرڊ، اسان ساڍي ٻارهين بجي ڏينهن جو ڇڏي، ۽ ساڍي نوين بجي شام جو 'هنداپان' فرانس جي سرحد تي پهتاسون. سڄو ڏينهن، گاڏي اهڙي نظاري مان گذري رهي هئي- جهڙو نظارو، توهان کي راولپنڊيءَ کان گاڏيءَ رستي وڃڻ ۾ پشاور کان جمرود ۽ ترخام (پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد) تائين نظر ايندو. آهي ئي پوڪون، آهي ئي جبل ۽ سرنگون، جن مان گاڏي لنگهي ٿي. اها حالت اسپين واري طرف جي هئي. ٻئي طرف فرانس وارو حصو سرسبز ۽ سڌو ميدان هو. فرانس جي طرف گاڏيون سڀ اليڪٽرڪ تي هلن ٿيون، ۽ اسپين جي طرف تيل تي هنداپان ۾ رات جي سمهڻ جو انتظام ونگن لٽ گاڏيءَ ۾ هو، ۽ سمهي، پيس. اربع

ڏينهن صبح جو خير سان واپس پئرس پهتس.

هاڻي توهان کي انشاءالله هڪ خط قاهره پهچڻ

ڪان پوءِ لکندس.... اڄ اربع ڏينهن ۽ اٺين جولاءِ آهي. انشاءالله اڳوڻهين تاريخ اچي توهان سڀني جي زيارت ڪندس. هتان جمع ڏينهن ڏهين تاريخ سئٽزرلنڊ ويندس هوائي جهاز ۾، ۽ پوءِ پئرس کان سئڊرڊ تائين فقط ريل جو سفر رهيو آهي، جو ڏاڍو مزيدار هو.... دعا ڪندا.

(الوحيد ١٧ جولاءِ ١٩٥٣ع)

مون توهان کي ائين جولاءِ تائين پئرس مان احوال لکيو هو. اڄ آءٌ ٻنهي ڏينهن صبح جو مئڊرڊ (اسپين) کان واپس آيو هوس. مون اسپين جو سياسي، معاشرتي يا اقتصادي احوال نہ لکيو هو، ڇو تہ احوال ڪافي لنبو ٿي وڃي ها. اسپين هن وقت يورپ ۽ خاص طرح آمريڪا جي سياسي پاليسيءَ ۾ وڏو حصو رکي ٿو. اسپين سان مسلمانن جو ست سؤ سالن جو تعلق رهيو آهي، ۽ انهي هرڪا ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ اُن وقت کي داغدار بڻايو وڃي. اسپين جون اڄ جون سموريون ڪمزوريون ۽ بداخلاقيون مسلمانن ڏانهن منسوب ڪيون وڃن ٿيون. هن جو ذڪر اڳتي ڪان پوءِ ڪندس. فرانس کان وٺي اتر يورپ جا سمورا ملڪ ڪرستان آهن، پر آنهن ۾ پروٽسٽنٽ زياده آهن. تقريباً پنجاسي يا نوي سيڪڙو آبادي انگلنڊ، هالنڊ، ڊينمارڪ، ناروي، سئيڊن، فنلنڊ، سئزرلنڊ ۽ جرمني ۾ پراٽيسٽنٽ جي آهي. مگر فرانس ۽ بيلجم کان هيٺ مثلاً اسپين، فرانس ۽ اٽليءَ ۾ رومن ڪئٿلڪ زياده آهن، سئزرلنڊ ۾ تقريباً پنجويهہ سيڪڙو رومن ڪئٿلڪ آهن. هن مذهبي فرقي جو اثر بہ عجيب طرح سان

آهي، تنهن جو ذڪر به جيئن مون لکيو آهي پوءِ ڪندس. ٽين ڳالهه هي آهي ته يورپ جو ڪو به ملڪ جو پاڪستان سان مشابهت رکي ٿو سو اسپين آهي. خير، هاڻي اچو پنهنجي سفر جي احوال تي.

جڏهن اٺين جولاءِ تي پئرس آيس ته ايندي شرط قطب صاحب کي چيم، ته خدا جا بندا! مون غريب کي ڪا هلڪي سلڪي هوٽل ڏيار نه ته مون کي پئرس ۾ پنڌو پوندو! توهان کي ياد هوندو ته اسپين ويندي هڪ رات پئرس ۾ رهيو هوس. هوٽل پوٻان ۾ آڌا رات گذاريم ۽ صبح جو فقط هڪ رات لاءِ ٽيهه روپيا بنان ناشتي ۽ ماني جي- رڳو نڪري ويئي! پئرس ۾ زبان نه اچڻ ڪري، نه زمين اندر ريل جو استعمال آسان ٿي نه بس يا ٽرام سولي. باقي رهيا ٻه وسيلا: هڪ ٽمگون، ٻي ٽئڪسي. پئرس ۾ ٽئڪسيءَ وارا اهڙا جو شل نه ڌاريون ماڻهو هٿ چڙهين هڪ ميل کي ڏهه ميل بڻائيندا. قطب صاحب هن دفعي هڪ غريباڻي هوٽل ۾ انتظام ڪيو، جتي به فقط رهڻ جا تيرهن روپيا روز هئا. بس سائين هاڻي پيٽي هٿ ڪٽي وڃم ڪيسي ۾ ته ڪٿي ٽڪو نه ڪري پوي. جڏهن پئرس ڇڏيم تڏهن ڇوٽڪاري جو ساهه کنيم، ته يا خدا! تو ظلم جي شهر مان نجات ڏياري جو ڪيسو بچائي نڪتو آهيان. هاڻي اچو ته توهان کي پئرس جو احوال ٻڌايان:

پئرس ايڏو وڏو شهر ۽ ايتري بدانتظامي، جو دنيا ۾ شايد مشڪل هوندي. پئرس تاريخي شهر آهي.

فرينچ قوم مان وڏي محنت ڪئي آهي - جايون، عمارتون ۽ رستا سڀ عجيب ۽ تعريف جي لائق آهن. فرينچ قوم وڏا انجنير، تاريخدان، اديب، شاعر ۽ سائنسدان پيدا ڪيا آهن ۽ اڄ به پيدا ڪري ٿي. مگر هن وقت فرانس کي ڪنهن به سٺي شئي کي سلامت ۽ صاف رکڻ جي طاقت نه آهي. لڙائين ۽ اندروني سياسي حالتن فرانس کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. فرانس يورپ جو هڪ ئي ملڪ آهي جنهن کي آمريڪا جي ڪابه اميد ڪانه آهي. هن ملڪ جي تاريخ ڏانهن نظر ڪري ۽ ماڻهن جي نشست و برخواست کي ڏسي حيرت ٿئي ٿي! فرينچن واري مروت، سنجيدگي ۽ خوشي ڪلامي اڄ يورپ جي ڪنهن به ملڪ ۾ نه ماندي. توهان کي ياد هوندو ته اڳين جنگ ۾ پئرس کي کليل شهر قرار ڏنو ويو هو. انڪري شهر جي اراضي ۾ جرمني، انگلنڊ يا آمريڪا هڪ ذري جو به نقصان نه ڪيو آهي. پئرس، هن وقت فرانس جو وڏي ۾ وڏو آمدني جو ذريعو آهي. توهان کي سڄي دنيا مان آيل ماڻهو سفر ڪندڙ ملندا. پئرس يورپ جي مسافريءَ لاءِ مرڪز آهي، ڇو ته مسافر جتان ڪٿان ڦري وري به هتي ايندا. پئرس هڪ وڏو کيل ۽ تماشو آهي! ڏينهن جو انسانن جي حوالي، رات جو شيطان ۽ آن جي چيلن جي. هر ممڪن طريقي سان مسافرن کي حيران ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن جي ڪمزورين جو فائدو ورتو وڃي ٿو. سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو آهي: 'مڇيئي ناڻو نه

ڪهم لاڙڪاڻو؟ـ مگر پئرس لاڙڪاڻي کان ٻه وڌيڪ آهي.
هتي فقير ۽ درويش بک مري وڃي ٿو. منهنجا هتي
ادائي ڏينهن ڏاڍا تڪليف ۾ گذريا. ان دوران ۾ پئرس
جي سين نديءَ جو سير ڪيم، يونيورسٽيءَ ۾ ويس، پئرس
جو ميوزم ڏٺم، نيپولن جي قبر ۽ شانزيلي ندي جي قريب
عمارتن کي ڏٺم، اها ديول جنهن مان سينٽ برٿالوميو
جي ڪوس لاءِ حڪم مليو هو، آها ڏٺم. ميري انٽونيٽي
جو محلات ڏٺم. جنهن کي هاڻي ميوزم ٻڌايو ويو آهي.
ڪي. ڊي اورسي ۽ فرينچ نيشنل اسيمبليءَ ۾ ويس،
جتي فرانس جو خانو خراب پيو ڪيو وڃي. ٻئسٽائيل
ڏٺم جنهن ۾ فرينچ انقلاب جو پهريون ڌونڪو لڳو
هو. پئرس ۾ ٻڙي ڪلوميٽر جي جاءِ ڏٺم. پئرس اوپيرا ۽
ٻنگليءَ ۾ هڪ کيل ڏٺم. مطلب ته هن دنيا ۾ انسان
جي ڪمال ۽ آن جي تحت الثريٰ ۾ ڪرڻ جو هڪ
گڏيل نظارو ڏٺم. فرانس ۾ جيترو آمريڪي بيوقوف ٿيڻ
لاءِ اچن ٿا، ۽ جنهن درياءَ دليءَ سان آنهن کي بيوقوف
ٻڌايو وڃي ٿو آن جي ڳالهه نه پڇو!

خير، آءٌ ته الله الله ڪري لٽڙ ڪٽي ڀڳس. ڏهين تاريخ
ٻارهين ٻجي هوائي بندر بورڊو تي آيس. سئزرلنڊ جي
هوائي ڪمپنيءَ جي جهاز ۾ چڙهي زيورچ (سئزرلنڊ)
جو رخ رکيو سين. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اسين زيورچ
جي هوائي بندر تي لٿاسون، مگر هن جهاز ۾ ڊپ وٺي
ويو هئم. فضا ۾ تڏڏ ڪافي هو، ۽ هي جهاز هو ڊي. سي
ٿري ۽ ٻن مشينن وارو.

زيورچ ۾ لهڻ شرط مون کي هن ملڪ جي خوبصورتيءَ ۽ شاهوڪاريءَ جو احساس ٿيو. شهر ڏانهن ويندي جبلن، گهٽين ۽ رستن جو نظارو عجيب ۽ وڻندڙ هو. منهنجي رهڻ جو انتظام ٻوٽيمٽر هوٽل ۾ ڪيل هو جا يونيورسٽيءَ جي نزديڪ آهي، سئزرلنڊ جي هيءَ ننڍي هوٽل به ميٽروپول جهڙي هئي. شام ۽ رات جو پيدل شهر کي ڏٺم. صبح جو موٽر ڪري گهمڻ نڪتس.

توهان کي خبر هجي ته سئزرلنڊ هڪ عجيب ۽ خوبصورت ملڪ آهي. هتان جا ماڻهو صحيح دماغ رکندڙ، امن ۽ صلح جا حامي آهن. سئزرلنڊ جا ٽي حصا آهن، جي جرمن، فرينچ ۽ اٽلي حصن ۾ ورهايل آهن. هن ملڪ ۾ چار زبانون سرڪاري آهن: جرمن، فرينچ، لئيٽي ۽ رومانش. زيورچ سئزرلنڊ جي جرمن حصي ۾ آهي، مگر هتي جرمن صحيح جرمن نه آهن. ڪو جرمن، هنن جي زبان کي نه سمجهي سگهندو. هيءَ زبان اصل جرمني آهي. ۽ لفظ به صحيح آهن؛ مگر ادب، جرمني زبان ۾ زياده آهي.

ٽرام ۾ چڙهي زيورچ يونيورسٽيءَ جو سير ڪيم جا هڪ ٽڪريءَ تي ٺهيل آهي. سڄي شهر کي يونيورسٽيءَ قدمن ۾ رکيو آهي. مين اسٽيشن ۽ مين گهٽيءَ مان ٿي سڌو زيورچ ڍنڍ ڏانهن ويس، جتي ٻيڙيءَ ۾ سير ڪيم. ان کان پوءِ بورانلڪ هوٽل ڏٺم، ۽ آتان نيشنل پارڪ ۾ ويس. زيــورچ جـي مشهور مجتهد زنگلي جو بت، ۽ آن جي ديول ڏٺم، ۽ هڪ

ٽرام ۾ چڙهي زيورچ جي جبل ڏانهن ويس، ۽ واپس آيس. زيورچ جي خوبصورتيءَ ۾ ليمٽ نديءَ وڏو اضافو ڪيو آهي. جهڙيءَ طرح سين ندي پئرس جي وچان وهي ٿي، ۽ پئرس جي تاريخ، سين جي تاريخ آهي، اهڙيءَ طرح زيورچ ۾ ليمٽ نديءَ جي حيثيت آهي.

هڪ آمريڪي دوست صلاح ڏني هئي، ۽ چڱو به ائين سمجهيم ته روم (اٽلي) ريل رستي وچان ۽ نه هوائي جهاز رستي. زيورچ کان روم سورهن ڪلاڪن جي ريل جو سفر آهي، ۽ دنيا جو مشهور سفر آهي. اها صلاح بهتر سمجهي ونگن لٽ ريل جي ٽڪيٽ ورتيم. ٻارهين تاريخ ڇهين بجي رات جو زيورچ- روم انٽرنيشنل گاڏيءَ ۾ چڙهيس ۽ مون سان گڏ گاڏيءَ ۾ ٻه انگريز زال- مڙس ۽ هڪ سئز عورت ۽ سندس ڇوڪري هئا. هن سئز عورت اسان تي ڏاڍي مهرباني ڪئي، سڄي وات لوگانو اسٽيشن تائين اسان کي رستي تي ڍنڍن، جبلن، شهرن ۽ جاين جي تعريف ۽ احوال ٻڌائيندي رهي. ڇا مزيدار ملڪ آهي. اسان جي اليڪٽرڪ گاڏي (سئزرلينڊ ۾ گاڏيون، ٽراميون ۽ بسون سڀ اليڪٽرڪ تي هلن)، ڍنڍن جي ڀرسان جبلن سان هيٺ مٿي ور وڪڙ ڪندي هلي ٿي اسان تقريباً اٺاويهن جبلن جي سرنگن سان لنگهياسون. هڪ سرنگ جا وڏي ۾ وڏي هئي ۽ اٽليءَ ۽ سئزرلينڊ جي سرحد تي هئي، تنهن اسان جا ارڙهن منٽ ورتا. تقريباً ٻارهن يا چوڏهن

ميل لنبي هوندي! سئزرلنڊ طرف هوا ڪافي سرد هئي، مگر اچا ٻي طرف پهتاسون ته گرم هوا شروع ٿي. الله جو شان! تقريباً ڇهه ستين اڳي اٺان ٻارهن يا چوڏهن هزار فوٽ جبلن تان هوائي جهاز ۾ لنگهيو هوس ته برف ڇانيل هئي، ۽ هن دفعي انهن جبلن جي چوٽين کان ڏهه هزار فوٽ اندران لنگهي رهيو هوس. هي سرنگ گوٿنين کان شروع ٿئي ٿي، ۽ ارڙهن ميلن تائين وڃي ٿي.

لوگانو ۾ منهنجا انگريز ۽ سئز همسفر لهي ويا ۽ ٻه اٽالين عورتون اچي چڙهيون. انگريزي ٻولي ٻنهي مان ڪنهن کي به نٿي آئي ۽ مون خاموشيءَ سان سندن گفتگو ٻڌي. سائين ٻه عورتون گڏجن ۽ خاص طرح ان فضا ۾ جنهن ۾ مرد بي زبان ۽ بيڪار ته پوءِ سندن زبان کي ڪير روڪي! بس اچي جو ڳالهائڻ ۾ چڙهيون ته خدا جي پناهه! واري واري سان ڳالهايون، ۽ وري ٻئي گڏ ڳالهائين. بس آيسلهوءَ ۾ پنجيو وڃن. منهنجي ڪابه پرواهه نه هين. فقط وقت تي ٻنهي مان هڪ يا ٻئي، مون ڏانهن رحم جي نظر سان نهاري ٿورو مشڪي، وري ڳالهائڻ شروع ٿي ڪيو. مون غريب سان هي ظلم ستين بجي کان وٺي ساڍي نوين بجي تائين رهيو، جيسين آءٌ اٽليءَ جي مشهور شهر ملان تي پهتس. گاڏي سڌي روم وڃڻي هئي، مگر رات جي سفر لاءِ منهنجو گاڏو بڪ ٿيل هو. سو هي گاڏو ڇڏي هنن جي زبان

ڪان آزادي حاصل ڪيم. ڪن مهربانيءَ جا لفظ چيم جنهن تي ڏاڍو خوش ٿيو.

مون کي هڪ آمريڪي دوست سئيڊن ۾ چيو هو ته ”غلام مصطفيٰ! سئٽزرلينڊ مان نڪري اٽليءَ ۾ وڃڻ معنيٰ هڪ خوبصورت باغ مان نڪري هڪ گندي ڪٽر ۾ گهڙڻ آهي.“ هڪ آمريڪي کي ائين چوڻ جو هر ڪو حق آهي، مگر آءٌ نه چوندس. اٽلي هڪ قديم ۽ تاريخي شهر آهي، مگر هينئر غريب آهي. اسين اٽليءَ وارن تڪليفن ۾ آهيون. اسان ڪان هو ڪيترن ڳالهين ۾ خوش آهن. ۽ اسان کي مٿن نڪته‌چيني ڪرڻ نه جڳائي. مگر ايترو چوڻ ڪان رهي نٿو سگهان ته اٽليءَ ۽ سئٽزرلينڊ ۾ زمين ۽ آسمان جو تفاوت آهي. خير، رات جو سمهي پيس، ۽ صبح جو اٺين بجي روم (اٽليءَ) جي سينٽرل اسٽيشن تي آيس. ڇا خوبصورت اسٽيشن آهي! ١٩٥٠ع ۾ ٺهي تيار ٿي آهي. روم جي هيءَ اسٽيشن يورپ جي مشهور ريلوي اسٽيشنن منجهان آهي. اهڙي خوبصورت اسٽيشن ٻي ڪا مشڪل هوندي.

ٽئڪسي ڪري پنهنجي رهڻ جو بندوبست روم جي ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ڪيو هو. گهڙڻ سان آمريڪي فضا ڏٺم. بس سڄي هوٽل آمريڪن سان ڀري پئي هئي. ڏپ وٺي ويم. هي درويش پئسا ڪٿي آڻين ٿا آڌائڻ لاءِ ۽ آءٌ فقير! دل ۾ خيال آيو ته هي هوٽل پينگيو ڪندي! پئرس ۽ روم يورپ جا تمام مهانگا شهر آهن.

هن شهرن جي آمدني زياده تر ٻاهران ايندڙ ماڻهن مان آهي. هو مسافرن جي ذري ذري تي کل لاهين ٿا. پئرس ۾ پئسن بچائڻ لاءِ ڪيترا وقت ماني ڪائڻ ڇڏي ڏني هيم ۽ روم ۾ اها عادت وري شروع ڪيم. هن هوٽل ۾ هڪ وقت جي ماني سورهن روپيا. توبهه! جڏهن مسٽر اختر حسين پاڪستان جي سفير سان ملڻ لاءِ ويس ته آن به اها شڪايت ڪئي. ويچارو ٻارن سان هوٽل ۾ رهيو پيو آهي، بس! خرچ کان تنگ اچي ويو آهي. پلا رهي ٿو گرانڊ هوٽل ۾. جنهن جو خرچ ڳاٽي پڳو آهي.

خرچ جو ذڪر ڪندي مون کي هڪ ڳالهه ياد آئي جا توهان سان نه ڪئي اٿم: پئرس جي آءٌ سفارتخاني ۾ ويس ۽ خبر ملي ته مسٽر ابراهيم رحمت الله پاڪستاني سفير صاحب لنڊن ويو آهي. آءٌ پاڪستان جي ڪائونسلر منسٽر مسٽر دهلويءَ سان مليس. مسٽر دهلويءَ جو والد مرحوم ڪافي وقت سنڌ ۾ رهيو هو، ۽ وڪالت ڪئي هئائين. مسٽر دهلويءَ ڪجهه وقت مرحوم سر غلام حسين ۽ عبدالرحمان صديقيءَ جون ڳالهيون ڪيون. مسٽر دهلوي ڪافي سنجيده ۽ خليق انسان آهي ۽ ان ويچاري سان رڙيون ٿي ڪيون. چوڻ لڳو: غلام مصطفيٰ! هيترو سارو پگهار ٿو ملي ته به پورت نه آهي. مهيني جي سورهين يا ويهين تاريخ تائين اسين سڀ آفيسر ۽ ڪلارڪ پينگيا ٿيو وڃون ۽ باقي مهيني جا ڏهه يا ٻارهن ڏينهن اوڌر تي گذاريندا آهيون! مسٽر دهلويءَ کي اٺ يا نوَ هزار

روپيا مهيني ۾ ملن ٿا. جڏهن آن جي اها شڪايت ته
ٻڌو مون جهڙي غريب جي ڇا مجال. بس هوٽلن جي خرچن
کنهن به شئي وٺڻ جي طاقت نه ڇڏي آهي! حالت
اها هئي ته اگر ڪنهن دعوت ڏني ٿي ته مون انڪار
نه ٿي ڪيو. پئسا جو بچائڻا هئا. حساب ڪيو اٿم ته اگر
هڪ ڏينهن لاءِ به منهنجو پروگرام وڌي ويو ته جهڪر
لهڙ وڪٽا پون. اها اٿوَ اسان جي دل جي ڳالهه، باقي
ٻاهرين ٻيڪي ڪي ڪونه ڇڏيندا سون. انسان جي ٻڪ
جي کيس خبر، ٻئي کي پرائي پيٽ جي ڇا خبر!

مسٽر اختر حسين چيو ”غلام مصطفيٰ! اڄرو ٿي ويو
آهين؟“ چيومانس ته ”سائين! ٿڪجي پيو آهيان. هاڻي
پاڻيان ته جلد ڏينهن گذرن ته ڳوٺ وڃان.“ ڳالهه سچي
به اها اٿوَ ته هاڻي مان سفر مان اڪـي ڦاٿو آهيان.
انشاءالله باقي ٿورا ڏينهن آهن ۽ اچي ڏينهن پورا ڪيا اٿم. اميد
ته اوڻهين تاريخ سڌو قاهره کان ڪراچيءَ ايندس ۽
توهان جي اچي زيارت ڪندس.

روم تاريخي شهر آهي. ڪيس سڏين ٿي دائمي شهر.
روم جي ڪهڙي مان ان جي تاريخ نظر اچي ٿي. هڪطرف هزارها
سالن جون جايون ۽ رومن جا ڪارناما، ته ٻئي طرف
هن وقت ماڻهن جي هيءَ عجيب حالت! رومي، تاريخ
جي صفحن تي هنجهه ٿا نظر اچن مگر سندن اولاد اڄ
بلڪل ڪانگ آهن. ٻڌو ۽ ڏٺو اٿم ۽ يورپ ۾ ٽي
قومون ڪاڏي جون ڪوڏيون آهن. هڪ اسپين، ٻي
فرينچ ۽ ٽي اٽالين. حقيقت ۾ ڪاڏي جا ڪوڏيا، ڪم

جا بيڪار ٿيندا آهن. ڪائڻ ڪان سواءِ ٻي ڳالهه اصل ياد ڪانه اٿن. خير، اسين به ٻين مجبورين ۽ ضرورتن کان بچي نٿا سگهون.

روم ڪي ڏسڻ لاءِ هڪ آساني حاصل ٿي هئي. آمريڪا جي لوئيوائل يونيورسٽيءَ جو هڪ پروفيسر، جو اصلي اٽليءَ جو رهاڪو هو، پنهنجي والده ۽ ڀاءُ لاءِ ڪي مختصر شيون ڏنيون هيون. آءٌ اهي شيون پاڻ سان کڻي آيو هوس. هيءَ بزرگ عورت پنهنجي پٽ سان شهر کان اٽڪل ٽيهه ميل پري رهي ٿي. هوٽل ۾ سامان رکڻ کان پوءِ آئون وٽن ويس ۽ ڏنهن جي ماني اتي کاڌيم. مانيءَ کان پوءِ هن نوجوان- جو ڏندن جو ڊاڪٽر آهي، مون سان گڏجي روم گهمڻ هليو. هن واقف جي هئڻ ڪري موٽر جي خرچ کان بچي پيس. آرام ۽ بس ۾ گهمياسون.

سير شروع ڪيوسون پوپ جي محلات کان. وٽيڪنسٽي روم اندر، پوپ جي حڪومت آهي. ١٩٢٩ع ۾ مسوليني ۽ پوپ جي وچ ۾ سمجهوتو ٿيو ۽ وٽيڪنسٽيءَ کي علحده حڪومت قرار ڏنو ويو. ٿي سؤ ايڪڙن جي چوگرد ديوار آهي جنهن ۾ پوپ حڪومت ڪري ٿو- هن ۾ پوليس وغيره جو انتظام به پوپ جي حوالي آهي. هي شهر رومن ڪئٿلڪ مذهب جو اڏو آهي. محلات جنهن کي ”سينٽ پيٽر“ سڏين، هڪ عاليشان جاءِ آهي، جنهن ۾ هڪ سؤ نوَ ڪمرا آهن؛ باقي جايون ڏار. دنيا ۾ هن نموني جو

محلات ٻيو نہ آهي. توهان کي منجهس عجائبات ملندا. ٻوپ دنيا کي ڦري چٽ ڪري، سڀ ملڪيت پنهنجي آرام، راحت ۽ رعب تاب لاءِ استعمال ڪئي آهي! ڇا سنگ مرمر جو ڪم، ڇا ديوارن تي نقش و نگاري، سون ۽ سون جي پاڻيءَ جو ڪم، ڇا شيشي ۽ زريءَ جو ڪم، ڇا هيرا ۽ جواهر— حيرت انگيز محل آهي! اڄ آچر ڏينهن صبح جو محل ۾ ويو هوس، جو مون کي خبر هئي تہ آچر تي پوپ خود ٻاهر اچي ديول ۾ تقرير ڪندو آهي ۽ مسافرن کي ديدار ڪرائيندو آهي. عجيب ڍونگ ۽ تماشو آهي. مون کي رومن ڪئٿلڪ جي يورپ ۾ تاريخ ياد آئي. هڪ خاص واقعو بيان ڪندس:

هڪ پوپ، جنهن جو نالو مون کان وسري ويو آهي، بهشت ۽ نجات جا سرٽيفڪيٽ ڏيڻ شروع ڪيا، ۽ ماڻهن آهي خريد ٿي ڪيا. بهشت ۾ درجا آهن— ۽ پوپ، هر سرٽيفڪيٽ، قيمت آهر خريد ڪندڙ لاءِ، جڳهہ مخصوص ڪندو ويو. هنن سرٽيفڪيٽن جي خوب خريداري هلي. هڪ چورن ۽ ڊاڪوئن جي سردار اها ڳالهہ ٻڌي، تہ ان کي ڏاڍي پسند آئي. خيال ڪيائين تہ بهشت ۾ جاءِ رزرو ڪري پوءِ ماڻهن کي چڱيءَ طرح ڦرڻ گهرجي. سو هڪ اعليٰ طبقي جو سرٽيفڪيٽ خريد ڪيائين. ان کان پوءِ ساٿين کي وٺي وڃي رستي تي بيٺو. اچانڪ آن پوپ جا سرٽيفڪيٽ وڪڻڻ سان ڪمايل پئسا، سون ۽ جواهرات

روم ڏي اچي رهيا هئا. هن ڊاڪوءَ اهو سڀ مال ڦري ورتو ۽ ڪم ٿي ويو. سندس جواب هو ته بهشت ۾ جاءِ موجود آهي، ۽ هاڻي سڀ گناهه معاف!

رومن ڪئٿلڪ مذهب ۾ اقرار نامو آهي- جنهن ۾ هر آچر ڏينهن هر معتقد کي گهرجي ته پادريءَ اڳيان اعتراف ڪري ۽ پوءِ سندس سڀ گناهه معاف. حضرت عيسيٰ خدا جو پٽ، پوپ حضرت عيسيٰ جو جانشين، ۽ پادري پوپ جو عوضي- سڀ گناهه معاف! پر هر هفتي نوان گناهه ۽ نئين معافي!

محلات ۽ ان ۾ ٽيندڙ حالتن کي ڏسي مون کي خيال آيو ته جو عيسائي دنيا ۾ هن وقت ٻه طاقتون آهن: هڪ الحاد جي ۽ ٻي رومن ڪئٿلڪ جي. سوچڻ سان سمجهه ته دنيا ۾ جنگين ۽ سائنس جي ڪمالات کان متاثر ٿي ماڻهو هنن حالتن جو شڪار ٿين ٿا. اهو هڪ لنبو ذڪر آهي جنهن کي هن وقت نه ڇيڙيندس. اچو ته گهمون:

ان کان پوءِ ڪسلتا ميمو گهٽي، نيشنل گهٽي، وينتسيما چونڪ، آرجنتائين چونڪ، سيئيٽر ٽارڊ چونڪ، اسيسوار چونڪ، ڦوهاره گرانڊ، اٽاليه پريزيڊنٽ جي صدارت (جا اڳي بادشاهن جو محلات هئي)، ڪلوسيو (جو رومن جي زماني ۾ هنن جو جنگي اڏو هو)، پلازوو نيتسيا (جنهن ۾ مسوليني رهندو هو، ۽ جنهن بالڪنيءَ مان تقريرون ڪندو هو)، ڏٺم. وڪٽوريو مانيومينٽ وري سفيد پٿر جي ٺهيل آهي، ۽ مسولينيءَ

جي گهر پرسان آهي. پارليامينٽ هائوس ۽ ٽمنڪو سنيٽو چونڪ ڏٺوسون. روم جي وچان به هڪ ندي وهي ٿي، جنهن جو نالو ٽيوري ندي آهي: روم ۾ گهڻو ڪري توهان کي ٽي ڳالهيون خاص نظر اينديون: هڪ فوهارو- هر جڳهه، هر چونڪ ۽ هر جاء جي سامهون. هوٽلن ۾ فوهارا وري عجيب وغريب نموني جا ٺهيل آهن. ٻيون توهان کي هر جڳهه تي پٿر جا ٺهيل بت- ماڻهن جا، اوتارن جا ۽ جانورن جا نظر ايندا. ٽي ڳالهه ماڻهن جي البيلائي ۽ فارغ البالي- بس مست آهن. انڌي گهوڙي ڪل ۾!

هن قسم جي مست مزاجي حالت، اسپين ۽ فرانس ۾ به ملندي. ممڪن آهي ڪٿي گهٽ وڌ هجي، مگر قسم اهو ساڳيوئي! بس وات ڦاٽا پيا آهن ۽ هلندا پيا ۽ کائيندا پيا. هوٽلن ڪان ٻاهر ڪرسين تي ويٺا هوندا ۽ پيا پنڪيون کائيندا! پر هن ملڪ ۾ هنر به ڏاڍو آهي: اٽلي، موٽرن ۽ موٽر سائيڪلن ناهڻ ۾ دنيا ۾ مشهور آهي. ٻارن جا رانديڪا ۽ ڪپڙو جيان ته ناهي، مگر جا چٽسالي ۽ رنگيني اٽلي بڻائي ٿي سا بهترين آهي. مگر سياست هنن درويشن کي به حيران ڪري ڇڏيو آهي. هن مرض کان جيڪي مون بچيل ملڪ ڏٺا آهن اهي انگلنڊ، سئيڊن ۽ سوئزرلنڊ آهن. ٻين جو حال اهڙو آهي جهڙو اسان جو. سياست ڪن خاص ملڪن جو خانو خراب ڪيو آهي. اٽليءَ جو تعليمي نظام به ڪافي سٺو آهي مگر هنن جي سياست تعليم کي به خراب

ڪيو آهي. تہ بہ اسين ماستر ويچارا درويش بيوس آهيون. آءٌ تہ ائين چوندس تہ هر سياستدان کي پهريائين چار يا پنج سال ماستري ڪري پوءِ سياسيتدان سڏائڻ گهرجي. باقي لئيءَ مان لٿ پيچي سياستدان بڻجڻ ڏاڍو آسان آهي!

روم جو سير پورو ٿيو. آءٌ اڄ ذڪرڻ وارو هوس مصر ڏانهن، مگر ٽي- ڊبليو- اي جهاز ڪمپنيءَ ۾ اسٽرائيڪ آهي، ۽ هڪ ڏينهن وڌيڪ رهڻو پيو اٿم. منهنجي سفر جو انتظام بي. او. اي. سي جهاز ۾ ڪيو ويو آهي، ۽ آءٌ انشاء الله سڀاڻي اربع ڏينهن پندرهين تاريخ جولاء شام جو هتان قاهره روانو ٿيندس. مون کي هي خط قاهره مان موڪلڻ جو ارادو هو مگر هاڻي روم مان موڪلي رهيو آهيان. دعا ڪندا. انشاء الله اوڻهين تاريخ آچر ڏينهن ملنداسون.

[الوحيد ١٨- جولائي ١٩٥٣ع]

سائين! هن دير جي معافي ڏينداَ. آءٌ هتي اوٺهين جولائي شام جو پهتو آهيان، ۽ ان ڏينهن کان وٺي 'وٽ' ۾ آهيان. اسان غريب پرنسپالن سان ظلم آهي. اسان جي درد جي دانهن ڪير به نٿو ٻڌي. اسان جي ڪاليجن جي ڇوڪرن سان واسطو پيو هجيوَ ته خبر پويوَ- ڇوڪرا جيئن پاڻ کي چست رکن ٿا تئين اسان کي به آرام ڪرڻ نٿا ڏين. اسان جي ڪاليج ۾ هن وقت ڇوويهه سؤ شاگرد آهن، ۽ مون کي ته ان انداز ٻڌائڻ سان ئي ڏپ وٺيو وڃي.

خير، اڳيون خط مون روانگيءَ تائين لکيو هو. اسين پندرهين تاريخ منجهند جو 'بي- او- اي- سي' جي جهاز هرمير ۾ چڙهي، پنجن ڪلاڪن جي آڏامڻ کان پوءِ قاهره پهتاسون. اسين هڪ اهڙي ملڪ ۾ لٿاسون جتي ڊڪٽيٽري راڄ قائم آهي: مصر جي معاملات جو اثر اسان هوائي اڏي تي ئي ڏٺو. ڪسٽمس ۽ پوليس جي روش مان شڪ ۽ ڊپ جي عجيب حالت محسوس ٿي.

اڌ رات جو اسين هوائي بندر تي پهتا هئاسون مون قاهره ۾ رهڻ جو بندوبست نه ڪيو هو ۽ بي. او. اي. سي جي عملي کي هوٽل لاءِ .چيم هنن

منهنجي رهڻ جو بندوبست قاهره جي هيليا پوليس پئلس هوٽل ۾ ڪيو، گرمي مصيبت جي هئي ۽ سخت تڪل هوس، سو اڻڪل ڏيڍ بجي رات جو آءٌ سمهي پيس.

قاهره ۾ مڇرن سان ملاقات ٿي. پونيٽ ۽ موسٽ بڏوٺون ۽ چڪ سان دانهن نڪري ٿي وئي. پهرين چڪ، اڌ ننڊ ۾ ۽ اڌ جاڳ ۾ ڪاٽيم ۽ ان ڪان پوءِ ننڊ اچي وئي، پوءِ خبر نه آهي ته گهڻا حملا ٿيا هوندا. جن ماڻهن ڪراچيءَ ۾ منگهڻن جا چڪ سٺا هوندا ۽ ڪاڙل هوندا، تن کي قاهره جا مڇر ڇا ڪندا!

آءٌ عادتاً سوير اٿندو آهيان. مگر اُن ڏينهن سمهڻ وقت سوير اٿڻ جو يقين نه هو. پر خدا کي جو سوير اٿارڻ منظور هو سو مکين جو بندوبست ڪيائين- قاهره جهڙيون زبردست حملي آور مکيون اوهان کي دنيا ۾ ڪٿي به نه ملنديون. ڪراچيءَ جون مکيون سندن مقابلي ۾ عدم تشدد جون قائل آهن. جيڪا مک بدن جي جنهن حصي تي ويٺي ته اُتي چڙ کڻ ڪيائين، ۽ وري ٻي هنڌ نه ويهندي. پکو نه هجي ڪٿي ڇا به هجي، سر سر ڪري ضرور ويهنديون. توبهه! ماڻهو بيزار ٿيو پوي. دل اٿين ٿي ته بدن جي ايذاءَ وغيره جا سڀ خيال لاهي ڏندو هٿ ۾ ڪٿي مکين جي جاءِ قيام کي ڪٽيندو رهجي، يا نه ان ٽڪر کي ئي ڪپي ڪيجي. خير، ملڪ کي ويجهو اچي پهتو هوس ۽ ڪنهن به طرح خودڪشي ڪرڻ جو خيال نه هوم.

اٿڻ شرط نيرن ڪيڍي ڪاڻ ويٺس. هوٽل ۾ خبر

پئي ته هڪ آسٽريليا جي بزرگ عورت رات جو هڪ
ٻي جهاز ۾، قاهره گهمڻ جي خيال کان آئي آهي.
يڪدم پئسن بچائڻ جو خيال آيم- هڪ چٺي تي خرچ
زياده پوي ۽ ٻن تي ورهائجي وڃي. صبر کان ڪم
ورتم. اٽڪل ڏهين بجي صبح جو هوٽل جي لاج ۾
منهنجو ان عورت سان تعارف ٿيو. بي- او- اي- سي
جي آفيس، اسان جي گهمڻ جو انتظام ڪيو ۽ اسان
قاهره ڏانهن رخ رکيو.

هيليا پوليس پئلس هوٽل، قاهره جو هڪ وڏو ۽
مشهور هوٽل آهي. شهر جي مرڪز کان اٽڪل اٺ
ميل پري آهي، مگر سڄي واٽ رستي جي ٻنهي طرفن
کان خوبصورت جايون ۽ دڪان آهن. هوٽل جي جاء
هڪ بهترين مشرقي طرز تي تعمير ٿيل آهي. ان هوٽل
۾ پنجن يا ڇهن هوائي جهازن جي ڪمپنين جون آفيسون
هيون. جهازن جا هواباز سڀ آئي رهندا آهن. يورپي
مسافرن جو هڪ وڏو اڏو ڏسڻ ۾ آيو. هوٽل هڪ عاليشان
منزل تي آهي ۽ منجهس باغ ۽ ساوڪ هئي. هوٽل کي
ڪاڏي جا سٺا هال هئا. هوٽل کي قاهره جي مشهور
”رات جي ڪلب“ آهي. مطلب ته هن هوٽل کي پنهنجي
هڪ جدا دنيا هئي ۽ هتي رهندڙ، پنهنجو وقت ڪنهن
نه ڪنهن شغل ۾ بسر ڪري سگهيو. هتي شراب
جو هڪ وڏو مرڪز آهي، جنهن ۾ مصري، شام جو
اندازاً اچي ڪندا هئا. مصر جي عياش ۽ شاهوڪار
ماڻهن جي جاء آهي. هن هوٽل جي فضا مون کي اهڙي

لڳي جهڙي هندستان ۽ پاڪستان جي آزاديءَ کان
اڳ امپيريل هوٽل دهلي، يا بيدن هوٽـــل دهلي، يا
سيسل هوٽل دهلي، ۽ سملا يا فليٽي هوٽل لاهور، يا
پيون اهڙيون هوٽلون جن ۾ يورپي زياده ۽ مشرقي
ٿورا هوندا هئا. مگر انهن کي اعليٰ مهذب تسليم ڪيو
ويندو هو، ڇو ته انهن ۾ انگريز هئا، ۽ رقص وسرود
موجود هو. اتي مصري ملازمن جي پستي، غربـــت ۽
ذلت جي ڇاڻ پئي! اسان جي ملڪ مان هن هوٽل ۾
تمام ٿورا ماڻهو اچي رهندا آهن. الله تعاليٰ، هنن انسانن
کي شل يورپ جي سياسي، ۽ اخلاقي غلاميءَ کان
آزاد ڪري!

آءٌ توهان کي سير تي ٿي وٺي هليس، ته وري
اچي هوٽل جي ذڪر ۾ پياسون معاف ڪجو، اچو ته
گهمي هلون: اسين موٽر ۾ چڙهي ميليا پوليس روڊ
تان سڌو محمد علي روڊ، عبدالخالق روڊ، ۽ قاهره
اسٽيشن کان ٽيندا، نيل طرف هلياسين. قاهره جي
مشهور هوٽل شيپرڊ جي جاءِ ڏٺيسون جنهن کي ١٩٥٢ع
۾ جلائي تباهه ڪيو ويو آهي- شيپرڊ هوٽل سان به
قاهره جي عياشي وابسته آهي. اسين نيل دريا آڪرياسين.
عاليشان پليون ٻڌل هيون ۽ عجيب نظارو هو. چوڌاري
پيڙيون، موٽر پيڙيون ۽ ننڍيون ننڍيون لانچون هيون.
اسان کي نيل جو اهو نظارو ڏاڍو وڻيو. جڏهن ندي آڪري ٻئي
طرف ٿياسون ته هڪ چوراهي تي اسان زاغلول پاشا جو بت ڏٺو.

توهان کي خبر هوندي ته زاغلول پاشا مصر جي وفد
پارٽي قائم ڪئي هئي، ۽ پهريون شخص هو جنهن مصر
کي انگريزن کان ڇڏائڻ جو پهريون قدم کنيو. اسان
مصر جي پرامڊ ڏانهن رخ رکيو، ۽ اٽڪل هڪ
ڪلاڪ جي پنڌ کان پوءِ اتي پهتاسون.

مصر سچو پرامڊن سان پرديو پيو هو. هي پرامڊ
مصر جي فرعون بادشاهن جا ٺهيل آهن، جن پنهنجو
يادگار هن نموني ڇڏيو اهي. فرعون بادشاهن جا بت
هن ۾ بند هئا، جيڪي هن وقت ڪيائي قاهره جي
ميوزم ۾ رکيل آهن. پرامڊ هڪ پٿر جي عمارت آهي،
جنهن جون چار ڪنڊون زمين تي ۽ هڪ چوٽي جبل
وانگر آهي. وڏي ۾ وڏي پرامڊ زمين جي ڏهن ايڪڙن
تي ٺهيل آهي، ۽ اڍائي سو فوٽ زمين کان مٿي آهي.
حيرت اها ٿي ته ڪيئن ايڏا ڀاري پٿر هن نموني هن جاءِ تي
آندا ويا، ۽ ڪهڙي نموني اهي ايڏي اوچائي تي چاڙهيا
ويا! هي پرامڊ تقريباً ٽي هزار سال پراڻا آهن. ان زماني
جي ماڻهن ڪيترقدر انجنيري ڪمال حاصل ڪيو هو
ان جو اندازو هنن پرامڊ مان ٿي لڳو. اسان ٿي پرامڊ
ڏٺا، ۽ پوءِ اسفنڪس هڪ پٿر جو بت آهي جنهن جو
ڌڙ شينهن جو ۽ منهن انسان جو آهي. هن بت جي
شڪل مان فڪر، تعجب ۽ دنيا جي ڪار گذارين تي
خيال ڪندو رهيس. سفنڪس نشان آهي گهرائي ۽ بردباري
جو. يورپي تاريخ ۽ ادب ۾ اسفنڪس کي انسان جي بيبسي ۽

ڪمزوريءَ تي ڪلهه جو نشان تصور ڪيو ويو آهي. هن بت جي اکيان مصر جي گذشته ٽن هزار سالن جا انقلاب ٿيا آهن. انسانن جي حرڪتن ۽ انهن جي نتائج تي هو سوچ ۾ آهي، ۽ انهن جي عاقبت تي افسوس اٿس!

خير پرامڊ ۽ اسفنڪس ڪان موٽياسون، ۽ شهر ڏانهن ايندي قاهره جون تفريحي جايون ڏسندا آياسون. واٽ تي شاهه فاروق جون موٽرون نيلام ٿينديون ڏٺيون سون، ۽ شاهه فاروق جا محلات سرڪاري دفترن ۾ بدليل ڏٺاسون. محمد علي مسجد ڏٺي سون. مون کي الازهر جي مسجد ۽ جامع ڏسڻ جو تمام گهڻو شوق هو. اسين اوڏانهن وياسون. جامع ازهر، اسلامي دنيا ۾ فقه جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي آهي. منجهس سڄي دنيا جا شاگرد ديني تعليم وٺڻ ايندا آهن. حياتيءَ ۾ هن اداره متعلق ڪافي پڙهيو هئم، ۽ نيٺ اُتي وڃي پهتاسون:

جامع ۾ ٽي نيون جايون پٿر جون ٺهيل هيون، جن ۾ ڪاليجن وانگر هال، پڙهائي جا ڪلاس، امتحانن جا هال، اساتذه ۽ طلباءَ جي ويهڻ ۽ گفتگو جون جايون موجود هيون. ڪلاسن ۾ بنچون پيل هيون. ڪلاسن ۾ وڃي ڏٺم ته مُلا نما هڪ مدرس يا طالب به نه هو. ستر في صدي شاگرد ڏاڙهيءَ ڪوڙيا ۽ سوٽ بوٽ سان هئا. اٽڪل پنج في صديءَ کي مختصر ڏاڙهي ۽ باقي بيا ويهه في صدي اهڙي هئا جن ۾ ڏاڙهي ۽ مڇون ڪوڙيل به شامل هئا. جامع، قاهره جي هڪ

غريب ڪوارٽر ۾ قائم آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي صفائي نه هئي. جامع جي احاطه اندر آهي ٽي جايون پڻ جون جديد نموني ٺهيل هيون، مگر انهن ۾ به صفائي بلڪل نه هئي- ورانڊن ۾ پاڻي هاريو پيو هو ۽ ڦاٽل ڪاغذ ۽ اهڙي قسم جون شيون ڪلاسن ۽ ورانڊن ۾ پيل هيون. ڪي جايون اڃا پراڻيون هيون جن ڪي نهرائي جي تماري ۾ هئا، ۽ انهن جي جاءِ تي نيون عمارتن جي نهرائي جو ارادو ڏيڪاريئون ٿي. مون کي الازهر جي ٻاهرين فضا عليڳڙهه جي فضا جهڙي نظر آئي، ۽ اندروني فضا مغربي ۽ مشرقي فضائن جو اختلاط.

بي ڏينهن پاڪستان جي سفير مسٽر طيب حسين سان ملاقات ٿي. اها اسان جي سفارت، هوٽل کان اٽڪل ويهه ميل پري آهي، ۽ سفير صاحب مهرباني ڪري پنهنجي موٽر موڪلي ڏني هئي. اٽڪل ٻه ڪلاڪ گفتگو ڪندا رهياسون. ان دوران، محترم سيد علي محمد شاهه راشديءَ لاءِ دوستيءَ جو اظهار ڪيائين، ۽ آن جي تعريف ڪيائين. مون کي اليگزنڊريا هلڻ لاءِ چيائين. مگر نه وڃي سگهيس جو آچر ڏينهن پاڪستان ڏانهن نڪرڻو هو ۽ وقت اصل نه هو.

قاهره ٽي پونوچ سمنڊ حي ملڪن ۽ مشرق جي تهذيب جو هڪ گڏيل اثر آهي. مفلسي، غريبي ۽ عياشي انجي هر جڳهه گڏ ملنديون. قاهره ۾ دنيا جا مسافر اچن ٿا، جن کي خوش رکڻ ۽ انهن جي دل بهلائڻ

جا سمورا اسباب موجود آهن: مصرين جو لباس، انهن
جون رغبتون، انهن جي نظر ۾ سڀ ٻين جا آهن. قاهره
مصرين لاءِ پئسي ڪمائڻ جو اڏو آهي. قاهره جي
جي نائيٽ ڪلبن، ۽ تفريح گاهن کي ڏسي مون کي
مصرين جي انحطاط جو اندازو ٿيو. يورپ جي عريانين
کي اچي پهتا آهن! مون جيڪي وچ مشرق جي ملڪن
۾ ڏٺو، ان مان سمجهيم ته اسين انهن کان هزار بار
بهتر آهيون. الله تبارڪ شل اسان کي دماغي توازن
نصيب ڪري! اسان کي ڊپ ان وقت فقط آمريڪي
تهذيب کان هئڻ گهرجي، جنهن جو ذڪر توهان سان
وعدي موجب انشاء الله ڪندس...

توهان کي اها به خبر هجي، ته هن وقت مصر ۾
ڊڪٽيٽري راڄ آهي، ۽ اها ڊڪٽيٽرشپ ملٽريءَ جي
آهي. مون ڊڪٽيٽرن جا ٽي ملڪ ڏٺا: سريا، اسپين
۽ مصر. مون جيڪي ڪجهه ڏٺو، ان مان يقين ٿيم
ته اگر ڪنهن ملڪ تي خدا عذاب نازل ڪرڻ گهري
ته اهو ملٽري يا ڊڪٽيٽري ٿي ٿي سگهي ٿو. ملٽري
حڪومت، انسان مان انسانيت جون سڀ صلاحيتون
ڪڍي ڇڏي ٿي، ۽ انهن ۾ دانهن ڪوڪ جو مادو
نٿو رهي. باشندن مان جرات ۽ همت ناس ٿي وڃي ٿي.
ڊڪٽيٽري ملڪ ۾ سازش جو بنياد رهي ٿو. ڊڪٽيٽريءَ
۾ انسانن کي جان، مال ۽ عزت جو ڊپ هميشه
رهي ٿو.

خير، مصر جي سفر ڪافي سبق سيکاريو. الله تبارڪ شل هر ملڪ کي ملٽري حڪومت کان بچائي! منهنجو قاهره ۾ رهڻ جو وقت به اچي پورو ٿيو، ۽ آچر جي ڏينهن اڻويهين تاريخ صبح جو اٺين بجي مون کي ڪي. ايم. ايم جي بس وٺڻ آئي، ۽ آءٌ قاهره جي هوائي بندر تي پهتس. خبر ملي ته هوائي جهاز هڪ ڪلاڪ ليٽ آهي، مان ڪسٽمس کان جان آزاد ڪرائي اچي ريسٽورنٽ ۾ ويٺس، ۽ چانهه پيئڻ ۽ مکين جي مار ڪائڻ ۾ مصروف ٿيس. اسان جو جهاز جو هالنڊ کان اچي رهيو هو، سو هڪ ڪلاڪ ليٽ هو، اسين قاهره مان جهاز جي هڪ ڪلاڪ ترسڻ کان پوءِ ڏهين بجي نڪتاسون، ۽ بغداد ڏانهن رخ رکيوسون. ڪانسٽيليشن هوائي جهاز پندرهن هزار فوٽن تي اڏامي رهيو هو، ۽ هي سفر جو مون ڪراچي ڇڏڻ وقت رات جو ڪيو هو، سو هاڻي ڏينهن جو ڪري رهيو هوس. مون کي جهاز ۾ سيد عمربهاالاميري مليو جو پاڪستان ۾ سريا جو سفير هو، ۽ هاڻي جلاوطن جي زندگي گذاري رهيو آهي. منهنجو پراڻو واقف هو، ۽ بغداد تائين ڪافي مزيدار گفتگو ٿيندي رهي. هڏايائين ته هاڻي سندس مستقل رهائش عراق ۾ آهي- سيد الاميري ۽ جهڙو مقرر مون ورلي ڏٺو هوندو، سندس بلاغت عرب ملڪن ۾ مشهور آهي. ڇو ته اخوان المسلمين جو ڪارڪن هو، ان ڪري هينئر جلاوطن آهي. سريا ۾ ڊڪٽيٽري راڄ آهي. اسين ٽن ڪلاڪن ۽ ٻارنهن منٽن کان پوءِ بغداد

پھتاسون. جھاز کي ٽي دفعا شهر مٿان ڦيرايو ويو، ۽
اسان اتان بغداد جو نظارو ڏٺو. ڇا دلچسپ نظارو هو!
جھاز ۾، اسان کي هيٺ زمين جي گرميءَ جو اندازو نه
لڳو پر هيٺ لهڻ شرط گرميءَ کي محسوس ڪيوسين.
جھاز ۾ هوا ستر ڊگري تي هئي، جڏهن جھاز مان هوائي
اڏي تي آياسين نه سؤ سورهن ڊگرين جي طوفاني هوا
لڳي رهي هئي. توبهه! بيهوش ڪري ڇڏيائين. هڪ
ڪلاڪ کان پوءِ اسان بغداد ڇڏيو ۽ ڪراچيءَ
ڏانهن رخ رکيو. پورن ڇهن ڪلاڪن ۽ پندرهن منٽن
کان پوءِ ڪراچيءَ پھتاسون، ۽ جھاز مان لهڻ سان
الله تبارڪ جو شڪر ڪيم. ڪيترا دوست ۽ شاگرد
ملڻ آيا هئا ۽ واپس وطن اچڻ جي خوشيءَ ۾ اکيون
ڀائيءَ سان پرجي آيون. عزيزن، دوستن ۽ شاگردن
هيءَ اچڻ جي مهرباني ڪئي هئي.

آءٌ اوڻيهين جنوريءَ تي ٻارهين بجي رات جو
ڪراچيءَ مان نڪتو هوس ۽ اوڻيهين جولاءِ تي ساڍي
ٻارهين بجي رات جو واپس ڪراچيءَ پھتو هوس. هن
دوران سترهن ملڪ ڏٺم. ڇهاسي ڪلاڪ هوائي جھاز
رستي سفر ڪيم ۽ جن جي سراسري رفتار اٽڪل ٽن
سون ميلن جي رهي، ٻارهن هزار ميل ريل رستي سفر
ڪيم، ۽ ان کان سواءِ موٽر رستي. اتر آمريڪا جا
ميڪسيڪو کان سواءِ ٽي ملڪ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جا
ڏٺم. مغربي يورپ جا سڀ ملڪ- فنلنڊ، اسپين ۽ اٽليءَ ناٿين ڏٺم،

۽ وچ مشرق جا ٽي ماڪ ڏٺم. الله تبارڪ جو شڪر ڪيم جنهن هيءُ موقعو نصيب ڪيو.

مون کي معاف ڪندا جو هي خط ديرسان لکيو اٿم. مگر جيڪڏهن اوهين ڪاليج جا پرنسپال هجو ته خبر پوندوَ. اسان غريبن جي حياتي سواءِ ڪجهه ڪلاڪن جي ننڊ جي. ٻي سموري ڇوڪرن جي مسئلن ۾ صرف ٿئي ٿي. هنن کي الله تبارڪ ايتري طاقت، ۽ حرڪت ۽ جوش عطا فرمايو آهي جو ڇهن سان وڏهن اصل نه ڏيڻ وارا آهن، مگر خدا ٿو چاهي، ته هن سفر ۾ ڪين ڏاڍو ٿي ياد ڪيم. زندگي ايتريقدر ساڻن گڏ گذري ٿي، جو ٿورو به، ڪاڻ ڏار ٿيڻ تي بي آرامي ونيو وڃي. وري پاڻ کي انهن جي وچ ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ٿئي!

[الوحيد، ٢٩- آگسٽ ١٩٥٢ع.]

ضميمو

يونيورسٽيون ۽ اُن جي اساتذه
جا حقوق ۽ جوابداريون

هي مضمون اُن بيان جو ترجمو آهي جو آمريڪا ۽ ڪئينڊا جي سڀني يونيورسٽين جي انسوسئيشن طرفان ڪيو ويو آهي. هن انسوسئيشن جو صدر 'ييل يونيورسٽي' جو وائس چانسلر آهي. هون اڳي لکيو آهي ته هن وقت آمريڪا ۾ دماغي سمجهه موجود آهي. حالات جي مد نظر آمريڪا ۽ ڪئينڊا جي وڏن دماغن، هن قسم جي بيان جي ضرورت محسوس ڪئي آهي. هن بيان ۾ يونيورسٽي، يونيورسٽيءَ جي تعليم، اساتذه ۽ طلباء جي تعلقات ۽ ربط تي گهري نظر وڌي وئي آهي. اسان لاءِ هن بيان ۾ ڪافي سبق آهي. خدا ڪري اسان جي بزرگن کي سمجهه ڏي جو اسان جي تعليم جي معيار کي بلند ڪن. پر خدا جاڻي ته ڪو هن مضمون کي الاجي ڪهڙا پڙهندا!

— سيد غلام مصطفيٰ

(١)

آمريڪي زندگيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي اهميت

يونيورسٽيءَ جو تخيّل جڏهن يورپ مان آمريڪا ۾ آيو تڏهن اُن جي حقيقي نشوونما آمريڪا ۾ ٿي ۽ هڪ غيرمعمولي رفتار سان سڄي ملڪ تي اثر ڪيائين. اڄ يونيورسٽيون، اسان جي سموري تعليمي نظام جون علم بردار آهن. اسان جي زندگي جي هر پهلوءَ جو مدار انهن تي آهي. اسان جي علم ۽ فن جي ڪمالات جو بنياد يونيورسٽيءَ تي آهي. يونيورسٽيءَ جي تعليم يافته انسانن، جنگ و امن جي زندگيءَ ۾ اعليٰ ۽ افضل حصو ورتو آهي ۽ هزارها تعليمي ماهر ۽ تعليم يافته انسان، اڄ اسان جي ملڪ جي رهبري ڪن ٿا. جنگ ۽ امن جي هر امتحان ۾ هنن ملڪ جي ترقي ۽ بهتريءَ لاءِ پنهنجي پنهنجي چيز پيش ڪئي آهي.

يورپ جي يونيورسٽين جي مقابلي ۾ آمريڪي يونيورسٽين، ملڪ جي اندروني ۽ بيروني ضروريات کي پوري ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. اِنهن يونيورسٽين ۽ ڪاليجن اسان جي باشندن ۾ آهي صلاحيتون پيدا ڪيون آهن جيڪي هڪ وڏي ۽ وڌندڙ ملڪ لاءِ لازمي آهن. اِنهن آمريڪا جي قوم کي واحد قوم بڻائڻ ۾ وڏو حصو ورتو آهي آمريڪا جا نظريا طاقتور آهن ۽ اُنهن مغرب جي سڄي تهذيب کي وسيع ۽ شاهوڪار بڻايو آهي. اسان جي تدريس ۾ اسان جي مثال مان دنيا سبق حاصل ڪيا آهن.

(۲)

يونيورسٽيءَ جي ماهيت

علم جو حاصل ڪرڻ ۽ اُن جي ترقي انساني فطرت جي تقاضا آهي. اِنڪري هر انسان ۾ علم جو جذبو موجود آهي. پر علم جي جستجو هر انسان پنهنجي خيال سان ڪندو آهي. انسانن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ تعليم وٺڻ جون صلاحيتون يڪسان نه آهن پر عاحده علحده نمونې موجود آهن. تاريخ ۾ اسان کي اهي فرد ملندا، جن انسانن جي حياتيءَ ۾ علم کي ترقي ڏني، ۽ جن اهي وسائل پيدا ڪيا، جن سان علمي ۽ فني ترقي برقرار رکي سگهجي ٿي. تاريخ، عالمن، استادن ۽ شاگردن کي ڪشش ڪئي ۽ چند استادن ۽ شاگردن جي گروهن، يونيورسٽيءَ جا ابتدائي نظريا ۽ مثال قائم ڪيا.

هن وقت يونيورسٽيون انهن استادن ۽ شاگردن جي گروهن مان بدلجي هڪ عجيب اهميت کي پهتيون آهن. يونيورسٽين جو نظام هڪ عجيب ڪمال تي پهتو آهي. يونيورسٽيون يقيناً ڪارخانا نه آهن جن ۾ خريد ۽ فروخت لاءِ شيون پيدا ڪيون وڃن ٿيون. يونيورسٽيءَ جو نظام، اُن جو طرز عمل ۽ اُن جو طريقه ڪار هڪ واپاري يا هنري نظام کان بلڪل علحده آهي. يونيورسٽيءَ جو نظام، جبر ۽ تنگ نظريءَ کان پري آهي ۽ اُن ۾ واپاري نظام وارا طبقا موجود

نہ آهن. يونيورسٽيءَ جا ڪارڪن بنيادي ۽ اُصولي نقطہء نظر کان هڪجهڙا ۽ يڪسان آهن. يونيورسٽي، درجہ بندي کان خالي آهي.

آمريڪي يونيورسٽي، عالمن ۽ ماهرن جي مجلس آهي. انهن جي اهميت، عالم يا استاد جي حالت ۾ هيءَ آهي تہ هو پنهنجون علمي ڪارروايون ۽ مضمون هڪٻئي جي مدد ۾ استعمال ڪن ۽ ان سان گڏ پنهنجون انفرادي علمي يا فني ڪوششون بہ جاري رکن ۽ ٻين کي فيضياب بڻائين. هنن عالمن ۽ استادن جو اتحاد علمي ڪوششن لاءِ ضروري آهي. هنن ۾ علمي نظرين لاءِ شناس آهي، هنن ۾ اخلاقي نظرين لاءِ قدر آهي ۽ هنن ۾ ملڪ ۽ حڪومت جي نظام لاءِ عزت آهي. هو ڌار ڌار علوم ۽ فنون ۾ دلچسپي رکن ٿا ۽ هو هر قسم جا نظريا پيش ڪن ٿا ۽ بلڪ هر شعبہء تعليم ۾ علم جي ڌار ڌار نظرين ۾ ماهر ملندا، جن جون دلچسپيون ۽ خيال، علحده علحده هوندا. انفرادي جدوجهد علمي ڪوششن ۽ ڪاميابي لاءِ اهڙي ضروري آهي، جهڙي اقتصادي حياتيءَ لاءِ.

(۳)

نڪتہچيني ضروري آهي

انهن سببن ڪري يونيورسٽيءَ لاءِ ضروري آهي تہ نہ صرف ڌار ڌار مگر متضاد نظرين ۽ ڪمالات وارا انسان ان ۾ رهن. هنن جون ڀاڱي ۾ ڇنڊڇاڻون،

حق ۽ سچ کي پروڙڻ ۽ برقرار رکڻ ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون: يونيورسٽيءَ جو روح تجسس، تنقيد ۽ نظرين کي وسيع بنائڻ ۾ آهي. يونيورسٽيءَ جي دنيا آزاديءَ ۽ دلي همدرديءَ جي دنيا آهي. اهو آهي صحيح يونيورسٽيءَ جو علمي نظريو.

يونيورسٽيءَ جي مقاصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهو بلڪل ضروري آهي ته يونيورسٽيءَ جي اساتذه کي مڪمل آزادي راءِ هجي ۽ اها آزادي نه صرف يونيورسٽيءَ جي منتظمين کان هجي مگر انهيءَ آزاديءَ جي روح جي خبر عوام کي به هجي. يونيورسٽيءَ جي اساتذه کي ڪنهن به طرح ڪنهن خاص يا مقرر ڪيل فضا ۾ جڪڙڻ جو مطلب اهو آهي ته تعليم کي سندس ابتدا ۾ ئي ختم ڪيو وڃي؛ اساتذه تي انفراديءَ طرح ڪي به شرط مڙهڻ يا انهن کي شڪوڪ سان ڏسڻ جو مطلب آهي ته علم جي اشاعت ۽ ڦهلاءَ کي ختم ڪيو وڃي.

انهن سببن ڪري، يونيورسٽي کن به زير مباحثه يا زير تنقيد مسئلن يا سياسي سوالن يا ملڪي معاملن تي مجموعي طرح يا سرڪاري طرح ڪابه راءِ يا نظريو اساتذه تي لاحق نٿي ڪري. اساتذه، يونيورسٽيءَ جي منتظمين جي نظرين کان آزاد هئڻ کپن. يونيورسٽي ڪنهن به طرح نظرين ۾ جبر کان ڪم نٿي وٺي. جبر جو عدم استعمال، نه صرف يونيورسٽيءَ لاءِ بذات خود بهتر آهي بلڪ اهو ملڪ ۽ عوام لاءِ به

بهتر آهي . هنن مان هي فائدو آهي ته : يونيورسٽي
جي اساتذه جي ڪوشش جو نتيجو ملڪ جي مجموعي
زندگيءَ جي بهتري سبب آهي. هر اُستاد کي هر ممڪن
طرح آزادي حاصل آهي ۽ هر ممڪن همت افزائي جو
حق آهي- جيئن هو ماضيءَ جي علم کي برقرار رکي
۽ حال ۾ علم کي وڌائي ۽ اُن ۾ اضافو ڪري. هن
قسم جي فضا ۾ جدوجهد، زياده کان زياده نموني ۾
قوم لاءِ مفيد ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح شاگرد ۽
اُستاد لاءِ سچي علم ۽ ڪمالات جا دروازا کليل آهن
۽ شاگردن کي انهن ڪمالات جي علم ۾ حصي وٺڻ
جو حق آهي. نه صرف ايترو بلڪ شاگردن لاءِ هر ڪا
سهولت پيدا ڪئي وڃي ٿي- جيئن هن جي عقل ۽
فهم ۾ اضافو ٿئي. شاگردن ۾ به طاقتون پيدا ٿين
گهرجن : هڪ سمجهدار ۽ مدبرانا فيصلي جي، ۽ ٻي علم
جي ذي شعور استعمال جي. ان طريقي سان علم ۽
تعليم جون اعليٰ برڪتون، وطنيت ۽ انسانيت جي فائدي
جون باعث ٿين ٿيون. هڪ آزاد معاشره ۾ هن فضا
جو قائم ٿيڻ ضروري آهي.

يونيورسٽيءَ جي اساتذه جو اهو اخلاقي ۽ علمي
فرض آهي ته هو مختلف نظرين تي سوچين، اُنهن جو
مطالع ڪن، اُنهن جي ڪارگر يا مضر ٿيڻ کي ڏسن،
انهن تي تنقيد ڪن ۽ اُنهن کي نئين ماحول ۽ زندگيءَ
جي گهرجن مطابق نئين شڪل ڏين. استادن جو فرض آهي
ته هنن نظرين مطابق؛ يونيورسٽيءَ جي نظام ۾ جيڪڏهن

ڪجھ چڱائي آهي نہ اُن جي همت افزائي ڪن، ۽ ان ۾
ڪجھ نقصان ڏسن تہ ان کان آگاهہ ڪن. انهيءَ
قسم جي جستجو فقط مادي دنيا تائين محدود نہ آهي.
ڇُونڪ اڄڪلھ اسين ڏسو ٿا تہ اخلاقي، سياسي ۽
معاشرتي ترقي اُن رفتار تي نہ پهتي آهي جنهن رفتار
سان مادي دنيا جي ترقي ٿي آهي. انڪري اهو
اجا بہ ضروري آهي تہ اسين انهيءَ علمي ۽ اخلاقي دنيا
جي ترقي لاءِ زياده غور و خوض کان ڪم وٺون،
اُنهن تي دقيق نظر وجهون، اُنهن کي شديد تنقيد
هيٺ آڻيون ۽ نئين ترتيب ڏيون.

هڪ اُستاد جي جدوجهد جو اهو عين مقصد آهي
تہ هو غير تسليم شده يا عوام ۾ غير مقبول نظرين تي
زياده ڌيان ڪري ۽ اُن جي ماهيت کي سمجهي. ڇُونڪ
هڪ نظريو، جو اجا عوام ۾ مقبول نہ آهي، تہ اهو ڪو
انهيءَ جي بيڪار هجڻ جو ثبوت نہ آهي. جهڙيءَ طرح
هڪ مهلڪ مرض يا جنگ ۾ دشمن جي فوجي طاقت
کي سمجهڻ ۽ مطالع ڪرڻ ۽ اُنهيءَ پٽاندڙ منهن ڏيڻ
ضروري آهي، اهڙيءَ طرح نظريا اگر خراب آهن تہ
اُنهن کان بہ آمن حاصل ڪرڻو آهي. اهو اساتذه جو
فرض آهي تہ جڏهن ڪين ڪجھ سچ چوڻو هجي تہ
چئي ڏين. اساتذه ۾ بزدلي وڏي ڪمزوري آهي.
عقلي ۽ دماغي ڪاهلين ۾ اساتذه کي چپ رهڻ جو
ڪوبہ حق نہ آهي ۽ خاص طرح جڏهن اهو چپ رهڻ،
فقط عوام جي غير تسليم شده نظرين جي ڊپ کان پيدا

ٿيو هجي. دنيا جي ترقيءَ جو راز هن ۾ رهيو آهي، تہ سچ کي هميشہ ترجيح ڏني وئي آهي ۽ ڪهڙي بہ سخت يا خوشگوار وقت ۾ حق گو انسانن سچ چوڻ کان نہ ڪيٻايو آهي. تاريخ شاهد آهي تہ حق کي هزارها دفعا باطل جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي. عاقلن جو فرض آهي تہ هو عوام جي واهيات نظرين ۽ توهمات جو شڪار نہ ٿين مگر عقل ۽ جرات کان ڪم وٺي ۽ آن جو مقابلو ڪن.

جيڪي أصول، تجسس ۽ ايجاد لاءِ ضروري آهن آهي تدريس لاءِ بہ ضروري آهن. تدريس جي وقت پنهنجي شاگردن اڳيان اُستاد کي هر ڪو حق آهي، تہ هو بنان ڊپ ۽ حجاب جي، جرات سان، نظريات جي ثبوت يا انحرافيءَ ۾ گفتگو ڪري. يونيورسٽيءَ جي شاگردن جو اهو حق آهي تہ ڪين علمي نقطءِ نظر کان مسائل جي موافقت ۽ مخالفت کان واقف ڪيو وڃي. هنن جي، اڳيان نظريات ڪلي طرح پيش ڪرڻ گهرجن ۽ کين آزاد ڇڏيو وڃي تہ هو اُنهن تي سوچي، پنهنجي عقل ۽ فهم مطابق اُنهن کي قبول ڪن يا ڇڏي ڏين. هر استاد جو فرض آهي تہ هڪ نظريي کي مخلصانہ نموني پيش ڪري ۽ ڪنهن بہ غير عقلي يا بيبقا اثر هيٺ اچي، ان نظريي جي جوڙ توڙ ۾ منهمڪ نہ ٿئي. نہ صرف ايترو بلڪ اهو بہ اُستاد جو فرض آهي تہ قائم ڪيل نظريا، ڪلي دل ۽ آزاديءَ سان شاگردن اڳيان پيش ڪري ۽ انهيءَ

لاءِ عقلي دليل ڏئي. تدريس ۾ فقط هو هنن ڳالهين جو خيال ڪري ته ڪنهن به طرح مدنيت جا نظريات يا پنهنجي اعليٰ پيشي جا نظريات نظرانداز نه ڪري. هنن حدن اندر هن کي هر ڪو حق آهي ته سندن همت افزائي ڪئي وڃي ۽ کين غلط حرڪتن کان بچايو وڃي. اساتذه جي مدد يونيورسٽيءَ جو فرض آهي. يونيورسٽيءَ کي به جرات کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ حق جي اشاعت ۾ ڪنهن به رڪاوٽ کي ڪابه شئي نه سمجهي. اساتذه ۽ تدريس کي ڪنهن به طرح جڪڙڻ، معنيٰ علمي ۽ عقلي ڳالهين جو خون!

اگر اسان جي يونيورسٽين ۾ هي ڪمزوريون پيدا ٿيون ته هن مان اسان جي قوم کي، اسان جي حڪومت کي ۽ اسان جي تهذيب جي سڀني نظرين ۽ سڄي نظام کي، نقصان رسندو ۽ اسين ترقيءَ جي راه کان ڦري، تنزل ڏانهن وڌنداسون.

(٤)

يونيورسٽي جي اُستادن جون جوابداريون ۽ فرض

اسان کي اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته مخاص انسان جدا جدا راءِ رکي سگهن ٿا ۽ رکن ٿا. هي بنيادي اُصول، اسان جي انفرادي حقوق ۽ آزادي جو سرچشمو آهي. اسان جي قانوني حقائق جو مقصد اهو رهيو آهي ته ڏسون ته يونيورسٽين سان هي اصول ڪيترو تعلق رکي ٿو. قانون جي نظر ۾ هڪ اُستاد ۽ ملڪ جي عام

باشندي ۾ ڪوبه تفاوت نه آهي. مگر ان سان گڏ قوم، اساتذه جي علمي خدمتن ڪري، قومي معاشره ۾، وڏو درجو ڏئي ٿي. اساتذه هر ڪنهن عزت جا حقدار آهن. يونيورسٽي هڪ خاص ماحول پيدا ڪري ٿي ۽ استاد جي وقعت کي وڏيڪ مضبوط ڪري ٿي. يونيورسٽي، استاد جي آواز کي آزاد ۽ بلند ڪري ٿي. جڏهن اساتذه، عام مروج نظريا غلط محسوس ڪن ٿا ۽ انهن جي خلاف آواز بلند ڪن ٿا ته اهو يونيورسٽيءَ جو فرض آهي ته هن حق گوئي ۾ هنن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهي ۽ اساتذه کي ڪن شرير طاقتن جو شڪار نه ٿيڻ ڏي. مدرسن جي آزادي، پيشن جي آزاديءَ کان هزار درجا بلند تخيل جي آهي. پين پيشن جي آزاديءَ لاءِ اساتذه جي آزادي ضروري آهي. اساتذه کي مفلسي ۽ روزمره جي پريشانيءَ کان آزاد رکڻ گهرجي، هنن جي لوازمات جو ڪافي خيال رکيو وڃي ۽ هنن جي زندگيءَ کي عام ضروريات جي شدت کان بچايو وڃي. جهڙيءَ طرح ججن کي ڪي حقوق حاصل آهن، اهڙي طرح اساتذه لاءِ به اقتصادي ۽ سياسي آزادي هجي، جنهن ۾ هو علمي ۽ اخلاقي نظريات هيٺ، قوم جي صحيح رهبري ڪري سگهن ۽ علم جي خدمت ڪندا رهن.

هڪ حد اچي ٿي جتي آزادي ۽ حقوق، قانوني فرض ۽ جوابداريون اچي ملن ٿا. هن حد مقرر ڪرڻ جو فرض عدالتن ۽ قانون ساز مجلس کي آهي. قانون

جي تشريح ڪرڻ جو حق، چوڏهين ترميم مطابق: آمريڪي فيڊرل ڪورٽ کي حاصل آهي. مگر هر هڪ قومي عملدار جو، سندس عهدي جي حلف مطابق فرض آهي، ته قانوني مليل آزاديءَ جي عزت ڪري. هن قسم جي قانوني آزاديءَ جون حدون تسليم ڪرڻ هڪ انسان يا انسانن جي ڪنهن گروهه يا عام جي وس کان ٻاهر آهن. هنن حدن جو مقرر ڪرڻ يا قيراڻ جو حق، فقط عدالتن ۽ قانون ساز مجلسن کي آهي. ماضيءَ ۾ اهان ڏنو آهي ته هنن حدن کي، مسائل ۽ امور جي تقاضائن ۽ قومي نظريات جي مدنظر ڏي ترتيب ڏني پئي وئي آهي. هنن حدن جي مقرر ڪرڻ يا هٽائڻ لاءِ عوام احتجاج ڪري سگهي ٿو، مگر آن جو غلط هٿ ڪنهن کي به حق نٿو ڏئي ته انهن کي ٽوڙي يا پيچي. قانون ۽ حدود جي ڀڃڪڙي سزا جو مستحق بنائي ٿي. قانوني حدود لاءِ عزت، انسانيت ۽ قوميت جو اولين اصول آهي. اهڙي طرح متجاوز استاد کي به، عمليءَ طرح حدود کان ٻاهر وڃڻ ڪري، سزا جو مستحق بنائي ٿي. قانوني حدود جي عزت، استاد تي به آهي قول ۽ فعل ۾ قانوني حدن کان ٻاهر نڪرڻ ڪري، استاد ڪنهن به قانوني سزا کان ڇٽي نٿو سگهي، غيرقانوني حرڪتون سندس يونيورسٽيءَ سان تعلق ختم ڪري سگهن ٿيون.

مگر اهو ياد رکڻ گهرجي ته اهو تاريخي ثبوت آهي ته انسانيت جي علم ۽ فڪر جو معيار يونيورسٽي

۽ اُستاد رکن ٿا. هنن کي ٻاهرين معيار جي اثر کان بچايو وڃي ۽ اُنهن جي فعلن کي بچائي قائم رکيو وڃي. هر اُستاد جو فرض آهي ته پنهنجي عزت پاڻ رکي ۽ وڌائي. عملي دنيا ۾ ذرا خيال سان هلي. ممڪن آهي ته سندس قول ۽ فعل غيرقانوني هجي ۽ ان فعل جو نتيجو ممڪن آهي ته هي نڪري ته سندس ذاتي عزت، سندس پيشو، يونيورسٽي ۽ عام تعليم کي نقصان نه رسائي.

اُستاد تي اها اخلاقي جوابداري آهي ته هو پنهنجي قائم ڪيل نظريي تي سوچي ۽ اُنهيءَ جي سچ کي پروڙي. اهو به سندس فرض آهي ته جنهن نموني هو پنهنجي خيال جو اظهار ڪري، اهو باڪمال، بااخلاق ۽ برجسته هجي. جيڪڏهن ڪنهن استاد ۾ اهو احساس آهي ته ممڪن آهي ته هو غلط به هجي ۽ سندس قائم ڪيل نظريي جي خلاف راءِ هجي، ته يقين آهي ته هي احساس، سندس علم ۽ اثر ۾ اضافو ڪري. استاد کي اهو به احساس هئڻ گهرجي ته سواءِ ان شعبي جي جنهن ۾ هو ماهر آهي، کيس ٻين شعبن ۾ به ڪي قدر ڪمال هئڻ گهرجي. استاد کي اهو به احساس هئڻ گهرجي ته يونيورسٽيءَ کان ٻاهر يا يونيورسٽيءَ جي اندر، ٻين کي به حق آهي ته سندس نظريات تي نڪته‌چيني ڪن. جيئن هو ٻين جي خيالن تي نڪته‌چيني ڪري ٿو. تدريسي آزادي جو مطلب اهو نه آهي ته ٻين کي سوالن پڇڻ جو ڪو حق نه آهي.

هر نظام ۾ اِها اُصولي ڳالهہ آهي تہ منجهس چند اخلاقي فرض موجود آهن پر اهي ڪنهن قانوني ترتيب ۾ نہ آيا هجن. قانون کان ٻاهر غيرتحرير شده مگر تسليم شده فرائض پيدا ٿين ٿا. ان کان سواءِ اُستاد جو فرض آهي تہ هن کي ٻين اُستادن ۾ اعتماد هجي ۽ هر اُنهيءَ حرڪت کان باز اچي جا شرارت جي اثر هيٺ هجي يا بداخلاقيءَ سان لاحق هجي. استاد کي گهرجي تہ علم جي عزت ڪري. جڏهن اِها تقاضا ڪئي وڃي تہ هو پنهنجي خيالن جي تشريح ڪري تہ هن کي اها تشريح بلاخوف ڪرڻ گهرجي. اهڙي تشريح کان انڪار ڪرڻ معنيٰ پنهنجي پيشي تي عتاب آڻڻ. خاص طرح اهو تدريسي پيشو، جيڪو پنهنجي واسطي هر قسم جي آزادي جي دعويٰ ڪري ٿو، ۽ سلب آزاديءَ خلاف مدد لاءِ پڪاري ٿو. هن صورت ۾ پنجين ترميم، هر استاد تي اهو فرض لاحق ڪري ٿي، هو پنهنجي تدريسي صلاحيت جو ثبوت ڏئي ۽ هر يونيورسٽيءَ تي اهو فرض آهي تہ يونيورسٽيءَ ۾ هن استاد جي موجودگيءَ تي نظرثاني ڪري.

هر ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ اساتذه وڏو اثر رکن ٿا. يونيورسٽي، اساتذه ۽ علم رکندڙ انسانن جو هڪ مجموعو آهي ۽ نہ سياستدانن جو. جيتريقدر هنن جو يونيورسٽيءَ جي ڪاروبار ۾ اثر آهي، اوتريقدر هنن جي جوابداري عوام ۽ قوم لاءِ وڌيڪ آهي. اُستادن کي گهرجي تہ هڪ نئين استاد جي تقرري يا اضافي ۾ بلند

معيار کان ڪم وٺن ۽ صحيح عقل سان فيصلو ڪن.
يونيورسٽيءَ جي اساتذه تي فرض آهي ته هو هرهڪ استاد کي يونيورسٽيءَ جي قومي، اخلاقي ۽ علمي فرائض جي اثر هيٺ رکن ۽ جيڪڏهن ڪو استاد آن معيار کان ڪِري ته ان کي تنبيهه ڪن.

يونيورسٽيون، مجلسي قانون يا راءِ عام مان پيدا ٿين ٿيون. حڪومت جون يونيورسٽيون، آئيني يا مجلسي قانون هيٺ اُهن ٿيون ۽ ٻيون يونيورسٽيون. عام اوقاف مان هلن ٿيون، انڪري حڪومت جي اثر کان ڪافي دور آهن. حڪومت جي يونيورسٽيءَ جو نظام عام خزاني مان هلي ٿو ۽ عام اوقاف مان هلندڙ يونيورسٽيءَ کي حڪومت کان سهولتون مليل هونديون آهن. مثلاً انهن جي آمدني جا وسائل ڪن ٽئڪسن کان بري آهن. اهڙي قسم جون سهولتون يونيورسٽيءَ تي مهرباني نه آهن مگر قوم جي بهتريءَ لاءِ قرار ڏنل آهن. اهي سهولتون يونيورسٽي جي اساتذه لاءِ يونيورسٽيءَ جي نظام جي مدِنظر رهن ٿيون. قانون ساز مجلسن کي حق آهي ته وقت بوقت هنن مليل سهولتن جي نقصان ۽ فائدي تي سوچين ۽ آهن کي وڌائين يا گهٽائين.
يونيورسٽين جي منتظمين جو فرض آهي ته حڪومت سان هنن اِسڪلن ۾ پورو پورو تعاون ڪن.
جيڪڏهن قانوني مجلس جي بداخلاقيءَ يا نااهليءَ يا تنگ خيالي يا ڪم عقليءَ ۽ ناتجربڪاريءَ ڪري، ڪي غلط حالتون پيدا ٿين ٿيون ته يونيورسٽيءَ کي

گهرجي ته ڪڏهن به تعاون ختم نه ڪري، مگر انهن فيصلن خلاف، عوام ۽ خاص طرح سمجهدار طبقن جي مدد گهري ۽ اهڙيءَ طرح قانون ساز مجلس جي غلطين کي منهن ڏئي.

(٥)

حال ۾ پيدا ٿيندڙ خطرات

اسان يونيورسٽيءَ جي ماهيت ۽ آن جي فرائض جو ذڪر ڪيو آهي. اسان يونيورسٽيءَ ۾ اساتذه جي فرائض ۽ لوازمات جو پڻ بيان ڪيو آهي. هاڻي ڏسون ته حال ۾ پيدا ٿيل حالتون جيڪي خاص طرح ڪميونزم جي زيراثر آهن يا ان جي دٻپ وچان شروع ڪيون ويون آهن، اهي ڪيتريقدر صحيح آهن.

اسين ڪميونزم کي اهڙي نفرت سان ٿا ڏسون، جهڙيءَ طرح ڪا واحد پارٽي غلبي وارن کي نفرت سان ڏسندي آهي. اسين اقرار ڪيون ٿا ته دنيا ۾ اهڙيون حرڪتون هلن ٿيون جيڪي اسان جي نظام ۽ اجتماعي زندگيءَ کي نقصان پهچائڻ لاءِ تيار آهن. جبر جي حڪومت، اسان جي يونيورسٽين ۾، اسان جي حڪومت جي تخيل جو موت آڻي ٿي. ٻي خاص اصول هرطرح سان اسين نفرت سان ڏسون ٿا: هڪ بين الاقوامي انقلاب، جنهن جو مقصد هجي جبر ۽ شدت سان حڪومت جو هٿ ڪرڻ، ٻيون ڪوڙ ۽ ٺڳي، جا عام ۽ اصولي طرح ماڻهوءَ کي اثر هيٺ رکڻ ۾ استعمال ڪئي وڃي،

تي، ۽ ٿيون انسانن جي دماغن تي قبضو ڪرڻ، جنهنڪري هر اُصول جو مجھ يا هلائڻ، هڪ پارٽيءَ جي خيالن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هجي. هنن ڏٺن حالتن ۾ ڪوبه عالم يا استاد يا ماهر فن، علم کي وسيع نه بڻائي سگهندو ۽ نه هن کي ڪو آزاد موقعو ملندو ته جستجو ڪري ۽ حق جي طرف جدوجهد جاري رکي.

يونيورسٽيءَ ۾ تقرر يا تقرريءَ کان پوءِ ان ۾ ٽڪي رهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته پيشي جي مهارت هجي، مگر ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته عالم ۽ استاد کي قوم جي حقوق ۽ بهتريءَ ۾ پورو پورو ايمان هجي. استاد جو اعليٰ اصول ۽ نظريو، صداقت، بلند خيالي ۽ آزاديءَ تي مبني هجي. هنن اصولن جو هجڻ، رشيا جي حڪومت سان همدردي رکڻ کي ناممڪن ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو انسان هن حالت ۾ به رشيا جا اُصول قبول ڪري ٿو ته هن کي يونيورسٽيءَ ۾ ڪابه جاءِ نه هئڻ گهرجي. ڇونڪ هن وقت ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبريءَ جو مطلب آهي رشيا جي حڪومت جا اصول مڃڻ ۽ قائم ڪرڻ، ته اهڙي ميمبري، يونيورسٽيءَ کان لازمي خارج ڪري ٿي. جيڪڏهين ڪو استاد ڪميونزم جو حامي آهي ۽ ڪميونزم جي عمل کي بهتر سمجهي ٿو ۽ اها ڪوشش ڪري ٿو ته ڪميونزم وڌي ۽ پختي ٿئي، ته هو ڄڻ هڪ تخيل کي ترجيح ڏئي ٿو، ۽ ان پارٽيءَ

۾ شمار ٿئي ٿو. ڪوبه نڪتچيني برداشت نٿي ڪري ۽ ڪنهن به طرح سوالن جي جوابن کان ڪيٻائي ٿو نه هو ان وقت يونيورسٽيءَ جي مدد جو مستحق نه آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو وجود مضر پائي ٿو.

تدريسي آزادي ڪنهن به طرح سان قانون جي ڀڃڪڙيءَ جي نتائج کان نٿي بچائي. يونيورسٽيءَ کي گهرجي، ته قانوني عملدارن سان هرقسم جو تعاون ڪري ۽ قانون ڀڃندڙن کي سزا ڏيڻ ۾ مدد ڪري. هڪ آمريڪي جي قبول ڪيل اصول جي ماتحت، اهڙن انسانن کي ڪڏهن به مجرم نه ٺهرايو ويندو جيسين عدالت فيصلو نه ڪيو آهي. عدالت کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شعبهءِ نظام کي، ڪنهن کي به مجرم ٺهرائڻ جو حق نه آهي.

سواءِ ان جي ته هڪ يونيورسٽيءَ جي استاد، قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي هجي، تنهن حالت ۾ سياسي نظام ۾ دخل ڏئي سگهجي ٿو، مگر ان کان سواءِ سياسي نظام کي ڪوبه حق نه آهي، ته هو اساتذه کي ڪن سياسي يا پارٽي اصولن هيٺ هيسائي يا زيربار ڪري. هن حالت ۾ اساتذه جو تعلق يونيورسٽي سان آهي ۽ نه سياسي مجلس يا گروهن سان. يونيورسٽيءَ کي اگرڪي مشڪوڪ حالتون نظر آيون ته انهن کي برداشت نه ڪري ڇاڪاڻ ته انهن حالتن جو اساتذه ۾ نمودار ٿيڻ، قوم ۾ تدريسي بلندي لاءِ مضر آهي. يونيورسٽيءَ کي هرڪو حق آهي ته اهڙين حالتن ۾ پنهنجا استاد مقرر

ڪري، جن ڪي پيدا ٿيل حالتن تي سوچڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جو اختيار هجي، ته ڪيتريقدر هڪ اُستاد، حڪومت کان ٻاهر ويو آهي ۽ ڪيتري ۽ ڪهڙي سزا جو مستحق آهي.

جهڙيءَ طرح هڪ اُستاد کي خاص قانوني حقوق نه آهن، اهڙيءَ طرح ئي ڪنهن کي به حق نه آهي ته اساتذه کي ڪنهن خاص نظر سان ڏسي جنهن ۾ هنن جي تعليم ۽ عزت تي برو اثر پوي. اُستاد کي سياسي مدوجزر مان پيدا ٿيندڙ حالات جي برن اثرن ۽ جبر ۽ ستم کان يقيناً محفوظ رکيو وڃي ۽ پارٽي بازيءَ جو شڪار ٿيڻ نه ڏنو وڃي.

يونيورسٽي، سيڪنهن حالت ۾، ڪن به اهڙن حلف‌نامن يا قسمنامن کي، بري نظر سان ڏسندي جيڪي اساتذه سان ته لاڳو ڪيا وڃن ٿا، مگر جن کان ٻيا بري آهن. سياستدانن کي ڪوبه حق نه آهي ته اساتذه سان کي حلف‌نامـا لاحق ڪن ٻـر پاڻ ان کان ٻـري رهن. اهڙي قسم جو غلط امتياز نه صرف اساتذه کي انفرادي يا اجتماعي طرح نقصان رسائيندو مگر يونيورسٽين کي به نقصان پهچائيندو بلڪ سڄي تعليمي نظام لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو. اُستادن کي ڪنهن به شڪ سان ڏسڻ، ڪڏهن بـه تعليمي نظريات کي بلند رهڻ نه ڏيندو. هنن حالتن ۾ علمي معيار ضرور ڪرندو ۽ تعليم لاءِ ناقدري پيدا ٿيندي. ڇو ته تعليم لاءِ عزت ۾ اُستاد لاءِ عزت هڪ معنيٰ آهي.

نتيجو

آخر ۾ اسين اهو واضح ڪريون ٿا ۽ ڪليءَ طرح
ٻڌايون ٿا، ته دماغي آزادي، سوچ جي آزادي، ڳالهائڻ
جي آزادي، خيالن جي ظاهر ڪرڻ جي آزادي، اسان
جي معاشري ۽ نظام حڪومت لاءِ اول ۽ افضل آهي.
ائين بلڪل نه سمجهڻ گهرجي، ته ڇوته اسين ڪميونزم
کي برو سمجهون ٿا، تنهنڪري اسان کي هر قسم جي
معاشرتي، سياسي ۽ اقتصادي غور ۽ فڪر، يا تجسس
کي برو سمجهڻ گهرجي. ڪنهن به طرح ڪن اصولن
کي جبراً مڃڻ يا مڃائڻ، اسان جي آزاديءَ جي اصولن
کي وڏو نقصان پهچائيندو. هن قسم جي سياست جون
اساتذه خلاف حرڪتون، اسان جي آمريڪي آزادي
جي اصولن کي نابود ڪنديون. ڇا اسين انهن آزاديءَ
جي اصولن کي ڇڏي ڏيون، يا برو سمجهون، جن جي
قائم ٿيڻ سان ۽ برقرار رکڻ سان، اسان جي يونيورسٽين
۽ قوم، هيڏي ترقي ڪئي آهي ۽ جن جي طاقتور
هئڻ سان اسان جي قوم ۽ ملڪ هيڏي خوشحالي ڏٺي
آهي؟ ياد رکڻ گهرجي ته هنن آزاديءَ جي اصولن
کي برقرار رکڻ، ۽ عزت سان ڏسڻ ۾ ئي هڪ
اميد آهي، جنهنڪري اسان جي قوم ۽ اسان جو ملڪ،
آئنده به هنن برڪتن کان محروم نه رهندو.

Soorih Mirani

نالو : صاحب خان ميراڻي
ولد : بهادر علي
ادبي نالو : سورھ ميراڻي
جنم : 08.04.1975
جنم هنڌ : ڪوٽ ڪبڙو، تعلقہ
رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.
حال ائڊريس : غريب آباد محلہ
نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.
تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

ان ڇپيل ڪتاب

قدرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) ۱۹۹۰ ع
ساڻر سهس ڪچن (شاعري) 2021 ع
برھ منجهارا بوند (شاعري) 2022 ع
صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 - 3919786
0300 - 3404488
اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون لوچو وهه لوبار

صاحب خان ـسورهـ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488